





# ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

مختيار احمد ملاح

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2024ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ

ڇاپو پهريون        نومبر 2024ع

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي، جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: اٺ سؤ رپيا

(Price, Rs: 800-00)





خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر،

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org www.sindhiadabiboard.net

هيءَ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ جنرل مئنيجر جبران زيب ۽ مئنيجر پرنٽنگ پريس فرحان علي پٽي ڇپيو ۽ ميرزا دبير حسين سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

**ارپنا:**

**هيءُ ڪتاب ارپيان ٿو، ڊي.جي. ڪاليج جي انگريزيءَ جي ٻن پروفيسرن: موسيٰ ڪاملاڻي صاحب ۽ ناگپال صاحب جن کي.**

**ڊي. جي. ڪاليج ۾ ليڪچراريءَ واري دؤر ۾ سندن ڄاڻ ۽ تجربي مان تمام گھڻو سِکڻ جو موقعو مليو.**







- مختيار احمد ملاح

## ڇپائيندڙ پاران

دورِ حاضر جي ليکڪن ۾ مختيار احمد ملاح بيش بها ڪتابن جو ليکاري آهي. جنهن جو هر موضوع منفرد ۽ نرالو.. نئون ۽ اڻ ڇهيل! سندس موضوع ڏسو: جديد سنڌي ادب جي تاريخ: شروعاتي دور کان موجووده دور تائين، سنڌي افسانوي ادب جي تاريخ، سنڌي ٻولي جي تاريخ، سنڌي رسم الخط بابت سهيڙيل مقالا، سنڌي ٻوليءَ ۾ جاسوسي ادب، شيڪسپيئر: سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾، مغربي سنڌ شناس ۽ مشرقي سنڌ شناس... ۽ ان ڪانسواءِ هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر: امرجليل جي شخصيت ۽ فن (اينٿالاجي)، ظفر حسن جي شخصيت ۽ ڪهاڻيون... ۽ ٻيا ڪيترائي موضوع... جن ۾ خاص ڪري سنڌ جي تعليمي تاريخ بابت سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ تحقيق ڪري، برٽش دور جي تعليمي نظام ۽ اسڪول يا ڪاليج جي بانيڪارن جو احوال قلمبند ڪرڻ... جن ۾ ”اُڻيهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي“ يا وري نورمحمد هاءِ اسڪول جي باني ”نورمحمد لاکير جون تعليمي خدمتون“ جهڙا انمول ڪتابَ شايع ڪرائي منظرِعام تي آڻڻ... اِهي سڀ سندس اَڻٿڪ محنت جو ثمر آهن ۽ هاڻي ان ئي سلسلي جو ڪتاب ”ڊي. جي. ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون“ بہ سندس هڪ املهہ ڪاوش آهي.

هيءُ ڪتاب ”ڊي. جي. ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون“ ليکڪ: مختيار احمد ملاح، سنڌ جي اوائلي





تعليمي ۽ ادبي سرگرمين جي بنيادي تاريخ جو هڪ اهم ۽ تاريخي دستاويز آهي. جنهن ۾ هن ڪاليج جو تاريخي پسمنظر، ان جي بانيڪارن ۽ سندن مددگار ساٿين سان گڏوگڏ اتي پڙهي اعليٰ مقام ماڻيندڙ شخصيتن جي زندگين جو مفصل احوال جامع انداز ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي. هن ڪاليج جي قيام لاءِ ’عوامي چندو‘ گڏ ڪيو ويو، انهن چندي ڏيڻ وارن جو تفصيل پڻ هن ۾ ڏنو ويو آهي. جنهن مطابق شروعاتي طور 160 ماڻهن چندو ڏنو. انهن سڀني علم دوستن جو روح روان ديوان ڄيٺمل هو، جنهن پنهنجن ساٿين ۽ ٻين جي مدد سان ڪاليج کولڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ورتي. جنهن جي نالي سان ”ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج“ منسوب ڪيو ويو.

جڏهن ڪاليج کولڻ جي تحريڪ زور ورتو تہ ان وقت سنڌ جي تعليم جي چارج مسٽر ’هارٽ ڊيوس‘ جي حوالي هئي. جنهن کي ڪاليج قائم ڪرڻ تي ڪوبہ اعتراض نہ هو. 1882ع ۾ ڪاليج ايسوسيئشن پاران ”انڊين ايجوڪيشن ڪميشن“ کي يادداشت نامو موڪلي ڪراچيءَ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ جي گهُر ڪئي وئي. وري ٻيهر 1885ع ۾ ڪاليج جي نمائندن ”انڊين ايجوڪيشن ڪميشن“ کي ڪاليج قائم ڪرڻ جي لاءِ زور ڀريو. جڏهن تہ انهن ڪاليج کولڻ لاءِ وڏيڪ چندو گڏ ڪري ڏيڻ جي بہ حامي ڀري.

آگسٽ 1886ع ۾ هند سرڪار ڪراچيءَ ۾ ڪاليج کولڻ جو اصولي فيصلو ڪري ورتو. ان سلسلي ۾ بمبئي جي گورنر لارڊي جي سفارش تي مسٽر ’ايڊورڊ جائلس‘ کي سندس

تجربي جي ڪري هڪ سال لاءِ سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ موڪليو. بالآخر 15 سيپٽمبر 1886ع ۾ هند سرڪار منظوري ڏيئي ڪاليج کولڻ جو اعلان ڪيو.

هيءُ ڪتاب پنجن حصن تي مشتمل آهي، پهريون حصو: ڊي. جي. ڪاليج جي قيام لاءِ ٿيل ڪوششون ۽ قائم ٿيڻ کان پوءِ انتظام ۽ اڏيندڙ ۽ ٻيو حصو: ڊي. جي. ڪاليج جو تعليم جي ڦهلاءَ لاءِ مختلف شعبا قائم ڪرڻ تي مشتمل آهي. ٽئين حصي ۾ ادبي تاريخ بابت تاريخي احوال ۽ باقي ٻن حصن ۾ هڪ حصو ورهاڱي کان اڳ جي دؤر ۽ ٻئي حصي ۾ ورهاڱي کان پوءِ واري دؤر جي تاريخ بيان ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ڪتاب جي مواد جو گهڻو حصو اڳ واري دؤر بابت آهي. بهرحال مجموعي طور 135 ساله قديم ’ڊي. جي. ڪاليج جي تعليمي، ادبي ۽ علمي سرگرمين‘ جي تاريخ آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي اها ڪوشش رهي آهي ته، علمي، ادبي ۽ تعليمي تاريخ تي مشتمل اعليٰ درجي جا معياري ڪتاب سنڌ جي هن ’قومي اداري‘ پاران شايع ڪرائي منظرعام تي آندا وڃن، ته جيئن تاريخ جي مختلف دؤرن کي محفوظ ڪري سگهجي. اِن ڏس ۾ مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي دلچسپي تحت بورڊ طرفان معياري، معلوماتي ۽ تاريخي ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن.

هيءُ ڪتاب ”ڊي. جي. ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون“ به ان سلسلي جي ڪڙي آهي، جنهن جو پهريون ڇاپو آءٌ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪري رهيو آهيان. آءٌ بيحد





ٿورائتو آهيان بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ جن جو: جن جي دلچسپي تحت سنڌي ادبي بورڊ طرفان معياري ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن.

توقع آهي ته سنڌي ادبي بورڊ جي هيءَ ڪاوش پڙهندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

02 جمادي الاول 1446هه    ميرزا دبير حسين بيگ
05- نومبر 2024ع

## فهرست


- پنهنجي پاران      مختيار احمد ملاح..............................

سنڌ ۾ جديد تعليم جي شروعات ۽ ڪاليج قائم ڪرڻ جي ضرورت

- ڊي. جي ڪاليج جي قيام لاءِ ورتل ڪوششون...........................
- سنڌ سڀا جو قيام ۽ ڪاليج لاءِ ورتل ڪوششون............................
- ڏيارام ڄيٺمل جون ذاتي ڪوششون...........................................
- ڏيارام گدومل جون ذاتي ڪوششون..........................................
- اثر و رسوخ رکندڙن جي ڪميٽيءَ جو قيام...................................
- ڪاليج برپا ڪرڻ لاءِ فنڊ جو قيام..............................................
- سرڪاري سطح تي ڪنيل قدم........................................................

سنڌ آرٽس (ڊي. جي) ڪاليج جو قيام ۽ انتظام..................

- ٽيچنگ ۽ نان ٽيچنگ اسٽاف جي ڀرتيءَ لاءِ اشتهار ..................
- ڪاليج جا شروعاتي شاگرد...........................................................
- ڪاليج جي موجوده عمارت جو افتتاح..........................................
- سنڌ ڪاليج مئنيجمينٽ بورڊ.........................................................
- پرنسيپل جو بنگلو........................................................................
- سنڌ ڪاليج مئنيجمينٽ بورڊ جون گڏجاڻيون ۽ رپورٽون..........
- سنڌ آرٽس ڪاليج جي ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ۾ تبديلي.........







- ڊي. جي. ڪاليج ۾ شاگردن لاءِ وظيفا ۽ اسڪالرشپون..............
- ورهاڱي کان اڳ سنڌ آرٽس (ڊي.جي.) ڪاليج جا پرنسيپل .......
- ڊاڪٽر آر. ملينيڪس وامسلي ..............................................
- ڊاڪٽر موسسز جان جيڪسن ..............................................
- پروفيسر بي. جي پادشاهه ..................................................
- مسٽر مارش هيسڪيٽ .........................................................
- جيوڻجي نائڪ ڀمياڻي...........................................................
- مسٽر ايچ.پي. فيئريل .........................................................
- مسٽر اي.سي. ملر ...............................................................
- مسٽر ايس. سي شهاڻي .........................................................
- اين .بي. ٻتاڻي ....................................................................
- ڊاڪٽر ايچ. ايم. گربخشاڻي ....................................................
- ڊاڪٽر جي.وي لاڪاڻي .........................................................
- ڊي. ٽي. ماڙيوالا ................................................................

ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جا اَڏيندڙ..............................................

- ڏيارام ڄيٺمل عالمچنداڻي....................................................
- ڏيارام گدومل شهاڻي............................................................
- ديوان اُڌارام مولچند............................................................
- راءِ بهادر ميٺارام گدومل شهاڻي ............................................

- **فتح چند آتمارام**..................................................
- **بولچند ڏيارام**..................................................

سنڌ مدرسة الاسلام ۽ ڊي. جي. ڪاليج جو گڏيل سفر.....

ڊي.جي ڪاليج جو ٻين تعليمي ادارن جي برپا ڪرڻ ۾ ڪردار...

- **انجنيئرنگ ڪاليج**..................................................
- **زرعي ڪاليج**..................................................
- **ايس. سي. شهاڻي لا ڪاليج** ..................................................
- **سنڌ آرٽس ڪاليج**..................................................
- **بسنت سنگهه آسومل ڪاليج آف ڪامرس اينڊ ايڪانامڪس**.....
- **ٻين شهرن ۾ قائم ٽيندڙ ڪاليج**..................................................
- **سنڌ نيشنل ڊي. جي. ڪاليج، حيدرآباد** ..................................................
- **چيلا سنگهه سيتلداس ڪاليج، شڪارپور** ..................................................

ميٺارام هاسٽل جو سنڌي ادب جي حوالي سان ڪردار.........

لارڊ ري لائبريريءَ جون علمي ۽ ادبي سرگرميون.........

ورهاڱي کانپوءِ ڊي. جي ڪاليج جو سفر.............................

- **ورهاڱي کان پوءِ ڪاليج جا پرنسيپل ۽ انتظامي واڌارا ۽ سڌارا**
- **پروفيسر اي. ايل. شيخ** ..................................................
- **پروفيسر ايل. اي. ڊيسوزا** ..................................................
- **پروفيسر جي.بي. سڌوا** ..................................................







- **پروفيسر افتخار احمد انصاري** ..................................................
- **پروفيسر ايس. ايڇ. زبيري** ..................................................
- **پروفيسر عبيدالرحمان** ..................................................
- **پروفيسر عبدالصمد** ..................................................
- **پروفيسر انوارالحق هاشمي** ..................................................
- **پروفيسر ظهير احمد** ..................................................
- **پروفيسر نسيم احمد شيخ** ..................................................
- **پروفيسر ايس. آءِ. اي. سبزواري** ..................................................
- **پروفيسر ايم. قاسم صديقي** ..................................................
- **پروفيسر سيد ڪمال الدين** ..................................................
- **پروفيسر مظهر الحق** ..................................................
- **ڊاڪٽر محمد شريف ميمڻ** ..................................................
- **ڊاڪٽر محمد آصف** ..................................................
- **ڊاڪٽر روي شنڪر هراڻي** ..................................................
- **پروفيسر حڪيم الله بيگ چغتائي** ..................................................
- **پروفيسر سيد رضوان حيدر** ..................................................
- **پروفيسر سيد ڪامل شير** ..................................................
- **پروفيسر سيد افضل حسين** ..................................................
- **پروفيسر غلام مهدي بلوچ** ..................................................

3. ٽانورداس ليلارام واسواڻي..............................................
4. عبد المجيد دريشاڻي..............................................
5. ايم.ايم. مرزا..............................................
6. ٽلومل آڏواڻي ..............................................
7. لالسنگهہ اجواڻي..............................................
8. ڊاڪٽر ايڊرين ڊيوئارٽ ..............................................
9. پروفيسر ڊي. آر. مينڪڊ..............................................
10. پروفيسر چيتن ماڙيوالا..............................................
11. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو..............................................
12. ڪنول سنگهہ پوهومل ملڪاڻي..............................................
13. پيرومل مهر چند آڏواڻي..............................................
14. لالچند امر ڏنومل جڳتياڻي..............................................
15. پروفيسر ايچ. ايل. چبلاڻي..............................................
16. ڊاڪٽر ايس. پي. چبلاڻي..............................................
17. آسودومل گِدواڻي..............................................
18. نرمل داس گربخشاڻي..............................................
19. هرومل سدارنگاڻي..............................................
20. جوهر طوطيرام منسڪاڻي ..............................................
21. آچاريہ ڪرپلاڻي ..............................................





22. پرمانند ميوارام آڏواڻي..............................................
23. رانجي گرداس سنگهہ شهاڻي..............................................
24. پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻي..............................................
25. پروفيسر ايچ.سي. ملڪاڻي..............................................
26. محمد حنيف صديقي..............................................
27. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي..............................................
28. نانڪرام وسٽمل ٽڏاڻي..............................................
29. پروفيسر موٽومل گدواڻي..............................................
30. مولچند تلسيداس گلراجاڻي..............................................
31. هاسانند راڌاڪرشن ٻتيجا..............................................
32. تاراچند ڏيئومل گاجرا..............................................
33. پروفيسر مولچند جهنگلداس ٺڪر ..............................................
34. ڪشنچند ڪرپلاڻي ..............................................
35. راءِ بهادر پريمچند جهانگياڻي..............................................
36. بولچند جهمٽمل واسواڻي..............................................
37. پروفيسر غلام حسين جلباڻي..............................................
38. عطا حسين شاهہ موسوي..............................................
39. سيد ميران محمد شاهہ..............................................
40. ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل"..............................................

78.راز شر..............................

79. مختيار

ملاح..............................

ڊي. جي ڪاليج جو سنڌي سماج تي اثر ۽ ڪي مشهور شاگرد..........

- چوڪرين جي تعليم ۾ ڊي. جي ڪاليج جو ڪردار..............
- تعليم جي کيتر ۾ نالو ڪمائيندڙ شخصيتون..............
- انڊين سول سروس ۾ شموليت ڪندڙ شخصيتون..............
- هيرانند خوشيرام ڪرپلاڻي ..............
- سنتداس خوشيرام ڪرپلاڻي ..............
- موتيرام خوشيرام ڪرپلاڻي ..............
- نيڻومل پوهومل ٽڏاڻي..............
- ايچ. بي. شوداساڻي..............
- حشتمراءِ خوبچند چئناڻي..............
- کيولرام لالچند پنجابي..............
- هيرانند روپچند شيوداساڻي..............
- يو .ايم. ميرچنداڻي..............
- اي.جي. اين. قاضي..............
- هيرانند ٽيڪچند ساڌواڻي..............
- وشنو لکيمل گدواڻي..............



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

سياست جي دنيا ۾ نالو ڪمائيندڙ شخصيتون..............

- سر غلام حسين هدايت الله..............
- يوڄ سنگهه پهلاجاڻي..............
- محمد هاشم گزدر..............
- ڄيٺي سپاهيملاڻي..............
- محمد ايوب کهڙو..............
- درگاداس بي.آڏواڻي..............
- خانبهادر جمشيد نسروانجي مهتا..............
- هوشنگ نادر شاهه ايدلجي ڊنشا..............
- ڊوسا ڀائي فرامجي ڪارڪا..............
- هيرانند کيولرام واسواڻي..............
- پرمانند ريواچند ڪلناڻي..............
- اي. ڪي. بروهي..............
- دادا جشن واسواڻي..............

ورهاڱي کان پوءِ جون مشهور شخصيتون..............

- ڊاڪٽر عبدالقدير خان ..............
- ڊاڪٽر اديب رضوي..............
- ضياء الرحمان..............
- ايئرمارشل محمد عظيم دائودپوٽو..............

- ارد شير ڪاؤسجي ..............................................................
- پيرزاده قاسم..................................................................................
- مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ڪي ٻيون شخصيتون...............





## پنهنجي پاران

هن وقت تائين سنڌ جي تعليمي تاريخ بابت ته تمام گهڻ ڪتاب شايع ٿيا آهن. انهن مان چند تعليمي ادارن تي پي ايڇ.ڊي. به ٿي آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر جي ٿيسز ”سنڌ جا اسلامي درسگاهه“ جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ به شايع ٿي. هن ڪتاب ۾ گهڻو ڪري عربن جي دؤر کان وٺي اسلامي تعليمات ۽ اسلامي درسگاهن جي معلومات ڏني وئي آهي. ڊاڪٽر عظيم الشان حيدر، ڪراچيءَ جي تعليم جي ترقيءَ ۽ اقتصادي پهلوئن جي خاص حوالن سان پي ايڇ.ڊي. ڪئي، جيڪا بعد ۾ انگريزيءَ ۾ 1974ع ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي. ٽيون ڪتاب ڊاڪٽر حبيب الله صديقي صاحب انگريزيءَ ۾ “Education in Sindh Past & Present” لکيل آهي ۽ سنڌالاجيءَ طرفان 1987ع ۾ شايع ٿيل آهي. هيءُ واحد ڪتاب آهي، جيڪو مڪمل طور تي سنڌ جي تعليم جي تاريخ تي لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مختلف دؤرن ۾ سنڌ جي تعليم جو تاريخي جائزو ورتو ويو آهي، جنهن ۾ ديني مدرسا، قابل استاد، تعليم لاءِ جاکوڙيندڙ ڪردار، نالي وارا تعليمي ادارا، تعليمي پاليسيون وغيره شامل آهن.

اج تائين سنڌ جي ٻن تعليمي ادارن جي ادبي ترقيءَ جي ڪردار جي حوالي سان پي ايڇ.ڊيون ٿيون آهن. انهن مان هڪ عبدالجبار مغل صاحب جي ”ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد فار مين جو سنڌي ادب ۾ حصو“ هڪ بهترين ڪوشش آهي. جنهن ۾ هن ڪاليج جي قيام، سکيا جي طريقن، سرگرمين، انتظامي عهديدارن کان وٺي ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جي ادبي خدمتن جو جائزو ڏنو آهي. ان ڏس ۾ ماهوار ”اخبار تعليم“ جو ڪردار شاندار نموني پيش ڪيل آهي. ٻي ٿيسز ڊاڪٽر ممتاز علي شاهه بخاريءَ جي ”سنڌ مدرسة السلام جو سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو“ آهي. هيءَ ٿيسز 2022ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿي آهي. هيءُ ڪتاب ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. ڀاڱو پهريون پنجن بابن ۾ ورهايل آهي. پهرين باب ۾ سنڌ جي تعليمي تاريخ ڏني اٿس. باقي چئن بابن ۾ سنڌ مدرسي ناهڻ جي پس منظر، قيام ۽ ڪارڪردگيءَ تي روشني وڌي اٿس. هن ٻئي ڀاڱي ۾ سنڌ مدرسي جي بانيءَ، مددگارن، پرنسپلن وغيره جو ذڪر ڪيو اٿس. سنڌ مدرسة الاسلام تي پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي شيخ جا ٽي ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکيل آهن، جن ۾ هي شامل آهن:

- Sindh Madressah A Journey through Time (1995)
- Sindh Madressah's Role of Honour Luminaries of Land (1999)
- Sindh Madressah the Institution and Alumni (2015)





جڏهن ته پروفيسر محمد يعقوب چانڊيو”ڊي.جي.نئشنل ڪاليج حيدرآباد جو سنڌي ادب ۾ حصو“ جي عنوان سان پي. ايڇ. ڊي لاءِ رجسٽريشن ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح ڪي ٻيا ڪتاب، جهڙوڪ: شڪارپور اسڪول نمبر1 جي سؤ سالہ تاريخ جي حوالي سان اسپيشل نمبر، مدرسہ هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز تي ترتيب ڏنل ڪتاب شايع ٿيل آهن. دادا سنڌيءَ جو ”سنڌ جا درسگاهہ“ (2004) ۽ غلام علي سانگيءَ جو لاڙڪاڻي ضلعي جي باري ۾: ”History of Education Talpur and British Period Larkana District“ (2016ع) شايع ٿيل آهن. سنڌ جي تعليمي تاريخ تي راقم الحروف جو پڻ ڪتاب ”اُڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي“ (2019ع) شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ ان دؤر جي سمورن اسڪولن ۽ ڪاليجن جي ڪلڻ، سرڪاري پاليسين، تعليمي عملدارن، لائبريرين، رسالن ۽ مسئلن تي انتهائي تفصيل سان بحث ٿيل آهي.

منهنجيءَ نظر ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ ’اين.جي.وي اسڪول، ڪراچيءَ‘ کي وڏي اهميت حاصل آهي، ڇو ته اهو سنڌ جي تاريخ جو پهريون سرڪاري اسڪول آهي. پر هن اسڪول تي، نه ڪا پي ايڇ.ڊي ٿي آهي ۽ نه وري ڪو ڪتاب ترتيب هيٺ آيو آهي. جڏهن ته سنڌ جي تاريخي درسگاهہ”ڊي.جي. سنڌ ڪاليج، ڪراچي“ تي به ڪو خاص ڪم نه ٿيو آهي. هن ڪاليج کي، آءُ انگريزن جي دؤر جي حوالي سان ڪنهن به يورپ جي يونيورسٽيءَ جي معيار جهڙو ڪاليج سمجهندو آهيان. هن ڪاليج تي هڪ بهترين ڪم لالسنگهہ اجواڻيءَ جو ”The

Golden Jubilee Book of the Dayaram Jethmal Sindh (1887-1937) "College Karachi آهي، جيڪو 1939ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج سلور جوبليءَ جو شاندار نمبر طور جاري ڪيو هئائين.

مون کي اعزاز آهي ته آءٌ ڊي.جي. سنڌ گورنمينٽ سائنس ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ 2002ع کان 2005ع تائين بحيثيت ليڪچرر ڪم ڪري چڪو آهيان. هيءُ ڪاليج، مون کي هر لحاظ کان متاثر ڪندو رهيو آهي. ڪاليج ڇڏڻ کان پوءِ به مان ڪيترائي دفعا اتي وڃي ڪاليج جي لائبريريءَ ۾ ويهي ڪتاب تلاش ڪيا آهن ۽ مطالعو ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو مون ڪيترائي دفعا ڪجهه دوستن کي صلاحون ڏنيون ته ڊي.جي. ڪاليج جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي ڪو محقق ڪو ڪتاب لکي يا ڪو شاگرد پي ايڇ.ڊي ڪري. بهرحال اهو ڪم ته ٿي نه سگهيو. البت مون پاڻ هن ڪاليج جي علمي ۽ ادبي خدمتن جي جائزي وٺڻ جي ذميواري قبول ڪئي.

هن ڪاليج جي تاريخ تي ڪم ڪندي محسوس ٿئي ٿو ته هتي انگريزن جي دؤر ۾ تمام گهڻيون علمي ۽ ادبي سرگرميون هونديون هيون، پر ورهاڱي جي نتيجي ۾ هتان جي استادن ۽ شاگردن جي لڏڻ جي ڪري، ادبي سرگرميون شروع ۾ گهٽ بعد ۾ ختم ٿي ويون. ڪاليج مان جاري ٿيندڙ مسليني بند ٿي وئي. آزاديءَ کان پوءِ ڪي سال ميتارام هاسٽل، سنڌي اديب شاگردن جي سرگرمين جو محور رهي. جتي ليڪچر ٿيا، ڊراما اسٽيج ٿيا ۽ ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ٿيون. اهڙيون





سرگرميون ڪافي سالن کان بلڪل ختم ٿي چڪيون آهن. هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي، ته ان دؤر ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ جيڪي سنڌي ڊراما اسٽيج ٿيا يا ڪتابن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا، انهن کي گڏي ڪتابي صورت ۾ آڻجي ۽ تاريخي ورثي کي محفوظ ڪيو وڃي.

هن ڪاليج سان منهنجون پنهنجون يادون به وابسته آهن. جڏهن 2002ع ۾ هن ڪاليج ۾ ليڪچرر مقرر ٿي آيس، ته ان وقت انگريزي شعبي جو انچارج پروفيسر موسيٰ ڪاملاڻي هوندو هو. چا ته شاندار شخص ۽ استاد هو. سندس ڪلاس شاگردن سان هر وقت ڀريل هوندا هئا. جهڙو استاد بهترين هو، اهڙو شخص شاندار هو. سندس پيدائش ڪلڪتي جي آهي. 1964ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم.اي. ڪيائين. 1986ع کان 2003ع تائين ڊي.جي. ڪاليج ۾ خدمتون ڏيندو رهيو. ڪاليج ۾ سندم ليڪچرر طور مقرر ٿيڻ جي ڪجهه مهينن کان پوءِ سائين ڪاملاڻي نوڪريءَ تان رٽائرڊ ڪري هليو ويو. ڪانئس پوءِ انگريزي شعبي جو انچارج پروفيسر ڪي.ايس. ناگپال ٿيو. هڪ بهترين استاد، شخص، صوفي منش انسان آهي. هو بهترين شاعر ۽ اديب به آهي. سندس وسيع ڄاڻ جي سبب، هر وقت عقيدت رکندڙ ماڻهو وٽس موجود رهندا آهن. زندگيءَ ۽ مذهبي فلسفي تي بهترين انداز ۾ ڳالهائي سگهندو آهي. ڪاليج ۾ رهڻ دؤران وٽانئس تمام گهڻو سکڻ جو موقعو مليو. سائين کان علاوه، ميڊم طاهره موسوي انگريزي شعبي

جي ليڪچرر هوندي هئي. پوءِ تمام جلد اسسٽنٽ پروفيسر طور سنڌس ترقي ٿي. هر وقت مصروف رهندي هئي. جيئن چوندا آهن ته: As busy as bee . شاندار ۽ مهذب خاتون آهي. ٻين ليڪچررن ۾ صغير احمد ميراڻي ۽ رياض احمد ڏهر به گڏ هوندا هئا. اسان گڏجي هڪٻئي جا ڪلاس وٺندا هئاسين. شايد ئي اهڙو موقعو آيو هجي، جو انگريزي شعبي جو ڪوبه ڪلاس خالي ويو هجي. سنڌي شعبي جي سربراهه پروفيسر علي راز شر جي اسان سان ڪافي دوستي هوندي هئي. هُو هر وقت اسان سان انگريزي شعبي جي آفيس ۾ ويٺو هوندو هو. اردو ادب جو پروفيسر شاهد ڪمال ۽ فزڪس جو پروفيسر شباهت رضا به اڪثر ڪچهرين ۾ شامل ٿيندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪلاس وٺڻ کان پوءِ هر وقت ادبي ڪچهري هلندي رهندي هئي، جهڙوڪ ڪا ادبي سوسائٽي ٺهيل هجي.

سائين علي راز شر هميشه چوندو هو ته هن هڪ ناول لکيو آهي، جيڪو جلد شايع ڪرائيندو. هڪ ڏينهن سائين، ميٺارام هاسٽل جي ٻاهران ڪاليج ۾ داخل ٿي رهيو، ته ٻئي طرف هڪ چِتي ڪُتي ڪاليج جي هڪ ميڊم تي حملو ڪري ورتو، سائين راز ويچارو ميڊم کي ڇڏائيندي پاڻ ڏاڙهجي ويو. هڪدم ذاتي خرچ تي پيٽ ۾ ريبيز (Rabies) جون ٻارهن سيون (انجيڪشن) هڻائي آيو ۽ ناول جي اشاعت تي خرچ لاءِ رکيل پيسا ڪُتي جي سُئِيُن تي خرچ ٿي ويس. ان کان پوءِ اسان





کيس روز چيڙائيندا هئاسين ته، ”راز صاحب جو ناول، ڪتو ڪائي ويو.“ اهڙا ٻيا به ڪوڙ واقعا ڪاليج جا اڃا به ياد آهن.

ڪاليج ۾ ڪم ڪندي محسوس ٿيو ته شاگردن جي هڪ وڏي تعداد کي خبر ئي نه هئي ته آخر ’ڊي.جي.‘ جو مطلب ڇا آهي ۽ اهو ڪنهن جي نالي جو مخفف آهي؟ اهڙيءَ طرح، گهڻن ڪراچيءَ جي اردو ڳالهائيندڙ پروفيسرن کي به ’ڊي.جي.‘ جي خبر ڪانه هئي. ان کان وڌيڪ ڏکائيندڙ ڳالهه، اها هئي، ته ڏيارام ڄيٺمل جو مجسمو، جيڪو ڪاليج جي ڏاڪڻ تي رکيل هوندو هو، ان کي ڪيترائي شاگرد پان ٿوڪي ويندا هئا. هڪ ڏينهن ڪاليج جي پرنسپل کي عرض ڪيم ته سائين! اهو مجسمو اتان ڪٽائي ڇڏيو، هتان جي ماڻهن کي سنڌ جي قدردانن جو قدر ڪونهي. سائينءَ منهنجي گذارش تي اهو مجسمو ڪٽائي ڇڏيو.

ڊي.جي. ڪاليج کان اڳ، مون فيڊرل ڪاليج، ڪراچي ڪينٽ (گرلس ونگ، مناولا) ۾ ست اٺ مهينا پڙهايو هو. ان کان پوءِ گورنمينٽ آشا پاواني ڪاليج ۾ اَٺ ڏهه مهينا ليڪچرر رهي چڪو هوس. آشا پاواني ۾ مون ڪاليج طرفان هڪ مخزن مرتب ۽ ايڊٽ ڪيو هو. جڏهن مان ڊي.جي. ڪاليج آيس، ته ذهن ۾ پئي آيو ته ڊي.جي. ڪاليج جي علمي ۽ ادبي تاريخ تي ڪو ننڍڙو ڪتاب تيار ڪجي. ان سلسلي ۾ مون ڪجهه مضمون وقت بوقت لکيا هئا. جن مان ڊي.جي. ڪاليج جي مسلينيءَ بابت لکيل منهنجو مضمون رسالي ٽماهي ”مهراڻ“ ۾

شايع ٿيو هو. ڊي.جي. ڪاليج جي ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ وارو مضمون ماهوار ”پيغام“ ۾ شايع ٿيو هو. ڊي.جي. ڪاليج جي تاريخ تي لکيل مضمون روزاني ”عوامي آواز“ جي هفتيوار ميگزين ۾ شايع ٿيو هو. اهڙيءَ طرح ڪجهه ٻيا مضمون به لکيل هئا. ان کان علاوه، سنڌ آرڪائيوز لائبريري ڪراچيءَ مان 1887ع کان 1895ع واري سرڪاري فائيل مان مواد ڪٽي آيو هئس ۽ ڪجهه ٻين ڪتابن مان به مواد گڏ ڪري رکيو هئم، جن ۾ خاص طور تي ڪاليج جي سلور جوبليءَ وارو نمبر شامل هو.

هيءُ ڪتاب بنيادي طور پنجن حصن تي مشتمل آهي. پهريون ڊي.جي. ڪاليج جي قيام لاءِ ڪوششون، قيام کان پوءِ انتظام ۽ اڏيندڙ، ٻئي حصي ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو تعليم جي ڦهلاءَ جي سلسلي ۾ ادارن، جهڙوڪ سائنس، انجنيئرنگ، ايگريڪلچر، ڪامرس، آرٽس، قانون جا شعبا برپا ڪرڻ. جڏهن ته ٽيون حصو، ڪاليج جو ادبي تاريخ جي حوالي سان آهي، جنهن ۾ ادبي جماعتون، سوسائٽيون، رسالا، ڪتاب ۽ اديب اچي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح ڪتاب، ٻن دؤرن ۾ ورهايل آهي. هڪ ورهاڱي کان اڳ جو دؤر ۽ ٻيو ورهاڱي جي بعد جو دؤر. ان سلسلي ۾ ورهاڱي کان اڳ جو دؤر ڀرپور آهي. ڪتاب جي مواد جو گهڻو حصو ان دؤر بابت آهي. جڏهن ورهاڱي جي بعد واري دؤر تي تمام گهٽ لکيل آهي. ان جو سبب اهو آهي، ته ورهاڱي کان اڳ وارو دؤر گهڻي قدر رسالن، ڪتابن ۽ سرڪاري فائيلن ۾ محفوظ ٿيل آهي. ورهاڱي کان بعد واري دؤر ڪي نه





ڪنهن ڪتاب محفوظ ڪيو آهي، نه وري ڪاليج جي اختيارين. هن وقت ڪاليج ۾ شايع ٿيل مسلينين جا پرچا ئي ڪونهن. افسوس آهي ته 1947ع کان ڪاليج جا سموار مخزن به محفوظ پيل نه آهن. نه ڪنهن ادبي جماعت جو رڪارڊ آهي، نه وري ڪو ڪتاب يا رسالو محفوظ آهي، ۽ نه وري هن ڪاليج سان وابسته اديبن جي ڪا لسٽ موجود آهي. ٻيو سبب اهو به آهي ته ورهاڱي کان بعد وارو ڪاليج، صرف سائنس جي فيڪلٽيءَ تي محدود رهيو آهي، ان ڪري ادبي سرگرميون نه ٿيون آهن. سنڌي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ اردو ۽ انگريزي ادب گهڻو لکيو پڙهيو ويو آهي، پر ان جي به ڪنهن سهيڙ نه ڪئي آهي.

ڪتاب جو چوٿون حصو ڊي.جي. ڪاليج جي استادن، عالمن ۽ شاگردن جي علمي ۽ ادبي خدمتن جي باري ۾ آهي. جڏهن ڊي.جي. ڪاليج جي ادبي خدمتن کي جاچڻ لڳس ته بيشمار اهڙا شاگرد نظر آيا، جن جا ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن. انهن سيني کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ ممڪن نه هو. ان ڪري ڪي ٿورا، هن ڪتاب ۾ شامل آهن. هتي اها ڳالهه به قابل ذڪر آهي ته، هن ڪاليج مان سنڌي مسلمانن جو گهڻو تعداد نڪتل نه آهي، ان ڪري گهڻو ڪري سنڌي هندن جو ادبي ڪردار وڌيڪ نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ادب کان سواءِ ٻين شعبن ۾ به سندن ڪتاب لکيل نظر اچن ٿا. ٻي وضاحت هيءَ به آهي ته ورهاڱي کان بعد جي سنڌي اديبن جو تعداد تمام گهٽ آهي ۽ اردو اديبن جي ڪٿي به معلومات ڏنل نه آهي. ان ڪري، ڪتاب جو اهو حصو گهڻو ڪري ٻسو ٻسو نظر اچي ٿو. بهرحال، هيءُ ڪتاب ڊي.جي. ڪاليج جي علمي ۽ ادبي ڪردار

جي حوالي سان هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي، ان ڪي ڪا ادبي تاريخ چئي نہ ٿو سگهجي. ورهاڱي کان اڳ، ڊي.جي. ڪاليج ۾ انگريزي، گجراتي ۽ سنڌي ادب جي نشونما ٿي. ورهاڱي کان پوءِ انگريزي ۽ اردو جو دؤر رهيو ۽ ڪجهہ قدر سنڌيءَ ۾ لکيو ويو آهي. جڏهن تہ هيءُ ڪتابُ گهڻي ۾ گهڻو سنڌي ادب تي آڌاريل آهي، ۽ انگريزي ڪتابن جو صرف ذڪر آيل آهي. اسان کي خبر آهي تہ هن ڪاليج مختلف شعبن ۾ هونهار شاگرد پيدا ڪيا آهن. ڪتاب جي پنجين حصي ۾، ڊي.جي. ڪاليج مان فارغ التحصيل ڪجهہ مشهور شاگردن جي باري ۾ انتهائي مختصر معلومات پڻ ڏنل آهي، چو تہ اهو هڪ الڳ بحث آهي ۽ ان موضوع تي هڪ الڳ ڪتاب لکي سگهجي ٿو. بهرحال، هن ڪتاب جو پنجون حصو انهن شاگردن جي باري ۾ آهي، جن سنڌي معاشري تي ڪنهن نہ ڪنهن نموني اثر ڇڏيا آهن.

مجموعي طور تي، هيءُ ڪتاب هڪ ننڍي ڪوشش آهي 135 سالہ قديم ڊي.جي. ڪاليج جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي سهيڙڻ جي. ان ڪري ڪتاب ۾ ڪافي شيون رهجي ويون هونديون. ڪن جو ذڪر ئي نہ آيو، تہ ڪن جو بلڪل مختصر. چو تہ ڪوبہ اهڙو ڪتابُ يا حوالو موجود نہ هو، جنهن مان مختلف دؤرن ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي ادبي ڪردار جي معلومات ڏنل هجي. ان حساب سان، هيءُ ڪتاب پهرين ڪوشش آهي، جنهن ۾ ڪمين ڪوتاهين جو هجڻ فطري آهي. پر اميد تہ مستقبل جا محقق، ان ڏس ۾ وڌيڪ ڪوششون ونندا ۽ ڪاليج





جي انگريزي توڙي اردو ادب جي ڪردار تي الڳ الڳ ڪتاب لکندا يا پي ايچ.ڊي. وغيره ڪندا، تہ نيون حقيقتون سامهون اچي پونديون.

هن ڪتاب جي لکڻ جي سلسلي ۾، خاص طور تي مواد ۽ مشوري جي لحاظ کان ڪيترن ئي دوستن ۽ استادن جي مدد شامل آهي. جن ۾ خاص طور تي سائين ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو صاحب، آرڪائيوز لائبريريءَ مان نعيم دائودپوٽو صاحب، سنڌالاجي لائبريريءَ مان ڊاڪٽر وحيد جتوئي صاحب، سنڌي ادبي بورڊ مان ميرزا دبير صاحب، ڊي.جي. ڪاليج مان پروفيسر سردار بخش وڌو صاحب، پولي اٿارٽيءَ مان آصف صاحب ۽ ڪي ٻيا شامل آهن. پر سڀني کان وڌيڪ لک ٿورا ۽ مهربانيون سائين مخدوم سعيدالزمان صاحب، چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جن جا، جنهن هن ڪتاب جي اهميت جو قدر ڪندي اُن جي اشاعت جي منظوري ڏني ڪتاب توهان تائين پهچايو.

مختيار احمد ملاح

ڪراچي

# سنڌ ۾ جديد تعليم جي شروعات ۽ ڪاليج قائم ڪرڻ جي ضرورت

انگريزن کان اڳ، سنڌ ۾ اسڪول ۽ ڪاليج يا يونيورسٽيون ڪونہ هيون، پر پوري ملڪ ۾ مدرسا ۽ ڪي مڪتب هوندا هئا. ملڪي نظام فارسي ٻوليءَ ۾ هلندو هو. جڏهن تہ تعليم ۾ فارسيءَ ۽ عربيءَ جو غلبو هوندو هو. ڪجهہ مدرسا، ڪنهن ممڪن حد تائين سنڌي ميڊيم ڪتاب بہ پڙهائيندا هئا. اليگزينڊر هئملٽن 1699ع ۾ لاهري بندر کان ٺٽي آيو هو. هن ٺٽي جي علمي ۽ ادبي اهميت کي بيان ڪندي لکيو تہ: ”ٺٽي جو شهر مسلم ادب جي تعليم جي لحاظ کان گهڻو مشهور آهي. هتي الاهيات ، فلسفو ۽ سياست جا علم پڙهايا ويندا آهن. ان لاءِ هتي اٽڪل چار سؤ (400) کان وڌيڪ ڪاليج (مدرسا) آهن، جتي نوجوان شاگرد تربيت حاصل ڪندا ۽ فيضياب ٿيندا رهندا آهن.[1]

ٽالپرن جي دؤر ۾ بہ ديني توڙي دنيوي تعليم لاءِ مدرسا ۽ مڪتب قائم هوندا هئا. پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ ان دؤر جي تعليم لاءِ لکيو آهي تہ ”ميرن جي صاحبيءَ ۾ ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مُلن ۽ آخوندن جا مڪتب هوندا هئا، جي انگريزن جي دؤر تائين هلندا آيا. هندو ڪامورن جا پُٽَ، مسلمان ڇوڪرن سان گڏ،





انهن مڪتبن ۾ پڙهندا هئا. ڪي عاملَ پنهنجن اوطاقن ۾ آخوندن کي گهرائيندا هئا ۽ پاڙي جا عامل ڇوڪرا انهن اوطاقن ۾ پڙهندا هئا. اهي مُلا ۽ آخوندَ اڳي رڳو فارسي سيکاريندا هئا، پر پوءِ سنڌي بہ سيکارڻ لڳا. سنڌي مضمون فارسي آئيوٽا بہ لکندا هئا.[2]

ٽالپرن جي دؤر جي اعليٰ تعليم جي حوالي سان رچرڊ برٽن لکي ٿو تہ، ”ٽالپرن جي دؤر ۾ بہ مدرسن ۾ عربيءَ سان گڏ سنڌي زبان ۾ پڻ تعليم ڏني ويندي هئي. اعليٰ تعليم لاءِ عربيءَ ۽ فارسيءَ جي تعليم جو رواج هو. مڪتب ۾ پهرين سال کان پوءِ جڏهن ٻار لکڻ ۽ پڙهڻ شروع ڪندو هو، تڏهن هن کي سڀ کان پهرين قرآن شريفُ سواءِ معنيٰ جي پڙهايو ويندو هو. هن عمر ۾ ٻار جي تربيت آهستي آهستي ٿيندي هئي. جڏهن هُو نون سالن جو ٿيندو هو، تڏهن هن کي مادري زبان يعني سنڌيءَ جي اڀياس لاءِ هڪ ڏاڪو اڳتي ٽپايو ويندو هو. ان لاءِ هيٺيون نصاب پڙهايو ويندو هو:

1- **نور نامو:** هي هڪ آسان ۽ مختصر منظوم ڪتاب آهي، جنهن ۾ انسان ذات جي پيدائش کان اڳ جي تاريخ بيان ٿيل آهي. هيءُ ڪتاب عبدالرحمان جو جوڙيل آهي. هن ۾ ڏار ڏار پيغمبرن جون ڇوٽيون ۽ اسلام جي پيغمبر ﷺ جن جي مختلف حديثن کي گڏ ڪيو ويو آهي.

2- **مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جون تصنيفون:** مخدوم صاحب جا ڪتاب، جهڙوڪ: ”فرائض الاسلام“، ”وصيت نامو“، ”ذبح شڪار عرف راحة المومنين“، ”بياض هاشمي“، ”تفسير عم“،

"زاد الفقير"، "تهذيب الاصلاح"، "فتح الڪلام" ۽ "حيات القلوب".

3- **نظم ۽ نثر ۾ آکاڻيون: جهڙوڪ:** "سيف الملوڪ" ۽ "ليليٰ مجنون" وغيره. سڀ کان اهم ڪتاب "حڪايات الصالحين" آهي، جيڪو عبدالحڪيم نالي ڪنهن عالم عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ جيڪي مضمون آيل آهن، اهي هي آهن: سوانح عمريون ۽ اسلامي دؤر جي مشهور درويشن جون چوڻيون وغيره.

4- **لاڏائو :** هن ڪتاب ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي وفات جو بيان آهي. هي ڪتاب ميان حبيب الله جي ڪتاب "حبيب السير" جو ترجمو آهي.

5- **معراج نامو:** هن ڪتاب ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي معراج تي وڃڻ واري واقعي جو ذڪر آهي.

6- **سؤ مسئلا:** هي هڪ ننڍو ڪتاب آهي، هن ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهي ته ڪيئن عبدالحڪيم نالي هڪ فقير، روم جي بادشاهه جي ڌيءَ سان سؤ سوالن جي جواب ڏيڻ واري شرط ڪڻ ڪري شادي ڪئي.(3)

تالپرن جي دؤر ۾ سنڌ جي تعليم، هندستان جي شهرن جي ڀيٽ ۾ پوئتي پيل هئي. هتي ڪو به سائنسي علم نه پڙهايو ويندو هو. سنڌ جي تاريخ ۾ ڪي سائنسدان نه ٿا ملن. فقط اديب، شاعر ۽ ڪي آخوند آهن. جن سنڌي ٻوليءَ جو تحفظ ڪيو. تالپرن جي دؤر ۾ تعليم جي پستيءَ جي سلسلي ۾





مشهور سنڌي سياح الطاف شيخ لکيو آهي ته، "حيرت جي ڳالهه اها آهي ته انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪئي . ان کان اڳ هُو سؤ سال کن سنڌ جي ڀر وارن علائقن راجستان، گجرات، يو.پي، مهاراشٽرا وغيره ۾ موجود هئا، پر سنڌ جي حاڪمن ميرن کي اهو ڪڏهن به خيال نه آيو ته ان قسم جا اسڪول، شفا گهر، ريلوي وغيره جو بندوبست سنڌ ۾ به ڪٽي ڪجي، جنهن سان عوام کي فائدو ٿيندو. ائين ته ٿائيلينڊ (سيام) ۾ ته ڪڏهن به انگريزن يا يورپين جو راڄ نه رهيو، پر تنهن هوندي به اتي جي راجائن انگريزن جي انهن ادارن کي بهتر سمجهي عوام جي فائدي لاءِ پنهنجي ملڪ ۾ کوليا. جيڪي اڄ ڏينهن تائين هلندا اچن ۽ اڄ به اسان جي ملڪ جا انجنيئر پوسٽ گرئجوئيشن لاءِ بئنڪاڪ وڃن ٿا. ڀوپال رياست ۾ نواب مردن بدران سؤ سال کن نواب بيگمات جي حڪومت رهي. عورتون ٿي ڪري هنن پنهنجيءَ رياست جي ماڻهن جي سُک لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو! مٺي پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ ڊنيون، اسپتالن ۽ اسڪولن کان علاوه ريل جو نظام قائم ڪيائون. جيڪو انگريزن انڊيا جي ڀر وارن شهرن بمبئي، مدراس، ڪلڪتي وغيره ۾ ڪيو هو. ۽ اها به حيرت جي ڳالهه آهي ته تعليم جي معاملي ۾ سنڌ جي هندن وري به گهڻي دلچسپي ورتي ۽ نه فقط تعليم حاصل ڪئي، پر تعليمي ادارا به کوليا.(4)

1843ع ۾ انگريزن جي قبضي کان پوءِ سنڌ جون واڳون سر چارلس نيپئر سنڀاليون. هُو برٽش آرميءَ ۾ جنرل هو. هن کي سنڌ جو پهريون گورنر جنرل مقرر ڪيو ويو. هن حيدرآباد بجاءِ ڪراچيءَ کي سنڌ جو تختگاهه بنايو ۽ جوڙجڪ

واسطي سنڌ کي ان وقت ٽن ضلعن ۾ ورهايو. جن ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور شامل هئا. 1847ع ۾ چارلس نيپئر پنهنجي عهدي تان رٽائر ٿيو ۽ برطانيه روانو ٿي ويو. هن جي روانگيءَ سان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ملائي ڇڏيو. ان وقت بمبئيءَ جو گورنر سر جارج رسل ڪلرڪ هو. هن سنڌ حڪومت جي گذارش تي اپريل 1848ع ۾ واضح طور تي اعلان ڪيو ته سنڌ ۾ سرڪاري زبان سنڌي هوندي. هن سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو ارڙهن مهينن ۾ سنڌي سکي وٺن. هن چيو ته: ”اسان کي گهرجي ته اسان سرڪاري ڪاروبار لاءِ ملڪي ٻوليءَ (سنڌي) کي متعارف ڪرايون. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اسان جا روينيو ۽ انصاف کاتي جا آفيسر (چاهي سندن کاتن ۽ ڪچهرين جو ڪم ڪهڙي به نموني چو نه مقرر ڪيو وڃي) فارسي يا انگريزيءَ جهڙي هڪ ڌاري ٻوليءَ ذريعي ڪيئن اثرائتي نموني ڪم هلائي سگهندا. آفيسرن کي ارڙهن مهينن جو وقت ڏجي ٿو ته سنڌي زبان جو امتحان پاس ڪري وٺن.[5] سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ سان سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم لاءِ سرڪاري سطح تي سرگرميون شروع ٿي ويون. 1852ع ۾ بمبئي حڪومت، سنڌ جي تعليم لاءِ ڏهه هزارن جي سالياني بجيٽ منظور ڪئي. مارچ 1853ع ۾ اها رقم ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر جي ڊسپوزل (اختيار) تي رکي ويئي. بمبئيءَ جي سرڪار جي منظوريءَ سان سنڌ ۾ اسڪول کلڻ شروع ٿي ويا ۽ شروع ۾ استاد به بمبئي سرڪار جي منظوريءَ سان هندستان جي مختلف شهرن مان





گهرائي رکيا ويندا هئا. اهڙيءَ طرح سنڌ جي تعليم جي ترقيءَ لاءِ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي مقرري به بمبئيءَ مان ٿيڻ لڳي.

ان دؤر ۾ سرڪاري پاليسي، جيڪا ميڪائلي جا منٽس (MACAULAY'S MINUTES) جي نالي سان مشهور هئي، ان مطابق هندستان ۾ 7 مارچ 1835ع تي انگريزي ٻوليءَ کي باقاعده رائج ڪيو ويو. جنهن جو مقصد اهو هئو ته يورپ جي ادب، سائنسي علمن ۽ عيسائيت کي سڄي هندستان ۾ هٿي ڏجي. ان مقصد لاءِ مختلف شهرن ۾ مشنري اسڪول قائم ڪيا ويا. سر ميڪائلي پنهنجي منٽس ۾ چيو ته: هُو هن قوم کي رنگ ۽ نسل ۾ هندستاني، ۽ ذهني ۽ روحاني طور تي برطانوي ڏسڻ چاهي ٿو. هن انگريزيءَ کي ننڍي کنڊ ۾ رائج ڪرڻ لاءِ دليل ڏيندي چيو هو ته. ”انگريزي زبان حڪمرانن جي زبان آهي، ان ڪري ان کي ڪهڙي نموني به نافذ ڪيو وڃي.“[6] ان کان پوءِ سر چارلس ووڊ جو مراسلو نافذ ٿيو. جنهن مطابق:

1. هر صوبي ۾ هڪ تعليم جو کاتو کوليو وڃي.
2. لنڊن يونيورسٽيءَ جي طرز تي، هندستان جي وڏن شهرن، جهڙوڪ بمبئي، ڪلڪتي ۽ مدراس ۾ يونيورسٽيون کوليون وڃن.
3. گهٽ ۾ گهٽ هر ضلعي ۾ هڪ اسڪول قائم ڪيو وڃي.
4. منسلڪ خانگي اسڪولن کي گرانٽ ڏني وڃي.
5. هندستاني ماڻهن کي سندن مقامي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني وڃي.[7]

آخرڪار 1854ع ۾ سر چارلس ووڊ جي مراسلي سان ملڪ ۾ انگريزيءَ کي باقاعده رائج ڪرڻ لاءِ هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو، جنهن ۾ ابتدائي درجي کان وٺي يونيورسٽيءَ جي سطح تائين تعليم جي همه گير اسڪيم يا خاڪو پيش ڪيو ويو.

سنڌ تي قبضي کان اڳ ئي انگريزن جون سنڌ ۾ مشنري سرگرميون شروع ٿيل هيون. پر مڪمل قبضي کان پوءِ هنن سنڌ ۾ مشنري مقصدن لاءِ اسڪول کولڻ ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ جو منصوبو رٿيو ۽ سڀ کان پهريون مشنري اسڪول 1846ع ۾ ڪراچي شهر ۾ ڪليڪٽر ڪئپٽن پريڊيءَ کوليو. اڳتي هلي، 1853ع ۾ سنڌ ۾ ٽي سنڌي ميڊيم سرڪاري اسڪول: ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ قائم ڪيا ويا. جڏهن ته ٿوري عرصي ۾ مختلف شهرن ۾ خانگي ۽ سرڪاري اسڪولن جو جار وڇائجي ويو.

1855ع ۾ Bombay Board of Education کي ختم ڪري، هڪ ڊائريڪٽر جي نگرانيءَ ۾ Department of Public Instruction قائم ڪيو ويو ۽ ڊويزنن ۽ ضلعن جي تعليم جا اختيار ايجوڪيشنل انسپيڪٽرن جي حوالي ڪيا ويا. سنڌ ۾ پهريون ايجوڪيشنل انسپيڪٽر بي ايچ.ايلس هو. سنڌ ۾ تعليم کاتي جي انسپيڪٽر جا اختيارَ موجوده تعليم جي سيڪريٽريءَ جي برابر هوندا هئا. هو سڄيءَ سنڌ ۾ تعليمي پاليسين کي پيش ڪرڻ ۽ نافذ ڪرڻ جا پابند ۽ ذميوار هوندا هئا.





مارچ 1856ع تائين سنڌ ۾ 31 اسڪول قائم ٿي چڪا هئا، جن ۾ ٻه انگريزي اسڪول (ڪراچي ۽ حيدرآباد)، هڪ نارمل اسڪول (ڪراچي) ۽ هڪ انجنيئرنگ اسڪول (ڪراچي) شامل هئا. ٻئي سال 34 اسڪول قائم ٿي چڪا هئا ، جن ۾ 1527 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا هئا.(8)

1857ع ۾ انگريزن جي خلاف بغاوت شروع ٿي وئي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو ته، "برطانوي هند جي تاريخ ۾ 1857ع جو سال اهميت رکي ٿو. سال جي پهرين اڌ حصي ۾ انگريزن خلاف بغاوت ٿي، جنهن جو خاص اثر اتر ۽ وچ هندستان ۾ ڏسڻ ۾ آيو. ڪجهه مؤرخ ان جدوجهد کي آزاديءَ جي جنگ سان تعبير ڪن ٿا. انگريزن ان هلچل کي نهايت بي رحميءَ سان چيڀاٽيو. ان ويڙهه کان پوءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي حڪومت ختم ٿي ۽ برطانوي راڄ هندستان کي سڌو پنهنجي حڪومت هيٺ آندو. ان سان گڏ مغل سلطنت به پنهنجي انجام تي پهتي. لارڊ ڪئننگ ان وقت هندستان جو گورنر جنرل هو. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي حڪومت ٽٽڻ بعد انگريزن پاران وائسراءِ جو تقرر عمل ۾ آيو. لارڊ ڪئننگ کي وائسراءِ مقرر ڪيو ويو. ستت ئي پوءِ انگريز سرڪار هندستان ۾ يونيورسٽيون کولڻ جو فيصلو ڪيو. سن 1857ع ۾ بمبئي، مدراس ۽ ڪلڪتو يونيورسٽيون وجود ۾ آيون. بمبئي يونيورسٽي 18 جولاءِ 1857ع تي ليجسليٽو ڪائونسل آف انڊيا جي پاس ڪيل ائڪٽ موجب وجود ۾ آئي. سنڌ جيئن ته بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾

شامل هئي، ان ڪري خود بخود پاڻ تعليمي حوالي سان بمبئي يونيورسٽيءَ جي دائره ڪار ۾ شامل ٿي وئي.(9)

1863ع ۾ لوڪل فنڊ جوڙي زمين تي ٽين پتي سيس يا في لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جيڪا تعليم تي خرچ ڪئي وئي. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ تمام گهڻا اسڪول کلي ويا. 1864ع ۾ سنڌ ۾ مجموعي طور تي چار هاءِ اسڪول، ٽي مڊل اسڪول، ڇاونجاهه ورنيڪيولر اسڪول ۽ هڪ نارمل اسڪول هو. سيني اسڪولن ۾ شاگردن جو تعداد 2440 هو. ان  کوٽ جو وڏو سبب سنڌي پڙهائيندڙ استادن جي کوٽ هئي. 1864ع ۾ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي اسڪولن کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو ۽ کين اجازت ڏني وئي ته بمبئيءَ ۾ ٻارن کي ميٽرڪ جي امتحانن لاءِ موڪلين. 1864-1865ع ۾ ڪراچي هاءِ اسڪول جي حاضري 151 هئي ۽ حيدرآباد هاءِ اسڪول جي 126 هئي. پر هنن ٻنهي اسڪولن کان حيدرآباد جو انگريزي اسڪول وڌيڪ اهم هو. هڪ ته اتي پرنسيپل مقرر ٿيل هو ۽ ٻيو ته اتي سنڌي شاگردن جو تعداد وڌيڪ هو. ڪراچيءَ جي ڀيٽ ۾ حيدرآباد ۾ سنڌي شاگردن جو تعداد وڌيڪ هوندو هو. ان دؤر ۾ ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن حيدرآباد لاءِ چيو هو ته، ”مون کي اميد آهي ته حيدرآباد، سنڌ جي تعليم لاءِ اهو ئي ڪم ڪندو، جيڪو دکن لاءِ پونا ڪري رهيو آهي.(10)

استادن واري سکيا واري ’نارمل اسڪول‘ کي ڪراچيءَ مان ڪڍيِ حيدرآباد آڻي، ’ٽريننگ ڪاليج‘ جو درجو ڏنو ويو. ”سنڌ گزيٽيئر“ موجب، ”انهن اُپائن جو نتيجو اهو نڪتو





ته 1864-65ع ۾ صوبي ۾ چار هاءِ اسڪول، ٽي مڊل اسڪول ۽ 56 پرائمري اسڪول کُوليا ويا. انهن ۾ شاگردن جو تعداد 2440 ٿي ويو.“(11)

1872ع ۾ سول سروس جو ملازم اِي. ايم. فَلٽن سنڌ ۾ پهريون مڪمل تعليمي انسپيڪٽر مقرر ٿيو. جنهن سنڌ ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ ڪيترائي اُپاءَ ورتا، پر اهي اجا اڻپورا هئا. هُن تعليم جي عملدارن لاءِ الڳ آفيسن جي ڪوشش ڪئي ۽ اسڪولن جي نئين درجا بندي ڪئي. هن صاحب اسڪولن کي ٽن حصن ۾ ورهايو:

1. مٿيان ڪلاس، جيڪي ستين درجي تائين تعليم ڏيندا.
2. هيٺيان ڪلاس، جيڪي چوٿين درجي تائين تعليم ڏيندا.
3. ڳوٺاڻن اسڪولن جون شاخون، جن ۾ صرف لکڻ، پڙهڻ ۽ حساب سيکاريا ويندا.

هُن جي پاليسن سان تعليم ۾ ڪجهه سڌارو آيو ۽ 1875ع تائين سنڌ ۾ ڇوڪرين جا ٻه ويهه اسڪول کلي چڪا هئا. انهيءَ سال سرڪاري طور مڃيل اهڙن ادارن جو تعداد 230 ٿي ويو، جن ۾ 14,299 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. ڏيهي مڪتبن جي سرڪاري امداد جو سلسلو به تيز ڪيو ويو.

1882ع ۾ سنڌ جي تعليم تي هڪ يادداشت نامو جاري ٿيو. ان ۾ ٻڌايو ويو ته: ”ڪنهن به شڪ شبي جي ڇڏي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ تعليم جي حالت خراب آهي. هتي ستن ڄڻن کان وڌيڪ اجا گريجوئيٽ ٿي نه سگهيا آهن، ڪو به سند يافته سول انجنيئر

ڪونہ ٿيو آهي، صرف هڪ قانون جي ڊگري پاس ڪندڙ آهي. ميٽرڪ پاس ڪندڙ شاگردن جو تعداد 1862ع کان 1863ع تائين 130 کان مٿي نہ آهي.”[12]

سنڌ ۾ اسڪول کلي رهيا هئا. پر تعليم تمام محدود هئي. انهيءَ زماني ۾ ميٽرڪ جي امتحان لاءِ بمبئيءَ وڃڻو پوندو هو. سنڌي شاگردن لاءِ اها نهايت ڏکي ۽ مشڪلات ڀري ڳالهہ هوندي هئي تہ هُو بمبئيءَ پرائي ديس وڃي، جان جوکي ۾ وجهي امتحان ڏئي اچن. بمبئيءَ ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ سامونڊي رستي جو مفاصلو اٽڪل پنج سؤ ميل هو. سامونڊي توڙي خشڪيءَ جو سفر مشڪل هوندو هو. انهيءَ ڪري سنڌي شاگرد ستين درجي تائين تعليم حاصل ڪري وڃي نوڪري ڪندا هئا. ميٽرڪ جو امتحان ڏيڻ دل گڙدي جي ڳالهہ هوندي هئي. مسلمان سنڌي شاگردن کي هن دؤر ۾ اجا اهڙي تعليم جو خيال نہ آيو هو. البت ڪي هندو شاگرد تيار ٿي بمبئيءَ وڃي پهتا. 1857ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي قيام کان ويندي سنڌ ڪاليج (بعد ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج) جي قيام تائين سنڌ جي تيرهن شاگردن ايلفنسٽن ڪاليج ۾ پڙهي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ امتحان ڏنو. انهن ۾ (1) چوهڙ مل ڪندن مل پنجابي- 1865ع، (2) آلو مل ٽيڪمداس پوڄواڻي- 1867ع، (3) ميرزا صادق علي بيگ- 1872ع، (4) ٽيڪچند اوڌنداس واسواڻي- 1875، (5) ڏيارام گدو مل شهاڻي- 1878ع، (6) هرچند راءِ وشنداس ڀارواڻي- 1882ع، (7) ٿهلرام ڪيمچند وزيراڻي- 1884ع، (8) بولچند ڪوڙومل جڳتياڻي- 1884ع، (9)





هيرانند کيم سنگهہ آڏواڻي- 1886ع، (10) مٿرا داس جواهري- 1886ع، (11) همت سنگهہ گج سنگهہ آڏواڻي- 1886ع، (12) دلپتراءِ روچيرام لالواڻي- 1886ع، ۽ (13) وزير مل اُتمچند لالواڻي- 1887ع شامل آهن.”[13]

ان دؤر جي سفر جي سلسلي ۾ پيرومل مهرچند لکيو آهي تہ ”1852ع کان وٺي، ڪوٽڙيءَ کان ملتان تائين جهاز ويندا هئا. پندرهين ڏينهن، هڪ جهاز ڪوٽڙِيءَ مان ڇٽندو هو، جو ٽپال کڻي ملتان ويندو هو. چارلس نيپئر جي وقت ۾، بمبئيءَ جي ٽپال مهيني مهيني ويندي هئي، پر پوءِ بارٽل فريئر جي ڏينهن ۾ مهيني ۾ بہ دفعا وڃڻ لڳي. ملتان کان پوءِ خشڪيءَ رستي ٽپال ويندي هئي. جن شاگردن کي سندن مائٽ سمنڊ رستي بمبئي وڃڻ جي موڪل نہ ڏيندا هئا، سي ڪوٽڙيءَ کان جهاز رستي، اول ملتان ويندا هئا. ملتان ۾ آگ گاڏي هئي، پر اها بہ رڳو لاهور ۽ امرتسر کان دهليءَ تائين ويندي هئي. بمبئيءَ- بڙودا سينٽرل انڊيا ريلوي چالو ٿي هئي، پر انهيءَ پاسي آگ گاڏيون، ڦهريائين رڳو بمبئيءَ کان احمد آباد تائين اينديون ويندون هيون، جيئن ’هندستان جي امپيريل گزيٽ‘ ۾ ڄاڻايل آهي. هن پاسي وڏو اهنج هو، تہ دهليءَ کان وٺي احمد آباد تائين، ريل جو رستو هاٽوڪي وانگر ٿهيل ڪونہ هو. پُڇائن مان معلوم ٿئي ٿو تہ دهليءَ کان، عام طرح، ماڻهو چڪڙن ۾ چڙهي، واٽ تي جيپور، اجمير ۽ ٻين هنڌ منزلون هڻندا، پالپور ويندا هئا ۽ اتان آگ گاڏيءَ ۾ چڙهي بمبئي پهچندا هئا.”[14]

جنهن تيزيءَ سان سنڌ جي شهري آبادي وڌي رهي هئي ۽ ڪاروبار وڌي رهيو هو، انهن حالتن ۾ سنڌ ۾ خاص طور تي

ڪراچي شهر ۾ هڪ ڪاليج جو قيام اڻٽر ٿي پيو هو. 1878ع ۾ ڪراچي شهر ۾ ميٽرڪ جي امتحان جي سهولت ڏني وئي، جنهن سان شاگردن لاءِ سهنج ٿي پئي. بمبئي وڃڻ جا ڪشالا دور ٿي ويا. مگر گريجوئيشن جي تعليم لاءِ بمبئيءَ ۾ وڃي رهڻو پوندو هو.

مٿي بيان ڪيل شاگردن جي اهنجن، تڪليفن ۽ اعليٰ تعليم جي رنڊڪن، سنڌ جي عالمن، اڪابرن ۽ سماجي ورڪرن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو، ته سنڌ ۾ هڪ بهترين ڪاليج هئڻ گهرجي.

## حوالا


1. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي: "مشهور سياح هيملٽن جي نظر ۾ سنڌ"، (مقالو)، "سنڌي ٻولي"- تحقيقي جرنل، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، اپريل- جون 2013ع، ص 98،99
2. رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون"، (مترجم: محمد حنيف صديقي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1986ع، ص 123، 124
3. پيرومل مهرچند آڏواڻي: "سنڌ جي هندن جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2006ع،ص 122
4. الطاف شيخ: "سکر جو آڳاٽو درسگاهه سينٽ ميري"، "ڪاوش مڊ ويڪ" ميگزين حيدرآباد، 21 مئي 2014ع







5. Mukhtiar Ahmed Mallah: "The Development of Sindhi Language and Script during early English Period", Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2017,p.5
6. Wikipedia the free Encyclopedia
7. Same
8. Hamida Khuhro: "The Making of Modern Sindh", Oxford University Press, 1999,p.256
9. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو: "بمبئي يونيورسٽي ۽ سنڌي ٻولي"، ڇماهي "سنڌي ادب"- جرنل، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2006ع
10. Mansfield, Commissioner in Sindh, quoted by J.G Moore, Educational Inspector , 1864-65, Para 27
11. E. H. Aitken: "The Gazetteer of the Province of Sindh", Government "Mercantile" Steam Press, 1926
12. Memorial to the Education Commission from Inhabitants of Karachi, 5 November 1882,p.36
13. پيرومل مهرچند آڏواڻي: "سنڌ جي هندن جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2006ع ،ص 126
14. پيرومل مهرچند آڏواڻي:"آڳاٽن شاگردن جا اهنج"، (مضمون)، ماهوار "سنڌو" ڪراچي، فيبروري 1946ع، ص 107

## ڊي .جي ڪاليج جي قيام لاءِ ورتل ڪوششون

انگريز سرڪار جو سنڌ ۾ ڪاليج کولڻ جو ڪوبہ ارادو نہ هو. سندن خيال هو تہ مقامي ماڻهن کي ميٽرڪ تائين محدود ڪري کين ننڍيون ننڍيون نوڪريون ڏنيون وڃن. تعليم جي چاهہ ۾ سنڌي سڀاجهڙا اهنج ۽ تڪليفون سهي بہ ساموندي ۽ خشڪيءَ جي دشوار رستن کي پار ڪري، امتيازي نمبرن ۾ ڊگريون حاصل ڪرڻ لڳا. ان سلسلي ۾ آرٽس، سائنس، قانون، ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ جون سندون شامل هونديون هيون. ٻئي طرف انهن اهنجن ۽ تڪليفن کي سنڌ جي هڏ ڏوکي انسانن ڏسي، ڪاليج کولڻ لاءِ مهم شروع ڪري ڏني. هنن گڏجاڻيون ڪيون، سرڪار کي درخواستون ڪيون ۽ انجمنون قائم ڪيون. ان سلسلي ۾ سندن هيٺيون ڪوششون اهم آهن:

**سنڌ سڀا جو قيام ۽ ڪاليج لاءِ ڪوششون**

سنڌ ۾ سياسي ۽ سماجي تنظيم جي شروعات لاءِ هندن، مسلمانن، عيسائن ۽ پارسين پهريون دفعو سنجيده ڪوشش ورتي. هنن 1882ع ڌاري هڪ غير مذهبي ۽ نيم سياسي تنظيم 'سنڌ سڀا' برپا ڪئي، جنهن جا ميمبر هندو، مسلمان، عيسائي ۽ پارسي هئا. هن تنظيم جي برپا ٿيڻ جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو تہ، "هن دؤر ۾ اسرندڙ جديد ۽ خوبصورت 'ڪراچي' شهر ۾ جڏهن سنڌي





نوجوان 'بمبئي' مان جديد تعليم حاصل ڪري ۽ ڊگريون وٺي واپس پهتا، تڏهن انهن سنڌ جي تعمير ۽ اڏاوت توڙي عوامي ڀلي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ جو سوچيو. بمبئيءَ ۾ رهندي، سنڌي نوجوان اتي جي هندن، پارسين، مرهٽن ۽ ٻين قومن جي تعليم يافتہ، مهذب، وطن دوست ۽ قوم پرست انسانن سان رلي ملي گهڻو ڪجهہ پرائي آيا. بمبئي تہ ٺهيو، پر سنڌ جي جديد اڏاوت ۾ ڀلا ولسن ڪاليج ۽ ايلفنسٽن ڪاليج جو ڪو گهٽ ڪردار آهي ڇا؟ اولاهين پريزيڊنسيءَ جي مسٽر پنڊارڪر يا مسٽر ملباري سنڌ جي نئين فڪر تي ۽ سوچ تي تمام گهڻو اثر پيدا ڪيو. سٽر واري ڏهاڪي ۾ 'پونا سروجينڪا سڀا' نوجوان سنڌين کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. ان اثر هيٺ سنڌ جي هندن خاص طرح ڪراچيءَ ۾ ويهي جديد سنڌ جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌ جا هندو، سک پنٿ جي اثر هيٺ، حقيقي طرح سان مذهبي طور تي پنجاب جي قريب هئا ۽ مٿان وري هن خطي جي بمبئيءَ سان شامل ٿيڻ پڻ هنن کي بنهہ پسند نہ هو. اهو ئي سبب آهي، جو بيدار مغز هندن جي حالت وڃي هيءَ ٿي: "Spiritually they belonged to the Punjab, politically (officially) to Bombay, but by choice and inclination to neither." ڪٽر سک کين پنهنجي حلقي ۾ وٺڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ سنڌ جي جداگانہ صوبائي حيثيت نہ هجڻ ڪري، سنڌي ماڻهن کي مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ جو بہ ڪو موقعو حاصل نہ هو. ان حالت ۾ پڙهيل طبقي، سنڌ جي جداگانہ ثقافت ۽ سياسي حيثيت (صوبائي) جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد

شروع ڪئي. هنن ڪوشش ڪئي تہ اهڙي الڳ ’سنڌ‘ جي تشڪيل ٿئي، جيڪا ڪين ڪُل هند شعوري وهڪري سان گڏ وٺي هلي. ان صورتحال ۾ سنڌ جي پهرين باقاعده سياسي تنظيم ’سنڌ سڀا‘ جو ظهور ٿيو.“(1)

هن سڀا جي ٺهڻ ۾ مسٽر ارسڪن ڪمشنر سنڌ جي فراخدليءَ ڪي پڻ وڏو دخل حاصل آهي. ڏيارام گدومل لکيو آهي تہ. ”خوش قسمتيءَ سان، ان زماني ۾ سنڌ جو ڪمشنر مسٽر ارسڪن هو، جيڪو وسيع ذهن وارو آفيسر هو. هن تنقيد جي آجيان ڪئي. هن تفرقي بجاءِ مختلف ذاتين ۽ فرقن جي اتحاد تي زور ڏنو. هن صاحب ’سنڌ سڀا‘ ڪي نافرمان سياسي انجمن بجاءِ سنجيده، لائق ۽ سمجهو ماڻهن جي سنگت سمجهي،گهڻو مان، مرتبو ۽ اهميت ڏني.“(2)

’سنڌ سڀا‘ قائم ڪندڙن جو واسطو گهڻي ڀاڱي وڪالت جي پيشي سان هو. حسن علي آفندي وڏو وڪيل هو. ڏيارام ڄيٺمل، جيڪو سنڌ جو ناميارو قانوندان هو، سو هن تنظيم جو روح روان هو. جڏهن تہ سرڪاري ڪامورا ۽ آفيسر پڻ سرگرم ڪارڪن هئا. ان سلسلي ۾ ٻلوبو گاجرا لکي ٿو تہ. ”هندستان اندر اها نئين جاڳرتا جي لهر هلي، سا سنڌ ۾ بہ اچي پهتي. بمبئيءَ ۾ آريا سماج ۽ پرارٿنا سماج جي ساٿنا ڪان پوءِ ڪراچيءَ ۾ بہ ٻنهي سنسٿائن جون شاخون کوليون ويون. پڻ انڊين ائسوسيئيشن جي طرز تي، 1882ع ۾ سنڌ ۾ ’سنڌ سڀا‘ جي سٿاپنا ٿي. ان جو پريزيڊنٽ هو پرسڏ نائونمل جي ڪٽنب





جي هستي سيٺ آتمارام ۽ ٻيا مکيہ هئا اڏارام مولچند، جميشد جي نادر، فتح چند آتمارام، شريف صالح محمد، ايف.ڪوڪ، ايڊلجي ڊنشا، ايم. ايم. مرزبان، ناگيندرناٿ، سهجرام گنگاڌر، دولترام ڄيٺمل (ڄٺرامداس جو پٽا)، ساڌو هيرانند، ڏيارام گدو مل، فتح علي ۽ پائي هيرانند مسند شڪارپوري، يوسف علي علوي، کيمچند وزيراڻي، سرائي ٽارو خان، فتح علي خان، سيٺ آلومل ٽيڪمداس ۽ ٻيا“.(3) ديوان ڪوڙومل چندن مل، شونداس چاندومل ۽ ديوان نولراءِ شوقيرام پڻ سنڌ سڀا جا ميمبر هئا. هو بہ سرڪاري ملازم هئا.

’سنڌ سڀا‘ 1882ع کان 1887ع تائين تمام گهڻي سرگرم رهي. هيءَ تنظيم 2 ڊسمبر 1882ع تي وجود ۾ آئي. مختلف وقتن ۾ هن تنظيم جا مختلف صدر ۽ عهديدار رهيا. ’سنڌ سڀا‘ جا پهريان عهديدار هي هئا:

ڏيارام گدومل________ صدر

حسن علي آفندي_______ نائب صدر

دولترام ڄيٺمل________ سيڪريٽري

ساڌو هيرانند________ اطلاعات سيڪريٽري.

’سنڌ سڀا‘ جو ٻيو صدر سيٺ آتمارام پريتمداس پوڄواڻي ٿيو. هو جڏهن 1 آگسٽ 1885 تي لاڏاڻو ڪري ويو، تہ ڏيارام ڄيٺمل سڀا جو پنهنجي لاڏاڻي تائين، يعني پهرين آگسٽ 1887 تائين صدر ٿيو. ان کان پوءِ اڌرام مولچند ۽ ٿهلرام کيمچند سڀا کي سنڀاليندا رهيا.

'سنڌ سڀا' جو مقصد هئو سنڌ ۾ سماجي اصلاح آڻڻ. 'سنڌ سڀا'، سڀ کان اڳ سنڌ ۾ مڪاني حڪومتن ۾ سڌارا آڻڻ تي زور ڀريو . ان سان گڏ سنڌ ۾ هڪ ڪاليج جي قيام لاءِ جدوجهد بہ شروع ڪئي. 1882ع ۾ لارڊ رپن مڪاني حڪومتن ۾ سڌارن جو اعلان ڪيو، تہ 'سنڌ سڀا' مڪاني حڪومتن لاءِ لائق ماڻهو چونڊرائڻ جو فيصلو ڪيو. 'سنڌ سڀا' سنڌ جي عوام ۾ سجاڳيءَ لاءِ 'سنڌ ٽائيمز' ۽ 'سنڌ سڌار' اخبارون بہ جاري ڪيون. آڪٽوبر 1884ع ۾ ميونسپل ايڪٽ ۾ سڌارو آندو ويو. سنڌ سڀا، اُنهن بلن تي جيڪو بحث مباحثو ڪيو هو، تنهن ۾ ڏيارام گهڻو بهرو ورتو هو. عريضيون جيڪي سرڪار کي ڪيون ويون، تنهن ۾ بہ سندس هٿ هو.(4)

1884ع ۾ هند سرڪار تعليمي سڌارن آڻڻ لاءِ ڪميشن ويهاري. 'سنڌ سڀا' ان موقعي جو فائدو وٺندي، سنڌ ۾ ڪاليج کولڻ جي گهر رکي. سنڌ ۾ ڪاليج جي قيام لاءِ هڪ وفد تعليمي ڪميشن سان ملاقات ڪئي، ۽ مسٽر هنٽر جڏهن خانگي دوري تي ڪراچيءَ پهتو، تڏهن بہ ڪيس ان مسئلي کان آگاهہ ڪيو ويو. هن ڪم جي پورائي لاءِ اصل ڪم ڏيارام گدومل ڪيو، جنهن ذاتي دلچسپي وٺي، هزارين روپين جو چندو ڪيو. ان کان علاوه، مسٽرگپتا، ساڌو هيرانند ۽ ڏيارام جيٺمل بہ وڏي سرجوشي ڏيکاري . آخرڪار، سنڌ سڀا کي ڪاليج ناهڻ ۾ بہ ڪاميابي حاصل ٿي. ڪاليج جو افتتاح لارڊ





ري ۽ مسٽر شونداس چاندومل هٿان تاريخ سترهين جنوري 1887ع تي ٿي گذريو.

**ڏيارام جيٺمل جون ذاتي ڪوششون**

سنڌ ڪاليج برپا ڪرڻ ۾ جيڪا تندهي ۽ جانفشاني ديوان ڏيارام ڪئي، سا سنڌ ۾ مشهور ۽ معروف آهي. اها ڪوشش سال 85-1884ع ۾ شروع ٿي ۽ سال 1887ع ۾ برصواب ٿي. اعليٰ درجي جي تعليم ۾ سنڌ اڳي ڏاڍو پوئتي پيل هئي. سال 1880ع ڌاري، بي.اي. ڊگري حاصل ڪيل جوان سنڌ ۾ ڪي اٽ ڏهہ مس هئا، ۽ اجا هڪ بہ سنڌيءَ ڊاڪٽري علم يا انجنيئري علم جي ڊگري حاصل ڪانہ ڪئي هئي. ايل.ايل.بي. امتحان پڻ هڪ سنڌيءَ انهيءَ وقت ڌاري پاس ڪونہ هو. سنڌين کي بمبئي يا پوني ۾ وڃي ڪاليجن ۾ پڙهڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. اهي سڀ ڳالهيون ويچاريم، ديوان ڏيارا جيٺمل ۽ سندس هم رفيقن ڪمر ڪشي سنڌ ۾ آرٽس ڪاليج وجهڻ جو پڪو ارادو ڪيو. ديوان ڏيارام، جيڪو ڪاليج استاپن ڪرڻ لاءِ پڌرنامو يا وينتي پتر جاري ڪيو هو، سو سنڌ ڪاليج ۾ اجا موجود آهي. ان ۾ هُن سموري حقيقت، ڪاليج جي جاري ڪرڻ جي ضرورت بابت، پرسڌ ۽ ذهن نشين ڪري ڏيکاري هئي. وينتي پتر ڪڍڻ بعد يڪدم ڪاليج لاءِ پيسي موجود ڪرڻ جو سعيو ڪيائين ۽ چندو ڪرو ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ جيڪي پرش هئا، انهن کي هم صلاحي ڪري انهن کان پيسا چاڙهيائين ۽ پوءِ سنت ٿي انگريزي ڪامورن جي مدد

ورتائين. چندي جي ياداشت نهڻ سان ويهارو هزار ڪن روپيا هٿ ڪيائين ۽ سال ڏيڍ جي ڪوشش سان چندو وڌي وڃي هڪ لک روپين سان لڳو. ديوان چيتنمل، ديوان نولراءِ، ديوان اڏارام، ديوان ميٺارام گدومل ۽ ٻين صاحبن جي سعيي سان ڳچ پيسا ملڻ لڳا ۽ هر ڪنهن فرقي ۽ درجي جي هندن پيسن ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪانہ ڪئي. خاص طور تي حيدرآبادي عالمن، جن گهڻي خود قرباني ڏيکاري. سال 1886ع ڌاري ايترو پيسو ميسر ٿيو، جو ديوان ڏيارام بمبئيءَ جي گورنمينٽ کي ڪاليج جاري ڪرڻ ۽ ان کي سرڪاري مدد ڏيڻ بابت استدعا ڪري سگهيو ٿي. انهن ڏينهن ۾ بمبئيءَ جو گورنر هردل عزيز ۽ اعليٰ خيال وارو لارڊ ري صاحب هو ۽ سندس ڪائونسل ۾ سر وليم ووڊبرن ۽ مسٽر ميڪسويل سلويل سرڪار پاران ميمبر هئا. ديوان ڏيارام جي انهن سان چڱي ريت ڏيٺ هئي. تنهنڪري انهن سان لکپڙهہ شروع ڪيائين ۽ بمبئيءَ جي يونيورسٽيءَ جي سرڪردن جي مدد پڻ ورتائين. انهن سرڪردن مان مکيہ هئا مسٽر ووڊ صاحب، جو انهن ڏينهن ۾ بمبئي هاءِ ڪورٽ جو جج هو، جو تنهن کان اڳي سنڌ ۾ صدر ڪورٽ جو جج رهيو هو. مسٽر ڪاشي ناٿ تيلنگ، مسٽر فيروزشاهہ مهتا، مسٽر بدرالدين تابجي، مسٽر ابراهيم رحمت الله سياني ۽ ٻيا. ديوان ڏيارام جي انهن سڀني سان ڪاليج بابت گفتگو ۽ صلاح مصلحت هلي ۽ انهن بمبئي يونيورسٽيءَ جي پاران ڪاليج جاري ڪرڻ جي مدد ڏيڻ جو انجام ڪيو. لارڊ ري صاحب سال 1886ع جي پڇاڙيءَ ڌاري هڪ سرڪاري ٺهراءُ ڪاليج جاري





ٿيڻ بابت ڪڍيو، جنهن ۾ هن ان لاءِ هر سال ڏهہ هزار رپيا گرانٽ ڏيڻ جو انجام ڪيو ۽ ڪاليج بورڊ ٺاهڻ لاءِ حڪم ڪيو. جنهن ۾ سرڪار جي پاران فقط 6 ميمبر ٿيڻا هئا ۽ ٻيا سڀ چندي ڏيندڙن جي عيوضي ٿيڻا هئا. سنڌ جي ڪمشنر صاحب مسٽر ارسڪن پڻ ڪاليج جاري ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏني ۽ سندس سفارش ۽ هدايت تي ڪيترن لوڪل بورڊن ساليانو چندو يا گرانٽ ڏيڻي ڪئي. 1887ع ۾ ڪاليج جو قيام آيو، جنهن ۾ ڏيارام جي ڪوشش سڀني کان اڳري هئي.(5) هيءُ ڪاليجُ پوءِ مسٽر ڏيارام چيتنمل جي خدمتن جي ڪري، سندس نالي سان ’ڊي.جي. سنڌ ڪاليج‘ سڏيو ويو. هي ’سنڌ سڀا‘ جي آخرين وڏي ڪاميابي هئي، جنهن سنڌ جي تعليمي، سياسي، سماجي، علمي، ادبي، قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي انقلابي ڪم ڪيو.

**ڏيارام گدو مل جون ذاتي ڪوششون**

’سنڌ سڀا‘ مان حسن علي آفنديءَ جي وڃڻ جي باوجود ڏيارام گدو مل سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ بنهہ مايوس نہ ٿيو. لارڊ رپن کي مان پتر ڏيڻ کان پوءِ هُن سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ ڪيس تيار ڪيو. هن دؤر ۾ سنڌ جي تعليم جو انچارج ٿامس هارٽ ڊيويس (1849ع-1920ع) هو، جنهن زندگيءَ جا ڳچ سال سنڌ ۾ گذاريا هئا ۽ سنڌ ۾ نوڪريءَ تان رٽائر ٿيو هو. هُن جي همٿائڻ تي ديوان ڏيارام گدومل هڪ ڪتابڙو ڪاليجي تعليم بابت ”Collegiate Education“ لکيو ، جنهن ۾ هن اوچ سکيا

جي ضرورت ڏيکاري آهي ۽ سنڌ آرٽس ڪاليج لاءِ اپيل ڪئي. اهو ڪتابڙو 27 جون 1885ع ۾ لکيل آهي ۽ سنڌ جي تعليم جي انچارج مسٽر هارٽ ڊيوس کي ارپڻ ٿيل آهي.* ڏيارام گدو مل دليل ڏئي ثابت ڪيو آهي ته سنڌ ۾ انگريزي تعليم ۽ سنڌ ۾ هڪ ڪاليج جو قيام اٽر آهي. سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ تيار ڪيل ڪيس جي شروع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي جي انسپيڪٽر مسٽر هارٽ ڊيوس کي لکيل خط ۾ ڏيا رام گدو مل لکي ٿو ته. ”اِهو منهنجو پُختو اعتقاد آهي ته ڪاليجي تعليم اهم سياسي ضرورت آهي. اسان وٽ ٽي رستا آهن: (1) ڪجهه به نه پڙهائجي، (2) ٿورو پڙهائجي، ۽ (3) تمام گهڻو پڙهائجي. پهرين واٽ تي هلڻ جو مطلب ٿيندو ته هر قسم جي ترقيءَ کان انڪار. ٻي واٽ خطرناڪ آهي، جو اڌپوري ڄاڻ هميشه خطرناڪ هوندي آهي ۽ آخري واٽ نه منفي آهي نه خطر ناڪ. انهيءَ ڪري اِهو متبادل رستو هر حال ۾ اختيار ڪرڻو پوندو ۽ ان کي قبول ڪرڻ جو مطلب اهو ئي آهي ته سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻا پوندا.“(6)

ڏيارام گدومل، هن ڪتاب ۾ وڏن تعليمي ماهرن ، ڄاڻو عالمن ۽ ججن جا حوالا، رايا ۽ ويچار ڏئي ثابت ڪري ڏيکاريو، ته ڪاليجي تعليم نه ڏيڻ، سڌاري ۽ واڌاري جي ڪاروبار ۾

* هن ڪتابڙي جو ترجمو گل محمد عمراڻيءَ ڪيو آهي ۽ اهو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي تحقيقي جرنل ”سنڌي ٻولي“ جي جنوري، مارچ 2012ع واري شماري ۾ شايع ٿيو آهي.





اٽڪون وجهڻ ٿيندو. تعليم جي ڪري، حڪومت جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ سرڪار کي قابل ۽ هوشيار ڪم ڪندڙ ملي سگهندا ۽ ڪاليجي تعليم سبب، مقامي ٻولين جي ادب ۾ سڌارو ۽ واڌارو ٿيندو. اعليٰ تعليم پرايل، پنهنجي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ نوان نوان ڪتاب لکي، ادب جو درجو اوچو ڪندو. ان کان علاوه، تعليم جي ڦهلاءَ ۽ سماج جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪيتريون ئي جماعتون قائم ٿي سگهنديون، جن جي ڪري ملڪ ۾ سڌريل ڍنگ ۾، قاعدي سان قانوني طرح، حقن حاصل ڪرڻ لاءِ تحريڪون هلنديون. ٻيءَ صورت ۾ بغاوتون ٿينديون.

**اثر و رسوخ رکندڙن جي ڪميٽيءَ جو قيام**

ڪاليج جي قيام لاءِ پهرين ڪميٽي 1882ع ۾ قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ پوري صوبي جي اهم ماڻهن کي شامل ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ ڪراچيءَ مان ڏيارام ڄيٺمل، حيدرآباد مان ديوان ميٺارام، شڪارپور جو سول جج ڏيارام گدومل، ٺٽيءَ جو ديوان واڌومل چنديرام، سيٺ آلومل ٽيڪمداس، فتح چند آتمارام، شيونداس چنديرام، پيسٽنجي بيرامجي ڪوٽوال، ۽ اڌارام مولچند شامل هئا. هن ڪميٽيءَ 1882ع ۾ ’انڊين ايجوڪيشن ڪميشن‘ کي يادداشت نامو موڪلي، ڪراچيءَ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ جي گهر ڪئي. هنن سرڪار کي يقين ڏياريو، ته اگر سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪيو ٿو وڃي ته هو 30,000 روپيا عوامي چندي مان ڪاليج جي سلسلي ۾ جمع ڪرائيندا.(7)

**ڪاليج برپا ڪرڻ لاءِ فنڊ جو قيام**

موتيرام ايس. راماڻي لکي ٿو ته: "سرڪار پاران سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ ڪوبه قدم نه کنيو ويو. ڏيارام، پهريائين جيٺمل جو ساٿ هٿ ڪيو، پوءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ ميٺارام جو سهڪار ورتائين. نولراءِ شوقيرام جو ساٿ ته ڪيس هوندو ئي هو. سندس ٻاريءَ جا ساٿي، ڪوڙومل چندن مل، ساڌو هيرانند، ٿهلرام کيمچند، هرچند راءِ وشنداس ۽ ٻيا ته ساڻن ئي هئا."(8) ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک روپئي جي ضرورت هئي. سندس خيال هو ته هڪ لک روپيو گڏ ڪجي ۽ اوتري رقم لاءِ سرڪار کي ڏسجي. اهڙيءَ طرح ڪاليج جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ ميونسپالٽين ۽ لوڪل بورڊن کي اپيل ڪجي ۽ ڪائنٽن سالياني رقم حاصل ڪجي.

1885ع ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ هڪ دفعو ٻيهر اپيل ڪئي وئي. رسيدون ڇپايون ويون. سرڪاري ملازمن کي گذارش ڪئي وئي ته هو گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهيني جي پگهار ڪاليج فنڊ ۾ جمع ڪرائين. ان سلسلي ۾ "سنڌ سڌار"، "سنڌ ٽائيمس" پاران گڏجاڻيون ڪري سڄي سنڌ مان ڪاليج فنڊ لاءِ چندا مهم هلائي وئي. ڪاليج برپا ڪرڻ لاءِ، هڪ جماعت 'سنڌ ڪاليج ائسوسيئيشن' قائم ڪئي وئي، جنهن کي سرڪاري طور رجسٽر ڪرايو ويو. ڪاليج فنڊ ۾، جن سڄڻن ڊونيشن ۽ چندو ڏنو، تن جا نالا ۽ رقم ۽ ٻيا تفصيل ڊي.جي. ڪاليج جي ڇپيل "گولڊن جوبلي نمبر" تان ورتل آهن ۽ هن ريت آهن.(9)

(پيٽرن: هڪ هزار يا وڌيڪ ڊونيشن ڏيندڙ)





| نمبر | ڏيندڙ جو نالو | سڃاڻپ | رقم(روپيا) |
|---|---|---|---|
| 1. | لالا پيرومل | ڪانٽريڪٽر، روهڙي | هڪ هزار |
| 2. | ڏوسا ڪلياڻ | ڪراچي | هڪ هزار |
| 3. | ايدلجي ڊنشا | مرچنٽ، ڪراچي | ٽي هزار |
| 4. | ٺاڪر آف ڀائونگر | | پنج هزار |
| 5. | ايڇ جيمسيٽجي هورمسجي | مرچنٽ، ڪراچي | ٻه هزار |
| 6. | جهانگيرجي هورمسجي | مرچنٽ، ڪراچي | هڪ هزار |
| 7. | رامداس مرارجي | مقادم، ڪراچي | هڪ هزار |
| 8. | شونداس چاندومل | ڊپٽي ڪليڪٽر | هڪ هزار |
| 9. | ميٺارام گدومل | ڪراچي | هڪ هزار |
| 10. | فتحچند آتمارام | مرچنٽ، ڪراچي | هڪ هزار |
| 11. | فتحچند ڏيناداس | مرچنٽ، ڪراچي | هڪ هزار |
| 12. | ڏيارام جيٺمل | وڪيل، ڪراچي | هڪ هزار |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 13. | اڌارام مولچند | وڪيل، ڪراچي | هڪ هزار |
| 14. | دولترام چيئمل ۽ بولچند ڏيارام | ڏيارام چيئمل جو پاءُ ۽ پٽ | پنجويهه هزار |
| 15. | ڏيارام گدومل | | هڪ هزار |

(ايسوسيئشن: پن سون کان هڪ هزار ڏيندڙ)

| نمبر | ڏيندڙ جو نالو | سڃاڻپ | رقم(روپيا) |
|---|---|---|---|
| 1. | آلومل ٽيڪمداس | ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر | 300 |
| 2. | اڏومل ڏيوراج اينڊ ڪو | مرچنٽ، ڪراچي | 200 |
| 3. | پونداس همتسنگهه اينڊ براس | حيدرآباد | 250 |
| 4. | بيلارام سچانند | سب جج سيوهڻ | 200 |
| 5. | چوهڙ مل ڪندنمل | سرڪاري وڪيل، حيدرآباد | 500 |
| 6. | چوئٿرام رامچند | نيٽو اسسٽنٽ ڪمشنر | 310 |
| 7. | ڪوارسجي ڊنشا | مرچنٽ، ڪراچي | 250 |
| 8. | ڏيوجي پارپيا | مرچنٽ، ڪراچي | 750 |
| 9. | سردار ديال سنگ | جاگيردار، لاهور | 498 |
| 10. | دولترام صورتسنگهه | سرڪاري وڪيل، | 400 |





| | | | |
|---|---|---|---|
| | | شڪارپور | |
| 11. | ڊونالڊ گراهم اينڊ ڪو | ڪراچي | 250 |
| 12. | فرامجي بهرامجي | ڪانٽريڪٽر، ڪراچي | 300 |
| 13. | گيانچند انوپراءِ ۽ روپچند | حيدرآباد | 500 |
| 14. | ايڇ.اين. بي. ارسڪن | ڪمشنر سنڌ | 500 |
| 15. | هاسا سنگ ڏيونمل | وڪيل، حيدرآباد | 300 |
| 16. | هريرام ڪانچي | مرچنٽ، ڪراچي | 351 |
| 17. | جيونجي پستنجي | ڊباش، ڪراچي | 250 |
| 18. | خوشيرام ٽانورداس | حيدرآباد | 200 |
| 19. | خانچند لڌارام | وڪيل، حيدرآباد | 300 |
| 20. | ڪوڙومل چندنمل | پرنسيپل ٽريننگ ڪاليج، حيدرآباد | 400 |
| 21. | لوڪمنداس هوتچند اينڊ برادرس | حيدرآباد | 890 |
| 22. | لالچند ڪيولرام اينڊ هاسامل | لاڙڪاڻو | 235 |
| 23. | لوٽيندا سنگ | شڪارپور | 225 |
| 24. | مولجي ڇيٽا | مرچنٽ، ڪراچي | 501 |
| 25. | مينگهير سنگ مولچند | وڪيل، حيدرآباد | 300 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .26 | ميان شير محمد شڪراڻي | ٺٽو | 250 |
| .27 | منگهنمل ڪندنمل | وڪيل، حيدرآباد | 250 |
| .28 | مولسنگ اجواڻي | جاگيردار، سکر | 100 |
| .29 | مکي ناراڻداس | مرچنٽ، حيدرآباد | 500 |
| .30 | نديرام بکتا | اوور سيئر، حيدرآباد | 325 |
| .31 | پريتمداس چنداڻي | ايگزيڪيٽوِ انجنيئر | 455 |
| .32 | پنجومل مولچند منسکاڻي | سپروائيزر، حيدرآباد | 200 |
| .33 | ڦڳومل ۽ گدامي | سکر | 275 |
| .34 | رامچند اتمچند | زميندار، حيدرآباد | 250 |
| .35 | رستمجي ٺهڪچند ائنڊ ڪو | مرچنٽ، سکر | 500 |
| .36 | رالي برادرس | ڪراچي | 250 |
| .37 | رامجي لکيمداس ائنڊ ڪو | ڪراچي | 402 |
| .38 | مولجي ڏيوجي | ڪراچي | 250 |
| .39 | لالا تلوڪچند ۽ گيانچند | سيوهڻ | 500 |
| .40 | وليم ووڊبرن | چيف سيڪريٽري، | 250 |





| | | | |
|---|---|---|---|
| | | گورنمينٽ آف بمبئي | |
| .41 | شاپورجي ايچ. سوپاري والا | ڪراچي | 525 |
| .42 | شوقيرام پرڀداس | ڊي.ايف. او. حيدرآباد | 250 |
| .43 | شيوارام ر ڪيومل | ڪراچي | 250 |
| .44 | سهجرام چندومل | دفتردار، ڪراچي | 500 |
| .45 | مکي سکرداس هيرانند | حيدرآباد | 500 |
| .46 | فاربس ائنڊ ڪو | ڪراچي | 250 |
| .47 | تيجومل لکومل | سب جج، حيدرآباد | 200 |
| .48 | تاراچند پوچومل | ڪانٽريڪٽر، ڪراچي | 451 |
| .49 | ٿهلمل ائنڊ ڪو | سکر | 300 |
| .50 | تلجارام ميٺارام | سيوهڻ | 400 |
| .51 | وطڻمل ماڙڪراءِ | سپروائيزر، ٺٽو | 500 |
| .52 | وشنداس نهالچند ۽ هرچند راءِ وشنداس | ڪراچي | 250 |
| .53 | والر ڪوٽ برادرس | ڪراچي | 250 |
| .54 | وزيرمل اتم چند | سب جج | 200 |
| .55 | وليم ورڊز ورٿ | ڪراچي | 250 |
| .56 | واڌومل چنديرام | ٽلٽي | 800 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .57 | مير غلام حسين بجر خان | | 250 |
| .58 | فيروز شاھ پيستنجي | ڊباش، ڪراچي | 500 |
| .59 | گنگارام مولچند | حيدرآباد | 200 |
| .60 | کيمچند جواھري | حيدرآباد | 250 |
| .61 | ٽوپٽداس ڏيارام ۽ ڪندنمل | حيدرآباد | 250 |
| .62 | ٽيڪچند اوڌ وداس | وڪيل، ڪراچي | 200 |
| .63 | گوبند بخش آوتراءِ | وڪيل، سکر | 200 |
| .64 | امرسنگ سيتلداس | سب جج | 550 |
| .65 | سچانند دولترام | وڪيل، حيدرآباد | 300 |
| .66 | ڏيالداس | حيدرآباد | 250 |
| .67 | ڏرمداس شوقتراءِ | سب جج | 200 |
| .68 | نولراءِ شوقيرام | دفتردار، حيدرآباد | |
| .69 | سيٺ دولترام شڪارپوري | حيدرآباد | 500 |
| .70 | مکي چاندومل | حيدرآباد | 500 |
| .71 | ڪنول سنگ | وڪيل، حيدرآباد | 200 |
| .72 | پارومل خوبچند | ڊپٽي ڪليڪٽر، سيوھڻ | 600 |
| .73 | پيسومل ذوقيرام | وڪيل، سکر | 235 |
| .74 | تلوڪسنگ ۽ | پورٽ ٽرسٽ، | 205 |
| | ڏرمسنگ | منھوڙو | |
| .75 | روپچند پيلارام | وڪيل، ڪراچي | 200 |
| .76 | ڏرڳداس بي. آڏواڻي | آرڪيٽيڪٽ | 200 |
| .77 | تولا سنگ ڪي. آڏواڻي | وڪيل، ڪراچي | 200 |
| .78 | پرتابسنگ صاحب سنگ شھاڻي | بار ائٽ لا، ڪراچي | 200 |
| .79 | موتيرام عيدمل | وڪيل، ڪراچي | 200 |





(ميمبر: 50 روپين کان گهٽ چندو نہ ڏنو ويو)

| نمبر | ڏيندڙ جو نالو | سڃاڻپ | رقم |
|---|---|---|---|
| .1 | پيستنجي بي. ڪوٽوالا | ڪراچي | 100 |
| .2 | اين.اين پوچاجي | مالڪ گزيٽ پريس | 100 |
| .3 | نربداس چيتمل | حيدرآباد | 75 |
| .4 | غلام حسين چاڳلا | مرچنٽ، ڪراچي | 125 |
| .5 | ٽي. ھارٽ ڊيويس | ڊسٽرڪٽ جج، ڪراچي | 100 |
| .6 | ٽنڊٽمل | وڪيل، سکر | 150 |
| .7 | شيوارام مولچند | | 50 |
| .8 | تلوڪسنگ | سکر | 100 |
| .9 | ريواچند ڪيملداس | مرچنٽ، ڪراچي | 101 |
| .10 | سامنمل گلامل | ڪراچي | 101 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .11 | هيمنمل ٺاڪرداس | ڪراچي | 101 |
| .12 | آوتراءِ رامچند | ميونسپل آفيس، ڪراچي | 75 |
| .13 | بولچند ڪوڙومل جڳتياڻي | ماستر اين. جي.وي. اسڪول، ڪراچي | 80 |
| .14 | منيرام ڪانسنگ | هيڊ ڪلارڪ، ٿرپارڪر، ڊپٽي ڪمشنر آفيس | 50 |
| .15 | ڏنروپداس منروپداس | | 50 |
| .16 | ليلارام وطڻ مل | سب جج | 125 |
| .17 | تاراچند شوقيرام | هيڊ ماستر، نارمل اسڪول، حيدرآباد | 150 |
| .18 | وشنداس قيمتراءِ | حيدرآباد | 125 |
| .19 | شيرسنگ ٻهارسنگ | زميندار، حيدرآباد | 125 |
| .20 | حاجي وريل | مرچنٽ، حيدرآباد | 100 |
| .21 | گربومل منگھير سنگ | رجسٽرار، سمال ڪازز ڪورٽ | 100 |
| .22 | چاندومل گوپالداس | حيدرآباد ڪليڪٽر جو منشي | 80 |
| .23 | رتنچند لوهاڻا | ٺٽو | 101 |
| .24 | ڏاموڙداس ڪارائي | ٺٽو | 101 |
| .25 | هريداس آسانند | ٺٽو | 101 |





| | | | |
|---|---|---|---|
| .26 | ٺارمل ڪندنمل | حيدرآباد | 101 |
| .27 | پيتامبرداس قسمتراءِ | ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر، شڪارپور | 55 |
| .28 | موٽومل هاسامل ۽ خوشيرام موٽومل | ڪمشنر آفيس، ڪراچي | 59 |
| .29 | ڊبليو. جئمسن | ڪراچي | 100 |
| .30 | مئڪ هنچ ائنڊ ڪو | ڪراچي | 100 |
| .31 | ستومل پڏومل | ڪراچي | 120 |
| .32 | ڪرنل سيمپسن | سپرٽينڊنٽ آف پوليس | 50 |
| .33 | برجوجي نانا ڀائي | ڪراچي | 150 |
| .34 | پنجومل مولچند لالواڻي | سپروائيزر، ڪراچي | 100 |
| .35 | جڳتراءِ | مختيارڪار، سکر | 50 |
| .36 | ڏيئومل رائمل | حيدرآباد | 50 |
| .37 | لوڪومل وطڻمل | حيدرآباد | 50 |
| .38 | گنگارام تلسيداس | حيدرآباد | 100 |
| .39 | واڌومل گنگارام | رجسٽرار، صدر ڪورٽ، ڪراچي | 50 |
| .40 | هرومل رامچند | سپروائيزر | 100 |
| .41 | جوهرمل صوڀراج | زميندار، حيدرآباد | 50 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 42. | چوٿيرام | اڪائونٽنٽ، ڪشمور | 100 |
| 43. | رابرٽ جائلس | ڪليڪٽر | 50 |
| 44. | ايس. ايڊگرلي | بمبئيءَ جي گورنر جو پرائيويٽ سيڪريٽري | 100 |
| 45. | اي. ايچ. فلٽن | اڳوڻو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر، سنڌ | 100 |
| 46. | واڌومل | مختيارڪار، نوشهرو فيروز | 55 |
| 47. | منشي پرمانند | حيدرآباد | 50 |
| 48. | ڪرمچند | ڪانٽريڪٽر، حيدرآباد | 100 |
| 49. | حڪومتراءِ | حيدرآباد | 50 |
| 50. | جئرام نارايڻ | ڪراچي | 51 |
| 51. | آگرا بئنڪ مئنيجر | | 50 |
| 52. | منشي ڌرمداس | حيدرآباد | 70 |
| 53. | ماڌا راو | ڪليڪٽر آفيس، سکر | 75 |
| 54. | وليم لي وارنر | اڳوڻو اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ | 100 |
| 55. | اڌرام | اوورسيئر، لکي | 75 |





| | | | |
|---|---|---|---|
| 56. | نارائڻ سنگ صوپيا سنگ | ڪلارڪ، اين. ڊبليو ريلوي لاهور | 112 |
| 57. | ڪوڏومل | مرچنٽ، سکر | 100 |
| 58. | اوپ داس | وڪيل، سکر | 100 |
| 59. | ڌنراجمل ٺاڪومل | وڪيل، سکر | 50 |
| 60. | ميان عبدالمجيد | زميندار، سکر | 125 |
| 61. | ڪشنسنگ | سکر | 100 |
| 62. | هوتچند | سکر | 125 |
| 63. | ايسرداس | هيڊ منشي، سکر | 50 |
| 64. | مکي ڏيونداس | سکر | 125 |
| 65. | چنديرام | سکر | 100 |
| 66. | خوشحالداس | سکر | 100 |
| 67. | اتمچند | سکر | 50 |
| 68. | خانچند نهالچند | سکر | 100 |
| 69. | سانولداس نهالچند | سکر | 100 |
| 70. | ڪيانتومل | سکر | 100 |
| 71. | پونداس گراٽي | سکر | 50 |
| 72. | سنتومل گهململ | سکر | 150 |
| 73. | جيسومل | ڪلارڪ، ريلوي، سکر | 50 |
| 74. | بينسومل | سکر | 100 |
| 75. | سيتلداس | سکر | 60 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 76. | چنچلداس | سکر | 80 |
| 77. | مولامل | سکر | 121 |
| 78. | نارائڻداس | سکر | 100 |
| 79. | ڪلياڻداس | سکر | 101 |
| 80. | وسيامل | اين. ڊبليو. ريلوي، لاهور | 53 |
| 81. | نراسنگداس | سکر | 100 |
| 82. | دوساپائي | سکر | 100 |
| 83. | پالنجي | سکر | 100 |
| 84. | چندا سنگ | حيدرآباد | 138 |
| 85. | چتامل | پوسٽل ڊپارٽمينٽ، سکر | 75 |
| 86. | فتحچند | وڪيل، سکر | 50 |
| 87. | ڏمٽمل | حضور ڊپٽي ڪليڪٽر آفيس، ڪراچي | 80 |
| 88. | شيوڪرام ڪشنچند | دادو | 100 |
| 89. | چنديرام ڇيتمل | حيدرآباد | 50 |
| 90. | وشنداس | جواهري، حيدرآباد | 125 |
| 91. | منومل | جواهري، حيدرآباد | 75 |
| 92. | ڪٽٽمل | حيدرآباد | 100 |
| 93. | روچيرام چوٿيرام | حيدرآباد | 100 |





| | | | |
|---|---|---|---|
| 94. | بولچند راجومل | حيدرآباد | 75 |
| 95. | پنڊت رامناٿني | حيدرآباد | 100 |
| 96. | اوڌو داس | حيدرآباد | 50 |
| 97. | نرسي ڪاٽائو | ڪراچي | 51 |
| 98. | ڪشور چند | | 101 |
| 99. | فضل محمد ڪينيجاٽي | ڪراچي | 50 |
| 100. | ڊبليو. ايچ. پرائيس | | 100 |
| 101. | ڊبليو. ايس. فورمئن | | 75 |
| 102. | گوبندراءِ سلامتراءِ | سيوهڻ | 70 |
| 103. | گنگارام شامداس | سيوهڻ | 150 |
| 104. | ڏرمداس ڇيلداس ۽ خانچند | سيوهڻ | 62 |
| 105. | روپچند پوهومل | سيوهڻ | 50 |
| 106. | لالا ٿهلرام | سيوهڻ | 50 |
| 107. | بچومل ڏياريومل | سيوهڻ | 105 |
| 108. | رامنومل نارومل | سيوهڻ | 50 |
| 109. | مينگھٽمل ڏياريومل | سيوهڻ | 100 |
| 110. | لکومل واڌومل | سيوهڻ | 75 |
| 111. | ٿانورداس روپچند | شڪارپور | 51 |
| 112. | ٿانورداس ايسرداس | شڪارپور | 51 |
| 113. | سترامداس منگھومل | شڪارپور | 115 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .114 | هشمتراءِ چنديرام | شڪارپور | 101 |
| .115 | چندنمل چيتمل | شڪارپور | 100 |
| .116 | ڏيارام آسانند | شڪارپور | 51 |
| .117 | ٽڪر رامداس ٽانورداس | شڪارپور | 110 |
| .118 | شيوارام لٽيڻداس | شڪارپور | 151 |
| .119 | هريرام سندرجي | ڪراچي | 101 |
| .120 | ڏيونداس تاراچند | شڪارپور | 75 |
| .121 | سوئيارام ٽنڪداس | ڪراچي | 51 |
| .122 | گوڪلداس برجال | ڪراچي | 101 |
| .123 | موٽومل لالچند | سالٽ ڊپارٽمينٽ | 60 |
| .124 | کيمچند پهلاجراءِ | ڪراچي | 100 |
| .125 | دلجيتسنگ ڏاندومل | ميرپور بٺورو | 150 |
| .126 | خداداد خان | مير منشي، ڪمشنر آفيس | 50 |
| .127 | چوئٿرام گرڌرداس | مختيارڪار | 175 |
| .128 | ٽانورداس | وڪيل، حيدرآباد | 90 |
| .129 | سنتسنگ ۽ جوهر سنگ | وئسينيس ڊپارٽمينٽ | 95 |
| .130 | منگهامل ايسرداس | برما | 59 |
| .131 | منشارام وطڻمل | سيوهڻ | 102 |
| .132 | ڏيارام | | 75 |





| | | | |
|---|---|---|---|
| .133 | وڏيرو دادو خان | زميندار | 50 |
| .134 | هيرانند شوقيرام ۽ گپتا | | 100 |
| .135 | واڌمل منسڪاڻي | حيدرآباد | 150 |
| .136 | کيمچند لالواڻي | حيدرآباد | 100 |
| .137 | ڌرمداس گدواڻي | حيدرآباد | 100 |
| .138 | پرمانند جئندراءِ لالواڻي | حيدرآباد | 111 |
| .139 | پارومل وزيرمل | حيدرآباد | 100 |
| .140 | ڏيئلمل | حيدرآباد | 50 |
| .141 | مورجيمل ملڪاڻي | حيدرآباد | 50 |
| .142 | ڪلاچند | حيدرآباد | 50 |
| .143 | درياڻومل | حيدرآباد | 150 |
| .144 | آسنداس | حيدرآباد | 50 |
| .145 | جي. لئمبرٽ | سپرنٽينڊنٽ انجنيئر | 100 |
| .146 | نيپراج | | 100 |
| .147 | ايسرداس | سالٽ ڊپارٽمينٽ | 50 |
| .148 | منگهارام، فتحچند، بولچند ۽ جهمٽمل گدواڻي | حيدرآباد | 100 |
| .149 | گرمکداس ۽ روچيرام | وڪيل، حيدرآباد | 50 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 150. | روچيرام گجومل | سنڌي ٽرانسليٽر | 50 |
| 151. | هاسارام ميٺارام | سپروائيزر | 50 |
| 152. | هاسومل گجومل | مختيارڪار | 50 |
| 153. | ٺاڪرداس تاراچند | حيدرآباد | 50 |
| 154. | سي.اين. ڪانٽريڪٽر | هيڊ ماستر، هاءِ اسڪول حيدرآباد | 100 |
| 155. | فتحچند صاحب سنگ | مختيارڪار | 50 |
| 156. | آسوداسنگ دلسنگ | ڪراچي | 70 |
| 157. | جي.ايف. مرزا | اسسٽنٽ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر | 65 |
| 158. | ڏيئومل هرچندرراءِ | ڪيشئر، بمبئي بئنڪ | 70 |
| 159. | پرمانند هردارام | ڪنزويٽر آفيس | 60 |
| 160. | اچلسنگ ايم. آڏواڻي | وڪيل، حيدرآباد | 60 |

ڪاليج فنڊ ۾ اٽڪل نوي هزار جمع ٿيا. فنڊ ۾ هندو سنڌين ۽ پارسين دل کولي حصو ورتو. ڪيترن ئي انگريز عملدارن ذاتي حيثيت ۾ چندو ڏنو. البته مسلمانن جي هڪ گروهَ، ان جي چندي جي مهم ۾ حصو نه ورتو.

**سرڪاري سطح تي کنيل قدم**





جڏهن ڪاليج کولڻ جي تحريڪ زور ورتو، ته ان وقت سنڌ جي تعليم جي چارج مسٽر هارٽ ڊيويس وٽ هئي، جنهن کي ڪاليج قائم ڪرڻ تي ڪو به اعتراض نه هو. 1882ع ۾ ڪاليج ايسوسيئشن پاران 'انڊين ايجوڪيشن ڪميشن' کي يادداشت نامو موڪلي، ڪراچيءَ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ جي گهر ڪئي. هنن سرڪار کي يقين ڏياريو ته اگر سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪيو ٿو وڃي ته هُو 30,000 روپيا، عوامي چندي مان ڪاليج جي سلسلي ۾ جمع ڪرائيندا. 'انڊين ايجوڪيشن ڪميشن'، دراصل وائسراءِ لارڊ رپن منتخب ڪئي هئي، ته اها هندستان جي مختلف شهرن ۾ اسڪول کان وٺندي ڪاليج قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ پنهنجون سفارشون جمع ڪرائي، سواءِ يونيورسٽين ۽ ٽيڪنيڪل ادارن قائم ڪرڻ جي.(10) سنڌ جي تڏهوڪي ڪمشنر ايچ.اين. بي.ارسڪن کي سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ سرڪاري حمايت ڪئي. مسٽر ارسڪن، اٽڪل نون سالن لاءِ سنڌ جو ڪمشنر رهيو. 1881ع ۾ 'سنڌ سڀا' سنڌ جي پهرين سياسي تنظيم طور ظاهر ٿي هئي. هن تنظيم جي ٺهڻ ۾ مسٽر ارسڪن ڪمشنر جو عمل دخل به هو. هن عوامي خرچ تي ڪاليج کولڻ جي حمايت ڪئي ۽ ڪيس بمبئي سرڪار ڏي ڏياري موڪليو.

5 نومبر 1882ع تي هند سرڪار جي 'انڊين ايجوڪيشن ڪميشن' جي هڪ ذيلي ڪميٽي، جنهن ۾ وليم هنٽر، لي وارنر، اين. جيڪب ۽ جسٽس تيلانگ شامل هئا، انهن سنڌ ۾ ڪاليج جي قيام جي اصولي موقف جي حمايت ڪئي، پر هنن

ڪاليج قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ منظوري ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سندن خيال هو ته جيڪا رقم ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ آڇي وئي آهي، اها گهٽ آهي.(11)

1885ع ۾ جان ليوس جينڪسن کي تعليم کاتي جي اضافي ذميواري ڏني وئي، جيڪا هن هڪ سال تائين هلائي ۽ هڪ رپورٽ پڻ تيار ڪيائين. هن آفيسر سنڌ آرٽس ڪاليج قائم ڪرڻ جي حمايت ڪئي. سر جان ليوس مسلمانن لاءِ سنڌ جي مدرسي جي قيام ۾ پڻ مدد ڪئي. هو اعليٰ تعليم جي ادارن لاءِ قائم ڪميٽيءَ جو سرپرست هو.(12)

نومبر 1885ع ۾، ڪاليج جي نمائندن، 'انڊين ايجوڪيشن ڪميشن' کي يادداشت نامو موڪلي يقين ڏياريو، ته ڪاليج قائم ڪرڻ جي صورت ۾ هُو 75،000 روپين جي رقم ڪاليج لاءِ جمع ڪرائيندا. لي وارنر (سنڌ ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر طور ڪم ڪري چڪو هو)، جيڪو ان وقت بمبئي پريزيڊينسيءَ ۾ ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن هو ۽ سنڌ جي ڪمشنر مسٽر هينري ارسڪن تجويز جي حمايت ڪئي، پر هند سرڪار ڪاليج قائم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. البته، سرڪار واعدو ڪيو ته اگر 'سنڌ ڪاليج ايسوسيئشن' پاڻ ڪاليج قائم ڪندي، ته سرڪار ڪاليج لاءِ 10,000 روپين جي گرانٽ هر سال فراهم ڪندي.(13)

سيپٽمبر 1886ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر هڪ 'گڏيل ڪميٽي' قائم ڪئي، ته جيئن اهو فيصلو ڪجي: 1. ڊوڪٽر ڪٿان اچن، 2. ڪاليج ۾ ڇا پڙهائجي، ۽ 3. عملو ڪهڙو ۽





ڪيترو رکجي. ديوان ڏيارام ڄيٺمل به انهيءَ ڪميٽيءَ جو ميمبر هو. 'سنڌ ڪاليج ايسوسيئشن' کي 1886ع ۾ مختلف گڏجاڻين ۾، مختلف ماڻهن طرفان گهٽ ۾ گهٽ 75,000 روپين جمع ٿيڻ ۽ مختلف لوڪل باڊيز طرفان 11,000 روپين ملڻ جي يقين دهاني ڪرائي وئي.(14)

بےخر آگسٽ 1886ع ۾ هند سرڪار ڪاليج کولڻ جو اصولي فيصلو ڪري ڇڏيو. ان سلسلي ۾ 1886ع ۾، بمبئي جي گورنر لارڊ ري جي خاص سفارش تي مسٽر ايڊورڊ جائلس کي سنڌس تجربي ۽ انتظامي ڪاميابيءَ جي ڪري هڪ سال سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ موڪليو.(15)سيپٽمبر 1886ع ۾، هند سرڪار منظوري ڏيندي اعلان ڪيو ته سنڌ ۾ ڪاليج قائم ٿيندو، جيڪو سرڪار، چندي ڏيندڙ ميمبرن، 'سنڌ ڪاليج ايسوسيئشن' ۽ لوڪل باڊيءَ جي نمائندن جي تعاون سان هلايو ويندو.(16) اهڙيءَ طرح، سيني حصيدارن تي مبني هڪ ڪميٽي جوڙي وئي. 11 آڪٽوبر 1886ع تي ڪميٽيءَ جي پهرين گڏجاڻيءَ ۾ بحث ڪيو ويو، ته ڪاليج ۾ ڪهڙا ڪهڙا مضمون پڙهايا ويندا ۽ ڪهڙو عملو ڀرتي ڪيو ويندو؟ ڪميٽيءَ ۾ هيٺيان ميمبر رکيا ويا:

| نمبر | نالو | سڃاڻپ | عهدو |
|---|---|---|---|
| 1. | مسٽر جي. ايم. ميڪ فرسن | سنڌ جو وقتي ڪمشنر | چيئرمين |
| 2. | مسٽر اِي. سي. ڪينڊي | جوڊيشل ڪمشنر اِن سنڌ | ميمبر |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 3. | ڪرنل آر. ڪرائوفورڊ | ڪليڪٽر ڪراچي | ميمبر |
| 4. | ريونڊ بيمبرج | تعليمي ماهر | ميمبر |
| 5. | خان صاحب فيض محمد فتح علي | | ميمبر |
| 6. | خان صاحب پلانجي آدرجي | | ميمبر |
| 7. | مسٽر ايڊورڊ جائلس | ايجوڪيشنل انسپيڪٽر، سنڌ | سيڪريٽري |

هن گڏجاڻيءَ ۾ ڪاليج جي انتظامي ۽ مالي معاملن هلائڻ لاءِ فيصلا ڪيا ويا. ڊسمبر 1886ع ۾ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ گهرائي وئي، جنهن ۾ ڏيارام ڄيٺمل کي پڻ دعوت ڏني وئي هئي؛ پر هُو غير حاضر رهيو. گڏجاڻيءَ ۾ سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، تہ جيئن پڙهيا لکيا ماڻهو نوڪرين ۾ اچي سگهن.

جولاءِ 1887ع ۾ ايچ.پي. جيڪب کي بمبئي پريزيڊينسيءَ طرفان سنڌ جي تعليم جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو. جيڪو ان وقت ڪنهن بہ آفيسر لاءِ وڏو چئلينج هو. مسٽر ايچ. پي. جيڪب انتهائي محنت ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو. ڊي.جي. ڪاليج جي سڌاري ۾ سندس وڏو ڪردار هو. 1892ع ۾ ڪاليج ۾ ڪيل سندس تقرير "سنڌ گزيٽ" جي 18 آڪٽوبر 1892ع واري شماري ۾ شايع ٿيل آهي. سندس خدمتن جي حوالي سان "اخبار تعليم" ۾ لکيو ويو آهي





تہ:"ڪراچيءَ ۾ ڏيارام ڪاليج جي جاري ٿيڻ کان پوءِ سنت ئي انسپيڪٽر ٿي آيو ۽ سن 1895ع تائين انهيءَ عهدي تي رهيو."(17) سنڌ جي ماڻهن جو طويل جدوجهد ۽ ذاتي ڪوشش سان هڪ آرٽس ڪاليج جي منظوري ٿي، جنهن سنڌ جي تاريخ ۽ معاشري ۾ زبردست انقلاب برپا ڪيو.

**حوالا:**


1. غلام محمد لاکو: "سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو" ، مارئي سماجي سنگت ملير، ڪراچي، 1997ع، ص 173
2. Dayaram Gidumal: "Hiranand- the Soul of Sindh", Trust by Kevalram Dayaram, 1932, p.p. 186, 187
3. ٻلديو گاجرا: "آزاديءَ جي يڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱ"، ٻلديو گاجرا، بمبئي، 1985ع، ص 33
4. مختيار احمد ملاح: "ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ جو سنڌي ادب جي واڌاري ۾ ڪردار"، (مقالو)، تماهي "مهراڻ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2019/4ع
5. خانچند پرتابراءِ: "ديوان ڏيارام ڄيٺمل جو جيون چرتر"، اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد، 1917ع، ص 75،76،77
6. گدومل ڏيارام، (ترجمو: گل محمد عمراڻي): "سنڌي ٻولي" (جرنل)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، جنوري- مارچ 2012ع
7. موتيرام ايس راموڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو"، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1987ع، ص. 112

8. "Sind Gazette", October, 18, 1892, p. 12

9. Prof. L.H. Ajwani: "The Golden Jubilee of the Dayaram Jethmal Sind College, Karachi (1887-1937), The Educational Printing Press, Karachi, 1939, p.p. 65-72

10. H.R. Methon: "History of the Growth and Development of Western Education in Punjab", 1846- 84, p.65

11. "Sind Gazette", October, 18, 1892, p. 12 (Speech of H. P. Jacob, Educational Inspector, Sindh)

12. مختيار احمد ملاح: "ٽويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي"، سنڌ آرڪائيوز ڪراچي، 2019ع، ص 102

13. "Report of Sind Arts College Board for 1887-88", p. 3

14. Dr. Azeemushan Haider: "History of Karachi with Special reference to Educational and Commercial Development (1839-1900)", July 1971, p.134

15. مختيار احمد ملاح: "ٽويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي"، سنڌ آرڪائيوز ڪراچي، 2019ع، ص 510

16. "Commissioner in Sind Record, G.D. file No. 4, Part-III, Vol. II, 1886-92", p. 3

17. ماهوار "اخبار تعليم" ، ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد، جون 1908ع، ص 2





18. گل حسن ڪلمتي: "ڪراچي سنڌ جي مارئي"، نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي، 2014، ص 312

## سنڌ آرٽس (ڊي.جي.) ڪاليج جو قيام ۽ انتظام

بمبئي پريزيڊينسيءَ جي گورنر ڊونالڊ جيمس ميڪي لارڊ ري 17 جنوري 1887ع تي مسٽر شونداس چاندومل سان گڏ، ڪچهري روڊ ۽ بندر روڊ جي گڏجڻ واري هنڌ، نٽائي ڪمپائونڊ ۾ هڪ مسواڙ واري بنگلي ۾ سنڌ آرٽس ڪاليج جو بنياد رکيو. ان موقعي تي سنڌ جو ڪمشنر سر هينري نيپيئر بروس ارسڪن، ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر رابرٽ جائلس، جوڊيشل ڪمشنر اِن سنڌ مسٽر اِي. سي. ڪينڊي، ايجوڪيشنل انسپيڪٽر سنڌ مسٽر ايڊورڊ جائلس، ڪاليج ايسوسيئيشن جا ميمبر، لوڪل باڊيءَ جا ڪي نمائنده، ٻيا اعليٰ عملدار ۽ معزز شهري وڏي تعداد ۾ موجود هئا. جنهن بنگلي ۾ ڪاليج قائم ڪيو ويو، اهو بنگلو ڊپٽي ڪليڪٽرن ديوان شيونداس ۽ ديوان ٽيڪمداس جي ملڪيت هو. ديوان شيونداس ۽ ديوان ٽيڪمداس ٻئي ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ڀائر هئا ۽ ٻئي منشيءَ جي عهدي تان ترقي ڪندي ڊپٽي ڪليڪٽر جي منصب تان رٽائر ٿيا. هنن ڪاليج فنڊ ۾ چندو پڻ ڏنو هو ۽ 'سنڌ ڪاليج ايسوسيئشن' جا بنيادي ميمبر هئا. "موجوده سول اسپتال ڪراچيءَ جي پرسان سندن بنگلو قائم هو، جيڪو هنن ڪاليج جي قيام لاءِ ڪرائي تي ڏنو. ان بنگلي





۾ پهرين ماڙ تي ڪلاس ۽ هيٺ پرنسيپل آفيس هوندي هئي".(1) ياد رهي ته اڳتي هلي ان ساڳئي بنگلي ۾ 'ڪراچي پڪچر هائوس' جوڙيو ويو هو.

### ٽيچنگ ۽ نان ٽيچنگ اسٽاف جي ڀرتي لاءِ اشتهار

انتظام جي حوالي سان 11 آڪٽوبر 1886ع واري سب ڪميٽيءَ جي فيصلي موجب ڪاليج جو پرنسيپل ڪو به انگريز آفيسر رکيو ويندو. پرنسيپل جي مقرري، ٽي.بي. ڪرڪاهم، سينٽرل ڊويزن جي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي سفارش تي ڪئي ويندي. پرنسيپل جي عهدي لاءِ اشتهار ان دؤر جي برطانوي اخبارن ۽ رسالن جهڙوڪ: Times, Engineering, Athenaeum, Naturo ۾ شايع ڪرايو ويو. ڊاڪٽر ايم.آر. وامسلي، ڊي. سائنس (لنڊن) کي پهريون پرنسيپال مقرر ڪيو ويو، جيڪو بنيادي طور انجنيئر هو.(2) ڪاليج جي ٻئي اسٽاف لاءِ ، هندستان جي مشهور اخبارن جهڙوڪ: Bombay Gazette, The Times Of India ۽ Pioneer ۾ اشتهار ڏنو ويو. ڪاليج لاءِ هيٺين اسٽاف مقرر ڪيو ويو:

1. بورجوجي جيمسجي پادشاهه. بي.اي. وائيس پرنسيپل ۽ پروفيسر منطق، اخلاقيات، فلسفو ۽ سياسي معاشيات، پگهار 400 روپيا
2. ڀمپائي جيونجي نائڪ، ايم.اي. پروفيسر مئٿيميٽڪس، پگهار 300 روپيا،
3. ويجنات ڪاشينات راجويد، پروفيسر سنسڪرت ۽ اسسٽنٽ پروفيسر انگريزي، پگهار 250 روپيا
4. محمد جعفر مخلص علي مرزا، پروفيسر فارسي، پگهار 125 روپيا.(3)

دي.جي. ڪاليج جي خوشنصيبي اها هئي، جو ان ۾ ان دؤر جا لکيل پڙهيل ۽ قابل استاد شامل ٿيا. شروع ۾ 1887ع-1888ع ۾ پروفيسرن جو انگ 5 هو، 1897-1898ع ۾ 6 هو ۽ پوءِ اهو تعداد آهستي آهستي وڌندو ويو.پروفيسرن ۾ مسٽر آگسٽس روڊلف ڪروزو 1906ع کان 1909ع تائين ڪاليج ۾ لاطيني پڙهائيندو هو. ننديءَ عمر ۾ سندس وفات ٿي وئي. مسٽر پوچسنگهه گرڊنومل (ديهانت 1938ع)، 1892ع ۾ سنڌ جي تاريخ جو پهريون سائنس جو گريجوئيٽ هو. سياست ۽ وڪالت ۾ به نالو ڪمايائين. مسٽر فرئمر ايدلجي ڊنشا، هن ڪاليج سان وابسته هو. بعد ۾ امپيريل بئنڪ آف انديا جو ڊائريڪٽر بڻيو. تاراچند تلسيداس سوڍا، هن ڪاليج جو پهريون شاگرد هو، جيڪو انگلينڊ ۾ آءِ.سي.ايس. جو امتحان ڏيڻ ويو هو. اهڙيءَ طرح، ٻيا به ڪيترائي استادَ هن اداري سان وابسته رهيا، جن مختلف شعبن ۾ نالو ڪمايو.





### ڪاليج جا شروعاتي شاگرد

ڪاليج جي افتتاح واري ڏينهن تي داخلا وٺندڙ صرف 28 شاگرد هئا. نٿائي ڪمپائونڊ واري عمارت ۾ هيٺ پريويس ۽ بي.اي. جا شاگرد ويهندا هئا. ڪاليج جي آفيس به هيٺ هوندي هئي، جڏهن ته پرنسيپل جي آفيس پهرين منزل تي هوندي هئي. ڪاليج ۾ ڪابه لائبريري ۽ ليبارٽري ڪونه هئي. شروع وارن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر جيڪسن، جيستائين ڪرائي تي بنگلو نه ورتو هو، اهو به ڪاليج ۾ پنهنجي آفيس ۾ ئي رهندو هو. 31 مارچ 1887ع تي شاگردن جو تعداد وڌي 49 تي پهتو. ڪاليج جي پهرين بيچ ۾ ڪوبه شاگرد ننديءَ عمر وارو نه هو. شاگردن جي عمر 20 کان 35 سالن جي وچ ۾ هئي.

ڪاليج جي شروع ٿيڻ سان ئي انتظامي ڪميٽيءَ بمبئي يونيورسٽيءَ سان الحاق ڪرڻ لاءِ گذارش ڪري ڇڏي. اپريل 1887ع ۾ يونيورسٽيءَ صرف پريويس ۽ بي.اي. جي پهرين سال جي شاگردن لاءِ انرولمينٽ جي اجازت جاري ڪئي، پر 1889ع- 1888ع ۾ بي.اي. ۽ بي.ايس.سي. جي سمورن شاگرن جي اجازت ڏئي ڇڏي. هن ڪاليج جي شروعاتي شاگردن ۾ هي نالا اچي وڃن ٿا: بولچند ڏيارام عالمچنداڻي، ليلارام جيٺمل عالمچنداڻي، بصرمل تاراچند، ويڙهومل لوڪومل، چنديرام دولترام، پوهومل پاوناڻي، خوبچند چٿاڻي، دؤرابجي سهرابجي، عبدالقادر عمر خان، آسودومل گلراجاڻي، قيمتراءِ گاگنداس، گدومل جهانگياڻي ۽ ڪي ٻيا. نومبر 1887ع ۾

پهرئين ٽيندڙ بي.اي. (B.A) جي امتحان سال پهرئين ۾ ڪل 17 شاگرد شريڪ ٿيا، جن مان فقط ٽي پاس ٿيا. هتان سڀ کان پهرئين واڌو مل اُڌارام، نومبر 1888ع ۾ بي.اي. (B.A) جو امتحان پاس ڪيو، پهريون مسلمان شاگرد جنهن هتان بي.اي. (B.A) جو امتحان پاس ڪيو اهو يوسف علي مانڊوي والا هو. واڌومل اُڌارام منسکاڻي ڪاليج جو پهريون گريجوئيٽ هو. ڪندنمل لالواڻي پهريون بي.ايس.سي. ڪندڙ هو. مس ماٽلڊا هنٽ پهرين شاگردياڻي هئي. شاگردن جو تعداد وڌڻ سبب اپريل 1889ع ۾ ان کي بندر روڊ تي سنڌي جيمر خاني لڳ، ايدلجي ڊنشا وارن جي هڪ ٻہ ماڙ وڏي بنگلي ۾ منتقل ڪيو ويو. ان دؤران ڪاليج لاءِ پنهنجي عمارت ٺهرائڻ لاءِ ڪوششون جاري رهيون ۽ پيسا جمع ڪيا ويا. سال 1889ع-1888ع ۾ شاگردن جو تعداد 72 هو. 1890ع-1889ع ۾ اهو انگ وڌي 105 تي وڃي پهتو.

**ڪاليج جي موجوده عمارت جو افتتاح:**

ڊي.جي. ڪاليج جي خوبصورت عمارت ڪراچي ميونسپلٽيءَ جي مشهور آرڪيٽيڪٽ جيمس اسٽريچن (James Strachein) ڊزائين ڪئي هئي. رام باغ ڪوارٽرز ۾ ٺهندڙ هن عمارت لاءِ موزائڪ ٽائلز (Mosaic Tiles) بيلجيم مان گهرايا ويا هئا. پهرئين نظر ۾ عمارت کي ڏسندي محل جو تصور ٿئي ٿو. مکيہ گيٽ تي خوبصورت پلرن تي مٿي پيشانيءَ تي گهڙيال لڳل هوندو هو. مٿي گنبذ بہ انتهائي خوبصورت آهي. در ۽





درين تي ڪاٺ جو نفيس ڪم ٿيل آهي. عمارت جي اڏاوت اٽالين نشاط ثانيہ (Italian Renaissance) اسٽائيل تي ٿهيل آهي. ڪٿي ڪٿي سنڌ مدرسي وانگر گوٿڪ طرز اڏاوت جا منظر بہ عمارت ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. عمارت جي پيڙهہ جو پٿر، وائسراءِ هند لارڊ ڊفرن پنهنجيءَ زال ليڊي ڊفرن سان گڏ، 15 نومبر 1887ع تي رکيو هو. ڪاليج جو رخ ڪچهري روڊ ڏانهن آهي، سامهون واري ڊيگهہ 431 فوٽ آهي. مکيہ گيٽ ۽ فٽ پاٿ زمين کان پنج فوٽ مٿي رکيل آهي. مکيہ گيٽ تي 29 فوٽ ڊگها گول ۽ چوڪور پلر آهن، جن عمارت کي وڌيڪ خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي. ڪاليج جو ٿيٽر هال 34x54 فوٽ آهن ۽ 35 فوٽ مٿي هوادار آهن، ڪاليج ۾ 30 ليڪچر روم آهن، پرنسيپل جو بنگلو بہ پٿر جي خوبصورت اڏاوت جو شاهڪار آهي، جيڪو ڪنهن محل کان گهٽ نہ آهي.(4)

هن عمارت جو ٺيڪيدار هڪ مارواڙي سلاوٽي نبي بخش سيسوڊيا هو. جنهن جي نالي سان ڪراچيءَ ۾ هڪ ٽاڻو ۽ روڊ منسوب هو. 1870ع تائين هيءُ علائقو برنس گارڊن جو حصو هو. ڪراچي ميونسپلٽي، ڪاليج عمارت لاءِ مفت زمين مهيا ڪئي، حڪومت بہ هن سلسلي ۾ مالي مدد ڪئي. ڪاليج جي عمارت جو نقشو ڪي.ايم.سي.جي سيڪريٽريءَ انجنيئر جي، اسٽريچن تيار ڪيو، جنهن ڪري ڪاليج جي سامهون واري روڊ جو نالو ’اسٽريچن روڊ‘ رکيو ويو، جيڪو اڄ بہ ان نالي سان سڏجي ٿو. ڪراچيءَ جون ڪيترين ئي مشهور عمارتون مسٽر اسٽريچن جون ڊزائين ٿيل هيون. 16 هزار 485

چورس والن تي موجوده عمارت ڇهن سالن اندر تيار ٿي ۽ 1892ع ۾ ڪاليج هتي منتقل ڪيو ويو. مجموعي طور تي ڪاليج جي عمارت تي 1,86,514 روپيا خرچ آيو هو، جنهن مان سرڪار 193 ,97 روپيا خرچ ڪيو هو“.(5)

ڪاليج جي عمارت جي ڪم جي تڪميل ڪان پوءِ، ان جو افتتاح 15 آڪٽوبر 1893ع تي ڪمشنر سنڌ، ايوان جيمس ڪيو هو. ياد رهي ته مسٽر ايچ.ايم.جيمس (1846ع-1923ع) جي نوڪريءَ جو گهڻو عرصو سنڌ ۾ گذاريو هو. هُو اسسٽنٽ ڪمشنر مان ڪمشنر جي عهدي تي پهتو ۽ سنڌ جو طويل عرصي (1891ع ڪان 1900ع) تائين ڪمشنر رهيو. مسٽر جيمس 1893ع ۾ دي.جي. ڪاليج جي نئين عمارت جي افتتاح جي موقعي تي هڪ شاندار تقرير ڪئي. هن پنهنجيءَ تقرير ۾ سنڌ جي تاريخ سان گڏ، اتساهه ڏيندڙ ڳالهيون پڻ ڪيون، جنهن مان هڪ اقتباس هيٺ ڏجي ٿو:

”اسان ۾ ڪيترائي يورپي آفيسر آهن، جن سنڌ ۾ نوڪري ڪئي آهي، تن کي سنڌ ڏاڍي پياري آهي. سنڌ جي جبل جو دهقاني، جيڪو الپائن جبل جي شڪاريءَ سان ڪلهو هڻي ٿو. هڪ ڏڄندڙ هاري، جنهن جو خريف جو فصل ٻوڏن ناس ڪيو آهي ته به نهايت جوان مرديءَ ۽ همٿ سان مانڙي ڪري انهيءَ نقصان کي وساري سڌو سنئون ربيع جي تياري کي لڳي وڃي ٿو. گڏي (غلام) ڪان وني جت تائينءَ جو اَٽ چاري ٿو ، انگريز آفيسرن ڪان ڳجهو نه آهي. هو انهن سيني ڪلاسن





جي ماڻهن کي سمجهائن ٿا ۽ انهن سڀني جي قدرداني ڪن ٿا ۽ عزت ڪن ٿا. تنهنڪري اسان انگريزن ۾ هي پهاڪو آهي ته ‘Once in Sindh always in Sindh’: يعني: هڪ دفعو جيڪو سنڌ ۾ آيو، ته پوءِ اهو سنڌ جو ٿي ويو يعني هُو سنڌي ٿي ويو.(6)

## سنڌ ڪاليج مئنجمينٽ بورڊ

17جنوري 1887ع تي اڳ قائم ڪيل سب ڪميٽيءَ کي ختم ڪري، نئين سر ’سنڌ ڪاليج مئنجمينٽ بورڊ‘ جوڙيو ويو. جنهن ۾ ايڪس آفيشيو ميمبر، سرڪاري ميمبر، ’سنڌ ڪاليج ايسوسيئشن‘ جي نمائندن ۽ مختلف ميونسپالٽين ۽ لوڪل باڊيز جي نمائندن کي شامل ڪيو ويو. بورڊ جي جوڙجڪ هن ريت هئي:

**ايڪس آفيشيو ميمبر:**

سنڌ جو ڪمشنر (بورڊ جو صدر)، سنڌ جو جوڊيشل ڪمشنر (نائب صدر)، ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر ۽ ڪراچي ڪئنالس جو انجنيئر (ميمبر).

**سرڪار پاران مقرر ڪيل ميمبر:**

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڪراچي ۽ سمال ڪازز ڪورٽ جو جج.

**سنڌ ڪاليج ايسوسيئيشن جا چونڊيل نمائندا:**

اُڌارام مولچند، دولترام چيتمل، ٺهلرام کيمچند وزيراڻي، سيٺ هرچند راءِ وشنداس، آلومل ٽيڪمداس ۽ پستنجي بئرامجي ڪوتوال.

**سنڌ جي ميونسپالٽين ۽ لوڪل بورڊ جا عيوضي:**

واڌومل چنديرام، ڊپٽي ڪليڪٽر ڪراچي (ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو نمائندو)، فيض محمد فتح علي (ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو نمائندو)، نولراءِ شوقيرام، ڊپٽي ڪليڪٽر حيدرآباد (حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو نمائندو)، جي. ايڇ.ائيلن (سکر ميونسپالٽيءَ جو نمائندو)، دولترام صورت سنگهه، پبلڪ پراسيڪيوٽر شڪارپور (شڪارپور ميونسپالٽيءَ جو نمائندو)، پارو مل خوبچند (اپر سنڌ فرنٽيئر ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو نمائندو)، ۽ ڊاڪٽر آر .ايم. وامسلي، پرنسيپل سنڌ آرٽس ڪاليج (صلاحڪار ميمبر ۽ بورڊ جو سيڪريٽري).(7)

1892ع-1891ع ۾ ’سنڌ ڪاليج ايسوسيئشن‘ پڻ پنهنجو پاڻ ختم ٿي وئي ۽ ان سمورا اختيار ڪاليج جي بورڊ جي حوالي ڪري ڇڏيا.

**پرنسيپل جو بنگلو**

ڪاليج جو جڏهن آغاز ٿيو هو، ته پرنسيپل جي رهڻ لاءِ انتظام ڪونه هوندو هو. شروع وارن ڏينهن ۾ پرنسيپل پنهنجي آفيس ۾ ئي رهندو هو، پر جڏهن مينارام هاسٽل تيار ٿي، ته





پرنسيپل پنهنجي لاءِ ڪرائي تي بنگلو ورتو هو. البت ڪي پروفيسر هاسٽل ۾ رهندا هئا. 1915ع ۾ 9000 هزار جي ماليت سان فتح چند آتمارام سئمنگ باٿ به قائم ٿيو. ان سان گڏو گڏ، هاسٽل جي سامهون هڪ بنگلو به تيار ٿيو، جنهن کي ’پرنسيپل جو بنگلو‘ سڏيو ويو. ان بنگلي واري جاءِ تي پهرين ڪرڪيٽ پچ ٺهيل هوندي هئي. بنگلي کي شاندار نموني جوڙيو ويو. هن بنگلي ۾ اندر سڄو ڪاٺيءَ جو ڪم ٿيل آهي. ان زماني ۾ ڪراچيءَ جو خوبصورت بنگلو سڏيو ويندو هو. هن بنگلي ۾ ڪاليج جا پرنسيپل پنهنجي فيملين سان رهندا هئا. هو شام جو يا موڪلن جي ڏينهن ۾ شاگردن جي غير نصابي سرگرمين جو به حال احوال رکندا هئا. مينارام هاسٽل تي رهندڙ شاگردن تي پڻ نظر رکندا هئا. هاسٽل يا ڪاليج جي اندر، موڪلن دوران جيڪي علمي ۽ ادبي سرگرميون ٿينديون هيون، انهن ۾ به حصو وٺندا هئا. هيءُ بنگلو، ٻين لفظن ۾ پرنسيپلن جي ڪئمپ آفيس به هوندي.

ورهاڱي کان پوءِ به هن بنگلي ۾ پرنسيپل رهندا ٿي آيا، پر جڏهن ڪراچيءَ ۾ جهيڙا ۽ فساد وڌيا، ته پرنسيپلن پنهنجي ذاتي گهرن ۾ رهڻ شروع ڪيو. ان دوران، ڊي.جي. ڪاليج انتظاميه پڻ هن بنگلي کي ڪڏهن آفيسن طور، ڪڏهن ڪاپاڙ طور ته ڪڏهن ڪلاسن طور به استعمال ڪيو. هن وقت ان بنگلي ۾، سنڌ جي تعليم ڪاتي پاران سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي ڪيمپ آفيس قائم ٿيل آهي.

**سنڌ ڪاليج مئنجمينٽ بورڊ جون گڏجاڻيون ۽ رپورٽون**

سنڌ ڪاليج مئنيجمينٽ بورڊ جون سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي گڏجاڻيون ٿينديون هيون. خاص موقعن تي ڪيڏيءَ مهل به گڏجاڻي گهرائي ويندي هئي. وقت به وقت ڪاليج مئنيجمينٽ جي ميمبرن ۾ پڻ تبديلي ٿيندي رهندي هئي، جو ته آفيسرن جي مقرري ۽ بدلي ۽ غير سرڪاري ميمبرن جي وفات يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري تبديلي ايندي رهندي هئي. ڪاليج مئنيجمينٽ بورڊ، هر سال پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي رپورٽ تيار ڪندو هو، جيڪي سنڌ سرڪار، توڙي بمبئي سرڪار ڏانهن پڻ موڪليون وينديون هيون. اهو سلسلو 1947ع تائين بغير ڪنهن ناغي جي جاري رهيو. اهڙي قسم جون ڪيترين ئي رپورٽون سنڌ آرڪائيوز لائبريريءَ ۾ اڄ به موجود آهن.


**سنڌ آرٽس ڪاليج جي ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج ۾ تبديلي**

'دي.جي. ڪاليج' جو اڳوڻو نالو 'سنڌ آرٽس ڪاليج' هو، بعد ۾ ان کي ديوان ڏيارام جيٺمل جي نالي سان منسوب ڪيو ويو، جنهن ان جي قائم ڪرڻ لاءِ مالي ۽ روحاني طور پتوڙيو هو. جڏهن ڪاليج جي نالي جي تبديليءَ جو سوال اٿيو، ته پهريائين اڌارام مولچند جو نالو آيو، جيڪو ڏيارام جيٺمل جو دوست هو. ٻنهي گڏجي ڪاليج لاءِ ڪم ڪيو هو، پر ڏيارام جيٺمل جي اچانڪ ديهانت ڪان پوءِ صلاح بيٺي، ته ڪاليج کي ڏيارام جيٺمل جي نالي سان منسوب ڪجي. ان دؤران 'ڏيارام جيٺمل ميموريل ڪميٽي' قائم ڪئي وئي. هن ڪميٽيءَ ۾ موجود





سندس نندي ڀاءُ جيٺمل ۽ سندس پٽ بولچند ڏيارام 17 مئي 1891ع تي سنڌ ڪاليج بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ 25 هزار روپيا چندو ان شرط تي ڏيڻ تي راضپو ڏيکاريو، ته ڪاليج جو نالو سندس والد ڏيارام جيٺمل سان منسوب ڪري 'ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج' رکيو ويندو. بورڊ سندن آڇ منظور ڪئي. سنڌ سرڪار اهڙيءَ آڇ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ جي گورنر ڏانهن سفارش ڪندي موڪليو، ته سنڌ آرٽس ڪاليج جو نالو دي.جي. ڪاليج رکيو وڃي. 8 ڊسمبر 1891ع تي بمبئي سرڪار هڪ اطلاعات نامو (Notification) جاري ڪندي لکيو ته. "بمبئي سرڪار کي 'سنڌ آرٽس ڪاليج' جو نالو تبديل ڪري ڏيارام جيٺمل 'سنڌ ڪاليج' رکڻ ۾ ڪو به اعتراض ڪونهي."



*Colleges.*

Sind Arts College to be called "The Dayaram Jethmal Sind College."

No. 2533

EDUCATIONAL DEPARTMENT.

Bombay Castle, 8 December 1891.

Memorandum from the Acting Commissioner in Sind, No. 3884, dated the 23rd October 1891—Submitting a letter No. A.C.-165, dated 9th October 1891, from the Honorary Secretary, Sind Arts College Board, and stating that on the death of Mr. Dayaram Jethmal, his friends and admirers, in order to mark their appreciation of his labours in promoting education and to commemorate his name in a fitting manner, collected Rs. 35,000 of which Rs. 25,000 have been contributed by Mr. Daulatram, a brother of Mr. Dayaram, and Mr. Balchand Dayaram on the following conditions :—

"I.—That the sum of money said to be the greater part of Rs. 10,000* already paid by the friends of Mr. Dayaram Jethmal by way of a memorial to him be obtained by the College Board and augmented as a Memorial Fund for perpetuating the memory of Mr. Dayaram Jethmal by the addition of our Rs. 25,000 to it.

*The amount paid up to date and credited to the College Board is Rs. 7,779-4-6.

"II.—That the College, *i.e.* the institution, be henceforth called "The Dayaram Jethmal College" or "Dayaram Jethmal Sind College" instead of the "Sind Arts College."

"III.—That in the event of its being found impracticable at any time hereafter from any cause to carry on the College as at present, and in the event of the College changing its status or scope the name of Mr. Dayaram Jethmal shall be applied in *perpetuum* to that educational institution, which, Government may determine should be carried on instead of the present College according to the stipulation made by the Sind College Association on the subject of the future ownership of the building, towards the cost of which Government have contributed."

Requesting that, as the Honourable Mr. Oodharam Mulchand and the College Association have formally agreed to the College being called "The Dayaram Jethmal Sind College," the change of name as well as the donor's conditions may be approved.

Report from the Director of Public Instruction, No. 4828, dated the 19th November 1891.—Stating, with reference to Government memorandum No. 2327, dated the 10th November 1891, that, as all the Societies and individuals concerned are agreed, there is no objection to the change of name; that the third condition simply says that if the Sind Arts College is ever closed or ceases to be an Arts College, Government shall have power to determine what institution in place of it should be called "The Dayaram Jethmal College;" that the Sind College is no more likely to drop the arts course or to close than the Elphinstone College is; and that there is no objection to the power reserved to Government.

RESOLUTION.—The Governor in Council has no objection to the College being called "The Dayaram Jethmal Sind College" and to the conditions mentioned.

Secretary to Government.

To

The Commissioner in Sind,
The Director of Public Instruction,
The Accountant General, Bombay.





## ڊي.جي. ڪاليج ۾ شاگردن لاءِ وظيفا ۽ اسڪالرشپون

جنهن دؤر ۾ ڊي.جي. ڪاليج يا سنڌ مدرسو قائم ٿيو، ان دؤر ۾ سنڌ ۾ تعليم عام ڪونہ هئي. گھڻن شاگردن جي والدين جي سگھہ بہ ڪانہ هوندي هئي، تہ پنهنجي ٻارن کي ڳوٺن مان شهرن ڏي موڪلين. صرف ڪي وڏن ماڻهن جا ٻار ئي تعليم حاصل ڪري سگھندا هئا. جيئن تہ ڊي.جي. ڪاليج جي جوڙيندڙن کي خبر هئي تہ سنڌي ماڻهن لاءِ ممڪن ناهي تہ هُو ذاتي خرچ تي ٻارن جي رهائش، ڪتاب، ڪاڏي پيتي ۽ ٻين خرچن جو پورائو ڪري سگھن، ان ڪري هنن شروع کان ئي ٻارن لاءِ وظيفن ۽ اسڪالرشپين جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. ان سلسلي ۾، ڪاليج جي اندر 'اسڪالرشپ فنڊ' قائم ڪيو ويو هو، تہ جيئن مستحق ۽ هوشيار شاگردن جي اعليٰ تعليم ممڪن ٿي سگھي. ان حوالي سان سرڪاري، ڪاليج ۽ شخصي ڪوششون شامل هونديون هيون. اهو ئي سبب آهي تہ ڊي.جي. ڪاليج نہ صرف اميرن جي ٻارن کي مٿي آندو، پر غريبن جا ٻار پڻ وڏن مرتبن تي پهتا. شاگردن جي همت افزائيءَ لاءِ نقد انعام اڪرام ۽ ميڊلن جو بہ بندوبست هوندو هو.

سڀ کان اول ڪاليج ۾ سرڪاري سطح تي Sind Scholarship قائم هوندو هو، جيڪي هوشيار ٻار، ڪراچي کان ٻاهر جا هوندا هئا ۽ سٺن نمبرن ۾ امتحان پاس ڪندا هئا، تہ انهن کي ميٽرڪ يا ميٽرڪ کان مٿي، ان اسڪالرشپ مان مدد ڪئي ويندي هئي ۽ سندن ڪتابن، اسڪول/ ڪاليج فيس ۽ ٻئي خرچ ۾ مدد ٿيندي هئي. هن اسڪالرشپ جو اشتهار هر

سال اخبارن ذريعي عام ڪيو ويندو هو ۽ شاگردن ڪي مقابلي جي امتحان ڪان پوءِ، صرف ٻن شاگردن ڪي اهل سمجهي داخلا ڏياري ويندي هئي. اهڙيءَ طرح 'ميڪلئڊ ميموريل اسڪالرشپ فنڊ' پڻ قائم هو.

اسان ڪي خبر آهي ته ڊي.جي. ڪاليج ۽ سنڌ مدرسي جو سفر گڏ شروع ٿيو هو. مدرسو، صرف ميٽرڪ تائين تعليم مهيا ڪندو هو. جيڪي مسلمان شاگردَ مدرسي تائين پهچندا هئا، اهي ميٽرڪ تائين پڙهي پوندا هئا. سرنديءَ وارا شاگردَ علي ڳڙهه هليا ويندا هئا. غريب ۽ هوشيار شاگرد ڊي.جي. ڪاليج جي خصوصي اسڪالرشپ لاءِ جاکوڙيندا هئا. باقي، ميٽرڪ ڪري،ننڍين ننڍين نوڪرين تي گذارو ڪندا هئا. نتيجو اهو نڪتو ته سنڌي مسلمانَ، هندو شاگردن جي ڀيٽ ۾ اعليٰ تعليم ۾ پوئتي رهجي ويا. شروع ۾ چند مسلمان شاگرد هئا، جن بي.اي. جو امتحان پاس ڪيو هو. ان مسئلي ڪي ڏسندي، ڊي.جي. ڪاليج جي بورڊَ مسلمان شاگردن جي لاءِ الڳ اسڪالرشپ مقرر ڪئي، ته جيئن وڌ ۾ وڌ شاگرد ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. اهو ئي سبب آهي، جو ڊي.جي. ڪاليج ۾ ويهين صديءَ جي شروعات ڪان مسلمان شاگردن جو اضافو ٿيندو ويو. ڊي.جي. ڪاليج پاران مسلمان شاگردن جي سهائتا لاءِ، ڪجهه وڏيرن ڪان به هر سال ڊونيشن وٺي، اسڪالرشپون ڏنيون وينديون هيون.

سنڌ ۾ جيڪي ڪمشنر ڪم ڪري ويندا هئا، انهن جي نالن سان به ڪي اسڪالرشپون منسوب هونديون هيون. جن ۾ 'ايلس اسڪالرشپ'، 'ميڪسول ميلول پرائيز'، 'ارسڪن ميموريل





پرائيز'، 'جيمس اسڪالرشپ'، 'ريو پرائيز' ۽ ٻيون شامل آهن. اهڙيءَ طرح 'بمبئيءَ يونيورسٽي اسڪالرشپ' هوندي هئي، جيڪا بمبئيءَ ۾ تعليم جي سلسلي ۾ مدد ڪندي هئي. 'لارڊ منٽو اسڪالرشپ' اعليٰ تعليم جي حوالي سان اهم هئي. سڀ ڪان وڏي اسڪالرشپ 'دڪشڻا اسڪالرشپ' هوندي هئي، جيڪا گهٽي ۾ گهٽ شاگردن ڪي ملندي هئي 'دڪشڻا' سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻڌ ازم، هندو ازم، سک ازم ۽ جين جي ادب جي لاءِ چندو، وظيفو يا مدد ڪرڻ. هيءَ اسڪالرشپ، هندو واپارين ۽ عملدارن جي مدد سان 'اسڪالرشپ فنڊ' ۾ جمع ٿيندي هئي، جنهن مان شاگردن جي تعليم جي حصول جي سلسلي ۾ مالي مدد ڪئي ويندي هئي. ڇوڪرين جي سلسلي ۾ اسڪالرشپ ڪان سواءِ وظيفو پڻ ڏنو ويندو هو. جيڪي ڇوڪريون ڪاليج تائين پهچنديون هيون، انهن جي مالي مدد پڻ ڪئي ويندي هئي.

ڪجهه اسڪالرشپون ۽ پرائيز، ڪجهه ماڻهن پنهنجي ذاتي نالي سان به منسوب ڪرايا هئا، جن ۾ 'لالچند هاسانند پرائيز'، 'گاگنداس رانگليداس اسڪالرشپ'، 'ايدلجي ڊنشا پرائيز' وغيره اهم آهن. ڪجهه اسڪالرشپون خصوصي طور تي علائقائي ۽ مذهبي بنيادن تي ڏنيون وينديون هيون، جن ۾ 'سر فرينڪ سوتر اسڪالرشپ' صرف مسلمان شاگردن ڪي ملندي هئي، 'وردز ورٿ اسڪالرشپ' ادب ۽ تاريخ تي ملندي هئي، 'اي.ايم.ڊي. خوجا ٽيسٽيمونئل اسڪالرشپ' خوجا ڪميونٽيءَ جي شاگردن ڪي ملندي هئي. 'ڪڇ ميموريل اسڪالرشپ' صرف ڪڇ جي شاگردن لاءِ مخصوص هوندي هئي. 'سر ڊنشا ايم.

پريت اسڪالرشپ‘ صرف سائنس جي شعبي ۾ ڏني ويندي هئي. ڪجهه پارسي شاگردن لاءِ الڳ فنڊ رکيل هو. ڏيارام گدومل جي والد جي ياد ۾ سنسڪرت جي ترقيءَ لاءِ الڳ اسڪالرشپ رکيل هوندي هئي. مطلب ته شاگردن جي سهولت لاءِ مختلف نوعيت جون ڪيترين اسڪالرشپون، پرائيز، ايوارڊ ۽ ميڊل رکيل هوندا هئا. جن سان هوشيار ۽ محنتي شاگردن جي حوصلي افزائي ٿيندي هئي. فنڊ وڌائڻ جي سلسلي ۾، ڪاليج ۾ مختلف فڪنشن ۽ ڊراما اسٽيج ڪري، سخي مڙدن کي گهرائي، چندي لاءِ اپيلون ڪيون وينديون هيون، ته جيئن شاگردن جي سهائتا ۾ آساني ٿئي. ڪاليج جي فارغ التحصيل شاگردن پاران ’Old Boys Association‘ قائم ڪيل هئي، جنهن جا قائم ڪندڙ پرنسيپل شهاڻي ۽ مسٽر روپچند بيلارام هئا. هن آرگنائزيشن ڪيترائي فنڪشن ڪرايا ۽ شاگردن جي حوصله افزائيءَ لاءِ انعام ۽ ايوارڊ به ڏنا. مختلف موقعن تي ڪاليج جي ترقيءَ لاءِ فنڊ جمع ڪري ڪاليج جي حوالي ڪيا. هي آرگنائزيشن پاڪستان جي قيام کان پوءِ به هلندي رهي.

ورهاڱي کان پوءِ شروع وارن سالن ۾ سرڪاري سطح تي ۽ ڪجهه خانگي سطح تي شاگردن جي مدد لاءِ ڪي پروگرام ٿيا. پر پوءِ آهستي آهستي، اهڙو رجحان ختم ٿيندو ويو.

**ورهاڱي کان اڳ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جا پرنسيپل**

شروع ۾ انگريز پرنسيپال مقرر ٿيندا هئا. جن مان گهڻن جو واسطو تعليم کاتي سان هوندو هو. ڏٺو وڃي ته انهن تعليم ۽ غير نصابي سرگرمين تي تمام گهڻو ڌيان ڏنو. سندن





انتظام، نظم ۽ ضبط پڻ تمام گهڻو سخت هوندو هو. 1927ع کان پوءِ مقامي سنڌي پروفيسرن کي پرنسيپل جو منصب ملڻ شروع ٿيو. اهي پڻ انتهائي قابل، اڪابر ۽ عالم هئا. هتي سيني پرنسيپلن جي لسٽ ۽بنيادي معلومات ڏجي ٿي:

**ڊاڪٽر آر. ملينيڪسس وامسلي (1887ع-1888ع)**

سنڌ ڪاليج جو پهريون پرنسيپل هڪ انگريز ڊاڪٽر رابرٽ ملينيڪسس وامسلي (1854ع-1924ع) هو. جيڪو بنيادي طور انجنيئر هو. اڳتي هلي، ڪيس احساس ٿيو ته هُن آرٽس ڪاليج ۾ اچي غلطي ڪئي آهي. هو ڪاليج جي پرسان هڪ هوٽل ۾ رهندو هو. ڪيس اطمينان هو ته سندس نائب پرنسيپل، پروفيسر پادشاه هڪ لائق ماڻهو آهي. هو صرف هڪ سال تائين رهي، انگلنڊ روانو ٿيو، جتي نارٿمٽن پوليٽيڪنڪ جو سربراهه بڻيو.

**ڊاڪٽرموسسز جان جيڪسن (1888ع کان 1896ع ۽ 1898ع کان 1905ع)**

ڊاڪٽر وامسلي جي وڃڻ کان پوءِ، ڪاليج جي بورڊ فيصلو ڪيو ته ڪاليج جي عملي لاءِ قابل استاد مقرر ڪيا ويندا ۽ پرنسيپل ڪوبه انگريز آفيسر هوندو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر جيڪسن کي مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر موسسز جان جيڪسن (1858ع-1923ع) ڪاليج آف لنڊن ۽ سينٽ جان ڪاليج آڪسفورڊ مان تعليم حاصل ڪئي هئي. انگلينڊ ۾ سندس

تعليمي خدمتن ڪي ڏسندي، ڪيس 1888ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ڪيو ويو ۽ 1905ع تائين ان عهدي تي رهيو.

سندس دؤر ۾ وائيس پرنسيپل پادشاهه ئي رهيو. هنن ٻنهي ڏينهن رات محنت ڪري ڪاليج ڪي مضبوط تعليمي ادارو بڻايو. سندن دؤر ۾ ڪاليج تمام گهڻي ترقي ڪئي. 1896ع ۾ ڊاڪٽر جيڪسن ڪي ڊگهي موڪل سبب ڏيهه ورڻو پيو. انصاف ۽ سينائرٽي جي تقاضا هئي ته پروفيسر پادشاهه ڪي اضافي چارج ڏني وڃي. پر، بورڊ فيصلو ڪري، سنڌ جي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مسٽر هيسڪيٽ ۽ جيوٽجي نائڪ يمياٽيءَ ڪي اضافي چارج ڏني. ٿوري عرصي ۾ پروفيسر پادشاهه نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي بمبئي روانو ٿي ويو. 1898ع ۾ ڊاڪٽر جيڪسن واپس آيو ۽ 1905ع تائين خدمتون سرانجام ڏنائين.

هُو ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ڪٽنب سميت رهندو هو. هتي ڪيس اولاد پيدا ٿيو هو. شهر جي سماجي ۽ ادبي خدمتن ۾ حصو وٺندو هو. ڪيس ڊرامي سان به شوق هوندو هو. انگريزن پاران قائم ڪيل ڊرئميٽڪ سوسائٽين ۾ ڪم ڪندو هو. هن ڪاليج جي باقي اسٽاف سان ويهي رٿ جوڙي، ته چو نه وڏيڪ رقم حاصل ڪرڻ لاءِ ڊرئميٽڪ سوسائٽي قائم ڪئي وڃي، جنهن سان ڊراما اسٽيج ڪري ٽڪيٽ تي ڏيکاريا وڃن. اها رٿ سيني ڪي پسند آئي. پر هتي اسٽيج ڊرامي جو رواج ڪونه هو ۽ اهو به ٽڪيٽ تي ڏيکارڻ جو بلڪل نئون تجربو هو. پر، سندس





اهو تجربو تمام گهڻو ڪامياب رهيو. سندس ئي دؤر ۾ اپريل 1887ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ هن ڪاليج ڪي بي.اي. (پربويس) ۽ بي.اي. (فائنل) جي پڙهائڻ جي منظوري ڏني. 1889ع-1888ع ۾ يونيورسٽيءَ بي.ايس.سي. ۽ بي.اي. فائنل جي امتحانن جي منظوري به ڏئي ڇڏي. ڪاليج انتظاميه ٿوري عرصي ۾ قانون جا ڪلاس به شروع ڪري ڏنا، پر بمبئي يونيورسٽيءَ انهن جي اجازت نه ڏني. بهرحال، 1890ع ۾ قانون جي ڪلاسن جي منظوري اچي وئي. 1888ع ۾ انجنيئرنگ جا ڪلاس پڻ حيدرآباد مان ڪراچي آٽي، هن ڪاليج ۾ شروع ڪيا ويا. ياد رهي ته اهي ڪلاس اڳ ۾ شروع ئي ڪراچي ۾ ٿيا هئا.(8)

ڊاڪٽر جيڪسن جي نالي سان ڪراچي ۾ جيڪسن مارڪيٽ مشهور ٿيو.هو ڪرسچن مشينريءَ پاران ڊسپينسري به هلائي چڪو هو. جنهن ۾ مريضن جو مفت علاج ڪيو ويندو هو. جيڪسن 1886 ڪان سنڌ ۾ يونيورسٽيءَ لاءِ لِک پڙهه شروع ڪئي، پر بمبئي سرڪار ان ڏانهن ڪو ڌيان نه ڏريو.

**پروفيسر بي. جي پادشاهه (1864ع-1941ع)**

بورجوجي جيمسجي پادشاهه، بي.اي. ڪي 1887ع ۾ ڪاليج جو وائيس پرنسيپل ۽ پروفيسر منطق، اخلاقيات، فلسفو ۽ سياسي معاشيات مقرر ڪيو ويو. هو بنيادي طور بمبئيءَ جو باشندو هو. بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج مان گريجوئيٽ هو . تقرير جي فن تي ڪيس عبور حاصل هو. ڊي.جي. ڪاليج جي غير نصابي سرگرمين جي ذميواري به سندس ذمي هوندي هئي.

هن ڪاليج ۾ ’لارڊ ري ميموريل لائبريري‘ پنهنجي ذاتي جاکوڙ سان قائم ڪئي. ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن جي رهائش لاءِ ميٺارام هاسٽل ۾ به سندس ئي ڪردار آهي. ڪاليج ۾ ’ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ‘ جو بنياد به هن صاحب وڌو.(9)

شخصي طور تي پروفيسر بي.جي. پادشاهه نهايت رحمدل انسان هو. هو گوشت ۽ مڇي نه واپرائيندو هو. ڪراچيءَ ۾ سائيڪل تي گهمندو هو ۽ ٽانگي جي ويجهو به نه ويندو هو. ڇو جو هو گهوڙي کي لڪڻ سان مار کائيندي ڏسي نه سگهندو هو. پيرومل مهرچند لکيو آهي ته ”اگر پروفيسر بي.جي. پادشاهه ڪنهن ڪم سانگي حيدرآباد ويندو هو، ته گدو بندر مان گهوڙي گاڏيءَ ۾ ڪين چڙهندو هو ، چوندو هو ته گاڏي وارا بيقياسيءَ سان گهوڙن کي ڇهبڪ هڻن ٿا ۽ اها ڳالهه مون کان سٺي نه ٿي ٿئي. انهيءَ سبب گدو بندر مان ڪو مزور ڪندو هو، جنهن کان پنهنجي ’بيگ‘ ٿيلهو ۽ ننڍڙو هلڪو بسترو مٿي تي کڻائيندو هو. ان لاءِ هڪ روپيو مزوري ڏيندو هوس! مزور سان گڏ، پاڻ پيادو، لڪڻ لوڏيندو حيدرآباد ويندو هو.(10)

ڪاليج ۾ ميٺارام هاسٽل قائم ڪرڻ ۾ به سندس اهم ڪردار هو. ان سلسلي ۾ هُو ڏيارام گدومل جي وڏي ڀاءُ ميٺارام گدومل کان هاسٽل لاءِ 15 هزار روپين جو چندو وٺي آيو. هن جي ڪوشش سان ڪاليج ۾ ڊرئميٽڪ سوسائٽي قائم ٿي. 1861ع





۾ ڪراچيءَ مان جڏهن انجنيئرنگ ڪلاس ختم ڪري حيدرآباد منتقل ڪيا ويا هئا، ته پروفيسر پادشاهه جي تجويز ۽ صلاح تي ڊي.جي. ڪاليج جو پرنسيپل ڊاڪٽر جيڪسن، جيڪو خود به انجنيئر هو، اهي ڪلاس 1888ع ۾ حيدرآباد مان ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ آندا ويا. پروفيسر پادشاهه جي ڪوشش اڳتي هلي رنگ لاتو ۽ هڪ الڳ انجنيئرنگ ڪاليج قائم ٿيو.

پروفيسر پادشاهه شروع کان ئي ڪاليج جو وائيس پرنسيپل هو. جڏهن به پرنسيپل موڪل تي ويندو هو، ته هو صاحب انچارج پرنسيپل تي ڪاروبار هلائيندو هو. 1893ع ۾ هن ڪجهه مهينا ڪاليج کي هلايو. ڪاليج جي بورڊ کي اها ڄاڻ هوندي هئي ته پروفيسر پادشاهه ڪاليج جو ڪاروبار ۽ انتظام چڱيءَ ريت هلائيندو. ڪاليج جي مالي حالت سڌارڻ ۾ به سندس وڏو هٿ هو. 1896ع ۾ ڪاليج جي پرنسيپل پروفيسر جيڪسن جي بدلي ٿي وئي ۽ اصولي طور تي ڪاليج جي چارج پروفيسر پادشاهه جي حوالي ڪرڻ بدران مسٽر هيسڪيٿ کي ڏني وئي. جنهن تي پروفيسر پادشاهه سخت احتجاج ڪندي استعفا ڏني. پر بورڊ جي خواهش تي ڪجهه وقت لاءِ نئين پرنسيپل جي مدد لاءِ ترسي پيو. ٿوري عرصي بعد هن سنڌ کي الوداع ڪيو ۽ بمبئيءَ ۾ ٽاٽا انسٽيٽيوٽ ۾ نوڪري ڪيائين. جتي پڻ شاندار خدمتون سرانجام ڏنائين. هتي هن کي مختلف ملڪن گهمڻ جو موقعو پڻ مليو. ٽاٽا انسٽيٽيوٽ کي به هن بين الاقوامي سطح تي آندو. هو 1931ع

تائين خدمتون ڏيندو رهيو. ۽ اتي اڄ بہ سندس نالو اداري جي ليجنڊ طور ياد ڪيو وڃي ٿو. جڏهن 20 جون 1941ع تي سندس ديهانت ٿيو، تہ ڊي.جي. ڪاليج جي بورڊ هڪ گڏجاڻي ڪئي ۽ پروفيسر پادشاهہ جي خدمتن جي ساراهہ ڪئي وئي ۽ سرڪار کان گهر ڪئي ويئي، تہ ڪراچيءَ ۾ هڪ روڊ پروفيسر پادشاهہ جي نالي ڪيو وڃي.(11)

**مسٽر مارش هيسڪيٽ (1896ع کان 1898ع ۽ 1905ع کان 1906ع)**

مسٽر هيسڪيٽ، ٻہ دفعا ڪاليج جو پرنسيپال ٿيو. هو بنيادي طور تي سنڌ ۾ تعليم کاتي جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هو. مجموعي طور تي اڍائي سال کن ڪاليج ۾ رهيو. سندس زماني ۾ ڪاليج جي ترقيءَ لاءِ ڪافي ڪم ٿيا، پر سخت ۽ مغرور ماڻهو هجڻ جي ڪري ٽيم ورڪ ناهي نہ سگهيو. 1906ع ۾ کيس ڊي.جي. ڪاليج مان بدلي ڪري هڪ دفعو ٻيهر سنڌ جي تعليم جي ذميواري ڏني وئي. سنڌ مان کيس بدلي ڪري بمبئيءَ ۾ ڊائريڪٽر انسٽرڪشن مقرر ڪيو ويو.

**جيوٽجي نائڪ پمپاٽي**





جيوٽجي پمپاٽي، مئٿيميٽڪس جو پروفيسر هو ۽ ٻين جي ڀيٽ ۾ سينيئر هو. ان ڪري کيس ڪاليج جي پرنسپيل جي اضافي چارج ڏني ويندي هئي. ان سلسلي ۾ هو 1902ع-1907ع ۽ 1908ع ۾ اضافي چارج تي ڪجهہ مهينن لاءِ پرنسيپل رهيو.

**مسٽر ايڇ.پي. فيئريل (1908ع-1916ع)**

مسٽر ايڇ.پي. فيئريل (وفات 1916ع) آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان پڙهي انڊين ايجوڪيشنل سروس جو آفيسر بڻيو. بنيادي طور تي تاريخ ۽ فلسفي جو پروفيسر هو. سندس ڪتاب "An introduction to Political Philosophy" 1917ع ۾ شايع ٿيو. مسٽر ايڇ.پي. فيئريل 1908ع کان 1916ع تائين ڪاليج جو پرنسيپال رهيو. هن جي دؤر ۾ مقامي پروفيسرن کي اڳ جي ڀيٽ ۾ گهڻو اڳتي آندو ويو ۽ نوان ليڪچرر مقرر ڪيا ويا. 1916ع ۾ نوڪريءَ دؤران ڪراچيءَ ۾ سندس وفات ٿي.(12)

**مسٽر اي.سي. ملر (1917ع-1918ع)**

مسٽر آرٿر ڪونگرو ملر (ايم.اي)، بنيادي طور تي انڊين ايجوڪيشنل سروس جو آفيسر هو. 1916ع ۾ جڏهن مسٽر ايڇ.پي. فيئريل وفات ڪئي، تہ ان وقت هو ڪاليج جو وائيس پرنسيپل هو. ان ڪري کيس پرنسيپل جي واڌو چارج ڏني وئي. 1918ع ۾ کيس جنگ جي خاص ڊيوٽيءَ طور مدراس موڪليو ويو. ڪجهہ سالن کان پوءِ کيس سنڌ واپس گهرائي

ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو. سنڌ مان بدلي ٿيڻ کان پوءِ راجڪوٽ ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ڪيو ويو هو.(13)

**مسٽر ايس. سي. شهاڻي (1918ع-1927ع)**

صاحبسنگهه چندا سنگهه شهاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هن بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج مان انگريزي ادب ۾ ايم.اي. پاس ڪئي. هيءُ پهريو سنڌي هو، جنهن 1891ع ۾ M.A جو امتحان پاس ڪيو هو. ان کان علاوه، هُو پهريون سنڌي هو، جنهن کي 1896ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو. هو ڪاليج جي ميگزين (مسليني) جو ايڊيٽر پڻ رهيو. اڳتي ترقي ڪندي، 1918 کان 1927ع تائين ڪاليج جو پرنسيپل رهيو. عورتن جي تعليم لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪيائين ۽ پنهنجي سيني نياڻين کي تعليم ڏياريائين. سنڌ جي تعليم جي ترقيءَ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي. ڪاليج ۾ 'لٽرري ۽ ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ' وسيلي تمام وڏي پيماني تي مقابلا ڪرائڻ ۾ سندس اهم ڪردار آهي.(14) ڊي.جي. ڪاليج جي مسليني به سندس دؤر ۾ عروج تي پهتل هئي، جنهن ۾ پاڻ به انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ مضمون لکندو هو. سندس دؤر ڪاليج جي عروج جو دؤر هو. موتيرام.ايس.راماڻي لکي ٿو ته: ”پرنسيپل ايس.سي. شهاڻيءَ جي ڪوشش سان، 1922ع ۾ انجنيئرنگ ڪاليج (ڊگري ڪلاس وارو) قائم ٿي سگهيو. انجنيئرنگ ڪاليج، پارسي دانوير جي نالي پٺيان اين.اي.ڊي (نادر شا ڊنشا) سول انجنيئرنگ





ڪاليج سان سڏجڻ ۾ آيو. 1926ع ۾ لا ڪاليج کوليو ويو. ڪاليج جو نالو شهاڻي لا ڪاليج رکيو ويو.(15)

سنڌ جي مشهور سياسي اڳواڻ محمد ايوب کهڙي جي حوالي سان، ڊاڪٽر حميده کهڙو لکي ٿي ته: ”جان محمد صاحب کهڙي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته محمد ايوب کي تعليم جاري رکڻ کپي ۽ زمين سنڀالڻ جو وقت اچا پوءِ ايندو. ان وقت ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جو پرنسيپل هڪ اهڙو فولادي شخصيت وارو نهايت قابل انسان ايس.سي.شهاڻي هو، جنهن جهڙو پرنسيپل ان ڪاليج کي وري ڪو ورلي نصيب ٿيو هوندو. هُو خود هڪ زميندار هو ۽ بعد ۾ جڏهن وري وائسراءِ جي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو، تڏهن هو سياستدان به بڻجي ويو. هيءُ ئي هو جنهن اهو نظريو پيش ڪيو ته سنڌ ۾ قائم ٿيندڙ سکر بئراج جي تعمير وقت سنڌ ۾ پنهنجن مڪاني انجنيئرن جي جيڪا ضرورت پوندي، تنهن لاءِ اڳواٽ ئي سنڌ ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جو وجود ضروري آهي. پوءِ سندس ئي ڪوشش سان اين.اي.ڊي. انجنيئرنگ ڪاليج 1922ع ۾ برپا ٿيو.1926ع ۾ ڪراچي ۾ لا ڪاليج جو باني به اهو ئي هو، تنهن ڪري ان ڪاليج جو نالو ئي 'ايس.سي. شهاڻي ڪاليج' رکيو ويو هو.(16)

سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ ايس.سي. شهاڻيءَ سرگرمي ڏيکاري. ان سلسلي ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي تاريخ لکندڙ پروفيسر ايل.ايڇ.اجواڻيءَ موجب، ”سنڌ ۾ يونيورسٽي قائم ڪرڻ شهاڻيءَ جو خواب هو، جيڪو هُو ڏينهن جو به ڏسندو هو. ان لاءِ هن گذريءَ واري پاسي زمين به ڏني هئي. هن ان رٿا تي تمام

گهٽو ڪم بہ ڪيو هو. هن ڊي.جي. ڪاليج بورڊ ۽ بمبئي سرڪار کان منظوري بہ ورتي ڇڏي هئي. پر يونيورسٽيءَ لاءِ تجويز ڪيل زمين جو اگهہ مناسب نہ هئڻ سبب ان تجويز تي عمل نہ ٿي سگهيو.(17) ايس.سي. شهاڻيءَ جي دؤر ۾ 1922ع ۾ انجيئرنگ ڪاليج ۽ 1922ع ۾ لا (قانون) ڪاليج قائم ٿيڻ سان، ڊي.جي. ڪاليج جي قاعدن ۾ انتظامي تبديلي ڪئي وئي ۽ ڪاليج اندر هڪ ٻيو بورڊ قائم ڪيو ويو، جيڪو ڪاليج جي انتظام کي هلائيندو هو. هُو بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ’سنڌيءَ‘ جو ممتحن هو. سندس ئي ڪوشش سان 1924ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ بي.اي. جي سطح تائين ’سنڌيءَ‘ کي نصاب ۾ آندو ويو. پاڻ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ’سينيٽ‘ جو ميمبر ۽ ’سنڌي بورڊ آف اسٽڊيز‘ جو چيئرمين ٿي رهيو. سندس رٽائرمينٽ تي ڪاليج طرفان سندس مان ۾ شاندار الوداعي پارٽي ڪئي وئي هئي ۽ ڊي.جي ڪاليج مسلينيءَ طرفان سندس شان ۾ نمبر جاري ڪيو ويو هو.

**اين .بي. ٻٽاڻي (1927ع-1943ع)**

نارايڻ ڀالچند ٻٽاڻي (1883ع-1971ع) سنڌي ٻوليءَ جو ليکڪ ۽ وڏو تعليمدان هو. جيڪو سيوهڻ ۾ ڄائو. سندس اصل نالو ديوان صورترام ٻٽاڻي هو. 1900ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين، جنهن ۾ سنڌ ۾ پهريون ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ٻيو نمبر آيو. 1904ع ۾ بي.اي ۽ 1906ع ۾ ايم.اي. جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. شروع ۾ دکشڻا فيلو مقرر ٿيو.





انهيءَ بعد ’ڪئمبرج ڊپلوما ان ايجوڪيشن‘ حاصل ڪيائين. ڪراچي ڪاليج مان سنڌ اسڪالرشپ، وائسراءِ ميڊل، ارسڪن ميموريل پرائيز ۽ ايدلجي ڊنشا پرائيز کٽيائين.(18)

پير علي محمد راشديءَ سندس شخصيت جي باري ۾ لکيو آهي تہ، ”ٻٽاڻي صوفين جو طالب هوندو هو. سائين نصير جلالاڻن واري جو فقير ۽ ڀاڳ واري سائين رڪيل شاهہ جو معتقد هو. ڪيس بہ فقيريءَ جو ڪو انگ مليل هو. چهرو شانتي ۽ قلبي اطمينان جو آئينو هوس. اکين ۾ اهڙي چمڪ جهڙي مون ورلي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي اکين ۾ ڏٺي. تمام ٿورو ڳالهائيندو هو. ڌيمي آواز ۽ رازدارانہ لهجي ۾. مون سندس وٽان ڪڏهن ڪنهن انسان جي گلا ڪانہ ٻڌي. تعليم جي معاملي ۾ سنڌين جي تقريباً هڪ پيڙهيءَ کي فيض بخشيائين. سندس ڪا تصنيف منهنجين اکين اڳيان ڪانہ آئي. شايد سارو توجهہ روحاني معاملات ۽ تعليم طرف رهيس. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ پاڻ بمبئي لڏي ويو. پر ان کان پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن مرشدن جي زيارت لاءِ هيڏانهن اچي نڪرندو هو. هڪ ڳالهہ مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي. سندس موجودگيءَ ۾ هر اهل دل سڪون محسوس ڪندو هو. حليو هيءُ تہ بت ۾ ڇڙڪ، قد ڊگهيرڙو، ڪلين شيو، بند گلي سان نندو ڪوٽ ۽ پتلون، ٻئي سادڙا کدر جا. مٿو اگهاڙو، وارن کي ڦٽي ڪا نہ. پر اڪثر تيل لڳل.(19)

1907ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ فزڪس جو اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ڪيو ويو ۽ پوءِ پروفيسر. 1916ع ۾ ڪاليج جو

وائيس پرنسيپل بڻيو. پرنسيپل شهاڻيءَ جي رٽائرمينٽ تي 1927ع ۾ ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ٿيو ۽ ڊاڪٽر ايڇ.ايم. گربخشاڻي هن سان گڏ وائيس پرنسيپل مقرر ٿيو. سندس دؤر ۾ ڪاليج تمام گهڻي ترقي ڪئي. سندس ئي دؤر ۾ ڪاليج جي گولڊن جوبلي انتهائي اهتمام سان ملهائي وئي. هن رام ڪرشنا پرمهنس جي سوانح حيات بابت ڪتاب ”شري رام ڪرشنا جي حياتيءَ جو ذڪر“ لکيو، جيڪو 1936ع ۾ ڇپيو. هي صاحب بمبئي يونيورسٽيءَ جو فيلو، بورڊ آف اسٽڊيز ان سنڌيءَ جو چيئرمين، بورڊ آف اسٽڊيز ان فزڪس ۽ مئٿميٽڪس جو ميمبر، ائڪدمڪ ڪائونسل جو ميمبر پڻ رهيو. رٽائرمينٽ ڪان پوءِ، ايس.ايم. سائنس ڪاليج ۾ ڪلاس وٺندو هو.

**ڊاڪٽر ايڇ. ايم. گربخشاڻي (1943ع-1944ع)**

سنڌي ٻوليءَ جي نالي واري عالم، تعليمدان ۽ ماهر لطيفيات ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. 1905ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي. ۽ 1907ع ۾ ولسن ڪاليج بمبئي مان ايم.اي. پاس ڪيائين. 1928ع ۾ انگلينڊ مان پي.ايڇ.ڊي.جي. ڊگري وٺي آيو. ڊي.جي. ڪاليج ۾ فارسي ۽ انگريزيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. ان ئي ڪاليج ۾ 1927ع ۾ وائيس پرنسيپل ۽ 1940ع ۾ ڪاليج جي آرٽس فئڪلٽيءَ جو ڊين مقرر ٿيو. هن جي ڊين ٿيڻ سان پهريون دفعو ڪاليج ۾ آرٽس ۽ سائنس فيڪلٽين کي الڳ ڪيو ويو. ڪاليج جي پرنسيپل مسٽر ٻتاڻيءَ سان سندس تعلق ڪشيده





رهندا هئا. 7 آگسٽ 1943ع تي مسٽر ٻتاڻي رٽائر ٿيو، ته ڊاڪٽر ايڇ.ايم. گربخشاڻيءَ کي پرنسيپل مقرر ڪيو ويو. هن پنهنجي دؤر ۾ غريب شاگردن لاءِ پروگرام ڪرايا ۽ ناٽڪ اسٽيج ڪرايا. سندس دؤر ۾ تعليمي سرگرمين سان گڏ، رانديون ۽ ادبي پروگرام به عروج تي پهتل هئا. 8 مارچ 1944ع تي هن جي نوڪريءَ مان رٽائرمينٽ ٿي، پر سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي عيوض سرڪار ڪيس ٻن سالن لاءِ نوڪريءَ ۾ توسيع ڏني ۽ ڪيس ڪاليج جو پروفيسر ۽ وائيس پرنسيپل طور جاري رکيو ويو. فيبروري 1947ع ۾ نوڪريءَ دؤران سندس ديهانت ٿي ويو.(20) سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

**ڊاڪٽر جي.وي. لاڪاڻي (1944ع-1947ع)**

ڊاڪٽر جهمتراءِ وشنداس لاڪاڻيءَ جو جنم 1891ع ۾ ٿيو. 1907ع ۾ ڪاليج ۾ داخل ٿيو ۽ ارسڪن ايوارڊ کٽيائين. 1911ع ۾ بي.ايس.سي. ۽ 1916ع ۾ ايم.ايس.سي. جو امتحان امتيازي نمبرن ۾ پاس ڪيائين. 1919ع ۾ ڪاليج ۾ ڪيمسٽريءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. ايڊن برگ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ. ڊي ڪري آيو. ڪيمسٽريءَ جي سبجيڪٽ ۾ ڪجهه ڪتاب ۽ ڪيترائي مضمون لکيائين. 1944ع کان 1947ع تائين ڪاليج جو پرنسيپل رهيو.(21)

**ڊي. ٽي. ماڙيوالا (1947ع-1948ع)**

ورهاڱي کان اڳ، آخري پرنسيپل مسٽر ڌرمداس ٽيڪچند ماڙيوالا رهيو. سندس جنم 1888ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو، پر سندس وڏن جو تعلق سيوهڻ سان هو. پروفيسر سي.ايل.

ماڙيوالا سندس سوٽ هو. 1908ع ۾ بي.اي. جو امتحان پاس ڪيائين. 1910ع ۾ تاريخ ۾ ايم.اي. سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪري دڪشڻا فيلو بڻيو. 'پريويس' امتحان ۾، يونيورسٽيءَ ۾ انگريزيءَ ۾ پهريون نمبر اچڻ ڪري، ڪيس هگلنس پرائيز مليو . شروعات ۾ پنجاب جي ڪاليج ۾ هسٽري جو پروفيسر مقرر ٿيو. 1914ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ هسٽريءَ ۽ ايڪنامڪس جو ليڪچرر مقرر ٿيو ۽ 1916ع ۾ ڪيس ترقي ڏئي پروفيسر مقرر ڪيو ويو. 1947ع ۾ ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ٿيو. ورهاڱي سبب، ڪجهه مهينا ڪاليج جو ماحول تمام گهڻو رخني جو شڪار رهيو. هو 1948ع جي شروع وارن مهينن ۾ هندستان لڏي ويو. سندس دؤر ۾، پروفيسر تلومل آڏواڻي وائيس پرنسيپل هو.

**حوالا:**


1. "Sind Gazette, October, 18", 1892, p. 12
2. Dr. Azeemushan Haider: "History of Karachi with Special reference to Educational and Commercial Development (1839-1900)", July 1971, p.135
3. "Report of Sind Arts College Board for 1886-87", p.10
4. گل حسن ڪلمتي:"ڪراچيءَ جون عمارتون"، نئون نياپو، ڪراچي، 2020ع، ص 156
5. "Karachi Gazetteer", 1927, p.31







6. علاءُ الدين محمد يونس: "سنڌڙي جو وساريل ورق"، اطلاعات کاتو، سيپٽمبر 1948ع، ص 105
7. موتيرام ايس رامواڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو" (جلد پيو)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص. 89، 90
8. Dr. Azeemushan Haider: "History of Karachi with Special reference to Educational and Commercial Development (1839-1900)", July 1971, p.139
9. مختيار احمد ملاح: "ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 250، 251
10. پيرومل مهرچند آڏواڻي: "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1996ع، ص 167، 168
11. مختيار احمد ملاح: "ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 251
12. Prof. L.H. Ajwani: "The Golden Jubilee of the Dayaram Jethmal Sind College, Karachi (1887-1937), The Educational Printing Press, Karachi, 1939, p.132
13. Same, p. 132
14. مختيار احمد ملاح: "اٽويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي"، سنڌ آرڪائيوز ڪراچي، 2019ع، ص 163
15. موتيرام ايس. رامواڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو" (جلد پيو)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص. 94

16. ڊاڪٽر حميده کهڙو: ”محمد ايوب کهڙو“، (ڇاپو ٻيو)، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2006ع

17. Prof. L.H. Ajwani: "The Golden Jubilee of the Dayaram Jethmal Sind College, Karachi (1887-1937)", The Educational Printing Press, Karachi, 1939, p.135

18. موتيرام ايس رامواڻي: ”سنڌ ۽ اسان جو ورثو“ (جلد ٻيو)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص. 194

19. پير علي محمد راشدي: *”ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ پرنسيپل بناڻي“* (ڪتاب ”اُهي ڏينهن اهي شينهن)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ص - 538

20. Prof. L.A. D' Souza: "D.J. Sindh College Miscellany", June 1947, p.3

21. Prof. L.H. Ajwani: "The Golden Jubilee of the Dayaram Jethmal Sind College, Karachi (1887-1937)", The Educational Printing Press, Karachi, 1939, p.149




ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

## ورهاڱي کان اڳ ڪاليج جا پرنسيپل




ڊاڪٽر ايم. آر. وامسلي



ڊاڪٽر جيڪسن



جي. بي. پادشاهه



مارش هيسڪيٽ




ايڇ . پي. فيئريل



اي.سي . ملر



ايس. سي. شهاڻي




اين .بي. بٽاڻي



ڊاڪٽر ايڇ. ايم. گربخشاڻي



جي.وي. لاڪاڻي



ڊي. ٽي. ماڙيوالا



پروفيسر تلومل آڏواڻي

## ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جا اڏيندڙ

ڊي.جي. ڪاليج جي قيام سان سنڌ ۾ تاريخ ئي بدلجي وئي ۽ سنڌي سماج، سياست، علم ۽ ادب ۾ روشن خيالي شروع ٿي. سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جي جڙڻ ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو وڏو هٿ آهي. هن اداري کي برپا ڪرڻ لاءِ تمام وڏا جتن ڪيا ويا، جن ۾ ڪيترين شخصيتن جو ڪردار آهي، پر اسان هتي صرف چند اهم شخصيتن جو مختصر ذڪر ڪنداسين:

**ڏيارام ڄيٺمل عالمچنداڻي (1845ع- 1887ع)**

سنڌ جي تاريخ ۾ ٻه ڏيارام مشهور آهن ۽ ٻنهي جو تعلق ڊي.جي. ڪاليج سان ٻه جڙيل آهي، انهن مان پهريون ڏيارام ڄيٺمل آهي، جنهن جي نالي سان ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي خوبصورت عمارت سنڌ جي تعليم جي ترقيءَ جي هڪ علامت بڻي بيٺي آهي ۽ ٻيو ڏيارام گدومل آهي، جنهن پس پرده ويهي ڊي.جي. ڪاليج جي مشڪل مشن کي ممڪن بڻايو ۽ سندس نالي سان حيدرآباد وارو ڪاليج منسوب ٿيو.

آنربل ڏيارام ڄيٺمل عالمچنداڻيءَ جو جنم 1845ع ۾ حيدرآباد جي هڪ غريب گهراڻي ۾ ٿيو. ٿهلرام آسودومل لکي ٿو ته، ”ديوان ڏيارام اصل غريب ڪٽنب جو ڇوڪرو هو. اڻ هوند ۽ غريبيءَ ڪري، جيڪي اهنج سختيون ڏسڻيون پونديون

آهن، سي هن ڏنيون. سندس حياتيءَ جو پهريون پاڱو لاهين چاڙهين سان ڀريل هو. سندس پيءُ ديوان چيتمل هڪ ننڍي مير جان محمد وٽ منشي هو ۽ پوءِ انگريز سرڪار جي سنڌ فتح ڪرڻ تي ڪراچي ضلعي ۾ تپيدار ٿيو.“(1)

ديوان ڏيارام چيتمل، شروعاتي تعليم آخوند وٽ حاصل ڪئي. بعد ۾ جڏهن حيدرآباد ۾ سرڪاري اسڪول قائم ٿيو ته ان ۾ داخل ٿيو. هن انگريزي سکڻ ۾ تمام گهڻي دلچسپي رکي، جيڪا ئي سندس ڪاميابيءَ جو سبب بڻي. سندس شمار انهن شاگردن ۾ ٿئي ٿو، جيڪي سڀ کان پهرين ميٽرڪ جو امتحان ڏيڻ بمبئيءَ ويا هئا. موتيرام رامواڻي لکي ٿو ته، ”بمبئي موٽي اچڻ کان بعد، ڏيارام ڪراچيءَ جي سمال ڪاز ڪورٽ ۾ عريضي نويسيءَ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. انهيءَ زماني ۾، ڪراچي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جو جج مسٽر سي.اي. مڊيلٽن هو. هو انگريزي تعليم جي ڦهلاءَ ۾ چڱي دلچسپي وٺندو هو. هوشيار شاگردن کي نوڪريون ڏيندو هو. ڏيارام جي هوشيارپ ۽ قابليت ڏسي کيس هيڊ ڪلارڪي ڏنائين. ان دؤران، هن قانون جي ڪتابن جو تمام گهڻو مطالعو ڪيو ۽ پنهنجي ڀرپور ڄاڻ وڌائي. ان دؤر جي وڏي وڪيل آتمارام خوبچند، ڏيارام جي هوشياريءَ ۽ قابليت جي وصفن کي ڏسي ۽ پروڙي کيس صلاح ڏني، ته آفيس مان موڪل وٺي هن وٽ وڪالت جو ڪم سکي. هو آتمارام وٽ وڪالت جي تياري ڪرڻ لڳو. وڪالت جي امتحان ۾، ڏيارام کي 85 سيڪڙو مارڪون مليون. امتحان



دي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

پاس ڪري، ڪورٽ جي نوڪري ڇڏي، آتمارام جي آفيس ۾ وڪالت جو ڪم شروع ڪيائين. آتمارام، جڏهن وڪالت جو ڌنڌو ڇڏي واپار ۾ گهڙيو، ته وڪالت جو سمورو ڪاروبار ڏيارام کي سونپيائين.“(2)

ديوان ڏيارام چيتمل وڪالت جي ڪم ۾ ايترو ته مشهور ٿي ويو جو سڄيءَ سنڌ ۾ سندس ڌاڪو ڄمي ويو. ايتري قدر جو ڪراچي شهر جا يورپي واپاري، انگريز بئريسٽرن کي ڇڏي، هن وٽ ايندا هئا. هن وڪالت مان تمام گهڻو ناڻو ڪمايو. هندن جي ڀلائيءَ ۽ سيوا لاءِ ڪيترائي پروگرام شروع ڪيائين. حيدرآباد ۾ ڇوڪرين جو اسڪول قائم ڪيائين. سنڌ جي تاريخ جي پهرين جماعت ’سنڌ سڀا‘ قائم ٿي، ته ان جو صدر ٿي رهيو. سنڌ سڀا جي پليٽ فارم تان، هن سنڌ ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ حصو ورتو ۽ چندا گڏ ڪيا. 1884ع ۾ جڏهن ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي ميمبرن جي سليڪشن ٿي، ته کيس وائيس پريزيڊنٽ رکيو ويو، ڇو ته پريزيڊنٽ هميشه ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر ٿيندو هو. 1885ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس قائم ٿي، ته ان ۾ ’سنڌ سڀا‘ جي پليٽ فارم تان شامل ٿيو.

ڏيارام چيتمل ڪاليج جي قيام جي سلسلي ۾ سندس ڪردارُ صرف چندي جي حد تائين محدود نه هو، پر هن ذاتي طرح هر پليٽ فارم تان ڪاليج جي قيام ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ ان جي قيام کي ممڪن بڻايو. ڪاليج جي قيام جي پهرين ئي سال 21 ڊسمبر 1887ع تي ديهانت ڪري ويو. ان دؤران

'ڏيارام ڄيٺمل ميموريل ڪميٽي' قائم ڪئي وئي. هن ڪميٽيءَ ۾ موجود دولترام ڄيٺمل ۽ بولچند ڏيارامَ 17 مئي 1891ع تي سنڌ ڪاليج بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ 25 هزار روپيا چندو ان شرط تي ڏيڻ تي راضپو ڏيکاريو، ته ڪاليج جو نالو سندن والد ڏيارام ڄيٺمل سان منسوب ڪري 'ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج' رکيو ويندو. بورڊ سندن آڇ منظور ڪئي ۽ اڄ تائين هي ڪاليج 'ڏيارام ڄيٺمل' جي نالي سان منسوب آهي.

**ڏيارام گدومل شهاڻي (1857ع- 1927ع)**

سنڌ آرٽس (بعد ۾ ڊي.جي.) ڪاليج جي قيام ۾ ڪيترن ئي سنڌ جي سڄڻن جو هٿ هو، پر انهن سڀني ۾ بنيادي ڪردار ڏيارام گدومل جو به آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته. "ڏيارام شهاڻيءَ جي جيون چرتر جو جيڪڏهن باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪجي ته معلوم ٿيندو ته هن سرڪاري ملازم هئڻ جي ڪري پاڻ پردي پٺيان رهي، سنڌ ۾ سماجي سڌارن، نئين سجاڳيءَ جي لهر ڦهلائڻ ۽ سنڌ ۾ تعليم جي ڦهلاءَ جي ڪيتر ۾ تمام اهميت ڀريو رول ادا ڪيو. سندس ڪوشش سان 1887ع ۾ ڪراچيءَ ۾ 'ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج' (D.J Sindh College) برپا ٿيو. هن جي ادم سان ئي 1882ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ 'سنڌ سڀا' قائم ٿي، جنهن سنڌ ۾ سياسي ۽ سماجي سجاڳي آڻڻ سان گڏوگڏ تعليم ۽ ساهت جي اوسر ۾ به گهڻو اهم ڪم ڪيو."(3)





سنڌ ۽ هند جو مشهور سماجي خدمتگار ۽ قانوندان، رشي ڏيارام گدومل 30 جون 1857ع تي منشي گدو مل جي گهر ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. جيڪو پاڻ به وڏو سخي مرد هو. ابتدائي تعليم سنڌ مان وٺڻ بعد هن بمبئيءَ مان ميٽرڪ، بي.اي. ۽ ايل.ايل.بي. جا امتحان امتيازي نمبرن سان پاس ڪيا. ايلفنسٽن ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران استاد ۽ شاگرد سندس قابليت سبب کيس گهڻو چاهيندا هئا. گريجوئيشن بعد هي پهرين سيڪنڊ ڪلارڪ طور نوڪريءَ ۾ گهڙيو. بعد ۾ هندستان جي سمال ڪورٽس جو جج مقرر ٿيو. ان کان اڳ هو صدر ڪورٽ ڪراچيءَ ۾ رجسٽرار ۽ بمبئي سول سروس جو ميمبر به رهيو. 1911ع ۾ کيس ڊسٽرڪٽ سيشن جج طور ترقي ملي.(4) 15 مئي 1885ع کان 1886ع تائين ڏيارام کي اسسٽنٽ ڪليڪٽر جو عهدو ڏيئي. کيس سنڌ جي جاگيردارن ۽ پٽيدارن جي رڪارڊ ٺاهڻ جو ڪم سونپيو ويو. ڏيارام ڏينهن رات محنت ڪري مغلن کان ميرن واري دوَر تائين ڊلن جي سرشتي جو اڀياس ڪري، هڪ وڏو ڪتاب لکي تيار ڪيو.

سنڌ ۾ جديد تعليم برپا ڪرڻ ۾ هن کان وڌيڪ ڪو ٻيو شخص پيدا نه ٿيو آهي. 1884ع ۾ 'سنڌ ٽائيمس' نالي سنڌيءَ ۾ هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪيائين، جنهن ۾ ماڻهن جي ترقيءَ لاءِ مضمون لکندو هو. ديوان ڏيارام ڇوڪرين جي تعليم جو به زبردست حامي هو. هن 'پيپلز بئنڪ' ۽ 'سنڌ هندو پراويڊنٽ فنڊ' جو بنياد وڌو. مطلب ته خلق جي ڀلائيءَ لاءِ چڱا

ڪم سندس مالي مدد مان شروع ٿيندا هئا. ديوان صاحب دل ۽ جان سان انهن جي مدد ۽ حوصلي افزائي ڪندو هو.(5)

سنڌ ۾ هڪ آرٽس ڪاليج قائم ڪرڻ ڏيارام گدو مل جي زندگيءَ جو مقصد بڻجي چڪو هو. ان دؤران هو 'سنڌ سڀا' ۾ به مصروف رهيو ۽ سنڌ سڀا کي به ان مقصد لاءِ ڪتب آندائين. 1885ع ۾ سنڌ آرٽس ڪاليج جي قيام لاءِ بمبئي، مدراس ۽ بنگال پريزيڊنسين ۾ "ڪاليجي تعليم ۽ ان جا اثر ۽ سنڌ ۾ آرٽس ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ گذارش" جي سري هيٺ هڪ يادداشت نامو لکي، تعليم کاتي جي انچارج 'هارٽ ڊيويس' ڏانهن موڪليائين. هن ڪتابڙي ۾، هُن مثالن سان ان وقت جي تعليمي ۽ سماجي صورتحال کي بيان ڪيو ۽ ڪاليجي تعليم

جي اهميت بيان ڪندي، سنڌ ۾ آرٽس ڪاليج جي منصوبي جهڙي تجويز ڏني. ڪاليج جي قيام لاءِ چندا گڏ ڪيا. پروفيسر شيوارام ڦيرواڻيءَ موجب، ڏيارام به سولو هٽڻ وارو ڪونه هو. چيائينس: پئسن کان توهين ڇُٽا؛ مان دادي ميٺارام (ڏيار رام گدو مل جو وڏو ڀاءُ) جي مدد وٺندس. لکپڙهه کان به توهين ڇُٽا؛ اها به مون پاڻ تي کنئين. رڳو اسان سان ٻتُ تي ويهجو.(6)

ساڌو هيرانند کي اڪيڊمي اسڪول (حيدرآباد) برپا ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڪيائين. 1917ع ۾ حيدرآباد واري ڪاليج جي پيڙهه جو پٿر رکيو ويو .20 جون 1919ع تي ڪاليج کولڻ جو باقاعده اعلان ڪيو ويو. ڏيارام گدومل، پنهنجي ڀاءُ جي نالي



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

تي جيڪو 'ميٺارام ڌرمادا ٽرسٽ' قائم ڪيو هو. ان مان هڪ لک ڏيئي ڪاليج کولايو ويو. جيڪو ديوان صاحب جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

"ديوان ڏيارام هزارين روپيا خرچ ڪري پنهنجي سرڳواسي پتا جي يادگيريءَ ۾ سنسڪرت پاٺ شالا حيدرآباد ۾ کولي، جتي سون جي تعداد ۾ برهمڻن ۽ ٻين سنسڪرت وديا پڙهي لاڀ حاصل ڪيو. هن صاحب ديوان ميٺارام نالي هڪ ٽرسٽ قائم ڪيو، جنهن جو مقصد هو ته شاگردن کي اسڪالرشپن ۽ درسگاهن جي امداد سان تعليم جو چراغ روشن ڪيو وڃي. ان کان علاوه، مسٽر ڏيارام ميڊيڪل امداد ۽ زالن جي تعليم کي پکيڙڻ لاءِ اسڪالرشپ جو بندوبست ڪيو. ان ڪم لاءِ هڪ فنڊ مختص ڪيو، جنهن مان 'گدومل سنسڪرت پاٺشالا'، 'گرلس اسڪول'، 'ساڌو آشرم حيدرآباد'، 'ڪراچي سينٽرل لائبريري'، 'هوميو پيٿڪ لائبريري'، 'شيوا ڪنج اسٽوڊنٽ هوم' ۽'گشتي هوميو پيٿي اسپتال' شامل آهن.(7)

ڏيارام گدو مل ڪيترائي سنڌي ۽ انگريزي ڪتاب لکيا، جن ۾ ساڌو هيرانند جي سوانح تي "Sadhu Hiranand: A Humble Soul" شامل آهي. "Something about Sindh" ۾ شاهه لطيف جي باري ۾ تفصيلي مضمون لکيل آهي. سندس ٻين ڪتابن ۾ "جپ صاحب (1891ع)، "سري ڀڳوت گيتا" (1893ع)،"سري يوگ درشن" (1903ع)، "گيتا جو سار"، "ڪبير جا سلوڪ" ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌي ۽ انگريزي ڪتاب شامل آهن. ديوان ڏيارام گدومل 5 ڊسمبر 1927ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

**ديوان اڌارام مولچند (1847ع-1915ع)**

ديوان اڌارام مولچند جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس پتا مولچند جا پنج پٽ هئا: ديوان پارومل، ديوان ٿهلرام، ديوان اڌرام، ديوان پنجومل ۽ ديوان عيدنمل. ديوان اڌارام جو سفر ديوان ڏيارام ڄيٺمل سان شروع ٿئي ٿو. پاڻ ٻئي تمام گهرا دوست هئا. شروع کان گڏ پڙهيا هئا. جنهن زماني ۾ ڏيارام ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ڪراچيءَ ۾ ڪلارڪ هو، ته هن اڌارام کي به اتي ئي نوڪري وٺي ڏني هئي. اڳتي هلي، ٻنهي گڏجي ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي ۽ تمام گهڻو ڪمايو.(8)

هو وڪالت سان گڏوگڏ تمام وڏو واپاري به هو. ڪراچي جيل (هاڻوڪي سٽي ڪورٽ عمارت) کان ڊينسو هال تائين، بندر روڊ تي هن جا دوڪان هئا ۽ سندس گهر به هتي ئي هو. اڌارام مولچند 1877ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر ٿيو. هو پنهنجي محنت ۽ عوامي خدمت ڪري، جنوري 1891ع کان 15 ڊسمبر 1891ع تائين، هڪ سال لاءِ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو صدر رهيو. هو پهريون مقامي سنڌي هو، جيڪو ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو هو. ديوان اڌارام مولچند کي اهو اعزاز به حاصل آهي ته هو سنڌ جو پهريون شخص هو، جيڪو 'بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل' ۾ ميمبر چونڊيو ويو هو. هو پهريون مقامي ماڻهو هو، جيڪو 'ڪراچي پورٽ ٽرسٽ' جو ٽرسٽي چونڊيو ويو هو.(9)





سنڌ جي پهرين سماجي ۽ نيم سياسي پارٽي 'سنڌ سڀا'، جيڪا 1882ع ۾ وجود ۾ آئي، ديوان اڌارام مولچند ان جي بنيادي ميمبرن ۾ شامل هو. سنڌ ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جي بانين مان به هو. اڌارام مولچند به سنڌ سڀا کان ويندي ڪاليج جي قيام تائين، ڏيارام ڄيٺمل سان گڏ هو ۽ هن ان ڪري ڪاليج فنڊ ۾ وڏي مالي مدد ڪئي. ڪاليج تي پهريون نالو 'ڏيارام+ اڌارام آرٽس ڪاليج' رکڻ تي به ويچاريو ويو هو، پر صلاح بيٺي ته ڪاليج کي ڏيارام ڄيٺمل جي نالي سان منسوب ڪجي. اڌارام پنهنجي دوست جي خاطر، پنهنجي نالي تان دستبردار ٿي ويو. آگسٽ 1887ع ۾ جڏهن ڏيارام ڄيٺمل جو ديهانت ٿي ويو، ته سنڌ سڀا جي صدر جي ذميواري ديوان اڌارام مولچند کي ملي.

ديوان اڌارام مولچند، ملڪي سياست ۾ به وڏو نالو ڪمايو. مشهور سماجي ڪارڪن ۽ وڪيل ديوان واڌومل، اڌارام مولچند جو پٽ هو. ديوان واڌومل ڪراچيءَ جي هوشيار وڪيلن مان هو. هن پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ سياست ۾ پير پاتو. 1910ع ڌاري ميونسپالٽيءَ جو ميمبر ۽ ڪجهه سالن تائين نائب صدر چونڊيو ويو.

**راءِ بهادر ميٺارام گدومل شهاڻي**

منشي گدومل جو پهريون پٽ ديوان ميٺارام هو ۽ ننڍو ديوان ڏيارام هو. ديوان ميٺارام وڪالت ۽ زمينداري ڪندو هو. ڪمائيندو به خوب هو، ته خرچ به دل کولي ڪندو هو. هڪ لڳا روهڙيءَ واري پير محراب شاه جو ڪيس مليس. پير صاحب تي

خون جي تهمت هئي، جنهن ڪري ڪيس ڦاسيءَ جي سزا جو ڊپ هو. پر، ديوان ميٺارام اَچي ڪيچي ڇڏائي آيس. انهيءَ تي پير صاحب اهڙو گد گد ٿيو، جو ڪيس هڪ لک روپيا فيءَ طور ڏنائين! سندس شاهوڪاريءَ جو بنياد اجهو ائين پيو.(10) ڏيارام جي جنم کان پوءِ جلد ئي ديوان ميٺارام جي پٽ جو چالاڻو ٿيو. ديوان ميٺارام جي گهر واريءَ جي دل ٺارڻ لاءِ سسٽس ڏيارام کي ڪٽي سندس گود ۾ وڌو؛ جنهن ڪري منڍ کان وٺي ئي ديوان ڏيارام کي گويا ٻن مائن جو پيار نصيب ٿيو ۽ پنهنجي ڀاءُ ميٺارام جي گهر ۾ پليو.

ديوان ميٺارام، شروع کان ئي فلاحي ڪمن ۾ اڳتي هوندو هو. جڏهن ڪراچي ڪاليج لاءِ هاسٽل ٺاهڻ جو خيال آيو، ته هن سيني کان گهڻو چندو ڏنو. جنهن ڪري، هاسٽل سندس نالي سان منسوب ڪئي ويئي. حيدرآباد ۾، شاگردن جي رهائش ۽ امتحان ۾ وهارائڻ جو مسئلو هوندو هو. تڏهوڪي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر اي.پي. جيڪب، ديوان ميٺارام کي گذارش ڪئي ته اسڪول لاءِ امتحاني هال ٺهرائي ڏيو. ان هال تي 15000 روپيا خرچ آيو ۽ ان جو اڌ خرچ ديوان ميٺارام ڏنو. ديوان ميٺارام، جيڪب کان اهو مجرايو هو، ته هال تي سندس نالو لکبو ۽ ان ۾ سماجي خواهه پنچاتي ميڙ به ڪوٺائي سگهبا. اهو هال اسان جي سماجي ۽ ثقافتي هلچل جو گهوارو رهيو. اڳتي هلي، ميٺارام هاسٽل طور استعمال ٿيڻ لڳو. جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪراچيءَ مان حيدرآباد منتقل ڪيو ويو،





ته هاسٽل کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي حوالي ڪيو ويو ۽ اتي فيڪلٽي آف ايجوڪيشن قائم ڪئي وئي. 1960ع واري ڏهاڪي ۾، جڏهن حيدرآباد ۾ انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري بورڊ قائم ڪيو ويو، ته عمارت کي بورڊ جي حوالي ڪيو ويو. بورڊ جي پنهنجي آفيس جڙڻ کان پوءِ، هاسٽل هڪ دفعو ٻيهر سنڌ يونيورسٽيءَ جي حوالي رهي.

ميٺارام جي چالاڻي کان پوءِ، ڏيارام گدومل پنهنجي ڀاءُ جي نالي تي تعليم ۽ سماجي ڀلائيءَ خاطر سندس نالي سان ’ميٺارام ڌرمادا ٽرسٽ‘ قائم ڪئي.

**فتح چند آتمارام (ديهانت 1916ع)**

ديوان فتح چند پوڄواڻي، سيٺ آتمارام پوڄواڻيءَ جو پٽ هو. سندس پتا آتمارام پڻ ’سنڌ سڀا‘ جو بنيادي عهديدار هو. ديوان فتح چند ڪراچيءَ جو تمام وڏو واپاري هو. سندس ڪمپني ’فتح چند آتمارام اينڊ ڪمپني‘ تمام مشهور هئي.(11) ديوان فتح چند ملڪي سياست ۽ فلاحي ڪمن به اڳتي هو. ’سنڌ سڀا‘ جي باني ميمبرن ۾ شامل هو. هو ’انڊين ايجوڪيشن ڪميشن‘ ۾ به شامل هو ۽ ڊي.جي. ڪاليج جي قيام جي هرلحاظ کان مدد ڪندو رهيو. جڏهن هاسٽل تيار ٿي، ته فيصلو ڪيو ويو ته هاسٽل ۾ سئمنگ باٿ هئڻ گهرجي. ان مقصد لاءِ، سيٺ فتح چند آتمارام1915ع ۾ 9000 روپيا ڊونيشن فراهم ڪيو. 1916ع ۾ جڏهن سئمنگ باٿ تيار ٿي ويو ته ان کي ’فتح چند آتمارام سئمنگ باٿ‘ جو نالو ڏنو ويو.

**بولچند ڏيارام (1868ع- 1923ع)**

راءِ بهادر ديوان بولچند ڏيارام عالمچنداڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هُو ڊي.جي. ڪاليج جي باني ديوان ڏيارام جو وڏو فرزند هو. بولچند ڏيارام، انهن شاگردن مان هو، جن سڀ کان پهرين ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي. جو امتحان (1893ع) پاس ڪيو. هن جي ڪوشش سان، سنڌ آرٽس ڪاليج، سندس پيءُ ڏيارام جي نالي سان منسوب ٿيو. کيس 1908ع ۾ سنڌي ٻوليءَ سان سهڪار جي ڪري، انگريز سرڪار طرفان خراج تحسين پيش ڪيو ويو هو. هن پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو عرصو سنڌي تعليمي ادارن جي سڌاري لاءِ گذاري ڇڏيو. هيرانند اڪيڊمي، حيدرآباد جو پرنسيپل هو. سياسي ميدان ۾ به وڏو ڪردار ادا ڪيائين. ڪيترائي سال ڊي.جي. ڪاليج جي بورڊ جو ميمبر پڻ رهيو.

سنه 1828ع ۾، جيمس برنس نالي هڪ انگريز عملدار، سنڌ جي ميرن جي ڪوٽ تي مير مراد علي خان جي علاج ڪرڻ لاءِ آيو هو. بعد ۾ هن پنهنجي سنڌ جي انهيءَ سفر بابت هڪ ڪتاب "Narrative of A Visit to the Court of Scinde" لکيو. بولچند ڏيارام هن ڪتاب جو ترجمو "سنڌ جي تاريخ" جي نالي سان ڪيو، جيڪو 1899ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جو اڳتي هلي محمد حنيف صديقيءَ پڻ ترجمو ڪيو هو. بولچند جو هي ڪتاب ڪجهه عرصو اسڪولي شاگردن جي درسي ڪتابن ۾ شامل رهيو. بولچند ڏيارام ڪيترائي مضمون پڻ لکيا، جن ۾ "موت کان ڪهڙو هنڌ خالي آهي؟" "تاج محل" ۽ "نورجهان"





(1914ع) اهم آهن.(12)

**حوالا:**


1. ٿهلرام آسودومل: "سنڌ جا مٽيا"، ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل حيدرآباد، 1932ع، ص 21
2. موتيرام ايس. رامواڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو" (جلد پيو)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص. 61، 62
3. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي: "اڻويهين عيسوي صديءَ ۾ سنڌي نثر جو وڪاس" (برطانوي دؤر ۾ سنڌي نثر) ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، يونيورسٽي آف بمبئي 2003ع، ص 57
4. ٿهلرام آسودومل: "سنڌ جا مٽيا"، ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل حيدرآباد، 1932ع، ص 18
5. "الوحيد"، سنڌ آزاد نمبر (ڇاپو پيو)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1979ع، ص 129
6. پروفيسر شيوارام نرسنگهداس ڦيرواڻي: "راج رشي ديوان ڏيارام گدومل"، (جيون چرتر)، ڇاپو پيو ، سگا ڪراچي، 2000ع. ص 30،31
7. "الوحيد"، سنڌ آزاد نمبر (ڇاپو پيو)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1979ع، ص 129
8. ٿهلرام آسودومل: "سنڌ جا مٽيا"، ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل حيدرآباد، 1932ع، ص 23

9. گل حسن ڪلمتي: ”ڪراچيءَ جا لاثاني ڪردار“، نئون نياپو اڪيڊي، ڪراچي، 2012ع، ص 134
10. پروفيسر شيوارام نرسنگهداس ڦيرواڻي: ”راج رشي ديوان ڏيارام گدومل“، (جيون چرتر)، ڇاپو ٻيو ، سگا ڪراچي، 2000ع. ص، 22
11. لعل پشپ: ”سيٺ نائونمل هوتچند سنڌ جو غدار“ ، ڊنهل اميبيڊڪر روڊ، ڪراچي، 2012ع، ص 28
12. مختيار احمد ملاح: ”اڻويهين صديءَ جي سنڌي نثر جي تاريخ“، بلاول انسٽيٽوٽ آف ريسرچ، نواب شاهه، 2017ع، ص 408





## ڊي.جي. ڪاليج جا اڏيندڙ



ڏيارام چيتمل




ڏيارام گدومل




ميٺارام گدومل



لارڊ ري



بولچند ڏيارام



اڌارام مولچند



## سنڌ مدرسة الاسلام ۽ ڊي.جي. ڪاليج جو گڏيل سفر

هڪ طرف ڊي.جي. ڪاليج ته ٻئي طرف سنڌ مدرسي جو قائم ٿيڻ، سنڌ جي تاريخ جا ٻه سنگ ميل آهن. هنن ادارن کي ٺاهڻ لاءِ ڪيترن ئي ماڻهن، ادارن ۽ سرڪاري ڪاتن جو ڪردار شامل آهي. ڊي.جي. ڪاليج جو باني ڏيارام ڄيٺمل ۽ سنڌ مدرسي جو باني حسن علي آفندي پاڻ ۾ گهرا دوست هئا. هو پنهنجي پنهنجي ڪميونٽيءَ ۾ بيحد مقبول نمائندا هئا. 1882ع ۾ هنن ٻنهي گڏجي، سنڌ ۾ پهرين سماجي ۽ سياسي پارٽي 'سنڌ سڀا' ٺاهي. حسن علي آفنديءَ ۽ ڏيارام جي دوستيءَ ۾ ڦيٿهڙو ان وقت پيو، جڏهن سنڌ سڀا جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ لارڊ رپن کي 'مانپتر' ڏيڻ واري ڳالهه تي بحث ٿيو. حسن علي آفنديءَ جو چوڻ هو ته لارڊ رپن، جيڪڏهن مڪاني چوندن واري قانون ۾ سڌارا آندا، ته ان ڳالهه تي اسان واهه واهه ڪري تاڙيون وڄائي ڪيس مانپتر ڇو ڏيون؟ ان تي ڪيس جواب ۾ ٻڌائو پيو ته. "سڄو هندستان هن کي مانپتر ڏئي ٿو. جيڪڏهن سنڌ نه ڏنو، ته اسان تي ۽ سنڌ تي لعنت آهي." ان تي حسن علي آفندي ميٽنگ مان ڪاوڙجي اٿي هليو ويو ۽ جلدئي 'سنڌ محمدن ائسوسيئيشن' ٺاهيائين. پوءِ هنن ٻنهي جا اختلاف وڌندا رهيا. انهن اختلافن سنڌ ۾ هندو مسلم لاڳاپن کي ڇيهو رسايو. حسن عليءَ 'سنڌ مدرسو' ۽ ڏيارام ڄيٺمل 'ڊي.جي. ڪاليج'

ٿاهيو ۽ ٻنهي ادارن قائم ڪرڻ وقت هڪٻئي جي مخالفت ڪئي. سنڌ ۾ هندو مسلمانن جي اختلافن جو ڪليل پليٽ فارمن تان ايئن آغاز ٿيو.(1)

1885ع ۾ جڏهن ڊي.جي. ڪاليج لاءِ مهم هلي رهي هئي، ته مسلمانن جي هڪ گروهه، ان جي چندي جي مهم ۾ حصو نه ورتو هو. ان سلسلي ۾ موتيرام ايس.راماڻي لکيو آهي ته، "1885ع ۾ پهريون دفعو ، سنڌ جي پهرين ڪاليج کولڻ لاءِ ڪوششون ونجڻ آيون ۽ فنڊ لاءِ اپيل ڪئي وئي هئي. انهيءَ فنڊ ۾ مسلم جاتيءَ صفا ساٿ نه ڏنو. 'سنڌ محمدن ايسوسيئشن' جي صدر ، حسن علي آخوندَ مسلم جاتيءَ کي ڪاليج فنڊ ۾ ڏيڻ کان روڪيو . ساڳئي وقت ، آخوند صاحب مسلمانن کي اپيل ڪئي ته مسلم جاتيءَ ۾ تعليم ڦهلائڻ واسطي، مدرسي قائم ڪرڻ لاءِ فنڊ ۾ رقمون ڏين."(2)

حسن علي آفنديءَ سنڌ ۾ سنڌي مسلمانن ۾ تعليم جو شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ مارچ 1884ع ۾ ڪراچيءَ ۾ محمدن ايسوسيئيشن قائم ڪئي. حسن علي آفندي صدر ۽ مولوي الله بخش ابوجهو اعزازي سيڪريٽري مقرر ٿيا. هن ايسوسيئيشن جو مقصد سنڌ ۾ خاص ڪري مسلمانن ۾ انگريزي تعليم کي ترقي ڏيڻ هو. جنهن لاءِ هڪ درسگاهه جو قيام عمل ۾ آڻڻ هو. 1885ع ۾ تعليمي اداري جي ٺاهڻ لاءِ 'سنڌ مدرسه بورڊ' جوڙيو ويو. بورڊ جو صدر حسن علي آفندي، خان بهادر نجم الدين نائب صدر مقرر ٿيا. ميمبرن ۾ خان بهادر خدا داد خان، سيٺ علي پائي ڪريم جي، سيٺ غلام حسين خالق ڏنو، سيٺ





غلام حسين چاڳلا، سيٺ محمد عمر ڊوسل، مولوي تاج محمد، خان صاحب محمد علي ۽ سيٺ نور محمد هئا. 1885ع ۾ بولٽن مارڪيٽ جي ويجهو هڪ ٻن ماڙين واري پراڻي جاءِ ۾ مدرسي لاءِ مسواڙ تي جاءِ حاصل ڪري، 30 مارچ 1885ع ۾ مدرسي جو افتتاح ڪيو ويو. مدرسي جي ٺهڻ تي پوريءَ سنڌ ۾ ڪٽر مذهبي ماڻهن حسن علي آفنديءَ خلاف زبردست چاڪنگ ڪئي ۽ مدرسي جي مخالفت ڪئي.(3) مدرسي جو نالو 'سنڌ مدرسة السلام' رکيو ويو. هندستان جي حڪومت 16 هزار روپين، ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي ٻين ميونسپالٽي ادارن به 16 هزار روپيا ۽ عام ماڻهن 40 هزار روپين جي امداد ڪئي.4 نومبر 1887ع تي مدرسي جي نئين جاءِ جي پيڙهه جو پٿر هندستان جي گورنر جنرل لارڊ ڊفرن رکيو. ٽن سالن کان پوءِ 14 نومبر 1890ع تي مدرسو نئين عمارت ۾ منتقل ٿي ويو. جنهن جي اڏاوت تي 1,97,188 روپيا خرچ آيو.

"خانبهادر حسن علي آفندي جديد تعليم جي هڪ جامع اسڪيم تيار ڪئي. جنهن مطابق سنڌ جي 52 تعلقن مان هڪ هڪ قابل ڇوڪرو چونڊيو ويجي، جنهن جي تعليم ۽ تربيت جو انتظام ڪيو وڃي. اسڪول مان پاس ٿيڻ کان پوءِ، ساڳئي تعلقي مان سندس جاءِ تي ٻيو نينگر کنيو وڃي. ان کان پوءِ اهو دائرو وسيع ڪيو وڃي ۽ اسڪول جا دروازا سڀ کنهن لاءِ کوليا وڃن."(4)

مدرسي ۾ انگريزيءَ سان گڏ سنڌي، فارسي، عربي، گجراتي ۽ اردوءَ ۾ به تعليم ڏني ويندي هئي. اسڪول جو پهريون

هيڊ ماستر مولوي عمرالدين هو. 1887ع ۾ هيڊ ماستر جو عهدو پرنسيپل ۾ تبديل ڪيو ويو. اسڪول جو پهريون پرنسيپل حسن علي آفندي جو پٽ ولي محمد حسن علي مقرر ٿيو. هن اسڪول مان سڀ کان پهرئين ميٽرڪ پاس ڪندڙ شاگرد محمد پريل عبداللطيف هو، جنهن 1888ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيو. ”سن 1897ع ۾ خيرپور رياست جي وزير اعليٰ خانبهادر قادر داد خان انهيءَ شرط تي مدرسي کي گرانٽ ڏيڻي ڪئي، ته آئنده مدرسي جو پرنسيپل يورپي مقرر ڪيو وڃي. مدرسي جي انتظاميہ اهو شرط قبول ڪري، مسٽر پرسي هائيڊ کي پرنسيپل مقرر ڪيو. هو آڪسفورڊ جو ايم.اي. هو، ۽ فوجي قبيلي جو فرد هو. سندس ڏينهن ۾ مدرسي ۾ لازمي فوجي تربيت جو بنياد پيو.“(5)

”اُن وقت هيءُ هڪ بورڊنگ اسڪول هو. جنهن جو اِهو به فائدو ٿيو، جو هِن اداري ۾ ٻين قومن جي استادن ۽ ملازمن سان گڏ سنڌي استاد ۽ ملازم پڻ ڀرتي ٿيا. ان سان گڏ هِن اداري ۾ انگريزي، اردو ۽ گجراتي ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ ۾ به تعليم ڏني ويندي هئي. جنهن ڪري سنڌ جي ٻين علائقن سان گڏ ڪراچي شهر ۽ اُن جي آس پاس جي آبادين جا سنڌي ٻار پڻ هِن اداري مان تعليم حاصل ڪرڻ لڳا.“(6)

هن اسڪولَ مسلمانن جي تعليم جي سلسلي ۾ تمام گهڻيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هي واحد ادارو هو ، جتي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جا شاگرد بنا ڪنهن فرق جي تعليم حاصل ڪندا هئا. هن اداري تمام عظيم شخصيتون پيدا





ڪيون آهن. پاڪستان جي بانيءَ، قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي شروعاتي تعليم هن اسڪول مان حاصل ڪئي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد علي شيخ لکيو آهي ته. ”قائد اعظم محمد علي جناح کي پنهنجي مادر علمي ’سنڌ مدرسة الاسلام‘ سان تمام گهڻو لڳاءُ هو. اهو ئي سبب آهي، جو هن نه صرف پنهنجي وصيت نامي ۾ سنڌ مدرسة الاسلام کي پنهنجي ڪُل ذاتي ملڪيت جو ٽيون حصو ڏيڻ لاءِ لکيو، پر هِن 21 جون 1943ع تي سنڌ مدرسة الاسلام کي ڪاليج جو درجو پڻ ڏنو هو.محمد علي جناح صاحب کي جولاءِ 1887ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام ۾ سيڪنڊري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪيو ويو، جتي هِن جنوري 1892ع تائين تعليم حاصل ڪئي. اِن دؤران هيءُ ٿورڙي وقت تائين به ٻيرا سنڌ مدرسي کي ڇڏي ويو هو. سنڌ مدرسة الاسلام ۾ سندن پڙهائيءَ جو مُدو سندن تعليمي ڪئريئر جو سڀ کان وڌيڪ اهميت وارو دؤر آهي، جيڪو ساڍن ڇهن سالن تائين هيو.“(7)

ٻين نالي وارن ۾ عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، غلام حسين هدايت الله، غلام محمد پرڳڙي، ڄام محمد ايوب بار ايٽ لا، سيد ميران محمد شاهه، سيٺ حاجي عبدالله جي ميمڻ، قاضي خدا بخش، رسول بخش پليجو، هاشم گذدر، علامہ آءِ آءِ قاضي، اي.ڪي بروهي، يوسف علي ڀائي علوي، جي. الانا، سر شاهنواز ڀٽو، محمد ايوب کهڙو، ڊاڪٽر دائود پوٽو، سيٺ طيب علوي، حميده کهڙو، بلوچستان جي سياسي اڳواڻ غوث بخش بزنجو ۽ عطاءُالله مينگل به هتان ئي تعليم حاصل ڪئي.

سنڌ مدرسي ۾ ميٽرڪ تائين تعليم ڏني ويندي هئي. جڏهن ته ڊي.جي. ڪاليج ۾ انٽرميڊيئيٽ ۽ گريجوئيشن ڪرائي ويندي هئي. سرنديءَ وارا مسلمان، سنڌ مدرسي کان پوءِ علي ڳڙهه ويندا هئا. هنن ڊي.جي.ڪاليج مان تمام ٿورو فائدو ورتو. ان حوالي سان پيرومل مهرچند لکيو آهي ته: "ڪاليج کولڻ ۾ مهورت مهل توڙي پوءِ جيڪي به يورپي عملدار ڪاليج ڏسڻ تي آيا، تن ائين چيو ته هي ڪاليج جيتوڻيڪ هندن جي پئسن سان کليو آهي، ته به ڪاليج کي 'هندو' ڪاليج بدران 'سنڌ ڪاليج' نالو ڏنو اٿن! ڪاليج جا دروازا به نه رڳو هندن لاءِ، پر سڀني قومن لاءِ کليل رکيا اٿن، ته پلي ڪير به اچي وديا پرائي! هندن پنهنجي فراخدلي هيڪاري وڌيڪ هن ريت ڏيکاري آهي، ته مسلمانن لاءِ اسڪالرشپون به منظور ڪيون اٿن، ته پلي ته هيءَ پٺتي پيل قوم به چڙهي پوي! 1885ع ۾ ڪراچيءَ ۾ مدرسو کليو ۽ تنهن کان پوءِ جيڪي مسلمان اعليٰ تعليم وٺڻ چاهيندا هئا، سي اڪثر علي ڳڙهه ڪاليج ۾ پڙهندا هئا. سنڌ ڪاليج ۾ پهريائين مسلمان داخل ٿي نه ٿي ٿيا. پر پوءِ اهي به هن ڪاليج جو چڱو فائدو وٺڻ لڳا. هن وقت سنڌ ۾ جيڪي مسلمان وزير آهن، ۽ سنڌ ۾ توڙي ٻاهر وڏن وڏن عهدن تي آهن، تن مان ڪيترن سنڌ ڪاليج مان وديا پرائي آهي."(8)

سنڌ مدرسة الاسلام جي تاريخ جو هي هڪ اهم ۽ ناياب دستاويز آهي، جنهن کي وڏي تاريخي اهميت حاصل آهي. هي اسڪول اڄ يونيورسٽيءَ جي درجي تي پهتو آهي. هن اداري





سنڌ جي تعليم کان علاوه، سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي.

## حوالا

1. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: "ڏيارام ڄيٺمل جو احوال"، گل حيات انسٽيٽيوٽ جي ويب سائيٽ تان ڪنيل
2. موتيرام ايس راماڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو"،شاردا پرڪاشن، بمبئي، 1987ع، ص 111
3. گل حسن ڪلمتي: "ڪراچي سنڌ جي مارئي"، نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي، 2014، ص 312
4. ڊاڪٽر عارف شاهه گيلاني :"سنڌ جي تعليم جو داستان"، (سنڌ ترقيءَ جي شاهراهه تي)، اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 1954ع، ص 22
5. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي" (مقالو)، ٽماهي "مهراڻ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، نمبر 3، سال 1985ع، 91
6. Azimusshan Haider: "History of Karachi: With Special Reference to Educational, Demographical, and Commercial Developments, 1839-1900", Feroze Sons, Karachi, 1974
7. ڊاڪٽر محمد علي شيخ: "قائد اعظم محمد علي جناح ۽ سنڌ مدرسة الاسلام"، روزانه "عوامي آواز" ڪراچي، 11 سيپٽمبر 2017ع

8. پيرومل مهرچند آڏواڻي: ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1996ع، ص 127، 128



## ڊي.جي. ڪاليج جو ٻين تعليمي ادارن جي برپا ڪرڻ ۾ ڪردار

وقت سان گڏ، ڊي.جي. ڪاليج جي بورڊ محسوس ڪيو، تہ ڪاليج ۾ آرٽس، سائنس، ڪامرس سان گڏو گڏ انجنيئرنگ، ايگريڪلچر، قانون، وغيره جا بہ شعبا قائم ٿيڻ گهرجن. ڇو تہ ملڪ ۾ هر قسم جي آفيسرن ۽ عملدارن جي ضرورت پوندي رهي ٿي. سرڪار لاءِ اهو تمام مشڪل هو تہ هر آفيسر برطانيہ يا هندستان جي ٻين حصن مان گهرائي وٺي. ان عمل سان سرڪاري خزاني تي وڏيڪ بوجهہ پئجي رهيو هو. ٻئي طرف، سنڌ جا ماڻهو پڻ ٻين شعبن جي تعليم حاصل ڪرڻ جي خواهش رکندڙ هئا. مثال طور: حيدرآباد ۾ هڪ ميڊيڪل اسڪول 1881ع ۾ شروع ڪيو ويو، تہ جيئن مقامي ماڻهن کي ننڍي پيماني تي طب جي سائنسي بنيادن تي سکيا ڏني وڃي. شروعاتي استادَ، ڪي انگريز ڊاڪٽر ۽ هندو سنڌي اسٽاف ۾ شامل هئا. ”1855ع ۾ پراڻي ڪراچيءَ واري علائقي ۾ هڪ ٽيڪنيڪل اسڪول قائم ڪيو ويو . ان اسڪول جي قيام لاءِ نومبر 1854ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر ۽ ڪراچي ميونسپالٽيءُ جي وچ ۾ هڪ گڏجاڻي ٿي هئي ۽ 31 ڊسمبر 1855ع تي اسڪول جي قيام جي منظوري ڏني وئي. ان اسڪول جي کولڻ جو هڪ سبب اهو بہ هو، تہ ٻين خطن جا ماڻهو ، سنڌ جي گرم

آبهوا جي ڪري هتي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. ان ڪري مقامي ماڻهن کي ٽيڪنيڪل ۽ مشينري هنرن لاءِ تيار ڪجي. ان جو ٻيو مقصد اهو بہ هو, تہ سنڌ پبلڪ ورڪس کاتي لاءِ هنرمند ماڻهو پيدا ڪيا وڃن."(1)

اينگلو ورنيڪيولر اسڪولن جي استادن کي پرتي ڪرڻ ۽ انهن کي پڙهائڻ لاءِ تيار ڪرڻ واسطي آڪٽوبر 1854ع ۾ ڪراچيءَ ۾ اسڪول قائم ڪيو ويو. هن اسڪول ۾ ايلفنسٽن ۽ پُونا ڪاليج جا جهونا شاگرد پڙهائيندا هئا. ڪراچيءَ ۾ هي اسڪول ڪامياب ٿي نہ سگهيو. 1864ع ۾ ساڳي اسڪول کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. 1887ع ۾ ٽريننگ ڪاليج جي موجوده عمارت تيار ٿي. هن اداري کي ’نارمل ٽريننگ اسڪول‘ مان بدلائي, ’ٽريننگ ڪاليج‘ جي معيار تي آندو ويو. ان جي سربراهہ کي هيڊماسٽر جي بجاءِ پرنسيپل جو عهدو ڏنو ويو.1881ع ۾ حيدرآباد ۾ ٽيپيدارن جي سکيا جو اسڪول بہ قائم ڪيو ويو. سنڌ ۾ ٽيپيدارن جي تربيت جو هيءُ واحد ڪاليج ٽنڊي سڙڪ تي راڻي باغ جي پرسان قائم آهي.

اگر تاريخي پيرا کڻبا تہ اڪثر تعليمي ادارن جو بنياد وجهندڙ ڊي.جي. ڪاليج هو. ان سلسلي ۾, ڪجهہ تعليمي شعبا ڊي.جي. ڪاليج اندر قائم ٿيا, ڪي ڊي.جي. ڪاليج کي ڏسي قائم ٿيا ۽ ڪن ادارن کي قائم ڪرڻ ۾ ڊي.جي. ڪاليج





مان تعليم حاصل ڪيل شاگردن ڪردار اداڪيو. هتي ڪجهہ وضاحت سان جائزو ڏجي ٿو:

**انجنيئرنگ ڪاليج**

1855ع ۾ انجنيئرنگ اسڪول شروع ٿيو, جنهن ۾ 12 شاگرد شامل هئا ۽ انهن مان فقط هڪ سنڌي شاگرد هو. اسڪول جا انتظام تعليم کاتي جي بجاءِ سپرنٽينڊنگ انجنيئر جي حوالي هئا. جنهن استاد هن اسڪول ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو, اهو اصل ۾ ميونسپالٽيءَ جو سرويئر هو ۽ سندس نالو نسروانجي چندابي هو. اسڪول ۾ حاضر سروس ملازم ۽ نوان شاگرد شامل هوندا هئا.(2)

سنڌي ماڻهن جو ٽيڪنيڪل تعليم ڏانهن گهڻو ڌيان نہ هو. تمام ٿورن ڇوڪرن هن اسڪول ۾ داخلا ورتي ۽ ڪيترائي شاگرد اڌپوري تعليم ڇڏي ويا. ان جو هڪ وڏو سبب اهو بہ هو تہ تعليم مشڪل هئي. ٻارن کي انگريزي زبان ۾ تعليم ڏني ويندي هئي, ان ڪري جو سنڌي زبان ۾ ٽيڪنيڪي ۽ انجنيئري جا ڪتاب شايع ٿيل نہ هئا. ان کان علاوه, ٻارن کي سنڌ جي مختلف شهرن مان ڪراچيءَ پهچڻ ۾ ڏکيائي پئي ٿي, جو اچڻ وڃڻ جو ڪوبہ مناسب بندوبست نہ هوندو هو. ان جي باوجود سرڪار نہ ٿي چاهيو تہ انجنيئرنگ جا ڪلاس بند ڪيا وڃن. سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر ، بمبئيءَ جي ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن کي صلاح ڏني تہ انهن ڪلاسن کي ڪراچيءَ کان حيدرآباد ڏانهن منتقل ڪيو وڃي. ان کان علاوه, هن اها بہ صلاح ڏني تہ ٻارن کي تعليم حاصل

ڪرڻ جو شوق جاڳائڻ لاءِ وظيفو پڻ ڏنو وڃي، پر سنڌس صلاحن کي بمبئي حڪومت قبول نہ ڪيو. 1860ع ۾ اسڪول جي ڪل حاضري پنجن ٻارن تي وڃي بيٺي. نتيجي ۾ 1861ع ۾ ڪلاس ختم ڪيا ويا. اڳتي هلي، انجنيئرنگ ڪلاس حيدرآباد منتقل ڪيا ويا. ڊي.جي.ڪاليج جو پرنسيپل ڊاڪٽر جٿڪسن انجنيئر هو. جنهن جي صلاح تي اهي ڪلاس 1888ع ۾ حيدرآباد مان ڊي.جي. ڪاليج ۾ آندا ويا.

"ويهين صديءَ جي اوائل ۾، جڏهن سکر بئراج جي تعمير تي رهي هئي، تہ ڊي.جي. ڪاليج جي پرنسيپل ايس. سي. شهاڻيءَ بئراج جي اڏاوت جي سلسلي ۾ انجنيئرن ۽ ٻين هنرمندن جي ضرورت کي محسوس ڪندي، ڪراچيءَ ۾ هڪ انجنيئرنگ ڪاليج جي قيام جو فيصلو ڪيو. شهاڻي صاحب ان موقعي مان فائدو وٺندي 29 آگسٽ 1921ع تي ڊي.جي. ڪاليج ۾ انجنيئرنگ ڪاليج قائم ڪرڻ جي رٿا پيش ڪئي، جيڪا سنڌ جي ڪمشنر وسيلي بمبئي يونيورسٽيءَ کي پيش ڪئي وئي، جو ڊي.جي. ڪاليج بمبئي يونيورسٽيءَ سان سلهاڙيل هو. يونيورسٽيءَ خراب مالي حالتن سبب سنڌ ڪاليج بورڊ کي انجنيئرنگ ڪاليج جي اجازت نہ ڏني. بعد ۾ ان منصوبي جي خرچ جو پورائو، شهرين جي چندي مان ڪيو ويو. ان وقت شهرين طرفان 53 هزار روپين جي رقم گڏ ڪئي وئي ۽ 1922ع ۾ 'پرنس آف ويلز ' جي نالي تي هيءُ ڪاليج قائم ڪيو ويو، جنهن جو انتظام سنڌ ڪاليجئيٽ ايسوسيئيشن جي حوالي ڪيو ويو. بعد ۾ ڪراچيءَ جي ممتاز سماجي شخصيت





جمشيد نسروانجي مهتا پنهنجي ڪوشش سان، ان وقت جي هڪ امير شخص 'نادرشاهہ ايڊل جي ڊنشا' جي وفات تي، سنڌس وارثن کان ڏيڍ لک جي رقم عطيي طور وٺي، ڪاليج تي خرچ ڪري، ڪاليج سنڌس نالي سان منسوب ڪري ڇڏيو.(3)

1922ع ۾ انجنيئرنگ جا ڪلاس ڊي.جي. ڪاليج مان ختم ڪري، نئين ڪاليج ڏانهن منتقل ڪيا ويا. هي سنڌ ۾ قائم ٿيندڙ پهريون انجنيئرنگ ڪاليج آهي. شروع ۾ هتي ڊپلوما ڪورس ڪرايا ويندا هئا. جڏهن 1932ع ۾ ان کي بمبئي يونيورسٽيءَ سان ڳنڍيو ويو، تہ ڪاليج مان بي.اي. (B.E) جي ڊگري ڏيڻ شروع ڪئي وئي. شروع ۾ اين.اي.ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ سول ۽ مڪينيڪل ڊپارٽمينٽ کوليا ويا هئا. شروعاتي ڪي استاد، هندستان جي مختلف شهرن سان تعلق رکندا هئا، پر آهستي آهستي، سنڌي استادن جي اڪثريت ٿيڻ لڳي. انهن ۾ موتيرام هاسومل آڏواڻي تہ ڪاليج جو وائيس پرنسيپل بہ رهيو.

ڪاليج ۾ فتح چند کلناڻي نالي سان هڪ هال ٺهرايو ويو هو، جيڪو سنڌس نالي سان 'فتح کلناڻي هال' طور اڄ بہ موجود آهي. هي هال شاگرد سياست کان سواءِ سياسي حوالي سان بہ اهم ۽ مشهور هو. هي ڪو الڳ هال نہ آهي، پر يونيورسٽيءَ جو حصو آهي ۽ شاگردن لاءِ ٺهرايو ويو هو.

1947ع ۾ پاڪستان جي قيام کان پوءِ، سنڌ حڪومت هن ڪاليج کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ، 'اين.اِي.ڊي

انجنيئرنگ گورنمينٽ ڪاليج' جي نالي منسوب ڪيو. 14 آڪٽوبر 1955ع تي ڪاليج جو انتظام مغربي پاڪستان سنڀالي ورتو. جنهن بعد 1 جولاءِ 1962ع کان 16 اپريل 1966ع تائين هيءُ ڪاليج خود مختيار بورڊ آف گورنرس جي حوالي ڪيو ويو. هن ڪاليج جو پهريون پرنسيپل مسٽر جي. ايچ. گوکلي هو ، جڏهن تہ هن ڪاليج جو پهريون گرئجوئيٽ جمناداس تخت رام نالي هڪ شاگرد هو . 1973ع ۾ هن ڪاليج کي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏنو ويو ۽ يونيورسٽيءَ کي نئين عمارت ۾، جيڪا گلشن اقبال ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ سان لڳو لڳ آهي، منتقل ڪيو ويو. هن وقت 'اين.اي.ڊي. انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ' جي نالي سان مشهور آهي.(4)

**زرعي ڪاليج**

سنڌ هڪ زرعي ملڪ هجڻ ڪري، هتي جي اسڪولن ۾ زراعت جي تعليم جو ڪورس رکيل هوندو هو. بمبئي پريزيڊنسيءَ جي زرعي ڪاتي، سنڌ ۾ حيدرآباد ۽ ميرپور خاص ۾ زراعتي فارم ۽ زراعتي کوجنا جا مرڪز کوليا. 1881ع ۾ حيدرآباد ۾ زرعي اسڪول جي شروعات ٿي، پر اهو صحيح نموني ڪم نہ ڪري سگهيو. مسٽر ايس.سي.شهاڻيءَ ڊي.جي. ڪاليج کي صرف آرٽس ۽ سائنس تائين محدود رکڻ نہ ٿي چاهيو. "ان مقصد لاءِ هن بورڊ آڏو 'سنڌ زرعي ڪاليج' قائم ڪرڻ جي رٿ پيش ڪئي ۽ زرعي ڪاليج ۽ زرعي فارم لاءِ هن برنس گارڊن (موجوده نيشنل ميوزيم) وارو ميدان ڏيڻ آڇيو.





پر ڪيس ان جي منظوري نہ ملي سگهي ۽ سندس اهو خواب اڻپورو رهجي ويو.(5)بهرحال، اڳتي هلي، هند سرڪار سڪرنڊ ۽ لاڙڪاڻي ۾ زرعي اسڪول/ ڪاليج قائم ڪيا.

**ايس. سي. شهاڻي لا ڪاليج**

ڊاڪٽر جيڪسن جي دؤر ۾ ڪاليج انتظاميہ ٿوري عرصي ۾ قانون جا ڪلاس بہ شروع ڪري ڏنا، پر بمبئي يونيورسٽيءَ انهن جي اجازت نہ ڏني. بهرحال 1890ع ۾ قانون جي ڪلاسن جي منظوري اچي وئي. سنڌ جي تاريخ جو پهريون قانون جا ڪلاس وٺندڙ ان دؤر جو پراسيڪيوٽر مسٽر ٽهلرام ڪيمچند هو، جنهن کي لا (Law) جو ليڪچرر مقرر ڪيو ويو. ديوان ٽهلرام ڪيمچند (1836ع-1905ع) اصل ڪراچيءَ ۾ ڄائو. هن 1889ع ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ بي. اي. جو امتحان پاس ڪيو. 1886ع ۾ بمبئيءَ مان ايل.ايل.بي جو امتحان پاس ڪري، ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي ۽ نالو ڪمايائين. 1882ع ۾ هن 'سنڌ سڀا' ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. عوامي خدمتن جي بنياد تي ديوان ٽهلرام ڪيمچند کي مارچ 1896ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو.

قانون جو شعبو 1908ع تائين، بمبئي يونيورسٽيءَ پاران ختم ڪرڻ تائين ڪم ڪندو رهيو. پر، اڳتي هلي هڪ دفعو ٻيهر، بورڊ ۽ يونيورسٽيءَ جي منظوريءَ کان پوءِ ساڳئي عملي جي مدد سان ايس. سي شهاڻي 1926ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي عمارت ۾ ئي شام جو 'سنڌ ڪاليجئٽ بورڊ لا ڪاليج' قائم ڪيو. بعد ۾ ان جو نالو تبديل ڪري

’ايس.سي.شهاڻي لا ڪاليج‘رکيو ويو. ان دؤر ۾ ڪراچيءَ جا سينيئر وڪيل قانون پڙهائيندا هئا. هن ڪاليج جي پروفيسرن ۾ موچر نسوانجي ڪوٽوال به هو. جيڪو هن ئي ڪاليج مان تعليم حاصل ڪري، پروفيسر آف لا مقرر ٿيو. شاگردن لاءِ A Student’s Manual on the Law of the Land Teniers لکيائين. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو ڀاءُ هاسومل مولچند گربخشاڻي پڻ 1911ع ۾ هن ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو ۽ وڏو نالو ڪمايائين.(6) هن ڪاليج ۾ پرنسيپل ايس.سي.شهاڻيءَ جو وڏو پٽ پرتابسنگهه صاحبسنگهه 1900ع ڌاري ڪاليج ۾ داخل ٿيو. بعد ۾ بار ائٽ لا بڻيو ۽ ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪيائين. بعد ۾ ’ايس.سي شهاڻي لا ڪاليج‘ جو پرنسيپل پڻ بڻيو.(7)

ورهاڱي کان ٿورو اڳ تائين، هيءُ ڪاليج ’ايس.سي.شهاڻي لا ڪاليج‘ جي نالي سان هلندو رهيو. پر، ملڪ ۾ سياسي انتشار سبب، ڪاليج ۾ پڙهائيندڙ سمورا هندو استاد هتان لڏي ويا، ته هن ڪاليج کي بند ڪيو ويو. ان کان علاوه، وڪالت ۽ ڪورٽن ۾ ججن جي حوالي سان مسلمانن جو تعداد تمام گهٽ رهيو هو. ان ڪري مسلمانن ۾ اهو احساس هو ته مسلمانن جي تعليم لاءِ هڪ ’لا ڪاليج‘ هئڻ گهرجي. 1946ع ۾ ملڪ جي نالي واري ايڊووڪيٽ بئريسٽر حسن علي





عبدالرحمان* سنڌ مدرسي ۾ قانون جا ڪلاس شروع ڪري ڏنا هئا. ان سلسلي ۾ ’سنڌ مدرسہ بورڊ‘ جي صدر پير الاهي بخش بورڊ جي گڏجاڻيءَ اڳيان ’لا ڪاليج‘ قائم ڪرڻ جي رٿ پيش ڪئي. آخرڪار، جون 1947ع ۾ ڪاليج قائم ڪيو ويو. جنهن جو افتتاح 28 جون 1947ع تي چيف ڪورٽ جي جج آنريبل مسٽر حسن علي آغا ڪيو هو. هن ڪاليج جو نالو ’سنڌ مسلم‘ (ايس.ايم.لا ڪاليج) رکيو ڪيو. 28 جون 1948ع تي ’ايس.ايم.لا ڪاليج‘ کي موجود عمارت ۾ آندو ويو ۽ ان کي سنڌ يونيورسٽيءَ سان الحاق ڏنو ويو ۽ بعد ۾ ڪراچي يونيورسٽي سان الحاق ڏنو ويو.

**سنڌ آرٽس ڪاليج**

ڊي.جي. سنڌ ڪاليج بنيادي طور تي آرٽس ڪاليج هو. پر، هڪ ٻن سالن جي اندر، سائنس جا ڪلاس به شروع ڪيا ويا. 1940ع ۾ سائنس ۽ آرٽس فيڪلٽين کي الڳ ڪري خود مختيار ڪيو ويو. ان ڏس ۾ آرٽس جي شعبي کي مکيہ عمارت مان ڪڍي، ڊي.جي. ڪاليج جي آڏو سنڌ سيڪريٽريٽ ويندڙ روڊ تي ڪراچي ميوزيم واري جاءِ خريد ڪري ان ۾ منتقل

* سنڌ جی برک تعليمدان ۽ مجيل قانوندان حسن علی عبدالرحمان (1909ع- 1986ع) ڪراچیءَ ۾ **جنم** ورتو هن جو ميمڻ **خاندان** سان واسطو هو، جيڪی پاڻ کی زبيدی بہ سڏائين ٿا .**حسن علی عبدالرحمان** شروعاتی **تعليم** سنڌ مدرسة السلام ڪراچی ۽ سينٽ پيٽرک اسکول ڪراچیءَ مان **حاصل** ڪئی، بعد ۾ 1934ع ۾ بئريسٽریءَ جی ڊگری، مڊل ٽيمپل ڪاليج **انگلنڊ** مان **حاصل** ڪيائين. هن پنهنجی ننڍی **ڀاءُ طفيل علی عبدالرحمان** سان گڏ، سنڌ مسلم گورنمينٽ لا ڪاليج ڪراچیءَ جو بنياد وڌو .**ان** ڪاليج جو پهريون پرنسپال بہ پاڻ رهيو.**حسن علی عبدالرحمان** ڪراچی يونيورسٽیءَ جی بانی ميمبرن مان بہ هڪ هو. هي بہ پيرا **سنڌ يونيورسٽي** ڄام شوري جو وائيس چانسلر بہ رهيو.

ڪيو ويو. آرٽس شعبي جو ڊين پروفيسر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ کي مقرر ڪيو ويو. جيڪو اڳتي هلي پرنسيپل بڻائيءَ سان گڏ وائيس پرنسيپل ۽ ڊين آف آرٽس به رهيو.(8)

ڪراچي ۾ مسلم ليگ طرفان، مسلمانن لاءِ الڳ آرٽس ڪاليج کولڻ جي گهر ڪئي وئي. ان سلسلي ۾، سنڌ مدرسي بورڊ آگسٽ 1942ع ۾ علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي، امير ايوب خان، خانبهادر اين.اي غلام علي خدابخش ۽ حسن علي ولي محمد تي مشتمل هڪ سب ڪميٽي قائم ڪئي وئي. هن سب ڪميٽيءَ پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي، جنهن جي روشنيءَ ۾ 'سنڌ مدرسه بورڊ' 23 ڊسمبر 1942ع تي ڪاليج کولڻ جو فيصلو ڪيو. ڊاڪٽر ممتاز بخاري لکي ٿو ته، "21 جون 1943ع تي 'آل انديا مسلم ليگ' جي صدر ۽ سنڌ مدرسي جي جهوني شاگرد جناب قائد اعظم محمد علي جناح ڪاليج جو افتتاح ڪيو. جيتوڻيڪ 40 شاگردن جي داخلا سان هي ڪاليج قائم ٿيو، پر انهيءَ کي سنڌي مسلمانن جي هڪ وڏي ڪاميابي چئي سگهجي ٿي. هي ڪاليج ٽالپر هائوس جي بلڊنگ ۾ شروع ڪيو ويو هو. جون 1944ع تي 'بمبئي يونيورسٽيءَ' ڊگري ڪاليج بڻائڻ جو حڪم صادر ڪيو. 1945ع ۾ سائنس جو شعبو کوليو ويو ۽ ان کان جلد پوءِ ڪامرس جا ڪلاس شروع ڪيا ويا. هن اداري جو پهريون نالو 'سنڌ مدرسه ڪاليج' رکيو ويو، پر 1945ع ۾ بورڊ طرفان اهو نالو بدلائي 'سنڌ مسلم ڪاليج' رکيو ويو.(9)





ڊاڪٽر امير حسن صديقي، پروفيسر اي.جي واسطي، پروفيسر اي. ايم مولوي، پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه ۽ پروفيسر اي .ايس. ڪوهاٽيءَ جهڙا ممتاز تعليمي ماهر، هن ڪاليج جا پرنسيپل ٿي رهيا آهن .ڪاليج جو پهريون پرنسيپل ڊاڪٽر اي.ايڇ. صديقي * هو.

سائنس ڪاليج کلڻ سان آرٽس جي ڪلاسن کي هلائڻ لاءِ عارضي بنيادن تي ڊي.جي. ڪاليج جي آرٽس فيڪلٽيءَ واري عمارت ورتي وئي. پر، اڳتي هلي ان تي مستقل طور تي قبضو ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ پرنسيپل ايل.اي. ڊيسوزا لکي ٿو ته، "آگسٽ 1948ع جي شروعاتي ڏينهن ۾، ايس.ايم. ڪاليج جو تڏهوڪو پرنسيپل، شاگردن جي هجوم کي وٺي اچي، ڊي.جي. ڪاليج جي مٿئين حصي ۽ ملحقه حصي تي زوريءَ قبضو ڪري ورتو، جيڪو بدقسمتيءَ سان اڃا به هلندڙ آهي .اهو مسئلو، ڊي.جي. ڪاليج جي توسيع ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي .ڊي.جي. ڪاليج سائنس جي ڪاليجن ۾ سڀني کان

* ناميارو تعليمی ماهر، محقق ۽ ليکک ڊاڪٽر امير حسن صديقی (1901ع- 1971ع) بدايون (يوپی) ۾ پيدا ٿيو. هن علی گڑهه يونيورسٹیءَ مان بی. ای جی ڊگری حاصل ڪئی، بعد ۾ اعلیٰ تعليم لاءِ لنڊن ويو، جتی هن 1933ع ۾ پی. ايچ. ڊی جی ڊگری حاصل ڪئی. سندس تحقيقی مقالی جو موضوع هو 'بادشاهت اور خلافت عهد وسطیٰ ايران ۾' 1935ع ۾ لنڊن کان واپس وطن وريو ۽ 1943ع تائين مسلم يونيورسٹی علی گڑهه ۾ تاريخ جی شعبی سان منسلڪ رهيو. سندس ذاتی ڪوشش سان "تاريخ اسلام " کي اختياری مضمون تحت پهريان انٽر ۽ پوءِ بی.ای. جی نصاب ۾ شامل ڪيو ويو. ورهاڱی کان پوءِ خاندان سميت لڏی اچی ڪراچیءَ ۾ رهائش پذير ٿيو ۽ 'سنڌ مسلم ڪاليج' ۾ پرنسپال جی عهدی تی مقرر ٿيو. سندس لکيل ڪتابن ۾: The Origin and Development of ،Cultural Centers of Islam ،Studies in Islamic History Muslim Constitution ڇپيل آهن.

بهترين ڪاليجن ۾ شمار ٿئي ها، اگر اهو پاڪستان ۾ نہ هجي ها!" (10) ڪيترائي سال، ڊي.جي. ڪاليج انتظاميہ، سنڌ سرڪار کان گهر ڪندي رهي" جيئن تہ آرٽس ۽ ڪامرس واري عمارت، سندن ڪاليج جي آهي، جيڪا محض عارضي بنيادن تي حوالي ڪئي وئي هئي، اها ان کي واپس ڪئي وڃي.(11)

**بسنت سنگهہ آسومل ڪاليج آف ڪامرس اينڊ ايڪانامڪس**

گورنمنٽ ڪاليج آف ڪامرس ۽ ايڪانامڪس ڪراچيءَ جو اصل نالو بسنت سنگهہ آسومل ** ڪاليج آف ڪامرس اينڊ ايڪانامڪس ڪراچي هو .هي ڪاليج 22 جون 1945تي قائم ڪيو ويو هو .جنهن جو افتتاح سيٺ شيورتن جي مهتا ڪيو هو(13). 1948ع ۾ سنڌ گورنمينٽ، هن ڪاليج کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو .ڪاليج ۾ شاگردن جو تمام وڏو انگ داخلا وٺڻ لڳو، جنهن ڪري ڪلاسن ۾ ويهڻ لاءِ جاءِ نہ ملندي هئي هن ڪاليج ۾ بہ بي.ڪام تائين تعليم ڏني ويندي

** ديوان پڳوان سنگهہ ولد ديوان بسنت سنگهہ بنيادي واپاري هو، پر ڪمائيءَ جو گهڻو پيسو ڌرمي ڪمن تي خرچ ڪندو هو. پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ۾ لکيو آهي تہ، "هن صاحب ڪجهہ ناڻو پنهنجي هٿان ۽ ڪجهہ عامل واپارين کان وني، ڪراچيءَ جي بندر روڊ ايڪسٽينشن طرف 'گرومندر' جوڙايو آهي، جو 'پنچائتي هال' وانگر بہ ڪم ايندو هو. ڪيتريون جايون جوڙائي غريب عامل پائرن کي ٿورڙيءَ مسواڙ تي ڏنيون اٿس. پنهنجي سرڳواسي پاءُ مسٽر جوڌا سنگهہ بسنت سنگهہ جي يادگيري قائم ڪرڻ لاءِ 'جوڌا سنگهہ بسنت سنگهہ ڊسپينسري' کولي اٿس، جنهن مان هندن توڙي مسلمانن ۽ ٻين کي آني ٻي آني ۾ دوا سُتي ملي ٿي. پنهنجي ماتا جي نالي 'ڌمي ٻائي بسنت سنگهہ گرلس هاءِ اسڪول' کوليو اٿس، جنهن ۾ 'لئبارٽري' بہ آهي. تازو هڪ لک روپيا ڏيئي، پنهنجي پاءُ جي نالي 'بسنت سنگهہ آسومل آڏواڻي ڪاليج آف ڪامرس ائنڊ ايڪانامڪس' کولايو اٿس."





هئي. ڪاليج جي موجوده عمارت 1967ع ۾ تيار ٿي .هي ڪاليج، هن وقت ڊاڪٽر ضياءُ الدين روڊ تي، پولو گرائونڊ ۽ پرل ڪانٽيننٽ هوٽل جي سامهون آهي.

**ٻين شهرن ۾ قائم ٿيندڙ ڪاليج**

ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ کان پوءِ ٻين شهرن ۾ بہ ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون شروع ٿي ويون. ان سلسلي ۾ سرڪار طرفان ڪا اڳڀرائي نہ ٿي، پر سنڌ جي عوام پنهنجي خرچن ۽ چندن تي ڪاليج قائم ڪيا.

**سنڌ نيشنل ڊي.جي. ڪاليج، حيدرآباد**

ڪراچيءَ کان پوءِ سڀ کان اول ڪاليج کولڻ جي شروعات حيدرآباد مان ڪئي وئي. هن ڪاليج کي کولڻ جو سهرو 'ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ' ڏي وڃي ٿو. ان وقت حيدرآباد ۾ چيٿمل پرسرام، ديوان هيرانند سلوڪرام، ديوان سنتداس منگهارام وڪيل، ۽ جهمٽمل جڳتياڻي ۽ ٻيا خاص ميمبر هئا. حيدرآباد ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو بنياد وجهڻ لاءِ مس ائني بيسنت پاڻ حيدرآباد آئي. ان سلسلي ۾ موتيرام ايس.رامواڻي لکيو آهي تہ "سنڌ اندر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽيون قائم ٿيل هيون. 1917ع ۾ ڊاڪٽر ائني بيسنت جي سرجوشيءَ سان حيدرآباد ۾، ڦليلي جي سندر ڪناري تي، 'سنڌ نيشنل ڪاليج' برپا ڪيو ويو. سنڌ نيشنل ڪاليج قائم ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر بيسنت کي غلام محمد ڀرڳڙي، سنتداس منگهارام، ڊاڪٽر وليرام ۽ ميٺارام گدومل جو پورو ساٿ هو.(14) جڏهن تہ پروفيسر شيوارام لکي ٿو تہ، "حيدرآباد جي سنڌ نيشنل ڪاليج

ڪي ديوان ميٺارام گدومل 'ڏرمادا ٽرسٽ' مان ديوان شيرومل چٹنراءِ (ڏيارام جو پاڻيٽيو)، جو ان وقت ٽرسٽي هو، تنهن هڪ لک روپين جي مدد ڏني. انهيءَ مدد ملڻ کان پوءِ يونيورسٽيءَ اهو ڪاليج منظور ڪيو، نہ تہ منظوري ملڻ نا ممڪن هئي."(15)

1917ع ۾ هن ڪاليج جي پيڙهہ جو پٿر رکيو ويو. 20 جون 1919ع تي ڪاليج کولڻ جو باقاعده اعلان ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ هن ڪاليج جي لاءِ محمّد يعقوب چانڊيي لکيو آهي تہ، "هن ڪاليج جو پهريون پرنسيپل مسٽر ارنيسٽ ووڊ ( Ernest Wood) هو. مسٽر ووڊ، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو سرگرم ميمبر ۽ نيشنل ايجوڪيشن ٽرسٽ جو اعزازي سيڪريٽري هو. مسٽر ووڊ ڪيترن ئي علمن جي ڄاڻ رکندو هو ۽ هڪ سٺي استاد سان گڏ سٺو اديب بہ هو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ فرينچ ۽ جرمن ٻولين مان انگريزيءَ ۾ ترجما ڪيا. مسٽر ووڊ سان گڏ مسز ووڊ بہ حيدرآباد آئي ۽ ڪاليج ۾ ٽائيپ ۽ شارٽ هينڊ جا ڪلاس وٺڻ لڳي. 1920ع ۾ ڪاليج ۾ هڪ شاندار لائبريري قائم ڪئي وئي. سن 1921ع ۾ هن ڪاليج جي سرپرستي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ کان وٺي مقامي ڪميٽيءَ جي حوالي ڪئي وئي ۽ ڪاليج جو پرنسيپل پڻ تبديل ڪري حشمتراءِ ليکراج کي مقرر ڪيو ويو. ڪاليج ۾ گهٽي چندي ڏيڻ ڪري، ان جو نالو پڻ تبديل ڪري 'ڏيارام گدومل نيشنل ڪاليج' رکيو ويو.(16)

1925ع ۾ موتومل منگهارام گدواڻي، هن ڪاليج جو پرنسيپل ٿي آيو. هن ڪاليج ۾ "ڦليلي" جي نالي سان ميگزين جاري ڪيو. 1926ع ۾ نانڪرام وسٽمل ٽڏاڻي ڪاليج جو





پرنسيپل ٿي آيو. هُو سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ شاعري ڪندو هو. 1929ع ۾ نرملداس گربخشاڻي ڪاليج جو پرنسيپل ٿي آيو. هو پڻ اديب هو. 1932ع ۾ نرملداس گربخشاڻيءَ کي بدلي ڪري شڪارپور موڪليو ويو ۽ ڪاليج جي چارج پيگٽ رام ڪمار جي حوالي ڪئي وئي. هن اچڻ شرط ڇوڪرين کي تعليم ڏيڻ شروعات ڪئي، جنهن سان حيدرآباد جي ڇوڪرين کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. 1938ع ۾ ڪاليج جو واڳون پروفيسر پاوناڻيءَ سنڀاليون. مختلف وقتن ۾ ٻيا بہ ڪاليج جا پرنسيپل ٿيا. ڊاڪٽر ايڊرين ڊيوئارٽ کي 1948ع ۾ ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ڪيو ويو. هُو سنڌ جي تاريخ جو تمام وڏو ڄاڻو هو.(17)

هن ڪاليج جي قيام ۾ جن املهہ انسانن اهم ڪردار عطا ڪيو، تن مان ائني بيسنت، ڇيتمل پرسرام گلراجاڻي، ديوان هيرانند، ديوان سندرداس منگهارام، جهمٽمل جڳتياڻي ۽ ڏيارام گدومل جا نالا سونهري اکرن ۾ لکڻ جي لائق آهن. هن ڪاليج جي لائبريري 1920ع ۾ پرتاب راءِ جي خرچ سان قائم ٿي. اسيمبلي هال 1925ع ڌاري ٺهيو ۽ موجوده فزڪس شعبي جي عمارت 1936ع ۾ جڙي راس ٿي. آڪٽوبر 2017ع ۾ سنڌ حڪومت هن ڪاليج کي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏنو آهي. هن ڪاليج مان سن 1924ع ۾ انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ "ڦليلي" جي نالي سان رسالو ڪڍيو ويندو هو، جنهن ۾ ڪاليج جي شاگردن جون بهترين ڪهاڻيون، معياري مضمون، شاعري ۽ ٻيو مواد شايع ٿيندا هئا.

**چيلا سنگهہ سيتلداس ڪاليج، شڪارپور**

ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد کان پوءِ، ٽيون ڪاليج ’چيلا سنگهه سيتلداس ڪاليج‘ شڪارپور ۾ قائم ٿيو. هن ڪاليج جو سمورو ڪريڊٽ سيٺ سيتل داس تيرٿ داس پنجابيءَ ڏانهن وڃي ٿو، جنهن اهڙي شاندار ڪاليج کي برپا ڪرڻ لاءِ تصور پيش ڪري، عملي قدم کنيا. هن 1926ع کان پنهنجي سپني کي ساڀيان ڏيڻ لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي، ۽ 1927ع ۾ ’اپر سنڌ ڪاليج ايسوسيئيشن‘ رجسٽر ڪرائي. ساڻس هن علمي ڪم ۾ مسٽر ٺاڪرداس، نارائڻ داس (جج)، سيٺ چيلاسنگهه سترامداس ۽ پروفيسر شيوارام ڦيرواڻيءَ کان سواءِ سيٺ دولترام، سيٺ شولداس، ڊاڪٽر پڳوان داس، ڊاڪٽر ڪشنچند، ديوان واڌو مل گوڪلاڻي ۽ ڦيو مل جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن سيني جي ڪوشش سان 17 جولاءِ 1933ع تي ڪاليج جو افتتاح ٿيو، جيڪو ايڇ. ٽي. سورلي ڪيو. هن ڪاليج جي قيام لاءِ ابتدائي طور سيٺ سيتلداس 25000 روپيا گڏ ڪيا، جڏهن ته شڪارپور جي سخي شخص سيٺ چيلاسنگهه سترام داس 65000 روپيا ڏان ۾ ڏنا. نتيجي طور هنن ٻنهي شخصيتن جي مڃتا طور ڪاليج جو نالو ’چيلاسنگهه اينڊ سيتل داس‘ (سي.اينڊ ايس) ڪاليج رکيو ويو. سکر جي تڏهوڪي ڪليڪٽر ايڇ. ٽي. سورلي پنهنجي صدارتي خطاب ۾ ڪاليج جي باني جي ڪوشش کي ساراهيو.(18)

هن ڪاليج جا اڪثر ليڪچرر ۽ پروفيسر ڊي.جي. ڪاليج جا شاگرد رهيا هئا. ڪاليج جو پهريون پرنسيپل گيهسنگ ڦندومل هزاري هو، جيڪو ڊي.جي. ڪاليج مان





بي.اي. ڪيل هو. 1912ع ۾ ڪيليفورنيا مان پوسٽ گريجوئيٽ ڪري آيو هو. هندستان جي مختلف ڪاليجن ۾ تدريسي تجربو رکندو هو. 1933ع کان 1936ع تائين هن ڪاليج جي باني پرنسيپل طور ڪم ڪيائين. پروفيسر نرملداس گربخشاڻي پڻ هن ڪاليج جو پرنسيپل رهيو. مشهور شاعر ڪيئلداس ”فاني“، هن ڪاليج ۾ سنڌي ليڪچرر هو. پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه پڻ هن ڪاليج سان وابسته رهيو ، جنهن ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا هئا. هو به ڊي.جي. ڪاليج جي انتهائي هوشيار ۽ ادبي طور سرگرم شاگردن ۾ ليکيو ويندو هو. پروفيسر ناگراڻي ، جنهن ڪيترائي سنڌي ناٽڪ لکيا، اهو پڻ هتي پروفيسر هو ۽ ڊي.جي. ڪاليج جو شاگرد رهيو هو. هن ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر، بولچند جهمٽمل واسواڻي، ڊي.جي. ڪاليج جو شاگرد رهيو هو. هن اسڪولي ۽ ڪاليجي شاگردن لاءِ ڪيترائي مددي ڪتاب لکيا.(19)

هن ڪاليج جو سنڌ جي علمي ادبي تاريخ ۽ تعليمي سجاڳيءَ ۾ وڏو حصو آهي. جنهن ۾ تعليم جي جديد طريقن کي اختيار ڪيو ويو. سنڌ جي قومي شاعر شيخ اياز ۽ ٻين ڪيترين شخصيتن هن ڪاليج مان تعليم پرائي.

## حوالا

1. Dr. Azimushan Haider: “History of Karachi”, Feroze sons, Karachi, 1974, p 128

2. ساڳيو حوالو، ص 133
3. ”انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا“، (جلد پهريون)، چيف ايڊيٽر: پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ، 2000ع، ص 360
4. مختيار احمد ملاح: ”اُڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي“، سنڌ آرڪائيوز ڪراچي، 2019ع، ص 153
5. ڊاڪٽر محمد قاسم راڄپر: ”سنڌ ۾ تعليم ۽ ادب جي واڌاري ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو ڪردار“، (مقالو)، ڇماهي ”ڪارونجهر“ تحقيقي وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ڪراچي، جون 2015ع
6. Prof. L. H. Ajwani: "The Golden Jubilee Book of the Dayaram Jethmal Sind College, Karachi (1887-1937), Educational Printing Press, Karachi, p.106
7. موتيرام ايس رامواڻي: ”سنڌ ۾ اسان جو ورثو“ (جلد 2 )، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1987ع
8. ڊاڪٽر محمد قاسم راڄپر: ”سنڌ ۾ تعليم ۽ ادب جي واڌاري ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو ڪردار“، (مقالو)، ڇماهي ”ڪارونجهر“ تحقيقي وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ڪراچي، جون 2015ع
9. ڊاڪٽر ممتاز بخاري: ”سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو“ سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2020ع، ص 69
10. D. J. Scince College, Annual Magzine, 1961, p. viii





11. D. J. Scince College, Annual Magzine, 1967, p. 105
12. مختيار احمد ملاح: ”اُڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي“، سنڌ آرڪائيوز ڪراچي، 2019ع، ص 114
13. پيرومل مهرچند آڏواڻي: ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2006ع،ص 219
14. موتيرام ايس. رامواڻي: ”سنڌ ۾ اسان جو ورثو“ (جلد 2 )، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1987ع،ص 120، 121
15. پروفيسر شيوارام نرسنگهداس ڦيرواڻي : ”راڄ رشي ديوان ڏيارام گدومل“، (جيون چرتر)، ڇاپو پهريون ، سگا ڪراچي، 2000ع. ص 152
16. مختيار احمد ملاح: ”اُڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي“، سنڌ آرڪائيوز، 2019ع، ص 193
17. محمد يعقوب چانڊيو: ”گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد جو علمي سفر“، ”ڦليلي“ ميگزين (1997-1999ع)، ص 7
18. پروفيسر انور فگار هَڪڙو: ”چيلاسنگهه ۽ سيتلداس ڪاليج شڪارپور“، ”نخلستان“ تعليمي ميگزين، سي. ائنڊ ايس گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور، 2021-22ع، ص 13
19. مختيار احمد ملاح: ”اُڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي“، سنڌ آرڪائيوز ڪراچي، 2019ع، ص 227

# ميٺارام هاسٽل جو سنڌي ادب جي حوالي سان ڪردار

سنڌ جي ٻن وڏن شهرن يعني ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾، شاگردن ۽ استادن جي سهوليت لاءِ ميٺارام هاسٽل جو قيام آندو ويو. ٻنهي هاسٽلن، نه صرف سنڌ جي تعليم ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، پر سنڌ جي علم، ادب، سياست ۽ سماجي خدمتن جي حوالي سان به تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. راءِ بهادر ديوان ميٺارام گدومل، ديوان ڏيارام گدومل جو وڏو ڀاءُ هو.

ڊي.جي. ڪاليج نئين عمارت ۾ منتقل ٿيڻ کان پوءِ شاگردن جو تعداد وڌڻ لڳو. سڄيءَ سنڌ ۾ هڪ ڪاليج هئڻ سبب ڏار ڏار علائقن جي شاگردن هتي داخل ٿيڻ ۾ دلچسپي ڏيکاري. هندن جا ٻار گهڻي ڀاڱي ذاتي يا مسواڙي جاين ۾ رهڻ لڳا، پر اصل مسئلو پوئتي پيل هندن ۽ مسلمانن جو هو. ڇيو ته انهن شاگردن ۾ اڪثريت ٻهراڙين جي مسلمانن جي هئي. اها ڪوٽ محسوس ڪندي، ديوان ڏيارام گدومل هڪ دفعو ٻيهر اڳتي آيو. فيصلو ڪيو ويو ته ڪاليج جي سامهون خالي پيل ميدان تي هاسٽل جي اڏاوت ڪجي. هاسٽل جي تعمير تائين ديوان ڏيارام گدومل سرنديءَ وارن ڪانسواءِ سرڪاري ماڻهن ۽ ميونسپالٽين کان چندو گڏ ڪندو رهيو. ان ڏس ۾ گهڻي ۾ گهڻو چندو ڏيندڙ، سندس ڀاءُ راءِ بهادر ديوان ميٺارام گدومل هو. جڏهن ته خيرپور جي مير به 5 هزار روپيا چندو ڏنو.(1) پر





هاسٽل جي اڏاوت لاءِ اها رقم اڻپوري هئي. اوچتو ڪاليج جي پرنسيپل مسٽر جيڪسن ۽ وائيس پرنسيپل مسٽر پادشاهه جي ذهن ۾ خيال آيو، ته ڇو نه ڪاليج ۾ ناٽڪ رچائي رقم گڏ ڪئي وڃي. ان وقت سنڌ ۾ اسٽيج ڊراما، ۽ اهي به ٽڪيٽ تي ڏيکارڻ جو رواج ڪونه هو. بهرحال، 1893ع ۾ ميٺارام هاسٽل جي اڏاوت، ڀهريون ڀيرو سنڌ ۾ ناٽڪ منڊلي 'سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي' قائم ٿيڻ جو سبب بڻي، جنهن 1894ع ۾ ڀهريون ناٽڪ 'نل دمينتي' پيش ڪيو. ان ناٽڪ لاءِ سڄي شهر جي معززن کي دعوت ڏني وئي، جڏهن ته ناٽڪ ڏسڻ لاءِ ٽڪيٽ مقرر ٿيل هئي. اڳتي هلي، اها 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي' جي نالي سان مشهور ٿي، جنهن ويهن سالن تائين ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ ناٽڪ پيش ڪيا.(2)

1894ع ۾ هاسٽل جو ڪم شروع ڪيو ويو. ڀهرئين هن جو نالو 'ڏيارام چيتمل سنڌ ڪاليج اسٽوڊنس ڪوارٽر' هو، پر بعد ۾ 'ميٺارام هاسٽل' رکيو ويو. راءِ بهادر ديوان ميٺارام گدومل هاسٽل جي اڏاوت لاءِ 15,000 روپين جو سيني کان وڏ چندو ڏنو هو. 1901ع ۾ اها خوبصورت بلڊنگ تيار ٿي. پٿر جي هيءَ به ماڙ عمارت ڪراچيءَ جي خوبصورت عمارتن مان هڪ آهي. هن خوبصورت عمارت کي جيمس اسٽريچن ڊيزائن ڪيو هو.(3)

ميٺارام هاسٽل جو افتتاح بمبئيءَ جي گورنر لارڊ نارٿ ڪوٽ 1900ع ۾ ڪيو. هاسٽل جي اڏاوت تي هڪ لک 20 هزار روپيا خرچ آيو. هاسٽل 70 ڪمرن تي مشتمل هئي، هر

شاگرد لاءِ هڪ ڏار ڪمرو هو. شروع ۾ شاگردن کان هاسٽل في ساليانو 18 روپيا ورتي ويندي هئي. پروفيسر پادشاهه هاسٽل لاءِ 8,672 روپين جو فرنيچر هٿ ڪيو. هاسٽل جي آڏو شاگردن لاءِ سوئمنگ پول، ٽينس ڪورٽ ۽ راندين جو ميدان هوندو هو.(4) هاسٽل سان گڏ فتح چند آتمارام سوئمنگ پول هوندو هو. اهو سوئمنگ پول انهيءَ جاءِ تي هو، جتي هاڻي ڊي.جي. ڪاليج ڪئنٽن آهي.

ڪراچيءَ ۾ شاگرد هاسٽل ڪلچر جو بنياد ميٺارام هاسٽل ڪري پيو. هن هاسٽل ۾ شاگرد سياست کي هٿي ملي، ادب ۽ سماجي تنظيمون جڙيون. سنڌ جو پهريون وزير اعليٰ خانبهادر محمد ايوب کهڙو به هتي رهندو هو. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر حميده کهڙو لکي ٿي ته: ”شهاڻي صاحب، کهڙي صاحب کي هڪ اڻ لڀ شخصيت محسوس ڪندي منجهس گهڻي دلچسپي وٺندو هو. ڇو ته هن ڏٺو ته هڪ مسلمان زميندار جو پٽ ڪيئن نيٺ ڪاليج سطح تائين پهتو ۽ سين کان اعليٰ اهليت جو شاگرد به ثابت ٿيو هو. کهڙي صاحب جي ڪلاس ۾ اسي شاگردن مان رڳو ست شاگرد مسلمان هئا. کهڙي صاحب کي ميٺارام هاسٽل ۾ ڪاليج جي سامهون بهترين روم ڏنو ويو هو. جتي بورچيءَ سميت هُو پنهنجا نوڪر چاڪر رکي پئي سگهيو. هو شهاڻيءَ جي گهر به عام جام اچي وڃي سگهندو هو، جيڪو خود به ميٺا رام هاسٽل ۾ رهندو هو.(5)

انهن ڏينهن ۾ 1930 ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ جو پروفيسرمنگهارام ملڪاڻي، جيڪو ان هاسٽل جو





سپريٽينڊنٽ هو، اتي ئي رهندو هو، پروفيسر ملڪاڻي هڪ سٺو رانديگر هو. هو ٽينس جو چمپيئن، ڪرڪيٽ جو سٺو رانديگر هو ۽ خاص طور ڊراما لکندو هو. سندس شاگرد ساڻس پيار ڪندا هئا. ڪيس سندر نالي هڪ پٽ ڄائو. اهو ڇوڪر ان ڪاليج جي ماحول ۾ جتي سندس پيءُ پروفيسر هو، پنهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ سان گڏ شاگردن جي وچ ۾ رانديون ڪندي وڏو ٿيو. سندس قيمتي يادگيرين ۾ سندس پيءُ جو ڊرامن ۽ ناٽڪن جي سلسلي ۾ ڪم هو، جنهن ۾ هو پاڻ ۽ سندس شاگرد بهرو وٺندا هئا ۽ اهي ڊراما فريئر هال ۽ ڪاليج جي اندر ڪيا ويندا هئا.(6)

ميٺارام هاسٽل سنڌ جي شاگرد سياست ۾ اهم رول ادا ڪيو. هتي رهندڙ شاگردن سنڌ جي سياست ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. 1930ع ۾ ٺهندڙ ’ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين‘ جو بنياد به انهيءَ هاسٽل ۾ پيو. سوڀو گيانچنداڻي، گوبند مالهي، حشوڪيولراماڻي، آنند آمبواڻي، ڪشن موٽواڻي ۽ ٻين ميٺارام هاسٽل جي ڪمرن ۾ ويهي شاگرد سياست سان گڏ ملڪي سياست ۾ سرگرم رهڻ لاءِ ميٽنگون ڪيون.(7) هيءَ هاسٽل ادب ۽ سياست جو ڳڙهه سمجهي ويندي هئي. هن هاسٽل ۾ ادبي جماعتن جا ليڪچر، گڏجاڻيون ۽ ويهڪون ٿينديون هيون. شيخ اياز، شيخ ”راز“، گوبند مالهي، گوبند پنجابي، نورالدين سرڪي ۽ ٻيا ڪيترائي هن هاسٽل ۾ رهندا هئا، جن ترقي پسند ادب جي آبياري ڪئي. حشو ڪيولراماڻيءَ جي حوالي سان ڊاڪٽر قاسم لکي ٿو ته. ”انهيءَ دؤر ۾ سنڌ جو ترقي پسند اديب ۽ دانشور حشو ڪيولراماڻي، لنڊن ۾ ’اديبن

جي مجلس‘ جو صدر هو ۽ چيو وڃي ٿو ته ان جا ترقي پسند تحريڪ جي سلسلي ۾ مٿي ڄاڻايل اديبن سان رابطا هئا. حشو جڏهن سنڌ واپس آيو، ته هن شاگرد سياست جي اڳواڻي ڪئي. سندس مرڪز ڊي.جي. سنڌ ڪاليج، ايس.سي. شهاڻي لا ڪاليج ۽ اين.اي.ڊي انجنيئرنگ ڪاليج هو. حشو، ڊي.جي. سنڌ ڪاليج سامهون ايس.سي.شهاڻي لا ڪاليج جي ڪنڊ تي هڪ فليٽ ۾ رهندو هو. مينارام هاسٽل به سندس فليٽ جي ويجهو هئي. تنهن دؤر ۾ مينارام هاسٽل، شيوا ڪنج هاسٽل ۽ سرڻاگتي بلڊنگ سنڌ جي روشن خيال شاگردن، استادن ۽ اديبن جي سرگرمين جو مرڪز هوندي هئي. جتي ڪاليجي شاگردن، استادن ۽ اديبن جا ميڙاڪا ٿيندا هئا.(8)

ورهاڱي کان پوءِ به سنڌ آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج، سنڌ مدرسو اسڪول ۽ ڊي.جي. ڪاليج جا سنڌي شاگرد مينارام هاسٽل ۾ رهندا هئا. شيخ حفيظ، تنوير عباسي، غلام رباني آگرو، رشيد ڀٽي ۽ ٻيا ڪيترائي هن هاسٽل تي رهي، علمي ۽ ادبي سرگرميون ڪندا هئا. سنڌي ادبي سنگت جي بڻ بڻياد بابت مختلف رايا آهن: ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته سنڌي ادبي سنگت، ڊي.جي. ڪاليج سنڌي سرڪل جو تسلسل آهي، ته ڪي وري ان خيال جا آهن ته سنڌي ادبي سنگت جو ان سرڪل سان ڪوبه واسطو نه هو ۽ سنڌي ادبي سنگت 1956ع ۾ وجود ۾ آئي. ان سلسلي ۾ ادل سومري لکيو آهي ته، ’1954ع ۾ پاڪستان سرڪار پاران ڪميونسٽ پارٽيءَ تي





بندش هڻڻ کان پوءِ ’انجمن ترقي پسند مصنفين‘ جي سرگرمين کي پڻ روڪيو ويو. انهيءَ صورتحال ۾ سنڌي ليکڪن ’سنگت‘ جون نئين سر گڏجاڻيون شروع ڪري ڏنيون. اهڙي قسم جا ميڙ احسان بدوي ۽ نورالدين سرڪيءَ جي هاسٽلن وارن ڪمرن، واقع جناح ڪورٽس ۽ مينارام هاسٽل ڪانسواءِ اياز قادريءَ جي جاءِ تي ٿيڻ لڳا.“(9)

1958ع تائين، مينارام هاسٽل، ترقي پسند اديبن جو ڳڙهه هئي. ان سلسلي ۾ غلام رباني آگرو لکي ٿو ته: ”1958ع ۾ مارشل لا لڳو ته مينارام هاسٽل جي اختياريءَ وارن اسان کي چتاءُ ڏنو ته، اهڙا شاگرد، جيڪي ايس.ايم.ڪاليج ۾ آرٽس جي تعليم وٺن ٿا ۽ ڏينهن جو ڪٿي نه ڪٿي نوڪري ڪن ٿا، سي مينارام هاسٽل ڇڏي وڃن، ڇو ته هيءَ هاسٽل ڊي.جي. ڪاليج جي شاگردن لاءِ آهي. هاسٽل جي اختياريءَ وارن کي هوندئن ته اسان کي اٿارڻ جي همت نه پئي ٿي، پر مارشل لا جو فائدو وٺي، شينهن ٿي پيا.“(10)

سنڌي سفرنامي جو شهنشاهه الطاف شيخ به هتي رهي چڪو آهي. هو لکي ٿو ته، ”1965 ع ۾ جڏهن آئون مينارام هاسٽل ۾ رهندو هوس ته هاسٽل جو انچارج ۽ ڊي.جي. ڪاليج جو پرنسيپل جي. بي سڌوا هو. هاسٽل جو وارڊن، قاضي احمد جو پروفيسر محمد صالح راهو صاحب هو، جيڪو ڪامرس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌي پڙهائيندو هو. هوڏانهن ايس.ايم.لا ڪاليج جي هاسٽل ’جناح ڪورٽس‘ جو وارڊن پروفيسر

عبدالستار ڪوهاٽي هو." هو وڌيڪ لکي ٿو ته، "ڪاليج کلڻ تي اهي ڪلاس بند ڪيا ويا. هن ڪاليج جي شاگردن لاءِ به هاسٽلون هيون. هڪ ان ئي روڊ جي ٻئي پاسي ميٺارام هاسٽل ۽ ٻي پاڪستان چوڪ وٽ شيواڪنج هاسٽل آهي 1965ع ۾ ڪراچيءَ ۾ رهڻ خاطر مون به سال ڏيڍ کن هن ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخلا ورتي ميٺارام هاسٽل ۾ رهيس، جتي ڀر وارن ڪمرن ۾ مرحوم محمد خان سومرو پ. پ. پ. جو سابق وزير، هزار خان بجاراڻي (پي. پي جو اڳوڻو وزير)، مظفر شاهه (سابق وزيراعليٰ)، عقيلي ڀائر (عبداللطيف ۽ محمد حسين)، غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جو ننڍو ڀاءُ امام بخش جتوئي، مير مرتضيٰ ڀٽو سان گڏ شهيد ٿي ويل عاشق جتوئي ۽ ٻيا شاگرد رهيا ٿي ۽ ولي محمد نالي بورچيءَ جي ميس ۾ ماني کائيندا هئاسين."(11)

اها هاسٽل 1990ع تائين شاگردن لاءِ کليل هئي. ان دؤر جي حڪومت، ثقافت کاتي کي هدايتون جاري ڪيون هيون ته هتي عجائب گهر قائم ڪرڻ جي رٿ جوڙين، پر اهو ڪم اتي ئي رهجي ويو ۽ 1992ع ۾ هيءَ عمارت پاڪستان رينجرز جي حوالي ٿي وئي ۽ اڄ تائين رينجرز جي قبضي هيٺ آهي.

ميٺارام هاسٽل سان گڏ، شاگردن لاءِ 'شيوا ڪنج' هاسٽل به هوندي هئي. شيواڪنج هاسٽل ورهاڱي کان پهريان اسٽوڊنٽ هوم طور مشهور هو. سرٽاگتي بلڊنگ جي هڪ پاسي فريئر روڊ (شاهراهه لياقت) تي رام باغ جي سامهون هي به پٿر جي ٺهيل خوبصورت عمارت آهي، جيڪا شيوا ڪنج





هاسٽل نالي سان مشهور هئي. اها بلڊنگ به ڊي.جي. ڪاليج اين.اي.ڊي انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن جي رهڻ لاءِ شهاڻي فيمليءَ ٺهرائي هئي. 1980ع تائين ملڪ جي مختلف حصن کان آيل شاگرد هتي رهائش ڪندا هئا، پر پوءِ هاسٽل کي بند ڪيو ويو. جڏهن هاسٽل بند ٿيو، ته شهاڻي فيمليءَ عمارت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو ۽ بلڊنگ حاصل ڪئي. بلڊنگ هاڻي بند آهي ۽ ڀوت بنگلي جو ڏيک ڏيئي رهي آهي. 1905ع ۾ ٺهيل هن عمارت، سنڌ جي شاگرد سياست ۾ وڏو رول ادا ڪيو. هتي رهندڙ شاگرد ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ هر سياسي، سماجي ۽ ثقافتي سرگرميءَ ۾ اڳڀرو هئا. ورهاڱي کان پوءِ هي سنڌ ۽ بلوچستان جي قوم پرست شاگرد سياست جو مرڪز رهيو.(12)

**حوالا:**


1. Dr. Azimushan Haider: "History of Karachi", Feroze sons, Karachi, 1974
2. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ"، سنڌ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2012ع، ص 140
3. گل حسن ڪلمتي:"ڪراچيءَ جو عمارتون"، نئون نياپو، ڪراچي، 2020ع، ص 140
4. ڊاڪٽر محمد قاسم راڄپر: "سنڌ ۾ تعليم ۽ ادب جي واڌاري ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو ڪردار"، (مقالو)، ڇماهي تحقيقي جرنل "ڪارونجهر"، وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ڪراچي، جون 2015ع

5. ڊاڪٽر حميده کهڙو: ”محمد ايوب کهڙو“، (ڇاپو ٻيو)، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2006ع، ص 122
6. Saaz Aggarwal: "The Amils of Sindh", Black-and-White Fountain, 2019, p: 97
7. گل حسن ڪلمتي:”ڪراچيءَ جون عمارتون“، نئون نياپو، ڪراچي، 2020ع، ص 141
8. ڊاڪٽر محمد قاسم راڄپر: ”سنڌ ۾ تعليم ۽ ادب جي واڌاري ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو ڪردار“، (مقالو)، ڇماهي تحقيقي جرنل”ڪارونجهر“، وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ڪراچي، جون 2015ع
9. ادل سومرو: ”سنڌي ادبي سنگت هڪ تحريڪ“، ماءِ پبليڪيشن، سکر، 2019ع، ص 90
10. غلام رباني آگرو: ”ٽيا قلب قرار“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2013ع ص 271
11. الطاف شيخ: ”بمبئي منهنجي ياڪر ۾“، (آن لائين، سنڌ سلامت جي ويبسائيٽ تان ڪنيل)
12. گل حسن ڪلمتي: ”ڪراچيءَ جون عمارتون“، نئون نياپو، ڪراچي، 2020ع، ص 140




## لارڊ ري لائبريريءَ جون علمي ۽ ادبي سرگرميون

ڊي.جي. ڪاليج ۾ هڪ شاندار ۽ تمام وڏي لائبريري اڄ به موجود آهي، جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ انگريزي، سنسڪرت، سنڌي، فارسي ۽ اردو زبانن جا ڪتاب پيل آهن. هن لائبريريءَ ۾ خاص طور تي انگريزي ادب جي ڪتابن جي تمام وڏي لسٽ موجود آهي. هن لائبريريءَ جي هڪ تاريخ آهي. نومبر 1887ع ۾ ڪاليج شروع ٿيڻ جي چند مهينن بعد روهڙيءَ جو بينڪر لالا پيرومل، جنهن پهريائين ڪاليج جي قيام جي سلسلي ۾ ڪجھ رقم چندي طور ڏني هئي، تنهن ڪاليج ۾ لائبريري قائم ڪرڻ لاءِ 20,000 روپين جي چندي جي رقم ان شرط تي ڏيڻ جي حامي ڀري ته لائبريريءَ تي سندس نالو رکيو ويندو ۽ سرڪار پڻ 10،000 روپيا گرانٽ ڏيندي“.(1) سرڪار سندس پيشڪش کي قبول ڪيو، پر هُو واعدي ڪيل رقم ڏئي نه سگهيو. ڪجھ ڏينهن ۾ وائيس پرنسپل مسٽر پادشاه، لائبريريءَ جي قيام لاءِ ’لارڊ ري ميموريل فنڊ ڪميٽي‘ ٺاهي، جنهن جي ڪوشش سان 12,000 روپيا گڏ ٿي ويا. 1892ع ۾ ’لارڊ ري لائبريري‘* جو بنياد

* ڊونالڊ جيمس ميڪي لارڊ ري (1839ع-1921ع ) جو تعلق نيدرليند جي نواب گهراڻي سان هو. 30 مارچ 1885ع کان 12 اپريل 1890ع تائين بمبئي پريزيڊنسيءَ جو گورنر رهيو. ٻيل دفعا سرڪاري طور سنڌ آيو. 19 جنوري 1887ع تي ڪراچيءَ ۾ سنڌ جو پهريون ڪاليج ’سنڌ آرٽس ڪاليج ‘ جي نالي سان قائم ٿيو، جنهن جو افتتاح هن

رکيو ويو. ان دؤر ۾ ڪتابن ۽ رسالن جي قيمت گهٽي ڪانہ هوندي هئي. لالا پيرومل واري رقم، ۽ سرڪار طرفان مليل 1,750 گرانٽ کي ’لارڊ ري ميموريل فنڊ‘ ۾ شامل ڪيو ويو. ڊاڪٽر جيڪسن جي وڃڻ کان پهرين، لائبريريءَ کي مڪمل تيار ڪري شاگردن، استادن ۽ ٻين لاءِ کوليو ويو. 1908ع ۾ سرڪار طرفان 2,700 روپين جي امپريل گرانٽ ملڻ سان لائبريريءَ کي اڃا بہ وڌايو ويو.(2)

’لارڊ ري لائبريري‘، ڪاليج جي ڏاکڻي پاسي کان آهي. هتي ئي ڪاليج ريڊنگ سوسائٽيءَ جون سرگرميون ٿينديون هيون. وقت بہ وقت مختلف شعبن جي قائم ٿيڻ، لائبريريءَ جي حصن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. ياد رهي تہ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي هڪ سٺي لائبريري هوندي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ بابت ڪتابن جو هڪ وڏو ذخيرو جمع ٿي چڪو هو. سوسائٽيءَ جو هڪ ننڍڙو ميوزيم بہ هتي ئي هوندو هو. 1918ع کان، لائبريريءَ لاءِ ڪاليج طرفان ’اسپيشل گرانٽ‘ ۽ ’ساليانی گرانٽ‘ رکی وئی، جيڪا 1500 روپين تائين ٿی وئی. ان رقم سان مئٿميٽڪس ۽ انگريزي ادب جا ڪتاب وڏي پيماني تي خريد ڪيا ويا. 1918ع ۾ ڪتابن جو تعداد 7,256 هو ۽ 1937ع ۾ اهو تعداد 19,164 تائين پهتو. مختلف دؤرن ۾ لائبريريءَ جا مختلف انچارج رهيا، جن ۾ پروفيسر ترودي،

---

ڪيو. ساڳئی گشت دؤران 1887ع ۾ سکر واري لينسڊائون پل جي افتتاحي رسم بہ بمبئيءَ جي گورنر لارڊ ري ادا ڪئي، لارڊ ريءَ جي نالي پويان، ڊي.جي. ڪاليج جي لائبريري منسوب ڪئي وئي هئي.





پروفيسر ماڙيوالا، پروفيسر اجواڻي ۽ ٻيا شامل آهن.(3) ڊي.جي. ڪاليج مسلينيءَ جا نوان پراڻا پرچا، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جا نوان پراڻا جرنل هتان خريد ۽ فروخت ٿيندا هئا.

هتی جی لائبريري ۾ پيل لغتن جی باري ۾ ڪاڪی پيرومل لکيو آهی تہ، ”ڪراچیءَ جی ڊي.جی. سنڌ ڪاليج ۾ تيرهن ورهيہ سانده سنڌيءَ جو ليڪچرار هوس. اهو سڀ وقت پاڙهيم پئی، تہ پڙهيم بہ پئی. ڪاليج جی لئبرريءَ جو خوب فائدو ورتم. سنڌي ٻولیءَ جی اونهی اڀياس ڪرڻ لاءِ لئبرريءَ ۾ پهريائين بلڪل ٿورا ڪتاب هئا، پر پوءِ ٻيا گهڻيئي گهرائی پڙهيم. ائين ’سنڌي ٻولیءَ جی تاريخ‘ جوڙڻ لاءِ ڪيترو مال ڪٺو ڪيم. ڪاليج جی لئبرريءَ ۾ ڪيتريون ئی سنسڪرت، پالی، پراڪرت، هندي، پارسی، عربی وغيره ڊڪشنريون آهن، جن مان ڪی نهايت ڳري ملهہ واريون آهن ، ۽ ڪي تہ ٻئي ڪنهن بہ هنڌان ملڻ ئی مشڪل آهن.“(4)

هن وقت لائبريريءَ کي ڪوئي خاص نالو ڏنل نہ آهي، صرف ڊي.جي. ڪاليج جي لائبريري سڏي وڃي ٿي. سالن کان ڪتابن جي صفائي نہ ڪئي وئي آهي. ڪيترائي ناياب ڪتاب ضايع ڪري ڪاٻاڙيءَ حوالي ڪيا ويا آهن. ڪجهہ ڪتاب لائبريريءَ جي پٺئين پاسي رديءَ ۾ رکيا ويا آهن. ڪجهہ ڪٻٽن کان سواءِ ٻين ڪتابن ۾ رکيل ڪتابن جي لسٽ ضايع ٿي چڪي آهي. هن وقت، هن لائبريريءَ ۾ ڪاليج مسلينيءَ جي هڪ ڪاپي بہ موجود نہ آهي. اهڙيءَ شاندار لائبريريءَ ۾ جتي اڄ بہ ڪتابن جو هڪ وڏو ذخيرو آهي، ان پنجاهہ سالن

ڪان بہ متي ڪتابن جا ڪٻٽ ئي کوليا نہ ويا آهن. لائبريريءَ ۾ ڪوبہ ڪتابن جو ڪئٽلاگ موجود نہ آهي. ڪيترن ئي تاريخي نسخن کي هٿ وٺي ضايع ڪيو ويو. پروفيسر ڊيوئارٽ، جيڪي سنڌ جي تاريخ تي قلمي نسخا ڪٺي آيو هو، اهي سڀ رديءَ ۾ وڪامجي چڪا آهن. انهن مان ڪجهہ، ماڻهن ريگل چوڪ جي آچر بازار مان بہ خريد ڪيا.

**حوالا:**


1. "Karachi Gazzetter", 1927, p. 32
2. Prof. L.H. Ajwani: "The Golden Jubilee of the Dayaram Jethmal Sind College, Karachi (1887-1937)", the Educational Printing Press, Karachi, 1939, p. 143
3. Same, p. 144
4. پيرومل مهرچند آڏواڻي: "نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون" (مضمون) ماهوار "سنڌو"، شڪارپور 1945ع




## ورهاڱي کان پوءِ ڊي . جي. ڪاليج جو سفر

1947ع ۾ گڏيل هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ بہ ملڪ: هندستان ۽ پاڪستان دنيا جي نقشي تي نمودار ٿيا. سنڌ جيئن تہ مسلم آباديءَ وارو صوبو هو، ان ڪري ان کي پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويو. سنڌ جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچيءَ کي ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ ٺاهيو ويو. سرحد جي ٻنهي پاسن کان وڏي پيماني تي لڏ پلاڻ ٿي. سنڌ مان هندو سنڌين جي اڪثريت هندستان لڏي وئي ۽ اتان جي مختلف خطن، ثقافتي حصن ۽ اردوءَ جي مختلف لهجن جا باشندا وڏي پيماني تي سنڌ جي وڏن شهرن، جهڙوڪ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپور خاص، سکر، خيرپور ۽ نواب شاهہ ۾ آباد ٿيا. لڏ پلاڻ جي نتيجي ۾ جيڪي پناهہ گير سنڌ جي شهرن ۾ پهتا، شروع ۾ انهن کي گهڻو ڪري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ترسايو ويو. حيدرآباد جو ڊي.جي. نئشنل ڪاليج، ان سلسلي ۾ تمام گهڻو متاثر ٿيو.

قابل ذڪر ڳالهہ اها آهي تہ جڏهن ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جا آثار پڌرا ٿيڻ لڳا تہ 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج بورڊ' پاران ٽي.ايم. آڏواڻي، رام پنجواڻي، نهچلداس همتسنگهاڻي، ٽي. جي. خوبچنداڻي ۽ ٻيا سنڌيت لاءِ ڊي.جي. ڪاليج جهڙو ڪاليج کولڻ لاءِ بمبئيءَ ويا. جتي هنن روينيو واري وزير مُرارجي ڊيسائيءَ سان ملاقات ڪئي، پر هن سنڌين جي وفد کي مناسب

موت نہ ڏني. ڪجھ ڏينھن کان پوءِ ھو بيمار ٿي پيو، تہ ساڳيو وفد ھڪ گلدستو کڻي سندس تيمارداري ڪرڻ ويو. ڪيس اھا ڳالھ ڏاڍي وڻي ۽ ھُن ترت ئي بمبئيءَ ۾ پوليس لاءِ مخصوص ھڪ پلاٽ سنڌين کي ڪاليج اڏڻ لاءِ الاٽ ڪري ڇڏيو. 1948ع ۾ 'جئہ ھند ڪاليج' منظور ٿيو. شروع ۾ عارضي طور ايلفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ ۾ شام جو 'جئہ ھند ڪاليج' جا ڪلاس ھلائڻ جي منظوري ڏني وئي. اڳتي ھلي، 26 آگسٽ 1952ع ۾ جئہ ھند ڪاليج موجوده عمارت ۾ آندو ويو. شروعاتي طور جئہ ھند ڪاليج ۾ اھي سمورا استاد ھئا، جيڪي ھتي ڊي.جي. ڪاليج ۾ پڙھائيندا ھئا. سنڌي شعبي جو سربراھُ رام پنجواڻيءَ کي مقرر ڪيو ويو، جيڪو 1971ع ۾ اُتان رٽائرٽيو.(1)

حقيقت ھيءَ آھي تہ ڊي.جي. ڪاليج جي پنھنجي حيثيت ڪنھن يونيورسٽيءَ کان گھٽ نہ آھي. ھن ئي ڪاليج کان سنڌ ۾ سائنس، آرٽس، قانون، زراعت، ڪامرس وغيره جي تعليم جي شروعات ٿي. پر، ھن وقت ڪاليج ۾ صرف سائنس جا ڪلاس ورتا وڃن ٿا. ڊي.جي. ڪاليج جي ورھاڱي کان اڳ بہ تمام وڏي حيثيت ھئي ۽ ھاڻي بہ وڏي حيثيت آھي. محمد بن قاسم روڊ تي واقع ھن ڪاليج جي عمارت اڄ (2023ع) 136 سال گذرڻ جي باوجود، پنھنجي خوبصورت ۽ شاندار ھجڻ سان گڏ سنڌ جي تعليم جي تاريخ ۽ ترقيءَ جي ھڪ علامت بڻي بيٺي آھي. ان جو نالو ديوان ڏيارام جيٺمل سان منسوب آھي، جنھن ان جي قائم ڪرڻ لاءِ مالي ۽ روحاني طور پتوڙيو ھو.





ھيءَ عمارت 'دي سنڌ ڪلچرل ھيريٽيج' (پرزرويشن) ايڪٽ 1994ع تحت ثقافتي ورثو قرار ڏنل آھي. ان عمارت جي سرڪاري اجازت کان سواءِ ڪابہ ٽوڙ ڦوڙ ڪري نہ ٿي سگھجي. ڪاليج جي بلڪل سامھون ايس.ايم لا ڪاليج جي عمارت جڙيل آھي. ڪاليج جي بغل ۾ ايس.ايم. آرٽس ڪاليج جي عمارت آھي، جيڪا ھڪ طرح سان ڊي.جي. ڪاليج جي ھڪ حصي تي قبضو ڪيل آھي. ڪاليج جي بلڪل ويجھو برنس روڊ، سنڌ سيڪريٽريٽ،قومي عجائب گھر آھن. ويجھڙائيءَ ۾، ھتي سنڌ حڪومت پيپلز اسڪوائر تعمير ڪيو آھي، جنھن ۾ زير زمين پارڪنگ لاءِ وسيع جڳھ آھي. شھرين جي تفريح لاءِ فوڊ اسٽال ۽ ويھڻ جي جاءِ ٺھيل آھي.

ھن وقت ھيءَ ڪاليج سائنس ڊگري ڪاليج طور ڪم ڪري رھيو آھي. ڊگري ڪلاسز ڪراچي يونيورسٽيءَ سان منسلڪ آھن. انٽرميڊيئيٽ تائين صرف ڇوڪرن (شاگردن) کي داخلا ڏني وڃي ٿي ۽ گريجوئيشن جي سلسلي ۾ ڇوڪرن سان گڏ ڇوڪرين (شاگردياڻين) جي داخلا ڪئي ويندي آھي. ڪاليج ۾ ھيٺيان شعبا قائم آھن:

- بايو ڪيمسٽري
- باٽني
- ڪيمسٽري
- انگلش
- جيالاجي
- اسلامڪ اسٽڊيز

- مئٿميٽڪس
- مائڪرو بائلاجي
- پاڪستان اسٽڊيز
- فزيڪل ايجوڪيشن ۽ اسپورٽس
- سنڌي
- اسٽيٽسڪس
- اردو
- زولاجي.(2)

ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي موجود عمارت هيٺينءَ طرح آهي. ڪاليج جي بنيادي عمارت ٻن حصن ۾ ورهايل آهي: هڪ حصي ۾ ڪاليج جي پرنسيپل ۽ انتظامي عملي جون آفيسون آهن. ان ساڳي حصي جي هيٺين گرائونڊ تي اردو ۽ اسٽيٽسٽڪس جا شعبا آهن. جڏهن ته پهرين منزل تي اسلامڪ اسٽڊيز ۽ پاڪستان اسٽڊيز جا شعبا قائم آهن. جتي انهن شعبن جا استاد ۽ انچارج پڻ ويهندا آهن. عمارت جي پراڻي حصي ۾ بايو ڪيمسٽري، باٽني، انگلش ۽ ڪجهه ڪلاس روم گرائونڊ فلور تي قائم آهن. جڏهن ته فزڪس، ڪمپيوٽر سائنس ۽ مائڪرو بائلاجيءَ جا شعبا ۽ ڪجهه ڪلاس قائم آهن ۽ ٻي منزل تي زولاجيءَ جو شعبو آهي. ڪاليج جي ڊاڪٽر عبدالقدير بلاڪ ۾ گهڻو ڪري پهرين سال جي شاگردن جا ڪلاس روم آهن. ڪاليج جي عمارت ۾ موجود شعبا ۽ حصا، ورهاڱي کان اڳ مختلف ماڻهن جي نالن سان منسوب هئا. جن



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

انهن جي قيام ۾ جوڙجڪ ۾ مالي مدد ڪئي هئي. پر ورهاڱي کان پوءِ انهن نالن کي ختم ڪيو ويو يا ڪن ٻين نالن سان منسوب ڪيو ويو آهي.

ڪاليج جو ٻيو حصو محمد بن قاسم روڊ تي، مين بلڊنگ جي سامهون آهي. اتي لائبريري، جيالاجي ۽ ميٿ جا شعبا قائم ٿيل آهن. ڪاليج ۾ ڊاڪٽر عبدالقدير بلاڪ جي سامهون M.Sc. Block پڻ قائم ڪيو ويو آهي. جڏهن ته بلاڪ سان لڳو لڳ جمنيزيم قائم آهي. ان دؤر جي پرنسيپل جي بنگلي تي هن وقت سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ وارن پنهنجي ڪيمپ آفيس قائم ڪري ورتي آهي. ڪاليج ۾ هڪ شاندار گرائونڊ به آهي، جيڪو ڪرڪيٽ، هاڪي، فوٽ بال جي راندين طور استعمال ٿيندو آهي. اسپورٽس ڪامپليڪس، پرل ڪانٽيننٽ هوٽل جي بلڪل سامهون ۽ پي.آءِ.ڊي.سي. جي نزديڪ واقع آهي. هن وقت ڪاليج جي هاسٽل ۽ پرنسيپل جي بنگلي تي قبضا ٿي چڪا آهن. ڪاليج، ورهاڱي کان پوءِ گهڻي حد تائين، تعليمي معيار برقرار رکيو آهي، پر 1980ع کان پوءِ ڪاليج جي معيار ۾ ڪافي حد تائين گهٽتائي آئي آهي.

1947ع ۾ ورهاڱي سبب، ڪاليج کي ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو. هڪ ته ڪاليج ۾ داخل شاگردن جو هڪ تمام وڏو تعداد هندستان لڏي ويو ۽ ڪاليج شاگردن کان خالي ٿي ويو. ٻيو، ڪاليج جي استادن جي اڪثريت لڏي وڃڻ جي ڪري، استادن جي کوٽ ٿي پيئي. ٽيون، ڪاليج کي

جيڪي سرڪاري ۽ خانگي طور فنڊ ملندا هئا، اهي بند ٿي ويا. ڪاليج جو آخري پرنسپل مسٽر ڏرمداس ٽيڪچند ماڙيوالا، 1948ع ۾ هندستان لڏي ويو. ڪاليج کي هلائيندڙ بورڊ پڻ ختم ٿي چڪو هو. ڊي.جي. ڪاليج، اين.اي.ڊي ڪاليج، لا ڪاليج، ڪامرس ڪاليج وغيره سنڌ حڪومت کي منتقل ٿيا. ڊي.جي. ڪاليج جي عمارت، هاسٽل، پرنسپل جو بنگلو، ميناارام هاسٽل، جيم خانو وغيره سنڌ حڪومت پنهنجيءَ تحويل ۾ ورتا. ڪجهه مهينن لاءِ ڪاليج بغير بورڊ جي هلندو پئي آيو. پر 20 جون 1948ع تي ڪاليج جي تاريخ ۾ نئين باب جي شروعات ٿي. جو ته ان ڏينهن تي ڪاليج جي عمارت سنڌ جي نئين حڪومت جي حوالي ڪئي وئي. سنڌ حڪومت، ڪاليج هلائڻ لاءِ 'سنڌ ڪاليجئيٽ بورڊ' جوڙيو، ۽ ڪاليج هلائڻ جا اختيار ان بورڊ جي حوالي ڪيا ويا. اهڙيءَ طرح ڪاليج پنهنجي علمي سرگرمين ۽ معيار کي برقرار رکندو آيو ۽ ترقي ڪئي.(3) ڪاليج جو نالو 'ڊي.جي. سنڌ گورنمينٽ ڪاليج' مقرر ڪيو ويو. ڪاليج جي آرٽسٽ فيڪلٽي ۽ ڪامرس فيڪلٽيءَ کي گورنمينٽ آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج ڏانهن منتقل ڪيو ويو.

**ورهاڱي کان پوءِ ڪاليج جا پرنسپل ۽ انتظامي واڌارا**

ورهاڱي کان پوءِ هن ڪاليج جي نئين تاريخ شروع ٿي ۽ نوان پرنسپل مقرر ٿيڻ شروع ٿيا. 1984ع کان پوءِ ڪي ٿورا اهڙا پرنسپل رهيا آهن، جن ڊگهو عرصو گذاريو هجي. انهن پرنسپلن جي دؤر ۾ مختلف علمي ۽ ادبي سرگرميون ٿيون.





انهن جي انتظامي ڪوششن جي ڪري، ڪاليج بهترين شاگرد پيدا ڪيا، جن ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ نالو ڪمايو آهي. ڪجهه پرنسپلن جون خدمتون تمام اهم آهن، جن ڪاليج جي علمي ۽ ادبي ترقيءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هتي سندن مختصر احوال ڏجي ٿو:

**پروفيسر اي. ايل شيخ (20 جون 1948ع کان 1955ع)**

عبدالستار شيخ (1899ع-1975ع) ولد لطف علي شيخ جو تعلق لاڙڪاڻي سان هو. عبدالستار شيخ جو هن ڪاليج سان پراڻو تعلق هو. ورهاڱي کان پوءِ، 20 جون 1948ع تي ڪاليج جو پهريون پرنسپل مقرر ڪيو ويو. هتي ئي تعليم حاصل ڪئي هئائين. 1919ع ۾ انٽرميڊيئٽ،1921ع ۾ بي.ايس.سي. پهرين پوزيشن سان حاصل ڪيائين. دڪشڻا فيلو مقرر ٿيو. ڪاليج ۾ ڪيترائي انعام کٽيائين. 1918ع کان 1921ع تائين ڪاليج مسلينيءَ جو ايڊيٽر ٿي رهيو. 1932ع ۾ ايم.اي. فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري، يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيو. 1922ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ فزڪس جو ڊمانسٽريٽر مقرر ٿيو. 1923ع ۾ مئٿميٽڪس جو اسسٽنٽ پروفيسر ۽ 1929ع ۾ مئٿميٽڪس جو پروفيسر ٿي رهيو.(4)

هو مئٿميٽڪس سان گڏ، انگريزي ادب جو به ماهر هو. پنهنجي دؤر جو ڪهاڻيڪار به هو. ترقي پسند اديبن سان گڏ هوندو هو. سندس دؤر ۾ ڪاليجُ بمبئي يونيورسٽيءَ کان ڇڳي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي زير انتظام آيو. ڪافي وقت تائين، ڪاليج

مان ايم.اي، ايم.ايس.سي ۽ پي ايڇ. ڊي جا شاگرد فائدو وٺندا رهيا. 1954ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي قيام سان، ڪاليج کي ان جي زير انتظام آندو ويو. پروفيسر اي.ايل. شيخ 1955ع ۾ رٽائرمينٽ وٺي روانو ٿي ويو.

**پروفيسر ايل. اي ڊيسوزا (1955ع-1961ع)**

پروفيسر ليو اينٿوني ڊيسوزا عيسائي ڪميونٽيءَ سان تعلق رکندڙ هو. ميٽرڪ سينٽ پيٽرڪ اسڪول مان ڪيائين. 1929ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.ايس.سي ۽ 1936ع ۾ ايم.ايس.سي ڪيائين ۽ ساڳئي سال ۾ ڪاليج ۾ فزڪس جو ڊمانسٽريٽر مقرر ٿيو ۽ 1937ع ۾ کيس مستقل ڪري اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. سندس ٿيسز "An X-Ray investigation of the Crystals of Acenapthene and Triphenylmathene" بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان سيپٽمبر 1936ع ۾ شايع ٿي هئي.(5)

20 آگسٽ تي1955ع تي کيس پرنسيپال جي عارضي چارج ملي. جلدئي مستقل پرنسيپل مقرر ٿيو. 1961ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائر ڪيائين. ان وقت ڪاليج جي داخلا 2000 شاگردن تائين پهچي چڪي هئي. پروفيسر ڊيسوزا ليکڪ بہ هو. سندس ڪيترائي آرٽيڪل ڪاليج مسليني ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. ورهاڱي کان پوءِ هي پهريون پرنسيپل هو، جنهن ڪاليج جو مخزن جاري ڪيو. جنهن ۾ انگريزي، سنڌي ۽





اردو ۾ مواد ڏنل هو. 1959ع ۾ ڪاليج ۾ استادن ۽ شاگردن تي مبني 'ڊي.جي. ڪاليج لٽرري سوسائٽي' جو بنياد رکيائين.

**پروفيسر جي.بي سڌوا (1961ع-1967ع)**

پروفيسر جليجر برجوري سڌوا (Jalejar Burjorji Sidhwa)، پارسي ڪميونٽيءَ سان تعلق رکندڙ هو. سندس جنم 29 سيپٽمبر 1909ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. "هو 1930ع ۾ بحيثيت شاگرد جي هن ڪاليج ۾ شامل ٿيو ۽ 1934ع ۾ بي.ايس سي آنرز ڪيائين. کيس پي ايڇ.ڊي ڪرڻ لاءِ ايڊلجي اسڪالرشپ ملي، پر جنگ ڇڙڻ جي ڪري هو وڃي نہ سگهيو. هن ڪاليج ۾ بحيثيت پروفيسر ڪيمسٽريءَ جي خدمتون جاري رکيون. پاڪستان جي قيام کان پوءِ کيس ڪيمسٽري شعبي جو انچارج مقرر ڪيو ويو. جولاءِ 1961ع ۾ کيس پرنسيپل جون ذميواريون سونپيون ويون. جيڪي هن انتهائي قابليت سان نڀايون. هن علم، ادب ۽ ڪيمسٽريءَ تي ڪيترائي مضمون ۽ ڪتاب بہ لکيا. 1967ع ۾ رٽائر ٿيو."(6) ڪاليج ۾ هن ڪيمسٽريءَ جي سوسائٽي قائم ڪئي هئي. ان کان علاوه، هن جي زماني ۾ ڪيترين ئي علمي ۽ ادبي سوسائٽين پڻ قائم ٿيون. 1961ع کان 1967ع تائين ڪاليج جو پرنسيپل رهيو. سندس دؤر ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي قيام کي 75 سال پورا ٿيا.

**پروفيسر افتخار احمد انصاري (1967ع-1972ع)**

پروفيسر افتخار احمد انصاريءَ جو جنم 15 فيبروري 1924ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. 1950ع ۾ مئٿميٽيڪس جو ليڪچرر طور مقرر ٿيو. بعد ۾ پي ايڇ. ڊي ڪيائين. مئٿميٽيڪس جو معروف پروفيسر هو. 1967ع ۾ پروفيسر

جي.بي. سڌوا جي رٽائرمينٽ تي ڪيس ڪاليج جي پرنسيپل جي ذميواري ڏني وئي، جيڪا هن پنجن سالن لاءِ 1972ع تائين نڀائي. بعد ۾ سندس مقرري ڊائريڪٽر ڪاليجز طور تي وئي. سندس دؤر ۾ ڪاليج ۾ پڙهندڙ شاگردن جي ادبي لکڻين جي چٽاڀيٽيءَ، تقريري مقابلن ۽ سماجي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ هن ڪافي ڪم ڪيا. هن مجموعي طور تي بحيثيت پروفيسر ۽ پرنسيپل 22 سال ڪاليج ۾ گذاريا.

**پروفيسر ايس. ايچ. زبيري (1972ع-1984ع)**

پروفيسر سرور حسين زبيريءَ جو جنم 15 ڊسمبر 1923ع تي هندستان ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ هجرت ڪري پاڪستان آيو ۽ ڪراچيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. فزڪس ۾ ايم.ايس سي ڪئي هئائين. 1944ع ۾ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ فزڪس جو ليڪچرر مقرر ٿيو. 22 نومبر 1952ع تي سنڌ سرڪار جي نوڪريءَ ۾ شامل ٿيو ۽ ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ ليڪچرر طور ڪم شروع ڪيائين.1955ع ۾ ڪيس فزڪس جي شعبي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. 1965ع کان 1972ع تائين هو سپريئر سائنس ڪاليج جو پرنسيپل رهيو ۽ 1972ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ٿيو. پروفيسر افتخار محمد عظمي لکي ٿو ته، ”پروفيسر ايس.ايچ.زبيري فزڪس جو معروف پروفيسر هو ۽ سندس ڪلاسن ۾ اڪثر ٻين ڪاليجن جا به شاگرد ويٺل نظر ايندا هئا. ڪاليج جي انتظامن ڏسڻ کان سواءِ شايد ئي ڪوئي ڪلاس ڇڏيندو هجي. اهڙن استادن جو هاڻي ڪال پيئجي



دي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

رهيو آهي. هو علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ جو شاگرد هو ۽ باوقار شخصيت جو حامل هو.“(7)

**پروفيسر عبيدالرحمان (1984ع-1985ع)**

پروفيسر عبيدالرحمان جو جنم 15 اپريل 1926ع تي گڏيل هندستان ۾ ٿيو. 1955ع ۾ باٽنيءَ جو ليڪچر مقرر ٿيو ۽ مختلف ڪاليجن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. پروفيسر ايس.ايچ.زبيري 1984ع ۾ نوڪريءَ مان رخصت ٿيو، ته پروفيسر عبيدالرحمان کي پرنسيپل مقرر ڪيو ويو. انتهائي سخت منتظم هو. 1985ع ۾ سنڌ سرڪار ڪيس تعليم کاتي ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري (اڪيڊمڪ) طور مقرر ڪيو، ته سندس جاءِ تي پروفيسر عبدالصمد جي مقرري ٿي. سندس دؤر تائين ’سنڌ ڪاليجئٽ بورڊ‘ پنهنجي اهميت وڃائي چڪو هو، ان ڪري 1984ع ۾ ڪاليج جي مڪمل ذميواري سنڌ گورنمينٽ جي حوالي هئي.

**پروفيسر عبدالصمد (1985ع- 1986ع)**

پروفيسرعبدالصمد پڻ باٽنيءَ جو پروفيسر هو. پروفيسر عبيدالرحمان جي ڊسمبر 1985ع ۾ رٽائرمينٽ کان پوءِ ٿوري عرصي لاءِ پرنسيپل مقرر ٿيو. پر هڪ سال جي اندر سندس به رٽائرمينٽ ٿي وئي. سندس رخصتيءَ سان پروفيسر نسيم احمد شيخ، جيڪو مئٿميٽڪس جو پروفيسر هو، ان کي اپريل 1986ع کان جون 1986ع تائين عارضي چارج ڏني وئي. جڏهن ته جولاءِ 1986ع ۾ پروفيسر ضياءُ الدين احمد کي پرنسيپل

بڻايو ويو. هو هن ئي ڪاليج مان فارغ التحصيل هو ۽ مئٿميٽڪس جو پروفيسر هو. ٽن مهينن جي اندر سيپٽمبر 1986ع ۾ سندس به رٽائرمينٽ ٿي وئي.

**پروفيسر انوارالحق هاشمي (1986ع-1987ع)**

پروفيسر انوارالحق هاشمي، اسلامي تاريخ جو وڏو اسڪالر هو. سندس ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن. سيپٽمبر 1986ع ۾ کيس انچارج پرنسيپل مقرر ڪيو ويو. سندس دؤر ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي قيام کي هڪ سو سال پورا ٿيا. ان ئي سال ڪاليج جي ڪجهه پراڻن شاگردن The D.Jarian جي نالي سان هڪ تنظيم قائم ڪئي، ته جيئن هڪ سو ساله جشن ملهائجي، پر شهر ۾ لساني فساد پکڙيل هئا. ان ڪري ڪاليج ۾ ڪا به تقريب ڪانه ٿي، نه وري ڪو خاص نمبر شايع ڪيو ويو.

**پروفيسر ظهير احمد (1987ع-1988ع)**

پروفيسر ظهير احمد، باٽنيءَ جو استاد هو. مختلف ڪاليجن ۾ خدمتون ڏئي چڪو هو. پروفيسر انوارالحق هاشميءَ کان پوءِ کيس 1987ع ۾ پرنسپل مقرر ڪيو ويو، جتي هڪ سال لاءِ خدمتون ڏئي رٽائر ٿي ويو. سندس دؤر ۾ ڪاليج جو هڪ مخزن شايع ٿيو.

**پروفيسر نسيم احمد شيخ (1988ع- 1990ع)**

پروفيسر نسيم شيخ، جيڪو مئٿميٽڪس جو پروفيسر هو، هن ئي ڪاليج مان تعليم حاصل ڪري، M.Sc جي ڊگري حاصل ڪئي هئائين. 1955ع ۾ ليڪچرر طور پنهنجي



دي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

ڪيريئر جي شروعات ڪئي هئائين. کيس سڀ کان پهرين اپريل 1986ع کان جون 1986ع تائين عارضي چارج ڏني وئي هئي، پر ٻيو دفعو کيس 1988ع ۾ مستقل مقرري ملي ۽ آگسٽ 1990ع تائين خدمتون ڏنائين. سندس دؤر ۾ نالي وارو تعليمدان، اديب ۽ سماج سڌارڪ، ڊاڪٽر محبوب شيخ 1988ع ۾ ڪراچي جي 'ڊي.جي. سائنس ڪاليج' جو وائيس پرنسيپل ٿي رهيو. معروف سنڌي عالم ۽ اديب ڊاڪٽر نواز علي "شوق" پڻ ٿوري عرصي لاءِ، ڪاليج ۾ تدريسي خدمتون ڏنيون.

**پروفيسرايس. آءِ. اي. سبزواري (1990ع)**

پروفيسر ايس.آءِ.اي. سبزواري، اڪائونٽنگ جو مشهور استاد هو. آگسٽ 1990ع ۾ کيس پرنسيپل طور مقرري ملي، پر تمام جلد سيپٽمبر 1990ع ۾ سندس رٽائرمينٽ ٿي وئي. ان کان پوءِ پروفيسر ايم. قاسم صديقيءَ کي فيبروري 1991ع تائين انچارج پرنسيپل مقرر ڪيو ويو. ٿوري عرصي لاءِ پروفيسر عبدالوڪيل قريشيءَ کي ڪاليج جي چارج ڏني وئي. هو ان وقت ڊائريڪٽر ڪاليجز جي عهدي تي فائز هو. هڪ ٻن مهينن جي اندر وري چارج پروفيسر عامر اسماعيل جي حوالي ڪئي وئي. ٿوري ٿوري عرصي ۾، پرنسيپلن جي مقرري ۽ بدليءَ جي ڪري ڪاليج جي تعليمي ماحول تي تمام برو اثر پيو. ڪاليج ۾ تعليمي سرگرميون گهٽيون، ته غير نصابي سرگرميون ٺپ ٿي ويون. ان جي جاءِ تي سياسي پارٽين جي غنڊا گرديءَ ۾ اضافو ٿيو.

**پروفيسر ايم. قاسم صديقي (1991ع-1993ع)**

پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم صديقي، باٽنيءَ جي شعبي ۾ لندن مان پي ايچ.ڊي ڪري آيو هو. ڪيس پهريون دفعو 1990ع ۾ پرنسيپل جي چارج ملي هئي، پر 1991ع کان 1993ع تائين ڪيس مستقل مقرري ملي. ان دؤران، هن ڪاليج کي ڪافي سنڀاليو. پر تمام جلد سنڌس ڊائريڪٽر ڪاليجز طور مقرري ڪئي وئي. رٽائرمينٽ کان پوءِ، همدرد يونيورسٽيءَ ۾ ڊين طور خدمتون سرانجام ڏنائين. پاڻ 21 جنوري 2019ع تي آمريڪا ۾ وفات ڪيائين.

**پروفيسر سيد ڪمال الدين (1993ع-1995ع)**

پروفيسر محمد قاسم صديقيءَ جي ڊائريڪٽر ٿيڻ سان فزڪس جي پروفيسر سيد ڪمال الدين کي پرنسيپل جو عهدو ڏنو ويو. ان کان اڳ، هُو حيدرآباد ۾ به رهي آيو هو. 1995ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائر ٿي ويو.

**پروفيسر مظهر الحق (1995ع- 1996ع)**

پروفيسر سيد ڪمال الدين جي رٽائرمينٽ کان پوءِ، پروفيسر مظهرالحق پرنسيپل ٿي آيو. بنيادي طور تي ڪيمسٽريءَ جو پروفيسر هو. پنهنجي هڪ سال جي عرصي ۾ ڪوئي خاص ڪم ڪري نه سگهيو.

**ڊاڪٽر محمد شريف ميمڻ (1996-1997ع)**

تعليمي ماهر ڊاڪٽر محمد شريف ميمڻ، 10 آڪٽوبر 1940ع تي نيوسعيد آباد ۾ پيدا ٿيو. ڪيمسٽريءَ ۾ سنڌس ايم.ايس.سي. ٿيل هئي. 1989ع ۾ لندن مان ڪريڪيوليم





استڊيز ۾ پي ايڇ. ڊي ڪيائين. 1996ع ۾ هڪ سال لاءِ ڊي.جي. ڪاليج جو پرنسيپل رهيو. 1997ع ۾ ڪيس ڪراچي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. هو بنيادي طور تي ڪراچي بورڊ جو آفيسر هو. ڊاڪٽر شريف ميمڻ، تعليم کاتي جو ايڊيشنل سيڪريٽري رهيو ۽ پوءِ ٿوري عرصي لاءِ عارضي سيڪريٽري به ٿيو. ڊاڪٽر ميمڻ وڏو نيشنلسٽ طور سڃاتو ويندو هو. هن 10 جولاءِ 2005ع تي وفات ڪئي.

**ڊاڪٽر محمد آصف (1997ع-1999)**

پروفيسر ڊاڪٽر محمد آصف، آگسٽ 1997ع ۾ ڪاليج جو پرنسيپل بڻيو. سنڌس دؤر ۾ شاگردن جي تعداد ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو. فرسٽ ايئر ۾ جتي 600 شاگردن جي گنجائش هئي، هن سياسي بنيادن تي 1800 شاگردن کي داخلا ڏني. ڪلاسن جي اضافي خاطر، ڪاليج جي سامهون ڪجهه ڪمرا تعمير ڪرايا ويا. جنهن سان ڪاليج جي سونهن کي ڪافي نقصان پهتو. اڳتي هلي، ڊاڪٽر اي.ڪيو.خان جي صلاح سان اهي ڪمرا ٽوڙايا ويا. ڊاڪٽر آصف، 1999ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائر ٿي ويو.

**ڊاڪٽر روي شنڪر هراڻي (1999ع-2006ع)**

گهڻي عرصي کان پوءِ، هن ڪاليج کي هڪ اهڙو پرنسيپل مليو. جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ست سال ان عهدي تي رهيو. ان کان علاوه، ڪاليج جو انچارج پرنسيپل ۽ وائيس پرنسيپل به رهي چڪو هو. پروفيسر ڊاڪٽر روي شنڪر جو

تعلق ٿرپاڪر جي شهر مٺيءَ سان آهي. 1968ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم.ايس.سي. فزڪس ڪري، تعليم کاتي ۾ نوڪري شروع ڪيائين ۽ مختلف ڪاليجن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. 1982ع ۾ لنڊن مان پي.ايڇ.ڊي ڪري آيو. 1990ع کان ڪاليج جو وائيس پرنسيپل رهيو ۽ 1999ع کان 2006ع تائين پرنسيپل جي عهدي تي ڪم ڪيائين.(8)

سندس دؤر، ڊي.جي. ڪاليج جي تاريخ جو هڪ بهترين دؤر آهي. سندس ڪوششن سان، ڪاليج ۾ ڪمپيوٽر جي فيڪلٽي قائم ٿي ۽ BCS جا ڪلاس شروع ٿيا. سندس دؤر ۾ ڊاڪٽر اي. ڪيو. خان ڪيترائي دفعا گڏجاڻيون ڪيون ۽ پراڻن شاگردن جي تنظيم کي سرگرم ڪري، چندا گڏ ڪري ڪاليج ۾ بريءَ طرح اضافا ڪيل ڪلاس رومن کي ٽوڙائي، نوان ڪلاس تعمير ڪرايا. پرنسيپل جي آفيس کي بهترين نموني فرنش ڪيو ويو. پوري ڪاليج کي نوان رنگ ۽ روغن ڪرايا ويا. ڪاليج ۾ سرچ لائيٽ لڳڻ سان، قديم عمارت جي سونهن ۾ اضافو ٿيو. هن دؤر ۾ شاگردن جا ڊيبيٽنگ مقابلا ۽ راندين جون سرگرميون عروج تي پهتل هيون. راقم الحروف به هن دؤر ۾، انهيءَ ڪاليج جو حصو هو. ڊاڪٽر روي شنڪر، ڊسمبر 2006ع ۾ رٽائرمينٽ کان پوءِ، خاندان سميت گجرات (انڊيا) ۾ رهائش پذير آهي.

**پروفيسر حڪيم الله بيگ چغتائي (2006ع-2009ع)**

ڊاڪٽر روي شنڪر کان پوءِ، پروفيسر چغتائي، ڪاليج جو پرنسيپل ٿيو. هو بنيادي طور تي مائڪرو بائلاجي جو





پروفيسر آهي. پاڻ هن ئي ڪاليج جو شاگرد به رهيو. ته سندس نوڪريءَ جو ڳچ حصو به هتي ئي گذريو. هو ڪاليج جي لاهن چاڙهن ۽ ڪاميابين کان به واقف هو. سندس دؤر ۾ ڪاليج ۾ معمول مطابق تدريسي سرگرميون هليون، جن ۾ ڪا قابل ذڪر ڳالهه نه آهي. 2009ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائر ڪيائين. هن جي دؤر ۾ سالياني تقريب ٿي هئي.

**پروفيسر سيد رضوان حيدر (2009ع- 2010ع)**

پروفيسر سيد رضوان حيدر تقويءَ جو جنم الهه آباد هندستان ۾ پهرين مارچ 1950ع تي ٿيو. جتان هن شروعاتي تعليم حاصل ڪئي. 1968ع ۾ پاڪستان هجرت ڪري آيو ۽ ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. انٽر ميڊيئيٽ ۽ گريجوئيشن ڊي.جي. ڪاليج مان حاصل ڪيائين. جڏهن ته ايم.ايس.سي. مائڪرو زولاجيءَ ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. تمام جلد ڪيس سنڌ حڪومت ۾ ليڪچررشپ جي نوڪري ملي وئي. 1981ع ۾ هو سرڪاري خرچ تي ٽن سالن لاءِ نائجيريا پڻ ويو. مختلف ڪاليجن ۾ خدمتون ڏيندو، 1995ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج بدلي ٿي آيو.(9) 2009ع ۾ هڪ سال پرنسيپل طور خدمتون ڏئي رٽائر ٿيو.

**پروفيسر سيد ڪامل شير (2010ع- 2012ع)**

پروفيسر سيد ڪامل شير کي ڊي.جي. ڪاليج جو شاگرد هجڻ جو به شرف حاصل آهي. زندگيءَ جا 20 سال ڪاليج ۾ تدريسي خدمتون به ڏنائين. هو ڪيمسٽريءَ جو پروفيسر هو. مئي 2010ع کان مارچ 2012ع تائين ڪاليج جو

پرنسيپل رهيو ۽ اتان ئي رٽائرمينٽ ورتائين.

**پروفيسر سيد افضل حسين (2012ع- 2013ع)**

مارچ 2012ع ۾ پروفيسر سيد ڪامل شير جي رٽائرمينٽ کان پوءِ، مئٿميٽڪس جو پروفيسر افضل حسين پرنسيپل بڻيو. هو 1970ع ۾ هن ئي ڪاليج جو شاگرد رهيو. 1975ع ۾ فزڪس ۾ ايم.ايس.سي. ڪري ڪاليج ايجوڪيشن ۾ شامل ٿيو هو. جون 2013ع تائين ڪاليج جو پرنسيپل رهيو. سندس دؤر عام رواجي هو. سندس رٽائرمينٽ کان پوءِ ڊاڪٽر محمد ارشد کي چند مهينن لاءِ ڪاليج جو انچارج پرنسيپل رکيو ويو.

**پروفيسر غلام مهدي بلوچ (2013ع- 2014ع)**

پروفيسر غلام مهدي بلوچ ڪيترن ئي انتظامي عهدن تي ڪم ڪيو. بنيادي طور باٽنيءَ جو پروفيسر هو. جولاءِ 2013ع کان مارچ 2014ع تائين ڊي.جي. ڪاليج جي پرنسيپل طور خدمتون ڏنائين. سندس رٽائرمينٽ کان پوءِ، ٿوري عرصي لاءِ ڊاڪٽر محمد ارشد انچارج پرنسيپل طور ڪم ڪيو. ڪانئس پوءِ پروفيسر الله بخش اعوان آگسٽ 2014ع کان آڪٽوبر 2014ع تائين اڍائي مهينن لاءِ پرنسيپل ٿيو. هڪٻئي جي پويان پرنسيپل بدلي ٿيڻ سان، ڪاليج جي معيار ۽ طرز گورننس تي ڪافي اثر پيو.

**ڊاڪٽر محمد ارشد (2014ع-2016ع)**

پروفيسر ڊاڪٽر محمد ارشد جو طويل عرصو ڊي.جي.





ڪاليج ۾ گذريو آهي. هو بنيادي طور تي فزڪس جو پروفيسر آهي. اپريل 2014ع کان آگسٽ 2014ع تائين، ڪاليج جو انچارج پرنسيپل رهيو. جڏهن ته 18 آڪٽوبر 2014ع کان 20 ڊسمبر 2016ع تائين ڪاليج جو مستقل پرنسيپل ٿي رهيو. انتهائي چست ۽ سرگرم منتظم رهيو. ڪاليج ۾ ڪلاسن کي يقيني بڻائڻ ۾ سندس ڪوششون قابل تحسين آهن. سندس رٽائرمينٽ تي، پروفيسر شهزاد مسلم کي انچارج پرنسيپل طور مقرر ڪيو ويو.

**پروفيسر محمد سليم (2019ع- 2020ع)**

پروفيسر محمد سليم غوري، سيپٽمبر 2017ع کان مارچ 2019ع تائين ڪاليج جو پرنسيپل رهيو. سندس دؤر ۾ ڪاليج طرفان هڪ ساليانو مخزن به شايع ٿيو. هتي رهي، نوڪريءَ تان رٽائر ٿيو. بعد ۾ ڊي.جي. ڪاليجز تي ويو. سندس دؤر جي ڪابه قابل ذڪر ڳالهه نه آهي.

**پروفيسر شهزاد مسلم خان (2019ع-2020ع)**

پروفيسر شهزاد مسلم خان، فزڪس جو بهترين استاد مڃيو ويندو آهي. سندس تعلق ڪراچيءَ سان آهي. ڪيترائي سال ڊي.جي. ڪاليج ۾ تدريسي خدمتون ڏيندي ڊسمبر 2016ع کان سيپٽمبر2017ع تائين انچارج پرنسيپل رهيو ۽ مارچ 2019ع کان 2020ع تائين مستقل پرنسيپل رهي خدمتون ڏنائين.

**پروفيسر غلام مصطفيٰ چارڻ (2020ع- 2021ع)**

پروفيسر غلام مصطفيٰ چارڻ جو تعلق دادو ضلعي سان آهي. هن تعليم سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي آهي ۽ ايم.ايس سي. فزڪس ۾ ڪيائين. ڊي.جي. ڪاليجز بہ رهي چڪو آهي. مئي 2020ع کان اپريل 2021ع تائين ڊي.جي. ڪاليج جو پرنسيپل رهي، نوڪريءَ تان رٽائر ڪيائين. هن اسٽاف روم کي هڪ دفعو ٻيهر آباد ڪرايو ۽ استادن کي پڪنڪ ڪرايون. سندس دؤر ۾ رانديون ۽ ٻيون سرگرميون بہ تمام گهڻيون ٿيون.

**پروفيسر محمد مهر منگي (اپريل 2021ع )**

پروفيسر محمد مهر منگيءَ جو تعلق خيرپور ضلعي سان آهي. هو بنيادي طور زولاجيءَ جو پروفيسر آهي. غلام مصطفيٰ چارڻ جي رٽائرمينٽ کان وٺي، نومبر 2022ع تائين ڊي.جي. ڪاليج جو پرنسيپل رهيو ۽ بعد ۾ سندس بدلي ٿي وئي.

**پروفيسر راشد احمد مهر (22 نومبر 2022ع)**

پروفيسر راشد احمد مهر کي، منگي صاحب جي ٽرانسفر کان پوءِ ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ڪيو ويو آهي. هو بنيادي طور تي فزڪس شعبي جو پروفيسر آهي ۽ ڊائريڪٽوريٽ آف ڪاليجز جي آفيس ۾ ڊائريڪٽر فائنانس طور خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي.

**حوالا:**



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون


1. ڊاڪٽر محمد قاسم راڄپر : ”سنڌ ۾ تعليم ۽ ادب جي واڌاري ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو ڪردار“، (مقالو)، ڇماهي ”ڪارونجهر“ تحقيقي، جرنل، وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ڪراچي، جون 2015ع
2. Online Wikipedia Encyclopedia
3. The D.J. Sind Government Science College, College Magzine, August 1958, p. 1
4. The D.J. Sind Government Science College, College Magzine, August 1967, p. 1
5. Prof. L.H. Ajwani: "The Golden Jubilee of the Dayaram Jethmal Sind College, Karachi (1887-1937), The Educational Printing Press, Karachi, 1939, p. 143
6. The D.J. Sind Government Science College, College Magzine, August 1967, p.152
7. موٽيرام ايس. رامواڻي: ”سنڌ ۽ اسان جو ورثو“ (جلد ٻيو)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص. 211
8. پروفيسر شمس الدين ابڙو: ”اسان جو محبوب پرنسيپل ڊاڪٽر روي شنڪر“،ڊي.جي. ڪاليج مخزن، 2008ع، ص 153
9. The Principal, D.J Sindh Government Science College, Karachi Makhzan, 2010, p. 4

## ڊي.جي. ڪاليج ۾ مختلف ٻولين جي ادب جي تعليم

ڊي.جي. ڪاليج، هن وقت سائنس جي شعبي تائين محدود آهي. ورهاڱي کان اڳ، هتي ٻيون فيڪلٽيون ۽ مختلف زبانن جو علم ۽ ادب پڻ پڙهايو ويندو هو. ڇو ته، ڪراچي سميت پوريءَ سنڌ ۾، مختلف مذهبن، عقيدن، قومن ۽ ٻولين جا ماڻهو رهندا هئا. انهن سڀني جي تعليم جو مرڪز ڊي.جي. ڪاليج ڪراچي هوندو هو. انهن سڀني گروهن جي شاگردن جون هتي علمي ۽ ادبي جماعتون قائم هيون، اشاعتي رسالا هئا ۽ ڪاليج ۾ سندن پسند جي ٻولين ۽ ادب جي تعليم جو پڻ بندوبست ٿيل هو. هي ڪاليج پوري هندستان جي نمائندگي ڪندڙ ڪاليج هو. هتي، مختصر نموني ۾ انهن جو احوال ڏجي ٿو:

**انگريزي**

انگريزن جيئن ئي سنڌ تي قبضو ڪيو، ته سندن مرڪز ڪراچي شهر ئي رهيو. هنن پنهنجي سهولتن خاطر آفيسون، اسڪول ۽ رهائش گهر، چرچ، ڪلب وغيره گهٽي ۾ گهٽا ڪراچيءَ ۾ جوڙايا. انگريزن سڀ کان پهريون انگلش ميڊيم اسڪول، سنڌ جي قبضي کان به اڳ 1841ع ۾ هاٽوڪي واري صدر جي علائقي ۾ قائم ڪيو هو. پر ان ۾ مقامي ماڻهن جي ٻارن کي داخلا نه ڏني ويندي هئي. ان اسڪول





۾ 40 هين ريجمينٽ جي انگريز فوجين جا ٻار پڙهندا هئا. اسڪول ۾ اٽڪل 50 ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون زير تعليم هيون. (1) 1853ع کان وٺي، سنڌ ۾ ٻارن جي پرائمري تعليم لاءِ ورنيڪيولر اسڪولن کان سواءِ اينگلو ورنيڪيولر اسڪول پڻ قائم ڪيا ويا. اينگلو ورنيڪيولر اسڪولن جو مطلب هو ته: 'مقامي ۽ انگريزي ٻولين ۾ تعليم جو ذريعو.' انگريزن برصغير تي قبضي کان پوءِ سرڪاري ادارا ۽ آفيسون قائم ڪيون، جن لاءِ ڪين مختلف درجن لاءِ مقامي ماڻهن جي ضرورت هئي، جيڪي سندن ماتحتي ۾ ڪم ڪري سگهن. انهن پرائمري اسڪولن لاءِ هڪ اصطلاح 'اينگلو ورنيڪيولر اسڪول' ايجاد ڪيو. هي اصطلاح هندستان، سنڌ، برما، سريلنڪا ۽ ٻين ملڪن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو.

سنڌي ۽ انگريزي ٻوليءَ جي ميلاپ سبب، سنڌي ٻوليءَ تي گهرا اثر مرتب ٿيا. ٻولين جي اهڙي ميلاپ مان سڀ کان گهڻو اثر لفظي ذخيري تي پوندو آهي. سنڌيءَ ۾ به انگريزيءَ جا هزارين لفظ بطور دخيل لفظن (Loan Words) جي داخل ٿيا. "سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ضرورت تحت سنڌيءَ ۾ اهڙن هم معنيٰ لفظن جي ناپيد هجڻ سبب انگريزيءَ مان اهڙا لفظ اڌارا ورتا ويا. پسند/ اختيار سان ورتل لفظ پنهنجي اظهار ۾ وسعت ڏيڻ ۽ معنوي نڪتهءِ نگاه کي مختلف انداز سان بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا." (2)

سنڌ ۾ انگريزي ٻوليءَ سان جتي تعليم ۾ نوان شعبا شامل ٿيا، اتي انگريزي ٻوليءَ جي ادب تائين تمام گهڻي رسائي ٿي پئي. ڊي.جي. ڪاليج ۾، شروع کان تعليم جو نظام انگريزيءَ ۾ قائم ڪيو ويو، ڇوته هتي پرنسيپل ۽ ڪجهه استادن ۾ انگريز ئي شامل هئا. اهو ئي سبب آهي ته ڊي.جي. ڪاليج جي شاگردن جي انگريزي شاندار هوندي هئي. انگريزيءَ جو مضمون لازمي طور شامل هو ۽ هر ٻار لاءِ لازم هو ته هو انگريزيءَ شعبو اختيار ڪن خود. سنڌ جا استاد ۽ عالم، بمبئي يونيورسٽيءَ مان اڳ ئي انگريزي ادب ۾ ڊگريون وٺي پهچي چڪا هئا. ڊي.جي. ڪاليج جو پرنسيپل مسٽر جيڪسن، انگريزي ادب تي تمام وڏي مهارت رکندو هو. صاحب سنگهه چندا سنگهه پهريون سنڌي هو، جيڪو انگريزي ادب ۾ ايم.اي. جو امتحان پاس ڪري، هن ڪاليج ۾ مقرر ٿيو. سنڌي ٻوليءَ جو نامور عالم ۽ تعليمدان لالسنگهه اجواڻي بي.اي. انگريزي ادب ۾ ڪئي، ڊي.جي. ڪاليج ۾ پروفيسر ٿي آيو. ڊاڪٽر گربخشاڻي پهريون سنڌي عالم آهي، جنهن انگريزي ادب تي ڊاڪٽريٽ ڪئي. هن 1928ع ۾ لنڊن يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ. ڊي ڪئي. سندس مقالي جو عنوان: 'Mysticism in the Early Nineteenth Century Poetry of England' هو.(3) پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، انگريزيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو هو. اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترائي استاد ۽ شاگرد پيدا ٿيا، جن هن ڪاليج مان انگريزي ادب ۾ ڊگري ورتي ۽ هن ڪاليج ۾ انگريزي ادب پڙهايو.





ڊي.جي. ڪاليج ۾ لٽرري سوسائٽيءَ جو گهڻو تڻو ڪم انگريزيءَ ۾ هلندو هو. هسٽاريڪل سوسائٽي ۽ نيچرل هسٽري سوسائٽيءَ جا ليڪچر انگريزيءَ ۾ ٿيندا هئا. هن ڪاليج ۾ شيڪسپيئر جي نالي سان سرڪل قائم ٿيل هو. ان کان علاوه، هن ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جا انگريزي ٻولي ۽ ادب ۾ بيشمار ڪتاب، آرٽيڪل ۽ مضمون لکيل آهن. ڊي.جي. ڪاليج مسلينيءَ جو انگريزي ادب جي واڌاري ۾ وڏو ڪردار آهي. ڇو ته مسلينيءَ ۾ سنڌي ۽ گجراتيءَ جي برعڪس، انگريزيءَ ۾ مواد گهڻو ۽ وڌيڪ معياري شايع ٿيندو هو. هن ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جي شاعري، ڪهاڻيون ۽ مضمونَ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيندا هئا، جيڪي اڄ به سانڍڻ جهڙا آهن. ڊي.جي. ڪاليج مسلينيءَ جي انگريزي ليکڪن ۾ ٽي. ايل واسواڻي، ايم.يو. ملڪاڻي، منگهومل ميرچنداڻي، آر.ڪي. ميرچنداڻي، ايڇ. ايم تنوجا، ايل.ايف. ڪيسواڻي، پروفيسر ايس. اين پيرواڻي، موهنداس ڪوڙومل، جي.ايڇ. بابر، پروفيسر سي. ايس. ناگرواڻي، لڇمڻ پمپاڻي، مس ليلا ٽيڪچنداڻي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

ورهاڱي کان پوءِ، ڊي.جي. ڪاليج جا جيترا به مخزن نڪتا آهن، انهن ۾ به انگريزي مضمونن جو تعداد وڌيڪ آهي ۽ ڪجهه شاگردن جي انگريزي شاعري به ڏنل آهي.

**لاطيني ۽ فرانسيسي**

ڊي.جي. ڪاليج ۾ انگريزيءَ کان علاوه بہ مختلف يورپي ٻوليون پڙهايون وينديون هيون. مسٽر آگسٽس روڊلف ڪروزو ڪاليج ۾ 1906ع کان 1909 تائين لاطيني پڙهائيندو هو. ننڍي عمر ۾ سندس وفات ٿي وئي. پروفيسر اينڊرين ڊيوٽارٽ ڪاليج ۾ تاريخ سان گڏ فرينچ پڙهائيندو هو.

سنڌي

ڊي.جي. ڪاليج، سنڌ جي تاريخ جو تمام وڏو تعليمي ادارو آهي، جنهن سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن ڪاليج ۾ نہ صرف سنڌي استادن جو تعداد گهڻو هوندو هو، پر شاگردن جو تعداد بہ تمام گهڻو هو، جن جي مادري زبان سنڌي هئي ۽ هنن مختلف محاذن تي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪيو. هن ڪاليج ۾ ويهي، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ”شاهہ جي رسالي“ جو معياري نسخو تيار ڪيو. هن ڪاليج ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ايس.سي.شهاڻي، پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، پروفيسر رام پنجواڻي، ڊاڪٽر دائودپوٽي، پرمانند ميوارام، لعلچند امرڏني مل،ڄيٺمل پرسرام، شيخ اياز، شيخ ”راز“ ۽ ٻين سون جي تعداد ۾ استادن ۽ شاگردن ويهي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جا گهڙا ڀريا. هتي سنڌي ٻوليءَ جون جماعتون ٺهيون، رسالا نڪتا، ليڪچر پروگرام ٿيا ۽ فنڪشن ٿيا. ڊي.جي. ڪاليج مسلينيءَ جو پڻ سنڌي ادب ۾ اهم ڪردار رهيو آهي.



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

1921ع کان اڳ، سنڌيءَ جو سبجيڪٽ صرف ميٽرڪ تائين پڙهايو ويندو هو. ميٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽي وٺندي هئي ۽ سنڌ مان سنڌي سبجيڪٽ جو ممتحن صاحب سنگهہ چندا سنگهہ شهاڻي هوندو هو. 1917ع ۾ صاحب سنگهہ چندا سنگهہ شهاڻي، ڊي.جي. ڪاليج جو پرنسيپل ٿيو. هو بمبئي يونيورسٽيءَ سان لکپڙهہ ڪندو رهيو تہ سنڌيءَ جي سبجيڪٽ کي بي.اي. جي ڪورس ۾ شامل ڪيو وڃي. 1920ع ۾ هو يونيورسٽيءَ کي ان شرط تي مڃرائڻ ۾ ڪامياب ويو، تہ سنڌ وارا، سنڌي سبجيڪٽ کي ڪورس ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ تفصيلي رپورٽ موڪلي کين مطمئن ڪندا، تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻو ادب ۽ سگهہ موجود آهي ۽ اها بي.اي. جي ڪورس ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. پروفيسر شهاڻيءَ، ان دؤر جي فارسي ۽ انگريزي ادب جي پروفيسر ڊاڪٽر ايڇ.ايم گربخشاڻيءَ کي ذميواري ڏني تہ جيئن تہ هو سنڌي ادب تي بہ وڏي دسترس رکي ٿو، ان ڪري سنڌي ادب جي تاريخ بابت هڪ مفصل رپورٽ تيار ڪري. ڊاڪٽر گربخشاڻي، ”شاهہ جي رسالي“ تي ڪم ڪري رهيو ۽ مصروف هو. بهرحال هُن ٻن سالن جي عرصي ۾ رپورٽ تيار ڪئي. ان رپورٽ کي ڇڪاسڻ کان پوءِ، پرنسيپل شهاڻي صاحب، سنڌ سرڪار جي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي منظوريءَ سان اها رپورٽ "A Brief Survey of published Sindhi Literature” (بمبئي يونيورسٽيءَ جي روشنيءَ ۾) بمبئيءَ يونيورسٽيءَ سنڌي ٻوليءَ کي بي.اي. جي امتحان ۾ شامل ڪيو. بمبئي يونيورسٽيءَ جي

سينڊيڪيٽ، ان رپورٽ جي آڌار تي، سنڌي ٻوليءَ کي بي.اي. جي ڪورس لاءِ منظور ڪيو. ڪاليجن ۾ سنڌي مضمون کي شامل ڪرڻ لاءِ ضروري هو ته ان مقصد لاءِ ’بورڊ آف اسٽڊيز فار سنڌي‘ ٺاهي وڃي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ٻين صاحبن کان علاوه شمس العلماء مرزا قليچ بيگ به هن ڪميٽيءَ جو ميمبر ٿيو، جو سندس آتم ڪٿا ذريعي اهڙي خبر پوي ٿي. اڳتي هلي، شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽو پڻ بمبئي يونيورسٽيءَ جي ’سنڌي بورڊ آف اسٽڊيز‘ جو ميمبر بڻيو. يونيورسٽيءَ نه رڳو سنڌي ، بطور مضمون ڪاليجن ۾ پڙهائڻ جي اجازت ڏني ، پر ان سان گڏ معياري ادبي ڪتابن جي ڇپائي لاءِ روڪ رقم پڻ ڏني.(4)بعد ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي نه صرف ڪميٽيءَ جو ميمبر بڻيو، پر سندس ڪتاب ”نورجهان“ کي ڪورس ۾ شامل ڪيو ويو.

البته ورهاڱي کان پوءِ ڊي.جي. ڪاليج مان سنڌي ادب جي رفتار گهٽي حد تائين گهٽجي وئي، ڇو ته سنڌي شاگردن ، استادن ۽ ادبي جماعتن جو تعداد گهٽجي ويو. هن وقت انٽرميڊيئيٽ جي ڪلاسن ۾ سنڌيءَ جو مضمون پڙهايو ويندو آهي، جنهن ۾ تمام گهٽ شاگرد سنڌي سبجيڪٽ کڻندا آهن. اهڙيءَ طرح، ڊي.جي. ڪاليج جي مخزن ۾ سنڌي استادن توڙي شاگردن جي معمولي شموليت نظر ايندي آهي.

**گجراتي**

قديم دؤر کان گجرات ۽ سنڌ هڪٻئي جا پاڙيسري رهيا آهن. اڄ به ڏکڻ اوڀر ۾ سنڌ گجرات (هندستان) کي لڳي





ٿو. گجرات ۾ رهندڙن جي وڏي انگ جي ٻولي سنڌي آهي.گجرات ۾ ڪيترائي سنڌي اڄ به رهندڙ آهن. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته. ”ڪراچيءَ ۾ ورهاڱي تائين واپار سمنڊ رستي گجرات سان هلندو هو. ڪين سنڌي ٻوليءَ جو سٺو گيان هو. هُو گهڻو ڪري سنڌي ٻولي ديوناگري يا گجراتي لپيءَ ۾ لکندا هئا. ڪڇي ٻولي، سنڌيءَ جي هڪ اپ ڀاشا آهي، جيڪا گجراتي لپيءَ ۾ لکي ويندي آهي. ڪڇيءَ جي ڪن لهجن ۾ سنڌي ڳ، ڄ، ڏ، ٻ ڌوني- تت موجود آهن. جن کي لکڻ لاءِ گجراتي ورڻ هيٺان ٽپڪو لڳايو ويندو آهي.“(5) ڪراچيءَ ۾ اڄ به ڪيترائي گجراتي رهندا آهن.

انگريزن جي دؤر ۾ گجراتي لپيءَ کي سرڪاري درجو مليل هو. باقاعده درسي ڪتاب شايع ٿيندا هئا ۽ استادن ۽ اسڪولن جو بندوبست ڪيل هوندو هو. گجراتيءَ ۾ اخبارون نڪرنديون هيون. ڊي.جي. ڪاليج ۾ گجراتي شاگردن جو هڪ وڏو تعداد هوندو هو ۽ شاگردن جي نمائنده تنظيم ’دي گجراتي اسٽوڊنٽس يونين‘ هوندي هئي. گجراتي ادب جي لاءِ جتن ڪيا ويندا هئا. ڊي.جي. ڪاليج جي مسليني ٽن ٻولين: انگريزي،سنڌي ۽ گجراتيءَ ۾ شايع ٿيندي هئي. ڊي.جي. ڪاليج ۾ گجراتيءَ جو مضمون اختياري طور هوندو هو. جيڪي شاگرد پڙهڻ چاهين، انهن جي لاءِ الڳ شعبو هو ۽ استاد مقرر ٿيل هئا.

**سنسڪرت**

سنسڪرت جو سنڌ سان تمام آڳاٽو رشتو آهي. آرين جي قومي ۽ ڌرمي زبان سنسڪرت هئي ۽ هو براهمي رسم الخط ۾ لکت پڙهت ڪندا هئا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي ته. "ڊاڪٽر پٽاوالا به ان ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي ته : ويدڪ ڪوي، جي سنڌو ماٿريءَ جي مٿئين ڀاڱي (پنجاب ۽ سنڌ) جا هئا. سي پنهنجا پوتر ڀڄن سنڌوءَ جيجل کي ارپڻ ڪندا هئا. يعني ته ويد، جي سنسڪرت ساهتيه جو بنياد آهن، سي سچ پچ مهان سنڌ ديس جون ئي اوائلي تصنيفون آهن- پوءِ ڀلي سنسڪرت ۾ لکيل هجن، ڇو جو تنهن زماني ۾ سنڌ جي ٻولي ئي سنسڪرت هوندي هئي ۽ براهمي لپيءَ ۾ لکبي هئي". (6)

انگريزن جي دؤر ۾ سنسڪرت جي تعليم لاءِ خاص بندوبست هوندا هئا. ڏيارام گدومل، پنهنجي پتا منشي گدومل جي ياد ۾ حيدرآباد ۾ "گدومل سنسڪرت پانشالا" قائم ڪئي هئي. حيدرآباد، شڪارپور ۽ ڪراچيءَ سميت ٻين شهرن ۾ به سنسڪرت جي تعليم جو بندوبست هو. پر ڊي.جي. ڪاليج ۾ سنسڪرت پڙهائڻ لاءِ مٿئين سطح تي بندوبست ڪيل هو. ڏيارام گدومل جو پائٽيو سيلرومل چيئنراءِ شهاڻي، هتي سنسڪرت جو ليڪچرر رهيو بعد ۾ وڃي حيدرآباد جي پانشالاسنڀاليائين. پروفيسر ڊي.آر. مينڪڊ، ڊي.جي. ڪاليج ۾ سنسڪرت جو تمام وڏو پروفيسر موجود هو. جنهن قديم سنسڪرت ڊرامي تي ڪتاب به لکيو هو. اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترائي شاگرد ۽ ڪي استاد موجود هئا.





**فارسي**

سنڌ ۾ فارسيءَ جي هڪ وڏي تاريخ آهي. انگريزن جي دؤر کان اڳ، سنڌ جي سرڪاري ۽ دفتري ٻولي فارسي هئي. سنڌ جي مڪتبن ۾ پڻ فارسيءَ ۾ تعليم ڏني ويندي هئي. سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جو وڏو ذخيرو به فارسيءَ ۾ موجود هو. جيتوڻيڪ، انگريزن سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ دفتري ٻوليءَ جو درجو ڏنو، پر هُو فارسيءَ جي سنڌ مان اهميت کي ختم ڪري نه سگهيا. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌ مدرسي، ڊي.جي. ڪاليج ۽ ٻين شهرن جي اسڪولن توڙي ڪاليجن ۾ فارسيءَ جي تعليم جو پورو پورو بندو بست هوندو هو.

ڊي.جي. ڪاليج ۾ انگريزيءَ جي ادب کان وڌيڪ فارسي ادب جي تعليم جي ناماچاري هوندي هئي. شروع ۾ فارسي ادب پڙهائڻ لاءِ ايران مان استاد گهرايا ويندا هئا. پروفيسر دستور ۽ پروفيسر ايم.ايم. مرزا جو تعلق ايران سان هو. سنڌي مسلمان استادن ۾ پهريون عارف شاهه ولد چنا شاهه گيلاني هو. 1929ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخل ٿيو. 1933ع ۾ بي.اي. جو امتحان پاس ڪيائين ۽ ٻه سال ڪاليج جو فيلو رهيو.

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، بنيادي طور تي فارسيءَ جو پروفيسر هو. جڏهن پڙهائيندو ته ڪلاسن ۾ سانت طاري ٿي ويندي هئي. ڪانئس پوءِ شمس العماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو فارسيءَ جو استاد ٿي آيو. جيڪو پهريون مسلمان سنڌي هو ، جنهن "عربي شاعريءَ جو فارسي شاعريءَ تي اثر" عنوان هيٺ انگريزيءَ ۾ مقالو لکي سال 1927ع ۾ پي ايچ. ڊي

جي ڊگري حاصل ڪئي هئي. هن ڪاليج جي فارسيءَ جي پروفيسر، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي ”خادم“ سنڌ جي فارسي گو شاعرن جي عنوان تي تحقيق ڪري ڊاڪٽريٽ (Ph.D) جي ڊگري ورتي.

هن ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جو فارسي ادب ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. هنن ڪيترن ئي فارسي ڪتابن جا انگريزي ترجما ڪيا ۽ شاگردن جي آسانيءَ لاءِ سهولتي ڪتاب پڻ جوڙيا.

**عربي**

سنڌ ۾ عربي ٻولي ۽ ادب جي پڻ هڪ وڏي تاريخ آهي. عربيءَ جو اثر ان وقت شروع ٿيو هو، جڏهن محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪري، هتي اسلامي قانون لاڳو ڪيو هو. سنڌ کي ’باب الاسلام‘ به چيو ويندو آهي. سنڌ ۾ ئي قرآن شريف جو پهريون ترجمو ٿيو هو. سنڌي ٻوليءَ تي عربيءَ جو تمام گهرو اثر رهيو آهي، جو سنڌي ٻوليءَ جي لکت عربي اکرن تي آڌاريل آهي. سنڌ ۾ عربي ادب به تمام گهڻو تخليق ۽ ترجمو ٿيو آهي. سنڌ مدرسي ۽ ڊي.جي. ڪاليج سميت ڪيترن ئي تعليمي ادارن ۾ عربي پڙهائڻ جو بندوبست هوندو هو. ڊي.جي. ڪاليج ۾، عربيءَ جو الڳ استاد مقرر هوندو هو. جن ۾ اي.اي. قريشي، شفيع محمد قريشي، پروفيسر ايم.ڪي. پيرزادو، پروفيسر دريشاڻي، ڊاڪٽر دائودپوٽو، پرفيسر غلام حسين جلباڻي قابل ذڪر آهن. هُو عربي ٻوليءَ جي سکيا سان گڏ، عربي ٻوليءَ جو ادب به پڙهائيندا هئا. انهن ۾ شفيع محمد ولد





حاجي محمد احسن 1921ع ۾ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. بي.اي. ۽ ايم.اي. علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. ڪجهه وقت، ڊي.جي. ڪاليج ۾ عربيءَ جو ليڪچرر ٿي رهيو. ’محمدن ايجوڪيشن ان سنڌ‘ ۾ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ٿيو.(7)

**اردو**

پوريءَ سنڌ ۾، اردو ٻوليءَ جي تعليم جو گهڻو وهنوار، ورهاڱي کان بعد شروع ٿيو. البته، ورهاڱي کان اڳ، سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ڪجهه علائقن ۾ ڪي ٿورا اردو ميڊيم اسڪول قائم هئا. ورهاڱي کان پوءِ، اردو ڳالهائيندڙن جو هڪ وڏو تعداد سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اچي آباد ٿيو. هنن پنهنجي سهوليت لاءِ اردو ميڊيم اسڪول ۽ ڪاليج قائم ڪيا. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ جتي سنڌي ميڊيم اسڪول هلندا هئا، انهن کي بند ڪري اردو ميڊيم اسڪول قائم ڪيا ويا. ورهاڱي کان پوءِ ڪراچي شهر مان جهڙوڪ سنڌي ميڊيم تعليم کي اسڪولن ۽ ڪاليجن مان نيڪالي ڏني وئي. ڪراچي يونيورسٽيءَ پڻ شروع ۾ سنڌي ٻوليءَ جا درواز بند رکيا.

ورهاڱي کان پوءِ ڊي.جي. ڪاليج ۾، ٻين ٻولين جي ڀيٽ اردو ادب گهڻو تخليق ٿيو. ان جو هڪ سبب اهو هو، ته شاگردن توڙي استادن جي گهڻائي اردو ڳالهائيندڙن جي هئي. ڪاليج ۾ اردوءَ جي تعليم جي سلسلي ۾ ڪورس جي ڪتابن سان گڏ، شاگرد ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺندا هئا. شهر جا تمام پڙهيا، لکيا عالم ۽ استادَ هن ڪاليج سان ڪنهن نه

ڪنهن نموني منسلڪ رهيا. هونئن به ڪراچي شهر ۾ اردو ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج لاءِ اخبارون، رسالا، ريڊيو، ٽي.وي، ٻيا ڪيترائي ادارا موجود هئا. ان ڪري اردوءَ جو وڌڻ هڪ فطري عمل هو. ڊي.جي. ڪاليج جي مختلف مخزنن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هتي مختلف وقتن ۾ ادبي جماعتون به قائم هيون ته مشاعرن لاءِ 'بزم اردو' به جوڙيل هئا؛ جيڪي هفتي يا مهيني سر، هتي پروگرام رچائيندا هئا. اردو ڊرامن جي سلسلي ۾ 1970ع واري ڏهاڪي تائين، مستقل ڊراما اسٽيج ٿيندا هئا.

ڊي.جي. ڪاليج جي مخزن ۾ پڻ اردو ادب جو بهترين ذخيرو پيل آهي، جنهن جا ليکڪ استاد ۽ شاگرد آهن. 1962ع واري ۾ شماري جي اردو سيڪشن جو نگران سيد محمد هاشم جلالي ۽ مدير سيد مطاهر رضا نقوي هئا. 1964ع واري شماري جو نگران سيد محمد هاشم جلالي، سهيڙيندڙ حمزه محمود خان غوري ۽ مدير اقليم عليم هئا.1967ع واري شماري ۾ اردو سيڪشن جو نگران پروفيسر محمد هاشم جلالي ۽ مدير ۽ سهيڙيندڙ محمود ارشد ڪمال شامل آهن. 1972ع واري مخزن جي اردو سيڪشن جو نگران پروفيسر شاهد حسين عشقي ۽ مدير محمد يونس خان آهن. 1981ع واري مخزن جا پروفيسر شاهد حسين عشقي ۽ ايڊيٽر عامر نويد ملڪ آهن. 1987ع واري مخزن ۾ اردو سيڪشن لاءِ نگران پروفيسر افتخار اجمل شاهين ۽ مدير طور لبنيٰ عنايت ڏنل آهن.سال 2000ع وارو اردو سيڪشن 'ڊاڪٽر عبدالقدير خان نمبر' طور نڪتل آهي. هن





شماري جي اردو سيڪشن' جي سلسلي ۾ نگران پروفيسر افتخار اجمل شاهين ۽ مدير طور آنسه عاشي خان شامل آهن. 2008ع جي مخزن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته اردو سيڪشن جو انچارج پروفيسر محمد اقبال ۽ مدير طور سعد احمد سعدي جا نالا ڏنل آهن. 2010ع ۾ آيل مخزن جي اردو سيڪشن لاءِ پروفيسر اقباز ناز ۽ مس صفيه بانو نالا آيل آهن.

**حوالا:**

1. I..N Allen: "Diary of a March through Sindh and Afghanistan", p.32
2. Khubchandani, L.M. "Acculturation of Indian Sindhi to Hindi"- Ph.D Thesis, Penssylvania University.
3. مختيار احمد ملاح: "اُڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي"، سنڌ آرڪائيوز، حڪومت سنڌ ڪراچي، 2019، ص 162.
4. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو: "بمبئي يونيورسٽي ۽ سنڌي ٻولي"، (مقالو)، ڇماهي "سنڌي ادب" جرنل، سنڌالاجي، ڄام شورو، 2006ع
5. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي: "ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لڪاوٽون"، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه ودوت پرشد، دهلي، 1999ع، ص 115
6. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "سنڌ هندستان جو دروازو ۽ ان جي ادبي قدامت"، (مقالو)، ٽماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 3/1962ع

7. موتيرام ايس راموڻي: ”سنڌ ۽ اسان جو ورثو“ (جلد ٻيو)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص. 218



## ڊي.جي. ڪاليج جو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار

**سنڌ ۾ ناٽڪ نويسيءَ جي اوسر:**

سنڌي ناٽڪ جا اهڃاڻ قديم دؤر کان موجود هئا، پر سنڌي ناٽڪ جو موجوده روپ انگريزن جي حڪمرانن آندو. خاص طور تي سنڌ ۾ رهندڙ انگريز اهلڪارن پنهنجي ذاتي وندر لاءِ ناٽڪ منڊليون قائم ڪيون. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور مطابق، ”رائل ٿئيٽر برپا ٿيڻ کان پوءِ جيئن جيئن ناٽڪ ڏسڻ جو رجحان وڌيو، تہ پوءِ ڇاهہ پٽاندڙ آهستي آهستي ڊرئميٽڪ سوسائٽيون پڻ قائم ٿيڻ لڳيون هيون، جهڙوڪ: ’دي ڪراچي فرينڊ ان نيڊ سوسائٽي‘ (1882ع)، ’پيني ريڊنگس اينڊ ڊرئميٽڪ سوسائٽي‘ (1884ع)، ’ڊرئميٽڪ ڪلب آف گولسٽر رجمينٽ‘ (1884ع) ۽ ’فرسٽ بٽالين ڊبليو آر ڊرئميٽڪ ڪلب‘ (1885). ڊراما هنن ناٽڪ منڊلين جا لکيل هوندا هئا ۽ انهن جا اداڪار گهڻو ڪري انگريز فوجي آفيسر هوندا هئا.(1) اهڙيءَ طرح، پارسي ۽ گجراتي ڪمپنيون پنهنجا ناٽڪ کڻي اينديون هيون. انهن ۾ ’پارسي اوريجنل اوپيرا ڪمپني‘ ۽ ’روز ٽاورز ڪاميڊي ڪمپني‘ مشهور هيون. الله بخش ”سرشار“ عقيلي لکي ٿو تہ ”سنڌ ۾ جيڪي ٻاهر کان ايندڙ ڪمپنيون ناٽڪ اسٽيج ڪرڻ اينديون هيون، سي پاڻ سان گڏ عارضي ۽ ٻيو ناٽڪن

جو سامان ڪٺي اينديون هيون. ٻاهر کان ايندڙ انهن ناٽڪ ڪمپنين ۾ پهرين ڊرئميٽڪ ڪمپني هڪ پارسي سيٺ پستنجي فرامجي 1877ع ڌاري بمبئي ۾ قائم ڪئي. هن جي مرڻ کان پوءِ اها ڪمپني ٽُٽي ٻه ڪمپنيون ٿيون. اصلي ڪمپنيءَ جو نالو 'اوريجنل ٿئيٽريڪل ناٽڪ ڪمپني' هو، جنهن جي ٽنڊڻ تي خورشيد جي بالي والا 'وڪٽوريا ناٽڪ ڪمپني' ۽ 'ڪائوسجي کٽائو' ان جي مقابلي ۾ 'الفريد ٿئيٽريڪل ڪمپني' کڏي. ڪراچيءَ ۾ انهن ڪمپنين جون شاخون 'جمعدار جي ڪمپني'، 'رازل جي ڪمپني' ۽ 'جميلا جي ڪمپني' ڊراما پيش ڪنديون هيون.(2)

**ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي**

سنڌ ۾ ناٽڪ منڊليون قائم ٿيون، هتي علمي ادبي سوسائٽيون قائم ٿيون. اهڙيءَ طرح، سنڌي اسٽيج ڊرامي جي شروعات ٻه ڊي.جي. ڪاليج کان ٿي. ڊي.جي. ڪاليج جي ادبي ڪردار ۽ ڊرامن جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ پروفيسر لعل سنگهه اجواڻيءَ لکيو آهي ته: "سنڌين جي اوج، تعليم توڙي سنڌي نثر ۽ ناٽڪ نويسيءَ جي ترقيءَ ۾ ڪراچي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جو اهم ڪردار آهي. هي ڪاليج پنهنجي قيام 1887ع کان 1921ع تائين سنڌ پرانت ۾ اوچ تعليم جو واحد ادارو هو. 1937ع ۾ هن ڪاليج جي شاگردن جو تعدادُ، سنڌ جي ڪاليجن ۾ پڙهندڙن جي ڪل تعداد کان ٻه وڌيڪ هو. ويهين صديءَ ۾ ڊي.جي سنڌ ڪاليج جي شاگردن سنڌي نثر ۽ ناٽڪ جي اوسر ۾ اهم ڪردار



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

ادا ڪيو ، ڇو ته گهڻو ڪري سڀ سنڌي گريجوئيٽ هن ڪاليج جي پيدائش هئا. پنهنجي قيام جي پهرين ويهن سالن ۾، يعني 1887ع کان 1907ع واري عرصي ۾ هي ڪاليج نثر ۽ ناٽڪ جي ترقيءَ ۾ مددگار ٿيو.(3)

**ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جو قيام**

ان دؤر ۾ ڊي.جي. ڪاليج علمي ۽ غير نصابي سرگرمين جو مرڪز بڻجي چڪو هو، جتي سنڌ جي شاهوڪار ماڻهن جا ٻار اعليٰ تعليم حاصل ڪندا هئا. انهن ڏينهن ۾ ڪاليج ۾ هڪ لائبريري ۽ هاسٽل جي اڏاوت لاءِ پئسا گهربل هئا. هُنن ڪاليج جي نئين عمارت ۾ منتقل ٿيڻ کان پوءِ شاگردن جو تعداد وڌڻ ڪري هاسٽل جوڙڻ جي سلسلي ۾ ڪاليج جي سامهون خالي پيل ميدان تي هاسٽل اڏڻ جي تجويز ڏني ۽ رقم جي سلسلي ۾ صلاح ڏني، ته رقم جو بندو بست ٻه ڪاليج جي وائيس پرنسيپل پروفيسر پادشاهه ڪيو. هنن 15 هزار روپين جي رقم ديوان ڏيارام گدو مل جي وڏي ڀاءُ ديوان ميٺارام کان حاصل ڪئي ۽ خيرپور جي مير صاحب پڻ 5 هزار روپيا چندو ڏنو، ڪجهه چندو ڏيارام گدومل پاڻ ۽ سندس دوستن ٻه ڏنو، پر هاسٽل جي اڏاوت لاءِ اها رقم اڻپوري هئي. ان وقت ڪاليج ۾ پروفيسر بي. جي پادشاهه، جيڪو ڪاليج جي غير نصابي سرگرمين سان لاڳاپيل هو ۽ ڪاليج جو پرنسيپل پروفيسر جيڪسن، جيڪو خود ٻه ڊراما نويس ۽ اداڪار هو ۽ انگريزن پاران قائم ڪيل ڊرئميٽڪ سوسائٽين ۾ ڪم ڪندو هو، تن ڪاليج جي باقي اسٽاف سان ويهي رٿ جوڙي، ته ڇو نه

وڏيڪ رقم حاصل ڪرڻ لاءِ ڊرئميٽڪ سوسائٽي قائم ڪئي وڃي، جنهن سان ڊراما اسٽيج ڪري ٽڪيٽ تي ڏيکاريا وڃن. اها رٿ سڀني کي پسند آئي. پر هتي اسٽيج ڊرامي جو رواج ڪونہ هو ۽ اهو بہ ٽڪيٽ تي ڏيکارڻ جو بلڪل نئون تجربو هو.

**سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جي انتظامي ڪاميٽي**

سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جو افتتاح 13 مارچ 1894ع تي پرنسيپل جي آفيس ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ ڪاليج جي استادن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي.(4) سوسائٽيءَ جا هي عهديدار چونڊيا ويا:

صدر : ڊاڪٽر جان موسسز جيڪسن

نائب صدر: پروفيسر بي. جي پادشاهہ

ميمبر: ڪنول سنگهہ پوهومل ملڪاڻي، ڏيئلمل دولترام، اچلسنگهہ ماڻڪ سنگهہ آڏواڻي، جوتسنگهہ هري سنگهہ آڏواڻي ۽ ڪي ٻيا شامل هئا.





هن سوسائٽيءَ جي ميمبرن ۽ عهديدارن جون مستقل گڏجاڻيون ٿينديون هيون ۽ فيصلا ورتا ويندا هئا ۽ وقت بہ وقت نوان عهديدار پڻ چونڊيا ويندا هئا. مثال طور، 28 مئي 1917ع واري گڏجاڻيءَ ۾ ربجهومل ايچ. بي آڏواڻي، پروفيسر شهاڻي، منگهارام ملڪاڻي کي مختلف عهدن تي چونڊيو ويو ۽ فيصلو ڪيو ويو تہ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ مرزا قليچ بيگ جو ڊرامو "فيروز دل افروز" ڏيکاريو ويندو.

**سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ طرفان پهريون ناٽڪ**

سوسائٽيءَ پاران 25 مارچ 1894ع تي پهريون ڊرامو ڄيٺانند ڪلٽداس پريائيءَ* جو لکيل "تل دمينتي" پيش ڪيو ويو. ان ناٽڪ لاءِ سڄي شهر جي معززن کي دعوت ڏني وئي، جنهن جي ڏسڻ لاءِ ٽڪيٽ مقرر ٿيل هئي. ڄيٺانند ڪلٽداس جو ناٽڪ "تل دمينتي " مها ڀارت تان ورتل ڪهاڻيءَ تي مبني هو. هندو ڏند ڪٿا ۾ هن ڪهاڻيءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ "ڄيٺانند جو هيءُ ناٽڪ عبارت ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان هڪ سٺو ڊرامو آهي ۽ اسٽيج تي ڪافي ڪامياب ويو. عجب آهي تہ سنڌي ناٽڪ جي تاريخ ۾ هيءُ هڪڙو ئي ڊرامو هو، جنهن ۾ فقط هڪڙو رواجي

* ماستر ڄيٺانند ڪلٽداس مامتاڻي، پريا شهر، ضلعي نوشهري فيروز جو رهاڪو هو. هو ناٽڪ نويس هو ۽ ڌرمي موضوعن تي مضمون لکندو هو، هو ڪراچيءَ جي اسڪول ۾ استاد هو. شاعريءَ ۾ "پريائي" تخلص استعمال ڪندو هو. هن نہ صرف ناٽڪ لکيا، پر پنهنجن ۽ ٻين جي ناٽڪن لاءِ راڳ بہ لکيا.

راڳ وڌل هو. جو درگاداس آڏواڻيءَ دمينتيءَ جو پارٽ ڪندي ڳايو هو. هن ناٽڪ ۾ راجا نل جو پارٽ هيرانند سنتوڪرام وڪيل ڪيو هو. ستجڳ جو سجانسنگ جڳتياڻيءَ ۽ ڪلجڳ جو ڪنولسنگ ملڪاڻيءَ ادا ڪيا.(5)

ڊي.جي. ڪاليج، سماجي ڊرامن جي جاءِ تي ڌرمي ناٽڪن جو رواج وڌو. شايد ان دؤر ۾ شاهوڪار هندو لوڪ ڌرمي موضوعن ۾ وڌيڪ دلچسپي رکندو هو. هن سوسائٽيءَ ڌرمي موضوعن تي ليلارام سنگ وطڻمل جا مشهور ناٽڪ جهڙوڪ: ”هرشچندر“ (1900ع)،”موهن تارڪا“، ”سورجن راڌا“، ”رامائڻ“ (ٻن حصن ۾1898ع) ۽ ”دروپدي“ پيش ڪيا. سندس پهريون ناٽڪ مهاڀارت تان ورتل ڊرامو ”هرشچندر“ هو. جيڪو سال 1895ع ۾ لکيائين. هن ناٽڪ ۾ جيتوڻيڪ سنسڪرت الفاظ استعمال ٿيل آهن. انهيءَ هوندي به مقفيٰ وڻندڙ لکٽي هئڻ سبب هيءُ هڪ سٺو ناٽڪ آهي.”موهن تارڪا“ اصلوڪو ناٽڪ آهي، جيڪو سال 1896ع ۾ لکيائين، هيءُ هڪ سٺو سماجي ناٽڪ آهي. هن ناٽڪ ۾ هڪ بيوه جي مکيہ مسئلي کي پيش ڪيو ويو آهي. ”سورجن راڌا“ سندس اصلوڪو ناٽڪ آهي، جيڪو 1897ع ۾ لکيو ويو. هن ۾ مذهب مٽائڻ يعني هندوءَ مان مسلمان ٿيڻ جي مسئلي کي ڪنيو ويو آهي. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ پاران هيءُ ناٽڪ 1895ع ۾ پيش ڪيو ويو . انهيءَ ناٽڪ جو ڪتاب به ڇاپيل صورت ۾ موجود آهي. هيءُ ناٽڪ ڇهن ڇهڇٽن ۾ 106





صفحن تي مشتمل آهي. ان ناٽڪ جا مڪالما راڳن ۽ ڪافين ۾ ڏنل آهن.

هيءَ سوسائٽي ويهن سالن تائين حيدرآباد ۾ به هر سال ناتال جي موڪلن ۾ ٽي ڊراما رچائيندي هئي، جتي ٻن راتين ۾ نئون ڊرامو ۽ ٽين رات جو گذريل سال وارو ڊرامو پيش ڪندي هئي. اهو دؤر سنڌ ۾ جديد تعليم جي لحاظ کان انتهائي نئون هو. ۽ ان کان اگر ڪو ٽي ڊرامي جو روپ هو، ته اهو انتهائي ڌرمي معاملن تائين محدود هو ۽ رام ليلا ۽ ڪرشن ليلا وغيره ڪيڏيا ويندا هئا. سنڌ ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جيڪي شروع ۾ ڊراما اسٽيج ڪيا، اهي عام ماڻهن جي نفسيات ۽ قسمت جي معاملن کي پيش ڪندڙ هئا. ڊرامن کي اسٽيج ڪرڻ کان سواءِ، ڪتابي صورت ۾ به شايع ڪيو ويندو هو.

هن ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ کي مرزا قليچ بيگ مذهبي موضوعن کان آزاد ڪيو. مرزا قليچ بيگ کي ’سنڌي ناٽڪ جو علمبردار‘ ۽ ’سنڌي ناٽڪ جو شيڪسپيئر‘ چيو وڃي ٿو. جڏهن مرزا صاحب 1880ع ۾ پهريون ڊرامو ”ليلا مجنون“ لکيو هو، ته ان وقت سنڌ ۾ ڪا به ناٽڪ سوسائٽي موجود ڪانہ هئي. پر اها مرزا قليچ بيگ جي تخليقي عمل جي قوت هئي، جو اوڻويهين صديءَ ۾ ئي سنڌي ناٽڪ بي انتها ترقي ڪئي. هن سماجي ڊرامن کي اسٽيج تي آندو ۽ شيڪسپيئر جي ڊرامن جا ترجما ڪري اسٽيج تي آندا، جيڪي تمام گهڻا مشهور ٿيا. ان جو هڪ سبب اهو به هو، ته اهي ڊراما شاگردن جي ڪورس تي به

رکيل هئا.مرزا قليچ بيگ، هن ڪاليج جي لاءِ ڪيترائي وڏا توڙي ننڍا ڊراما لکيا ۽ پيش ڪيا. جن مان هي مشهور هئا: ”شڪنتلا“،”لوڀي ۽ ٺوڳي“، ”انڪوائري آفيسر“، ”حسنا دلدار“، ”نيم طبيب خطره جان، نيم ملا خطره ايمان“، ”شاهه ايليا“، ”شيخ چلي ۽ اڳڻ مسخرو“، ”فيروز دل افروز“، ”شمشاد مرجانه“،”شهزادو بهرام“ وغيره اهم آهن.

مرزا قليچ بيگ، روسي زبان جي مشهور ڊراما نگار گوگول جي مزاحيه ڊرامي (The Government Inspector) جو سنڌي زبان ۾ ”انڪوائري آفيسر“ جي نالي سان ترجمو ڪيو.هن ناٽڪ ۾ غلط فهميءَ جي بنياد تي ٻهراڙيءَ جي سرڪاري ڪامورن ۽ هڪ اخباري خاطيءَ جي وچ ۾ ٿي گذريل واقعات، جيڪي هونئن غير متوقع ڏيکاريل آهن. ڪامورا اخباري خاطيءَ کي سرڪار جو مخفي ”انڪوائري آفيسر“ سمجهي هراسجي وڃن ٿا ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ پنهنجي پنهنجي ظلمن ۽ غلط ڪمن ڪارين جو اقرار ڪن ٿا ۽ ڪوشش ڪن ٿا ته ”انڪوائري آفيسر“ کي ڏيکاريو وڃي ته سڀ ٺيڪ ٺاڪ آهي ۽ انتظام ۾ ڪٿي ڪابه خرابي نه آهي.”انڪوائري آفيسر“ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ ڦرائي ويهن ٿا. آخر ۾ متن صحيح حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته آيل همراه ڪامورو نه هو. تڏهن ڪين پشيماني ٿئي ٿي.(6)

”حسنا دلدار“، شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامي ”Merchant of Venice“ جو ترجمو آهي ، جنهن کي مرزا قليچ سال 1897ع ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان ڊرامي کي سنڌ ڪاليج





ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ طرفان ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي پيش ڪيو ويو. هي ڊرامو سيرت جي موضوع تي آهي. ڊرامي ۾ سنڌي ماحول کي پيش ڪيو ويو آهي ۽ ڪردار خواهه مقصديت پڻ سنڌي ماحول جي جهلڪ کي ظاهر ڪن ٿا. هن ڊرامي ۾ اهو ڏيکارو ويو آهي ته وياج خور جي پيسي جي پوڄا سندس تباهي تي آڻي ۽ عاشق دلدار جي درياءَ دلي کيس سياڻي ۽ بردبار معشوقه حسنا سان ميلاپ تي ڪرائي. مرزا صاحب جي هن ڊرامي جي باري ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته، ”قليچ بيگ هن ناٽڪ جو ڏيهي زندگيءَ ۾ الٽو اهڙي ته ڪاريگريءَ سان ڪيو هو، جو بنهه اصلي پئي لڳو. هي ناٽڪ جڏهن پهريون پيرو اسٽيج تي آيو هو، تڏهن ڪيترن هندو بزرگن کي ڏاڍي ٺامڻي لڳي هئي. انهيءَ جو ڪارڻ هو ته Shylock وياج خور کي مرزا صاحب يهوديءَ مان ڦيرائي، هريداس مارواڙي ٻڻائي ڇڏيو هو ۽ ڪرستان واپاريءَ Antonio کي لالا منسک لعل ٻڻائي اهڙيءَ ريت پيش ڪيو هئائين، جو هو هندو رڳو نالي ۾ ٿي لڳو. سندس دوستي مسلمان دلدار (Bassanio) سان هئي ۽ هن جو اٿڻ ويهڻ مسلمانن سان تي ٿيو. انهيءَ سمي جي هندن واري ڪٽر ڇوت ڇات منجهس هئي ڪانه. اهڙيءَ طرح سان مرزا صاحب هن رومانوي ناٽڪ مان هندو- مسلم ميلاپ جو ترقي پسند مطلب ڪڍي ورتو ۽ يهودي- عيسائي نفاق وارو اصلوڪو مطلب ڪڍي ڇڏيائين.(7) مرزا قليچ بيگ وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامي ”ڪنگ ليئر“ (King Lear) جو الٽو ”شاهه ايليا“جي عنوان سان 1900ع ۾ ڪيو. هن ڊرامي ۾

سيرت جي هيٺائيءَ جي موضوع کي ڪنيو ويو آهي. هن ناٽڪ جو مضمون ڏکن ڏاکڙن سان ڀريل آهي.

ان کان سواءِ هن سوسائٽيءَ ڏيئومل گاگنمل جو ”رام بنواس“، شيوا سنگ اجواڻيءَ جو ”ڪشٽ“، پيرومل مهرچند جو ”حرص جو شڪار“، ۽ ”بزازين جو ناٽڪ“، لوڪسنگ وطنمل جو ”نشائن کي نصيحت“ ۽ ڪوڙيمل چندن مل جو ”سنگ جو پرسنگ“ ڊراما پڻ رچايا. هن ڊراما سوسائٽيءَ جا مشهور هدايتڪار ڪنول سنگ ملڪاڻي ۽ هيرانند پوجراج آڏواڻي هئا. جڏهن ته معروف اداڪارن ۾: درگاداس آڏواڻي، هيرانند سنتوڪرام (وڪيل) سجاڻسنگهه جڳتياڻي، بجاسنگهه آڏواڻي، حشمتراءِ لوڪ سنگهه، جيٺمل موتيرام لعلواڻي، خوشيرام ساڌواڻي، ڊاڪٽر چوئٿرام، جوتسنگهه آڏواڻي، ٽيئومل (پرمانند ميوارام جو ننڍو ڀاءُ) موتيرام گدواڻي، موهن شهاڻي، وشنو هيرانندداڻي، هيرانند پوجراج آڏواڻي، ڏيئل مل لعلواڻي، تيجو مل شهاڻي (بعد ۾ پرنسيپل ٿيو) لالچند امرڏنو مل، پهلاجراءِ ڪرپلاڻي ، جهمٽ مل پاوناڻي، موتي جهانگياڻي، گيانچند ٿڏاڻي، دريانومل سدارنگاڻي، ڏرمداس چبلاڻي، پاڳسنگهه آڏواڻي، منگهارام ملڪاڻي ۽ ٻيا شامل هوندا هئا.

دي.جي. سنڌ ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي ويهن سالن تائين ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ناٽڪ پيش ڪيا. اهو چئي سگهجي ٿو ته ان عرصي دؤران سنڌي ناٽڪ سنڌ جي پڙهيل لکيل طبقي جي سرپرستيءَ هيٺ ترقيءَ جون منزلون طي





ڪيون. اهڙيءَ ريت چندا گڏ ڪري ميٺارام هاسٽل جوڙائي وئي، جنهن جو افتتاح بمبئيءَ جي گورنر لارڊ نارٿ ڪوٽ 1900ع ۾ ڪيو. 1914ع ۾ هن سوسائٽيءَ جو پهريون دؤر ختم ٿيو. ان سلسلي ۾ پروفيسر لعل سنگهه اجواڻي لکي ٿو ته: ”جيسٽائين ناٽڪ جو واسطو آهي، پروفيسر جي. بي. پادشاهه جي 1894ع ۾ برپا ڪيل ’دي.جي. ڪاليج ايميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي‘ اسٽيج جي مد نظر سنڌي ناٽڪ جو پايو وڌو ۽ لکيل ناٽڪن کي گهڻو همٿايو. 1894ع کان 1914ع جي عرصي ۾ ڪاليج جي ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ گهٽ ۾ گهٽ 15 ناٽڪ ڪيا ۽ ڇپايا. ليڪن اها سوسائٽي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي اثرن کان بچي نه سگهي ۽ ٽٽي وئي“.(8)

**سوسائٽيءَ جو ٻيو دؤر**

مراد علي مرزا هن سوسائٽيءَ جي ٻيهر شروعات جي سلسلي ۾ مرزا قليچ بيگ جي حوالي سان لکيو آهي ته. ”عجب جي ڳالهه آهي ته ان زماني ۾ اهي ڊراما نه ذاتي نفعي خاطر لکيا ويندا هئا ۽ نه وري ذاتي فائدي لاءِ اسٽيج ڪيا ويا. ڊراما نويس ۽ اداڪار ڪنهن نه ڪنهن نيڪ مقصد کي آڏو رکي ڊراما لکندا هئا ۽ انهن ۾ رول ڪندا هئا. ان ڏس ۾ ڪيترا ئي مثال ملن ٿا. سن 1911ع ۾ دي.جي. سنڌ ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽي ڪراچي پنتي پئجي وئي هئي. ان کي وري جيئارڻ لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، جيڪو ان وقت ڪاليج ۾ بي.اي. جو شاگرد هو ۽ شاگردن طرفان ڪاليج جي ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جو رڪن پڻ هو، سو ڪراچيءَ مان ڪهي ٽنڊي نوڙهي حيدرآباد ۾ مرزا قليچ

بيگ وٽ آيو، ته ڪو ڊرامو ڏيو ته اسٽيج ڪريون. پروفيسر ملڪاڻيءَ جي لکڻ مطابق: مرزا صاحب ڪيڪار ڪري، ”شهزادو بهرام“ ڊرامي جو دستخطي نسخو ڪڍي منهنجي حوالي ڪيو، ته پلي وجي چپايو ۽ ڪري ڏيکاريو ۽ سوسائٽيءَ کي زنده رکو.“(9) 1925ع ۾ ڪاليج جي سالياني جلسي ۾ خانچند درياڻيءَ جو ننڍو ڊرامو ”سچي سڪ“ پيش ڪيو ويو، جنهن جو هدايتڪار هو ڪاليج جو پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ۽ اداڪار ڪاليج جا شاگرد هئا.“پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ڊي.جي. سنڌ ڪاليج (ڪراچي) ۾ پهرين فيلو ۽ ليڪچرر ۽ پوءِ پروفيسر ٿيو. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ ڪيس پنهنجي پسند جو سبجيڪٽ ڊراما انگريزيءَ ۾ پڙهائڻ جي لاءِ مليس. انهيءَ سان گڏ 1924ع ۾ پرنسيپل صاحب سنگهه ڪيس ڪاليج جي ناٽڪ سوسائٽي وري شروع ڪرڻ لاءِ چيو. جيڪا ڪن سببن جي ڪري بند ٿي ويئي هئي. منگهارام اها ٻيهر شروع ڪئي ۽ چار سال ڪاميابيءَ سان هلائي، ڪيترائي ڪامياب ناٽڪ پيش ڪيائين.(10)

تنهن کان پوءِ ڪاليج جي پرنسيپل تيجومل شهاڻيءَ جي اتساهه ڏيارڻ تي منگهارام ملڪاڻيءَ 1928ع ۾ سنڌ ڪاليج ۾ نئين ناٽڪ سوسائٽي برپا ڪئي، جنهن ۾ خانچند درياڻيءَ جو لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل ”مومل منڙو“ ناٽڪ رچايو ويو. هن ناٽڪ جو هدايتڪار منگهارام ملڪاڻي هو ۽ مکيه اداڪار هئا: مُڪند لالا، موتي جڳتياڻي، چندن ميرچنداڻي ۽ ڪشنو جڳتياڻي. هن نئين ناٽڪ سوسائٽيءَ جي برپا ٿيڻ کان





ڏهه سال پوءِ 1939ع ۾ سنڌ ڪاليج ۾ پرنسيپل شهاڻيءَ جي رٽائر ڪرڻ واري جلسي تي شيڪسپيئر جي مشهور ناٽڪ ”Midsummer Night's Dream“ تان ورتل ”دلسوز داستان“ جي نالي سان پيش ڪيو ويو. هن ناٽڪ جي هدايتڪاري خود ليکڪ منگهارام ملڪاڻيءَ ڪئي، جڏهن ته اداڪار ڪاليج جا شاگرد هئا.

**ڊي.جي. ڪاليج سرسوتي منڊلي، ڪراچي:**

1942ع ڌاري پروفيسر رام پنجواڻيءَ، چيتانند ناگراڻي ۽ سندس سؤٽ ڪشنچند ناگراڻيءَ جي سرجوشيءَ سان ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن ”ڊي.جي. ڪاليج سرسوتي منڊلي“ قائم ڪئي وئي. هن گروپ طرفان چيتانند ناگراڻيءَ جا گامتو سلسلي وارا مزاحيه ڊراما: ”گامتو ايڊيٽر“، ”گامتو بئريسٽر“، ”گامتو ڊاڪٽر“، ”گامتو فلم ڪمپني“، ”گامتو ايم. ايل.اي“، ”گامتو گهوٽ“ وغيره پيش ڪيا ويا. جيڪي ليکڪ پاڻ رام پنجواڻيءَ جي سهڪار سان اسٽيج تي پيش ڪندو هو ۽ انهن ڊرامن جا خاص اداڪار به چيتانند ناگراڻي ۽ رام پنجواڻي هوندا هئا.(11)

1947ع تائين ڊي.جي. سنڌ ڪاليج سنڌي ادب، ڊرامن ۽ غير نصابي سرگرمين جو محور رهيو. سنڌ جا خاص طور هندو سنڌي اديب، شاگرد، استاد ۽ ڪيترائي مسلمان استاد ۽ شاگرد انهن سرگرمين ۾ شامل هئا. ڊرامي جي صنف اسٽيج توڙي ڪتابي صورت ۾ ترقيءَ جا ڏاڪا تيزيءَ سان پار ڪري رهي هئي. ڊي.جي. ڪاليج جا ڊراما عام ڊراما ڪونه هئا، ڇو ته

ڊي.جي. ڪاليج اڄ جي سنڌ جي ڪنهن بہ يونيورسٽيءَ کان تعليم ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ اعليٰ ۽ معياري هو. ان جا ڊراما لکندڙ عام ڪونہ هئا، پر ان دؤر جا انتهائي پڙهيا ڳڙهيا اديب، پروفيسر ۽ شاگرد هئا. هُو سنڌي سماج جي خوبين ۽ مسئلن کان بہ واقف هئا، تہ انگريزي ٻوليءَ سميت پوري يورپ جي ڊرامي جي ترقيءَ کان بہ واقف هئا. هُو صرف لکندا ڪونہ هئا، پر ڊرامن جي باري ۾ ليڪچر پڻ ڪرائيندا هئا.(12)

**حوالا:**


1. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: ”سنڌي ناٽڪ جي تاريخ“، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1992ع، ص 18
2. الله بخش عقيلي ”سرشار“: ”سنڌي ادب ۾ ناٽڪ نويسي“، ماهوار ”نئين زندگي“، ڪراچي، اپريل 1954ع
3. لعل سنگهہ اجواڻي (ترجمو: هيرو شيوڪاڻي): ”سنڌي ادب جي تاريخ“، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع، ص 244، 245
4. Commissioner in Sind Record, Regarding D.J. College
5. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 1993ع، ص 112
6. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ “، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع، ص 138
7. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 1993ع، ص 115،116
8. لعل سنگهہ اجواڻي (ترجمو: هيرو شيوڪاڻي): ”سنڌي ادب جي تاريخ“، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع، ص 246، 247







9. مراد علي مرزا: ”قلم جنين هٿ ۾“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، 2014ع، ص 97، 98
10. يوسف سنڌي: ”سنڌي ادب هڪ سئو سنڌي اديب“،سچائي اشاعت گهر، دڙو، 2011ع، ص 421
11. ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور: ”سنڌي ناٽڪ جي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1992ع، ص 40
12. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ “، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع، ص 137، 138

## ڊي .جي سنڌ ڪاليج مِسليني

1853ع ۾ سنڌ ۾ تعليم کاتو کوليو ويو ۽ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو ، جيڪو تعليم جا معاملا ڏسندو هو. سڀ کان اول اسسٽنٽ ڪمشنر بي.ايڇ.ايلس تعليم جي ميدان ۾ وڏو ڪم ڪيو. ان کان پوءِ ميجر گولڊ سمڊ آيو. هن سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ ڪراچيءَ مان تعليم کاتي جي زير نگرانيءَ هڪ هفتيوار سنڌي ۽ پارسي اخبار ”فوائد الاخبار“ جاري ڪئي.




اڳتي هلي، ”سنڌ سڌار“ پهرين سنڌي اخبار هئي، جيڪا سموري سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندي هئي. هيءَ اخبار 1866ع کان سنڌ جي سرڪار جي تعليم کاتي طرفان جاري ٿي ۽ سرڪاري ليٿو ڇاپخاني ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندي هئي. 1890ع ۾، سنڌ مدرسي ”معاون“ نالي سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ رسالو جاري ڪيو. 6 نومبر 1890ع تي ’يونين اڪيڊميءَ‘ حيدرآباد مان ”سرسوتي“ رسالو جاري ٿيو. اهڙيءَ طرح، ”اخبار تعليم“ سنڌ جي هڪ اهم مئگزين هئي، جيڪا 1902ع ۾ نامياري





تعليمدان ديوان تاراچند شوقيرام، ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد مان شايع ڪئي، پاڻ ان وقت ٽريننگ ڪاليج جو پرنسيپل هو.


ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن ٻنهي جي ادبي لکڻين لاءِ 1901ع ۾ هڪ مخزن ’ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني‘ جاري ڪيو. ان سلسلي ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي ته، ”ديوان ڏيارام گدومل جي سرجوشيءَ سان، ديوان ڏيارام ڄيٺمل جي فراخدليءَ سان 1887 ۾ ’ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج‘ ڪراچيءَ ۾ برپا ٿيو هو، ۽ 1901ع ۾ اُن جي سهاري هيٺ نڪرندڙ مخزن ’ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني‘ شروع ٿي، جنهن جو باني هن زماني جو معزز ودوان ساڌو ٽانورداس واسواڻي هو، جڏهن پاڻ ڪاليج ۾ نوجوان پروفيسر هوندو هو. هن مخزن جي سنڌي وڀاڳ ۾ به ان زماني جي مڃني مشهور توڙي نون ليکڪن جا مضمون پوندا هئا. هيءَ انگريزي- سنڌي مخزن 1947ع تائين، اڌ صديءَ جي عرصي تائين ششماهي پرچا ڪڍندي آئي ۽ سنڌي ساهت جا گهڙا ڀريندي آئي، جنهن ڪري ان جي آورجا ”جوت“ جيتري ئي ڇٽبي. پر عام رايو آهي ته پڇاڙيءَ ۾ اُن جو ادبي معيار ڪي قدر ڍنتي پيل هو.(4) هن مخزن جي سنڌي حصي جي ابتدا ۾ هميشه مرزا قليچ بيگ جي شعر جون هي سٽون ڏنل هونديون هيون :

ٿئين علم ۾ جي ڪامل، ڪر عمل ڪي
به شامل،

عالم نہ جي ٿيو عامل، دفتر لکيو تہ ڇا
ٿيو!(5)

**ڊي .جي سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ ۾ شايع ٿيندڙ مواد**

هيءَ مخزن سنڌي، انگريزي ۽ گجراتي ٻولين ۾ شايع ٿيندي هئي ۽ ٽنهي ٻولين جي مواد جي ترتيب الڳ رکي ويندي هئي. ساڳئي وقت، ٽنهي ٻولين جي مواد جا سب ايڊيٽر پڻ الڳ هوندا هئا. سنڌ ڪاليج مِسليني ورهاڱي تائين سنڌي ادب جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هي مخزن ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جي انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل مضمونن، ڪهاڻين، ناٽڪن، تاريخي ڳالهين، سفرنامن، ڪاليج جي سرگرمين وغيره تي مبني هوندو هو. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ ۾ ٽنهن دؤر جا وڏا سنڌي اديب ۽ محقق جهڙوڪ: مرزا قليچ بيگ، لعل چند امر ڏنو مل، ڄيٺمل پرسرام، ٽي.ايل.واسواڻي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر دائود پوٽو، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ايل.ايڇ.اجواڻي، چيتن ماڙيوالا، شيخ اياز، نارائڻ شيام، ڪيرت ٻاٻاڻي، هري دلگير، رام پنجواڻي، گوبند مالهي ۽ ٻيا لکندا هئا. سنڌ ڪاليج






ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

مِسلينيءَ سنڌي ادب جي هر صنف جي واڌاري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. اگر سنڌ جو انگريزي زبان ۾ ادبي ڪردار جو ذڪر ايندو، تہ هن مِسلينيءَ جو ذڪر ضرور ايندو. ڇو تہ سنڌي شاگردن کي هڪ الڳ قسم جو ڀرپور معياري مخزن مليو، جنهن ۾ هو پنهنجي شاعري، مضمون، ڪهاڻيون وغيره انگريزيءَ ۾ لکي شايع ڪرائي ٿي سگهيا. تمام وڏي پيماني تي سنڌي شاعرن انگريزيءَ ۾ شاعري ڪئي. سنڌي نوجوانن جو ان قسم جو شاندار مواد ان دؤر جي هن مخزن ذريعي گڏ ڪري سگهجي ٿو. انگريزي ۽ گجراتيءَ ۾ بہ جيڪي مضمون شايع ٿيندا هئا، انهن ۾ بہ گهڻا سنڌ بابت هوندا هئا. مِسلينيءَ جي فيبروري 1926ع واري شماري ۾ هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ادب پڙهائڻ بابت مقالو شايع ٿيو، جنهن جو بنياد سندس پاران بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ 14 نومبر 1921ع تي سنڌي ادب کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ بابت هڪ رپورٽ تي مشتمل هو. ان رپورٽ جي بنياد تي بمبئي يونيورسٽيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان ڏيڻ ۽ سنڌيءَ جو مضمون نصاب ۾ شامل ڪرڻ جي منظوري ڏني هئي. گربخشاڻيءَ صاحب جو اهو مقالو هڪ تاريخي دستاويز آهي.(6) انگريزي ۾ لکيل هيءُ مقالو انتهائي اهم پر اڻ لڀ آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي علمي لياقت جهلڪندي نظر اچي ٿي. ان رپورٽ مان هڪ فقري جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڏجي ٿو:-

”سنڌي ڪنهن بہ صورت ۾، جيئن غلط سمجهيو ويندو آهي، پنهنجين ڀينرن ڀاشائن کان پٺتي پيل ڪانهي. رچنا

جو ڪوبہ نمونو، نثر خواہ نظم ۾، منجهس ناموجود ڪونهي، ۽ دماغي هلچل جون ڪي بہ اهڙيون وصفون نہ آهن، جي منجهس درج ٿيل نہ هجن. سند سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ هر قسم جو ادب پيو آهي، جنهن جو مقدار هوند ڪنهن کي بہ حيرت ۾ وجهي ڇڏي، بشرطيڪ اهو ڪٺو ڪيو وڃي، ڇپايو ۽ شايع ڪيو وڃي. گهڻن تواريخن، گهڻن ڪوتائن، گهڻن روماني قصن جا دستخط ڪن خانگي ڪتب خانن جي تاڪن تي، اڏوهيءَ جو کاج ٿي رهيا آهن.“(7)

ڪاليج ۾ ڊينڊز فنڪشن، ادبي سرگرمين، ڊبيٽنگ سوسائٽي، لٽرري سوسائٽي، جيم خانہ سوسائٽي، امتحانن جو آگاهيون، ترقياتي ڪمن جا تفصيل، سڌارن ۽ واڌارن جا احوال ڪاليج مسلينيءَ ۾ شايع ڪيا ويندا هئا. هر پرنسيپل، پنهنجي سالياني رپورٽ پڻ مسلينيءَ ۾ شايع ڪرائيندو هو، تہ جيئن هر ڪنهن کي ڪاليج جي ڪارڪردگيءَ جي خبر هجي. 1928ع ۾ پرنسيپال شهاڻيءَ جي رٽائرمينٽ جي حوالي سان مسلينيءَ جو خاص پرچو شايع ڪيو ويو هو.

### ڊي .جي سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ جي اشاعت لاءِ مقصد ۽ شرط

جيئن اسان اڳ ۾ ذڪر ڪري چڪا آهيون تہ هي جرنل استادن ۽ شاگرن جي لاءِ مخصوص هوندو هو، ۽ اشاعت واسطي ڪي خاص شرط ۽ مقصد رکيل هئا. مثال طور :



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

1. هڪ اهڙو اشاعتي سلسلو جاري ڪرڻ، جنهن سان ڪاليج ۾ ڏنل ليڪچر، جيمخاني ۾ عام دلچسپيءَ جي سرگرمين ڪي، شاگردن ڪي علمي ۽ ادبي طور جوڙي سگهجي.
2. اهڙا علمي سوال اجاگر ڪرڻ، جنهن سان شاگرد طبقي ۾ خاص رجحان جهڙوڪ اخلاقيات ، ورزش، بورڊنگ هائوس ۾ رهائش، امتحاني بندو بست بابت ڄاڻ، ۽ تعليمي حڪمت عملين جي معلومات ڏئي سگهجي.
3. شاگردن لاءِ اهڙي راهہ ڳولهجي، جنهن سان هو تعليمي، خواندگي، سائنسي ڄاڻ سان، منظم سوچ ۽ روشن خيالي پيدا ڪري، سماج ۾ پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪري سگهن.

خاص وضاحت: سياسي ۽ مذهبي خيالن تي پابندي هوندي.

سنڌي ٻوليءَ واري حصو، خصوصي طور سان سنڌ لاءِ مخصوص هوندو، جنهن ۾ سنڌ جو لوڪ ادب، ۽ شاعري وغيره اچي وڃي ٿي.

ڪاليج جي زير تعليم شاگردن ۽ اڳوڻن شاگردن جي طرفان موڪليل مواد ڪي شڪريي سان وصول ڪيو ويندو ۽ اشاعت لاءِ همدرديءَ سان قابل غور ڪيو ويندو.(8)

### ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ جا ايڊيٽر

هن مخزن جا ايڊيٽر ڪاليج جا استاد ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر، ڪاليج جا شاگرد يا شاگرداڻيون هونديون هيون. سنڌ جو مشهور صوفي منش، ويدانتي اسڪالر، تعليمدان ۽ شاعر،

ساڌو ٽي.ايل.واسواڻي، جيڪو ان دؤر ۾ ڪاليج ۾ هو، تنهن 1901 ۾ ڪاليج جي مخزن 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني' نالي سان شروع ڪئي. هو ڪيترائي سال مِسليني جو ايڊيٽر رهيو ۽ شاندار ڪم ڪندو رهيو. 1916ع کان 1919ع تائين 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني' جو ايڊيٽر لال سنگ هزاري سنگ اجواڻي هو.1920ع کان 1927ع تائين ڪاليج جي مِسلينيءَ جو انچارج رهيو.(9) هن جي ايامڪاريءَ ۾ مخزن اجان بہ وڌيڪ معياري ۽ ترقي يافتہ ٿيو ۽ مخزن جي شهرت ڪاليج کان نڪري عوام تائين پهتي. 1927ع ۾ ايل.ايچ.اجواڻيءَ جي پروفيسر ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ جو ايڊيٽر پروفيسر چيتن ماڙيوالا ٿيو. هر سال مسلينيءَ جو ايڊيٽر ڪو شاگرد هوندو هو، جن ۾ ڪي هي آهن:

- ٽِلو مل مينگھراج آڏواڻي (1915ع )
- لالسنگھہ اجواڻي (1916ع کان 1919ع)
- مولچند تلسيداس گلراجاڻي
- ڪي.ايچ. ناگراڻي (1927ع)
- موهن لال ٽي. ميرچنداڻي (1929ع)
- خيمچند ڪلناڻي
- ليلارام نرسنگھداس ڦيرواڻي
- حيدر بخش جتوئي
- شيخ اياز (1946ع)





ان کان علاوه، ٻيا بہ ڪيترائي شاگرد، هن مسلينيءَ جا ايڊيٽر رهيا ۽ هو اڳتي هلي وڏا عالم، اديب ۾ پروفيشنل بڻيا. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ جي ڪاميابي ۽ مشهوريءَ کان پوءِ سنڌ جي ٻين هاءِ اسڪولن تائين اهڙي قسم جي مخزن جي شروعات ٿي وئي. پر 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني' پنهنجو معيار جاري رکيو.

**ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ جا ليکڪ**

ڪاليج جي شاگردن کي علم سان گڏ ادب ۽ شاعريءَ کي پڌرو ڪرڻ لاءِ بہ سازگار ماحول مهيا ڪيو ويو. ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن جون ادبي لکڻيون شايع ڪرڻ لاءِ ڪاليج جو مخزن 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني' جي نالي سان شروع ڪيو ويو. سنڌ ڪاليج مِسليني ورهاڱي تائين سنڌي ادب جي واڌري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ ۾ تنهن دؤر جا وڏا سنڌي اديب ۽ محقق هئا. هن مخزن ۾ تنهن دؤر جا وڏا سنڌي اديب ۽ محقق جهڙوڪ: لعلچند امرڏنومل، چيٺمل پرسرام، ٽي.ايل واسواڻي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر دائودپوٽو، پروفيسر منگھارام ملڪاڻي، ايل.ايچ. اجواڻي، چيتن ماڙيوالا. شيخ اياز، نارائڻ شيام، ڪيرت ٻاٻاڻي، هري دلگير، رام پنجواڻي، گوبند مالهي، روپچند ڪرپلاڻي، وشنو ڪدواڻي، نانڪرام ڏرمداس، ڏيارام سياڻي، ساوتري جهانگياڻي، ڪي. اي. ٿنائي، تخت پ.ن. ڪيولراماڻي،

وشن ميٺارام گيهاڻي، گلراج دروڪاداس پاٺيہ، ڊي.ڪي. منشاراماڻي، پاروتي پي. ابيچنداڻي، ليلا پي.شهاڻي، ايس.جي. جئسنگاڻي، آنند ڪي. آڏواڻي، پرمانند ميوارام، تولارام ٻالاڻي، جهامنداس پاٺيہ، رامچند اجواڻي، ميران محمد شاهہ، شيوڪ ڀوڄراج، هرومل سدارنگاڻي ، لوڪومل ڪيسواڻي، رام پنجواڻي، وشن گيهاڻي، گلراج گل، حڪيم لعل چند ”مجروح“، ”بيوس“، سيد بچل شاهہ ”غمزده“ ۽ ٻين ليکڪن جون لکڻيون شايع ٿينديون هيون.

**ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ جو سنڌي ادب ۾ ڪردار**

سنڌ مِسليني انگريزي، سنڌي ۽ گجراتي ٻولين ۾ ڇهہ ماهي شايع ٿيندو هو. هن مخزن شاگردن، اديبن ۽ عالمن ۾ نہ رڳو علم ۽ ادب جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، پر سنڌي ناٽڪ ۽ ثقافت کي پڻ هٿي ڏني. هتي اسان صرف سنڌي ادب جي ترقيءَ جي واڌاري جو مختصر جائزو وٺنداسين:

**ناٽڪ نويسي**

’سنڌي اسٽيج ڊرامو‘، ڊي.جي. ڪاليج جي پيداوار آهي، ڇو تہ پهرين ناٽڪ منڊلي،’ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي‘ هتي قائم ٿي! ڪاليج ۾ ميٺارام هاسٽل جي اڏاوت لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ سانگي ئي ناٽڪ منڊلي ٺاهي هئائون.هن منڊليءَ جو پهريون هدايتڪار لوڪ سنگ ملڪاڻي ۽ پهريون مکيہ ناٽڪ نويس ليلارام وطڻمل هئا.(12)





ڊي.جي. ڪاليج ۾ اسٽيج ٿيڻ کان علاوه، ڪاليج مِسلينيءَ ۾ بہ ڪيترائي اهم ڊراما شايع ٿيا، جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

| عنوان | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| تيليءَ مان ٽنپ | روپ چند ڪرپلاڻي | 1925ع |
| ناخلف | منگهارام ملڪاڻي | 1931ع |
| پاپ ڪين پڄ؟ | منگهارام ملڪاڻي | 1931ع |
| حسينا | وشنو ڪدواڻي | 1931ع |
| ٻہ ٻاهيون | منگهارام ملڪاڻي | 1932ع |
| سمنڊ جي گجڪار | منگهارام ملڪاڻي | 1932ع |
| چٽ نہ چماٽ، وچائئي ٻي واٽ | نانڪرام ڌرمداس | 1933ع |
| منهنجي نورني | ڏيارام سياڻي | 1933ع |
| ميلاپ | منگهارام ملڪاڻي | 1939ع |
| دلسوز داستان | منگهارام ملڪاڻي | 1939ع |
| جهانگير ۽ نورجهان | ساوتري جهانگياڻي | 1939ع |
| ڪوڙي ڪلينڪ | منگهارام ملڪاڻي | 1940ع |
| جيون ناس | منگهارام ملڪاڻي | 1942ع |

سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ ناٽڪ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جا شايع ٿيا، هُو ان دؤر جو ڪامياب ناٽڪ نويس، اداڪار ۽ ناٽڪن جو نقاد هو. هُو لکي ٿو تہ: ”1933 واري پرچي ۾ ’منهنجي نُورني‘ ڇپيو هو، جو ڏيارام سياڻيءَ، مشهور شاعر ۽ ناٽڪ ڪار، هريندرناٿ چٽو پاڌيا جي انگريزي ‘Evening

’Lamp‘ تان ترجمو ڪيو ويو ۽ هڪ شاعراڻو تمثيلي ناٽڪ هو، پر ناٽڪي خوبي منجهس گهٽ هئي. روپچند ڪرپلاڻي ءَ هڪ طنز ڀريو ناٽڪ ’تيليءَ مان ٽنپ‘ انگريزي مخزن ’Treasure Chest‘ مان ترجمو ڪيو هو، جو سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ (1925) ۾ ڇپيو هو ۽ ڪاليج ۾ ڪري به ڏيکاريو ويو هو. منجهس ڪلائيمڪس نوع ۾ ظاهر ڪيل هو ته ڀهراڙيءَ ۾ ڪوهه تان پاڻي ڀريندي، زالون ڪيئن ڳالهه مان ڳالهوڙو ڪري گلا خوري ڪنديون آهن.(13)

ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني (1939) ۾ ڪماري ساوتري جهانگياڻيءَ جو ”شهنشاهه جهانگير ۽ ملڪه نورجهان جي اوائلي حياتي ۾ هڪ افسانو“ واري لنبي سري سان ننڍو ناٽڪ ڇپيو هو، جنهن ۾ مهر النسا جي ڀن ڪبوترن اڏائڻ وارو روماني واقعو، نهايت دلڪش ناٽڪي بناوت سان پيش ڪيل هو. هيءَ ناٽڪ جي دليان جوڙيل هو، ته يڪ- فصل ناٽڪ جو سهڻو نمونو هو. اهڙيءَ طرح ٻيا ناٽڪ به شاندار ۽ معياري هئا.

نانڪرام ڏرمداس ميرچنداڻي سنڌي ٻوليءَ جو بهترين ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار، ناول نگار ۽ مترجم هو. نانڪرام ڏرمداس ميرچنداڻيءَ، شيڪسپيئر جي مشهور ڪاميڊيءَ ”Taming of the Sherw“ کي ”چٽ نه چماٽ، وچانئي ٻي وات“ جي نالي سان ترجمو ڪيو آهي. هن ناٽڪ ۾ سيئي ڪردار مقامي ۽ ماحول به سنڌ جو ڏنل آهي، خاص ڪردارن ۾ موهنا، ڪرشنا، اڀوجهسنگ، مشتاق، خوشحال، فردوس، ديال ۽ ڪي ٻيا شامل آهن. نانڪرام، جيتوڻيڪ هن ناٽڪ کي اختصار سان





ترجمو ڪيو آهي، پر ان ۾ اصل ناٽڪ جي آڪاڻيءَ کي قائم رکيو آهي ۽ بگڙيل زال سان سختيءَ ۽ محبت، لٺ ۽ چٽ واري فلسفي سان نڀاءُ رکيو اٿس.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ شيڪسپيئر جي مزاحيه ناٽڪ ”Mid Summer Night’s Dream“ جو الٿو ”دلسوز داستان“ جي نالي سان ڪيو هو، جو 1939ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ پيش ڪيو ويو ۽ ساڳئي سال ڊي.جي. ڪاليج جي مسلينيءَ ۾ شايع ٿيو هو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ، هن ڊرامي جي ڪجهه حصن جو الٿو ڪيو هو ۽ انگريزي ماحول ۽ نالن کي تبديل ڪري سنڌي سماج مطابق بيهاريو هو. هي ناٽڪ نظم ۾ لکيل هو ۽ سنڌي مزاحيه ادب ۾ چڱو اضافو هو. ناٽڪ جي ڪردارن ۾ حسين بخش، پوپٽ مل، ٽوپڻ لعل، ديوال، محمد خان، ڪرمچند ۽ حسينا نمايان آهن. سڄو ناٽڪ شاعراڻي روپ ۾ وڻندڙ ۽ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي شاعراڻي انداز کي پيش ڪري رهيو آهي:

”دلسوز داستان“ تهانکي ٻتائيندا ساروئي

(مهاڳ سيني سوڊو وجي ٿو. ديوال وچ ۾ جاءِ وٺي بهي ٿو.)

**ديوال:**

مهربانو! پارٽ مون کي ڏنو اٿن ديوال جو،
جنهن اندر ڪو اکر ناهي جواب يا سوال جو،
تنهنڪري پارٽ اهڙي ۾، استادي آهي
ضرور،

ڏسي پاڻ مکيار ٿيندا، پيو چوندا سپئي ڪوڙ
(حسين اچي ٿو)

**حسين:**

اي پانڪ رانجڙي! آهين بہ رنگ جي ڪاري
تون،
ڏينهن گهٽو ئي سهٽو، تہ بہ عاشقن کي
پياري تون.
پر رانجڙي افسوس آهي، افسوس آهي، افسوس
آهي،
جو حسينا واعدي جي پوئواري ڪئي ناهي،
۽ تون ديوال ، مٺي ديوال ، سٺي ديوال،
مرحبا،
اسان ٻن جي والدين جي دنگ آهين ايپي جا،
منهنجي ديوال، مٺي ديوال، سٺي ديوال، مهر
ڪر،
پسائج ڪا پاڻ ۾ ڪرڪي، جتان ڪريان
نظر.(14)

**ڪهاڻيون**

مختصر سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات 1914ع کان سمجهڻ گهرجي، ڇو تہ مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙيمل، لعلچند امر ڏني مل، پرمانند ميوارام ۽ ڪاڪي ڀيرومل اهڙيون ڪهاڻيون لکيون، جيڪي ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنيڪي لوازمات





کي پورو ڪن ٿيون ۽ سماجي مسئلن کي واڪو ڪرڻ جي ڏس ۾ حقيقت نگاريءَ جو بهترين مثال آهن. لعلچند امر ڏني مل جي ڪهاڻي "حر مکيءَ جا" کي پهرين جديد سنڌي ڪهاڻي چيو وڃي ٿو. هيءَ ڪهاڻي 1914ع ۾ 'سنڌي ساهت سوسائٽيءَ' پاران شايع ٿي هئي، پر ان کان اڳ ڪاليج مسلينيءَ ۾ شايع ٿي هئي. هن ڪهاڻيءَ لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو تہ، "لعلچند امر ڏني جي هڪ ٻي ڪهاڻي 'حرمکيءَ جا' پهرين سنڌ ڪاليج مسلينيءَ ۾ ڇپي هئي. هيءَ تاريخي ڪهاڻي ڪوجنا واري آکاڻي هئي، جنهن ۾ جهونن سنڌي مسلمانن جي پنگتي حالتن جون ڪافي جهلڪيون هيون."(15)

ان دؤر ۾ سنڌي ڪهاڻي قصي ۽ آکاڻي کان اڳتي نڪري افسانوي انداز سان سماج جي مڪمل عڪاسيءَ تائين پهچي چڪي هئي ۽ نالي وارا ليکڪ پنهنجو پاڻ کي ڪهاڻي لکڻ لاءِ ارپي چڪا هئا. ان دؤر جي سڀني رسالن ۾ ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ ۾ ڪجهه هيٺيون ڪهاڻيون شايع ٿيون، جيڪي ان دؤر جي شاگردن جون لکيل هيون:

| عنوان | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| بدلو | ڪي. اي. ثنائي | 1931ع |
| سچو پريم | تخت پ.ن | 1931ع |
| قصور ڪنهنجو؟ | ڪيول راماڻي | 1933ع |

| | | |
|---|---|---|
| عجيب محبت | وشن ميتارام گيهاڻي | 1932ع |
| وڇوڙو ۽ وصل | گلراج دروڪاداس پاٽيه | 1932ع |
| شڪ جو شڪار | ڊي.ڪي. منشاراماڻي | 1933ع |
| پربت جي ريت | پاروتي پي. ابيچنداڻي | 1941ع |
| پريم ڪٿي | ليلا پي.شهاڻي | 1941ع |
| دل جو چراغ | ايس.جي. جئسنگاڻي | 1941ع |
| فيشن جا ڪلور | آنند ڪي. آڏواڻي | 1941ع |

هي ڪهاڻيون، ان دؤر جي شاگردن جون لکيل آهن، جيڪي پهريون دفعو پنهنجي ذات ۽ اندر جي اڌمن کي افسانوي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هن مخزن ۾ ڪي اصلوڪيون ڪهاڻيون پڻ شايع ٿيون، جن مان فيبروري 1932 واري پرچي ۾ پيل شيوڪ پوجراج جي ”برابر“ ۽ ڊي.ڪي. منشاراماڻي جي ”شڪ جو شڪار“ ذڪر لائق هيون. 1939 ۾ ”ڪهاڻي“ رسالي جي شروعاتي پرچن ۾ چوهڙ آڏواڻيءَ جون به سٺيون سماجي آکاڻيون پيون هيون: ”الا مون شادي ڇونه ڪئي!“ ۽ ”اهو داد ٿئي.“

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ بلڪل صحيح لکيو آهي ته، ”مخزن ۾ شاگرد ليکڪن جون وقت به وقت ڪهاڻيون ۽ افسانا به ڏنا ويندا هئا، جيڪي فني لحاظ کان ايترا معياري نه هئا.“(16)

**مضمون نگاري**





نثري ادب ۾ مضمون نگاري نهايت دلچسپ، انوکي ۽ غير افسانوي صنف آهي، جا پنهنجي اختصار، جامعيت، زبان جي سادگي ۽ اسلوب جي شگفتگيءَ سبب نثر جي ٻين صنفن کان ممتاز آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو مفهوم لڳ ڀڳ اهو ئي آهي، جيڪو انگريزيءَ ۾ ’ايسي‘ (Essay) جو آهي. سنڌي ادب ۾ ٻين نثري صنفن جيان مضمون نگاريءَ جي شروعات، انگريزن جي دؤر ۾ اخبار نويسيءَ جي اثر هيٺ شروع ٿي. خاص ڪري ذاتي ۽ شخصي مضمونن ڏاڍي ترقي ڪئي. هن دؤر ۾ شخصي مضمونن (Personal Essay) تمام گهڻي ترقي ڪئي. مضمون ترجما به گهڻا ڪيا ويا ۽ اهي مجموعن جي صورت ۾ پڻ ٻي حساب شايع ٿيا. سنڌي مضمون نگاريءَ جي ترقيءَ جو ٻيو سبب اهو هو ته سنڌي ٻوليءَ کي ميٽرڪ جي امتحان ۾ لازمي مضمون طور رکيو ويو، جو بعد ۾ بي.اي. تائين لازمي قرار ڏنو ويو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي ته:” هن مخزن جي ڪيترن هٿ آيل پرچن مان عمدا ۽ مکيه مضمون چوندي، لکندڙن جي نالي هيٺ ڏجن ٿا: 1901ع واري شروعاتي پرچي جو بهترين مضمون هو پرمانند ميورام جو ’سنڌي عبارت‘، جنهن ۾ هن مثالي مضمون نويس، سياويڪ ۽ موزون عبارت استعمال ڪرڻ بابت هدايتون ڏنيون هيون جي اڄ ڏينهن تائين ڪارگر آهن:-

’پر جي عبارت سيکارڻ جي نه آهي ته به اُن جي سٺائي ۽ صفائيءَ جي پڇاڻ ته پئجي سگهندي يا ان جي

نسبت ڪي اشارا ته ڏيئي سگهجن ٿا. عبارت سٺي سا، جنهن ۾ هرڪو لفظ ۽ تڪ ۽ ڦهاڪو پنهنجي پوري جاءِ وٺيو بيٺو هجي. ائين نه جو سسي ريڊي ۽ ڏڙ ٻاڪرو. ٻيو ته جئن خيال پيا اچن، تئن ويو ماڻهو اٽڪائيندو، ته عبارت زور ۽ رس ڀري ۽ اثرائتي ٿيندي. هار سينگار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته ڪجسي ٿي پوندي. جي ڀائين ته چڱو لکان ته اٽڪل شتڪل ۽ ڪيڏ بازي ڦٽي ڪر. سياوڪ ۽ سرلو ٿيءُ عالمن جو چوڻ آهي ته عبارت ته هاري ماڻهن جي، جي نڪو مرچ مصالح ڄاڻن، نڪو گڏين. سياويڪ طور جيڪي اچين، سو وجن چوندا..... سنڌي ٻوليءَ اجا ڇٻو ته سلو ڪديو آهي، اُسري پيئي. ٻين ٻولين جيان زور ڪينهي. اڪثر ڏسجي ٿو ته جنهن ڪي جيئن ٿو اچي، تيئن وجي اُبتو سبتو قلم ڪي وهائيندو. وهي نه وهي وٺ رينگهٽ ڪي. تنهن لکٽيءَ ۾ ڪو لاءُ ڪو ساءُ، نه ڏسجي مهل، نه ويل."(17)

ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ ۾ تمام گهڻا مضمون شايع ٿيا. جن جا ليکڪ استاد ۽ شاگرد هئا. مِسلينيءَ ۾ شايع ٿيل مقالن ۽ مضمونن کي اڳتي هلي ڪتابي صورت ۾ به شايع ڪيو ويو. جنهن ۾ سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ جي ايڊيٽر ايل.ايڇ.اجواڻيءَ جو ڪتاب "ويچار" شامل آهي. هتي مخزن ۾ شايع ٿيل مضمونن جي لسٽ ڏجي ٿي:





| عنوان | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| سنڌي عبارت | پرمانند ميوارام | 1901ع |
| چنڊول پکي | پرنسيپل شهاڻي | 1908ع |
| ڀل مانسي | ديوان ڪوڙومل | 1912ع |
| لطيفي لات | تولارام ٻالاڻي | 1914ع |
| حب وطن | پيرومل مهرچند | 1916ع |
| حياتيءَ جي حقيقت | جهامنداس ڀاٽيه | 1916ع |
| مرتيو ڪان پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟ | رامچند اجواڻي | 1916ع |
| شڪار ته ڪري مير علي مراد! | پرمانند ميوارام | 1917ع |
| حق جي ڳولا | محمد صديق ميمڻ | 1917ع |
| درياهه جو درشن | تولارام ٻالاڻي | 1918ع |
| گنجي ٽڪر جو سير | ميران محمد شاهه | 1919ع |
| ڀنيور | لالچند امرڏنومل | 1920ع |
| سنڌ جي ادبي تاريخ | ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو | 1924ع |
| شاهه عاشق | آسانند مامتورا | 1924ع |
| ڪنيات | نارائڻ داس ملڪاڻي | 1925ع |
| تصوير جو ٻيو پاسو به اٽلائي ڏسجي! | پرمانند ميوارام | 1925ع |
| عورت جي استتي | منگهارام ملڪاڻي | 1928ع |

| | | |
|---|---|---|
| شاهه ۽ سندس شعر | تاج محمد آغا | 1929ع |
| ڇٽ ڪير؟ | لالچند امرڏنومل | 1930ع |
| مان ماستر آهيان | امر لعل هنگوراڻي | 1930ع |
| سارنگ | ڀيرومل مهرچند | 1930ع |
| ٻوليءَ جو فخر | ڀيرومل مهرچند | 1930ع |
| ڇيڇ | پروفيسر بي.جي. واسواڻي | 1931ع |
| چوريءَ جون ڳالهيون | شيوڪ ڀوڄراج | 1932ع |
| غيرت جو ٽيپو | پروفيسر لالسنگ اجواڻي | 1932ع |
| جيوت جو مزو | پروفيسر لالسنگ اجواڻي | 1934ع |
| دغاباز دنيا | روچيرام سڌاڻي | 1936ع |
| لالو ساڌو | گوبند ڀاٽيه | 1937ع |
| ڳوٺ سڌار هلچل | گوبند ڀاٽيه | 1938ع |
| اسان جو وجهه | پروفيسر لالسنگ اجواڻي | 1938ع |
| تصوف ۽ ويدانيت | هريرام ڀاٽيه | 1939ع |
| هڪ سوال | پروفيسر لالسنگ اجواڻي | 1939ع |
| وقت | هرومل سدارنگاڻي | 1940ع |
| سامي ۽ دلپت | هريرام ڀاٽيه | 1940ع |
| هڪ عجيب لطف | پروفيسر لالسنگ اجواڻي | 1941ع |
| ڪوسيءَ ٽڌڙي ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي! | هرومل سدارنگاڻي | 1941ع |
| مارئيءَ جو ملڪ | ڀيرومل مهرچند | 1941ع |





| | | |
|---|---|---|
| نثر ڪي گهرجون | پروفيسر لالسنگ اجواڻي | 1942ع |
| عشق مجازي عشق حقيقي | لوڪومل ڪيسواڻي | 1943ع |
| تنقيد "اناردانه" | رام پنجواڻي | 1943ع |
| سنڌ جا مير | چيتن ماڙيوالا | 1946ع |
| هري | نارائڻ داس ڀمڀاڻي | 1946ع |
| شاعري مخفي | ڏيپچند ڪينڙا | 1947ع |
| شعر ۽ سيتا | پروفيسر لالسنگ اجواڻي | 1947ع |

پرمانند ميوارام جو سنو بياني مضمون "شڪار نه ڪري مير علي مراد" 1917ع واري نمبر ۾ ڇپيو هو. پرنسيپل صاحبسنگ شهاڻيءَ جو طبعي مضمون: "چندول" 1908ع ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ اُٺ پکيءَ جي عادتن ۽ هلت چلت جو بيان ڳوناڻي اصطلاح ۾ ڪيل هو. مرزا قليچ بيگ جو "راڳ" 1912ع ۾ ڇپيو هو، جنهن مان هن صاحب جي موسيقيءَ لاءِ شوق ۽ ڄاڻ جي پروڙ پوي ٿي.

سوڀراج نرملداس جو ادبي ليک "شاهه طالب" 1925ع ۾ ڇپيو هو، ۽ 1928ع واري شهاڻي نمبر ۾ "سنڌي مشاعرو" ڇپيو هو، جو ڪاليج واريءَ 'سرسوتي گروپ' جي مشاعري تي سندس ڪيل تقرير تان ورتل هو. ديوان ڪوڙيمل جو نصيحت ڀريو مضمون "ڀل مانسي" 1912ع ۾ ڇپيو هو، ۽ ڄيٺمل پرسرام جو ادبي ليک "لات لطيفي" 1913ع ۾ ڇپيو. لعلچند امر ڏنيمل جو سير سفر وارو مضمون "ڀنيور" 1920ع ۾، ۽ "ڇٽ ڪير؟"

1930ع ۾ ڇپيا هئا. پيرومل مهرچند جو عام واقفيت وارو ليک "آک" 1916ع ۾، فطرتي مضمون "سارنگ" فيبروري 1930ع ۾ ۽ بياني مضمون "مارئيءَ جو ملڪ" 1941ع ۾ پيا هئا. فيبروري 1938ع ۾ هن عالم جو ادبي مضمون "شاهه جي سنڌي" ڇپيو هو، جنهن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي "مقدمه لطيفي" مان "شاهه جي سنڌي" واري باب نسبت مثال ڏيئي کولي سمجهايو هئائين، ته ڪهڙن سببن ڪري شاهه جو آڳاٽيءَ نج سنڌيءَ ۾ لکيل شعر پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ مشڪلات ٿي ٿئي. فيبروري 1944ع ۾ هڪ گمنام ليکڪ جو مضمون "پريشانيءَ ۽ آتت" ڇپيو هو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت تي بگڙيل ۽ ڪتل هئڻ جي الزام کي، سهڻو رد ڪد ڏنل هو، ۽ خود اُن ليک جي عبارت به سرل هنديءَ سان ملاوت واري هئي. جهامنداس ڀاٽيا جو "حياتيءَ جي حقيقت" (فيبروري 1916ع) عمدو مضمون هو، ۽ رامچند اجواڻيءَ جو "مرتيو ڪان پوءِ ڇا ٿو ٿئي" (آڪٽوبر 1916ع) پڻ خاصو خيالي ليک هو. محمد صديق ميمڻ جا "سهڻو" (1916ع) ۽ "حق جي ڳولا" (1917ع)، ميران محمد شاهه جو "گنجي جبل جو سير" (1919ع) ڊاڪٽر دائود پوٽي جو "سنڌ جي ادبي تاريخ" (1924ع) ۽ ايم. آر. عباسيءَ جو "ٺنگر ٺٽو ۽ مڪليءَ جي ٽڪري" (آڪٽوبر 1924ع ڪان قسطن ۾)، تاج محمد آغا جو " شاهه ۽ سندس شعر" (1929ع)، ۽ عبدالڪريم ميمڻ جو "نفاق" (1933ع)- سڀ پنهنجي پنهنجي نموني جا سهڻا مضمون هئا.

**شاعري**





انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي شاعري پنهنجي عروج تي پهتل هئي ۽ مغربي ۽ مشرقي علمن تي رسائيءَ سبب سنڌي شاعريءَ ۾ نيون صنفون ۽ لاڙا متعارف ٿي چڪا هئا. سنڌي غزل، مسدس، مخمس، بيت، وائي، ڪافي ۽ ٻيون صنفون ترقي ڪري رهيون هيون. سنڌ ۾ شاعرن جو وڏو تعداد موجود هو، رسالا، مخزن ۽ عام ڪتاب شاعرن سان ڀرپور هئا، اتي ڊي.جي. ڪاليج جي مِسليني به پوئتي ڪو نه هئي. هتي شايع ٿيل ڪجهه شاعرن جو مختصر وچور ڏجي ٿو:

| عنوان | شاعر | سال |
|---|---|---|
| بلبل (مسدس) | وشن گيهاڻي | 1931ع |
| رام ۽ رحيم (مسدس) | "بيوس" | 1931ع |
| الفت جو راز (بيت) | گلراج "گل" | 1931ع |
| شمع ۽ پروانو (غزل) | ڊي. ڪي منشا "آزاد" | 1931ع |
| بار بهار (غزل) | حڪيم لعل چند مجروح | 1932ع |
| موت (مسدس) | "بيوس" | 1932ع |
| ماتا (غزل) | هري هزاريمل "سڪايل" | 1932ع |
| انسان (غزل) | "بيوس" | 1933ع |
| مون ڏانهن نهار (ڪافي) | گلراج "گل" | 1933ع |
| بي وفائي (غزل) | چندر | 1933ع |

| | | |
|---|---|---|
| شڪنتلا (مسدس) | ڊي. ڪي. ڪشناڻي "آزاد" | 1932ع |
| سور سلامي (بيت) | سيد بچل شاهه "غمزده" | 1932ع |
| قاصد ڪڪر (مسدس) | ڊي. ڪي. ڪشناڻي "آزاد" | 1934ع |
| نازڪ جذبات (غزل) | گلراج "گل" | 1934ع |
| جدائي ۾ جذبات (غزل) | سيد بچل شاهه "غمزده" | 1934ع |
| قادر جي قدرت (مسدس) | رام پرتابراءِ پنجواڻي | 1934ع |
| حسن (مسدس) | "بيوس" | 1934ع |
| مست خيال | گلراج "گل" | 1934ع |
| نذرانو (مسدس) | ڊي.ڪي. ڪشناڻي "آزاد" | 1934ع |
| شاعر (مسدس) | هري درياڻي "دلگير" | 1935ع |
| هندستان اسان جو (ترانو) | رام پرتابراءِ پنجواڻي | 1941ع |
| ظالم ۽ مظلوم (مسدس) | جيتو سپاهيملاڻي "عاجز" | 1941ع |
| نئون زمانو (مخمس) | ڊي. ڪي. ڪشناڻي "آزاد" | 1941ع |





| | | |
|---|---|---|
| ايڪتا (مسدس) | نارائڻ پي. جئنداڻي | 1941ع |
| ٻار (غزل) | وشن پاڳيا | 1942ع |
| مارئيءَ جي دانهن (ڪافي) | شيخ "راز" | 1942ع |

ڊي.جي. ڪاليج جي هن مخزن ۾ معياري شاعريءَ شايع ڪرڻ جو خاص ڌيان رکيو ويندو هو. ڇو جو ڪيترائي عالم ۽ اديب هن ڪاليج جي تدريس جي شعبي سان وابسته هئا. جيڪي معيار برقرار رکڻ تي زور رکندا هئا. هتي روچي رام آڏواڻيءَ جي نظم "شبنم" جو نمونو ڏجي ٿو:

قدرت ڪلا سان پنهنجي رنگت وڏي رچائي،
شبنم اچي گلن تي مسرت مٿي مچائي.
پريات جي پهر ۾ چربو ڪٽي چمن ۾،
شبنم ته شوق چلڪڻ لڳي چڱن ۾.
موتين جي مالا موجي پئي آ جڻ پنن ۾،
هيرا هزارين لٽڪن گلڙن جي جڻ ڳلن ۾.
اهڙو نظارو نرمل لئو لئو ۾ لهر لائي،
شبنم اچي گلن تي مسرت مٿي مچائي.(18)

اها گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي ته هن ڪاليج جي تڏهوڪي شاگرد، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاعري به ڪئي، 1939ع واري گولڊن جوبلي نمبر ۾ ڪاليج جي شان ۾ سندس هڪ شانداز نظم شايع ٿيل آهي، جنهن جو نمونو هتي ڏجي ٿو:

اسان کي آ فخر ناز توتي سنڌ جا
ڪاليج،
هر سنڌ سندي فرد ۽ فرزند جا ڪاليج،
هر علم جي گواهان عقلمند جا ڪاليج،
آباد رهين شال در هند جا ڪاليج،
هر دل جي صدا آه دل شاد رهين شال،
آباد رهين شال آباد رهين شال.

'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني' پنهنجي دؤر جي هڪ معياري مخزن هئي، جنهن ۾ شاعري، ڊراما، ڪهاڻيون ، مضمون ۽ ٻيو مواد شايع ٿيندو هو. اڳتي هلي، انهن مان ڪافي مواد ترتيب تي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجا ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايا. عطا حسين شاهه موسويءَ جا ڪيترائي مضمون ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مسلينيءَ ۾ شايع ٿيا ۽ بعد ۾ ٻين مضمونن سان گڏ "ڪچ ڪوڏيون" مجموعي ۾ شايع ٿيا. اهڙيءَ طرح شاعريءَ ۽ مضمونن جا مجموعا پروفيسر لال سنگ هزاري سنگ اجواڻيءَ ترتيب ڏنا، جن ۾ "ويچار" (1944ع) ۽ "نئون دؤر" (1947ع)





شامل آهن. پروفيسر لال سنگ اجواڻيءَ 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ' جي مختلف پرچن ۾ شايع ٿيل شاعري جي چونڊ ڪري، ان کي ترتيب ڏئي شايع ڪرايو.

'ڊي.جي.سنڌ ڪاليج مِسليني' سال ۾ ٻه دفعا فيبروري ۽ آڪٽوبر ۾ شايع ٿيندي هئي ۽ اها مخزن 1947ع تائين جاري رهي. انگريزن جي دؤر ۾ هن مخزن تعليمي ادارن جي شاگردن جي شخصيت سازيءَ ۾ وڏو اهتمام ڪيو. هن مخزن خاص طور تي خواتين ليکڪائن جي تمام گهڻي همت افزائي ڪئي. هن مخزن جو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. پر افسوس ته اڄ تائين هن مخزن جو باقاعده تجزيو نه ٿيو آهي، پر ان کان وڌيڪ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اڄ ڊي.جي. ڪاليج ۾ هن مخزن جي هڪ ڪاپي به موجود نه آهي. خبر نه آهي ته ڪنهن ڪهڙي سازش سان هن مخزن جون ڪاپيون ڪاليج مان غائب ڪرائي ڇڏيون.

**ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ مان متاثر ٿي ٻين اسڪولن مان مسلينيءَ جو اجراءُ**

ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني جي ڪاميابي ۽ مشهوريءَ کان پوءِ سنڌ ۾ ٻين هاءِ اسڪولن مان اهڙي قسم جي مخزن جي شروعات ٿي. 1918ع ۾ اين.جي.وي هاءِ اسڪول طرفان ڇهه ماهي مِسليني جاري ٿي، جنهن ۾ انگريزيءَ ڪانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جو علم ادب پڻ شامل هوندو هو. هن مِسليني جا ليکڪ به شاگرد ۽ استاد هوندا هئا. ٽارو شاهه اينگلو ورنيڪيولر اسڪول پاران ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني ءَ

جي طرز تي مخزن جاري ڪيو ويو. جيڪو انگريزي ۽ سنڌي زبانن ۾ شايع ڪيو ويندو هو. جيڪب آباد جي اسڪول مان مِسليني جاري ٿي. حيدرآباد سنڌ جي ڏيارام گدومل ڪاليج مان سن 1924ع ۾ انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ هڪ مِسليني ”ڦليلي“ جي نالي سان مخزن ڪڍيو ويو. هن مخزن ۾ سنڌ جي بهترين ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون ۽ بلند پايہ جا مضمون شايع ٿيندا هئا. اهڙيءَ طرح شڪارپور، سکر، لاڙڪاڻي مان بہ مِسليني جا مثال ملن ٿا.

**حوالا:**


1. پروفيسر شيوارام نرسنگهداس ڦيرواڻي:”راج رشي ديوان ڏيا رام گدو مل“، (جيون چرتر)، ڇاپو پهريون ، سگا ڪراچي، 2000ع. ص. 27-28
2. راماڻي، موتيرام ايس: ”سنڌ ۽ اسان جو ورثو، شاردا پرڪاشن، بمبئي، 1987ع، ص. 88
3. Dr. Azeemushan Haider: “History of Karachi”, Feroz Sons, Karachi, 1974
4. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪشن، حيدرآباد، 1997ع، ص 207




ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون


5. ڊاڪٽر قريشي حامد علي”خانائي“: ”سنڌي زبان جا ادبي ماهوار رسالا“، ٽماهي ”مهراڻ“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، نمبر 2، سال 1981ع.
6. ڊاڪٽر محمد قاسم راڄپر : ”سنڌ ۾ تعليم ۽ ادب جي واڌاري ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو ڪردار“، (مقالو)، ڇماهي ”ڪارونجهر“ تحقيقي جرنل، وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، جون 2015ع
7. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪشن، حيدرآباد، 1997ع.
8. The D.J. Sind College Miscellany , Vol XLI, February 1939
9. موتيرام ايس راماڻي:” سنڌ ۽ اسان جو ورثو، شاردا پرڪاشن، بمبئي، 1987ع، ص. 209
10. ڊاڪٽر قريشي حامد علي ”خانائي“: ”ساهتيءَ جا قديم علمي مرڪز“ (قلمي)، 1985ع، ص 202
11. Dr.Ghulam Nabi Sadahyo: “Jacob’s Town Jacobabad”, District Historical Society, Jacobabad, 1994, p 143
12. مختيار احمد ملاح:” اٺويهين صديءَ ۾ سنڌي نثر جي تاريخ“، بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ، نوابشاھ، 2017، ص 142،143

13. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪشن، حيدرآباد، 1997ع، ص
14. منگھارام ملڪاڻي: ”دلسوز داستان“، ڊي.جي. ڪاليج مسيليني، نمبر 2، 1939ع، ص 4
15. پروفيسر منگھارام، ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪشن، حيدرآباد، 1997ع، ص 46
16. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ :”ڪجھ پراڻا رسالا“ ، گل حيات انسٽيٽيوٽ جي ويبسائيٽ، ص 86
17. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا، (جلد پنجون)، چيف ايڊيٽر ڊاڪٽر پروفيسر فهميده حسين، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ، 2012ع، ص 412
18.The D.J. Sind College Miscellany, Vol 45, February 1942,P 24



## ڊي.جي. ڪاليج لٽرري اينڊ ڊبيٽنگ سوسائٽي

سنڌ جي تاريخ ۾ هي واحد ڪاليج آهي، جنهن عالمن، اديبن، سائنسدانن، ڊاڪٽرن، سياستدانن سان گڏ، ان دؤر ۾ آءِ.سي.ايس. آفيسر پيدا ڪيا ۽ ٻين شعبن جا ڪامياب انسان ٿيا. انهن شاگردن جي ڪاميابيءَ ۾ هن ڪاليج جي علمي ۽ ادبي سوسائٽين جو تمام وڏو ڪردار هو. هن ڪاليج جا استاد انتهائي قابل ۽ پڙهيل ڳڙهيل هوندا هئا. هو جديد علمن سان گڏ غير نصابي سرگرمين جي اهميت کان بہ واقف هئا. اهو ئي سبب آهي تہ هنن استادن ۽ شاگردن تي مبني علمي، ادبي ۽ سماجي جماعتون ۽ سوسائٽيون قائم ڪري، سنڌ جي ماحول ۾ هڪ نئين روايت جو بنياد وڌو. پرنسيپل جيڪسن جي دؤر ۾ پروفيسر پادشاهہ جي دلچسپيءَ سبب، ڪاليج ۾ ٽي سوسائٽيون: ’ريڊنگ روم سوسائٽي‘، ’جيمخانہ سوسائٽي‘ ۽ ’لٽرري ۽ ڊبيٽنگ سوسائٽي‘ قائم ٿيون. انهن سوسائٽين اڳتي هلي راندين سان گڏ سنڌي ادب، ثقافت ۽ ڊرامي جي حوالي سان انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪاليج جي شاگردن ڪي تعليم سان گڏ ادبي اظهار لاءِ بہ سازگار ماحول مهيا ڪيو ويو.(1)

**جيمخانہ سوسائٽي**

جيمخانہ سوسائٽي شاگردن ۽ استادن جي گڏيل سهڪار سان هلندي هئي، جنهن ۾ خاص طور تي ڪرڪيٽ ۽ ٽينس راندين جي سکيا ۽ مقابلا ڪرايا ويندا هئا.

**ريڊنگ روم سوسائٽي**

ريڊنگ روم سوسائٽي تحت شاگردن کي پڙهڻ جي عادت تي زور ڏنو ويندو هو ۽ خاص طور تي ريسرچ پيپر ۽ ميگزين پڙهڻ لاءِ ڏنا ويندا هئا. جن کي پڙهي، هو انچارج استادن جي سامهون بحث مباحثا ڪندا هئا. هن سوسائٽيءَ جون سرگرميون لارڊ ري لائبريريءَ ۾ منعقد ڪيون وينديون هيون.

**لٽرري اينڊ ڊبيٽنگ سوسائٽي**

ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي شاگردن جو ادب ۽ تقريري مقابلن ۾ چاهہ وڌائڻ لاءِ 1909ع ۾ ڊي .جي. ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن پاران 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج لٽرري اينڊ ڊبيٽنگ سوسائٽي' قائم ڪئي وئي. سوسائٽيءَ جو مقصد شاگردن ۾ ادبي ذوق پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي لکڻ، پڙهڻ ۽ تقرير جي فن کان واقف ڪرائڻ هو. اڳتي هلي، انهن شاگردن سياست ۽ ادب ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. هن سوسائٽيءَ طرفان هفتيوار گڏجاڻيون ٿينديون هيون ۽ علمي ادبي بحث ڪرايا ويندا هئا.(2)

هيءَ سوسائٽي، پوري صوبي ۾ سڀ کان وڏيڪ اهم سمجهي ويندي هئي، ڇو تہ سوسائٽيءَ جي تعاون سان صوبائي سطح جا ليڪچر ۽ بحث ڪرايا ويندا هئا. ان دؤر ۾، فلم، ڊرامي ۽ اسٽيج جي دنيا، سنڌ جي ماڻهن لاءِ هڪ قسم جو نئون تجربو





هو. ان حوالي سان هيءَ سوسائٽي، سنڌي ادب ۾ نوان موضوع ۽ تجربا کڻي آئي. سوسائٽيءَ جو صدر ڪاليج جو ڪو پروفيسر هوندو هو ۽ سيڪريٽري ڪنهن بہ شاگرد کي مقرر ڪيو ويندو هو. سوسائٽيءَ جي ليڪچرن ۽ بحثن ۾ هزارين ماڻهو حصو وٺندا هئا. سوسائٽيءَ طرفان مقابلن لاءِ هڪ هزار رقم تي مبني Students' Quarters Fund قائم ٿيل هو.(3) هيءَ پهرين ادبي جماعت هئي، جنهن جي ڪارروائين جا تفصيل انهن ڏينهن جي اخبارن ۾ شايع ٿيندا هئا.

هن سوسائٽيءَ ڪيترن ئي موضوعن تي شاندار بحث ۽ ليڪچر ڪرايا. جن ڏينهن ۾ سوسائٽيءَ طرفان 'اٿني بيسنت ڪپ ڊبيٽ' ۽ 'ڊورٿي جيتندرا داس ڪپ ڊبيٽ' ڪرائي هئي، ان ۾ ڪاليج جي شاگردن جي وڏي انگ سميت ٻاهرين شاگردن بہ حصو ورتو هو. هن سوسائٽيءَ پاران ڪرايل ڪجهہ ليڪچر هن ريت آهن:

- سنڌ ڪاليج ڊبيٽنگ اينڊ لٽرري سوسائٽيءَ طرفان 4 آگسٽ 1909ع تي ليڪچر جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر مسٽر ويب 'سير و سفر' جي موضوع تي ليڪچر ڏنو.
- سوسائٽيءَ طرفان 17 آگسٽ 1909ع ليڪچر جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ پروفيسر ايف.ڊبلو 'اهي بيماريون

جيڪي قوم لاءِ هاڃيڪار آهن، جي موضوع تي ليڪچر ڏنو.

- 2 ڊسمبر تي اِي.ايم.پريٽ، سنڌ جي جوڊيشل ڪمشنر 'Ethics of War' تي ليڪچر ڏنو.
- 9 ڊسمبر 1916ع تي، ڊاڪٽر جي. فزگارلينڊ، 'هندستان جا نوجوان' جي موضوع تي ليڪچر ڏنو.
- 16 ڊسمبر 1916ع تي، فادر بروسون، The Nature of Beauty جي موضوع تي ليڪچر ڏنو.
- 16 ڊسمبر 1920ع تي سوسائٽي جي اهتمام سان مرزا قليچ بيگ 'مسلم تاريخ جو هڪ ڳجهو سانحو' جي موضوع تي ليڪچر ڏنو، جنهن ۾ هن ڪربلا جي واقعي تي روشني وڌي، سندس ليڪچر ڪاليجي استادن ۽ شاگردن جي اڪثريت ٻڌو.
- 15 جنوري 1921ع تي ليڪچر جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ صاحب سنگهه شهاڻيءَ 'خيال ۽ آدرش' جي موضوع تي ليڪچر ڏنو.
- 22 جنوري 1921ع تي صاحب سنگهه شهاڻيءَ 'ٽئگور جي شاعريءَ' تي ليڪچر ڏنو.
- 27 جنوري 1921ع تي پروفيسر ڊبليو يو نڪولس 'راندين جو ڪردار تي اثر' جي موضوع تي ليڪچر ڏنو.(4)
- 5 فيبروري 1923ع تي ڊاڪٽر جي.ٽي.رينچ 'عورتون سياست ۾ حصو وٺن يا نه وٺن' جي موضوع تي ليڪچر





ڏنو. جنهن ۾ هن جو چوڻ ته عورتون سياست ۾ حصو نه وٺن. ڊاڪٽر جي. ٽي رينچ جي موضوع تي مباحثو ٿيو. بحث جي آخر ۾ ووٽنگ ڪرائي وئي، جنهن ۾ 150 ووٽ عورت عورت سياست ۾ حصو وٺڻ تي پيا ۽ 35 ووٽ حق ۾ نه مليا.

- 4 آگسٽ 1928ع تي مسٽر اي.ٽي. گدواڻيءَ 'ڪاليداس' تي ليڪچر ڏنو.
- 4 آڪٽوبر 1928ع تي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ 'رابندر ناٿ ٽئگور' بابت ليڪچر ڏنو.
- 4 نومبر 1928ع تي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ 'ڪجهه نئون ڪري ڏيکارجي' جي موضوع تي ليڪڪچر ڏنو.
- 9 فيبروري 1930ع تي، پروفيسر ائنڊرين ڊيوئارٽ 'George Guinevere Knight of the Air' تي ليڪچر ڏنو".(5)
- 16 جولاءِ 1946ع تي پي.ڊبليو. ڊي.جي. وزير خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي صدارت هيٺ ڪاليج ۾ شيخ عبد المجيد سنڌيءَ، ماليات جي سابق وزير 'سنڌ جي سياست' جي موضوع تي ليڪچر ڏنو.

لٽرري اينڊ ڊبيٽنگ سوسائٽي جي ليڪچرن جي لسٽ تمام وڏي آهي، جيڪا هن وقت اڻلڀ آهي. سوسائٽيءَ طرفان جيڪي ليڪچر ڏيندا هئا، انهن ۾ انگريزي ۽ سنڌي ٻئي

زبانون استعمال ٿينديون هيون. پر انگريزيءَ تي وڌيڪ زور هوندو هو. هن سوسائٽيءَ جي هلائڻ وارن ۾ شروع ۾ پروفيسر پادشاه، بعد ۾ ان سوسائٽيءَ ۾ ٽي.ايل.واسواڻي، ايس.سي. شهاڻي، پروفيسر ايل.ايچ.اجواڻي، پروفيسر ائنڊرين ڊيوٿارٽ، آخوند نجم الدين ۽ ڪي ٻيا هئا. ڪجهه وقت کان پوءِ سوسائٽيءَ جو هيڊ ڪوارٽر حيدرآباد مقرر ڪيو ويو. جنهن جي ڪري هيءَ سوسائٽي ڊي.جي. ڪاليج مان پنهنجو اثر وڃائڻ لڳي.

پاڪستان جي قيام کان پوءِ، خاص طور تي 1956ع کان پوءِ، ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ کي هڪ دفعو ٻيهر سرگرم ڪيو ويو ۽ 1970ع واري ڏهاڪي تائين، هن سوسائٽيءَ پاڪستان سطح تائين تمام وڏا مقابلا ڪرايا. جنهن ۾ شاگردن جي حوصله افزائيءَ سان گڏ اعتماد ۽ ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو هو.

## حوالا:


1. مختيار احمد ملاح: "اڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليم جي ترقي"، سنڌ آرڪائيوز، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2019، ص 160، 161
2. گل حسن ڪلمتي: "ڪراچي سنڌ جي مارئي" ، نئون نياپو، اڪيڊمي، ڪراچي (ٻيو ڇاپو)، 2014ع، ص 349
3. Prof. L.H. Ajwani: "The Golden Jubilee of the Dayaram Jethmal Sind College, Karachi (1887-1937)", The Educational Printing Press, Karachi, 1939, p.129







4. سنڌ جي تاريخ ۾ انگريزن جو قبضو سنڌي ماڻهن جون ڪوششون (مضمون)
(http://sindhsuqleen.blogspot.com/p/blog-page.html
5. مختيار احمد ملاح: "ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 250

## سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي

ڊي.جي. ڪاليج جي ڪجهه پروفيسرن ۽ تاريخ ۽ ادب سان دلچسپي رکندڙ سندن هم خيال دوستن ارادو ڪيو ته سنڌ جي تاريخ، تهذيب، آرڪيالاجيءَ جي تحقيق جي سلسلي ۾ هڪ سوسائٽي قائم ڪجي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي تعليم کاتي، ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ۽ ٻين وس وارن سان رابطا ڪيا ويا. سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو بنياد 16 مئي 1927ع تي پيو. پر سوسائٽي مارچ 1934ع ۾ ٿيل گڏجاڻيءَ ۾ حقيقي نموني سرگرم ٿي. جرنل جي پهرئين شماري ۾ سال 1934 دؤران هن تنظيم جي انتظامي ڪائونسل جي ميمبرن جي فهرست ڏني ويئي آهي. سوسائٽيءَ جو صدر، شاهه لطيف جي پارکو ۽ عالم، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ کي بڻايو ويو. عجب جي ڳالهه اها آهي ته ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ ۽ ڊاڪٽر ايڊرين ڊيوٽارٽ جو ڪوبه پيپر سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ شايع ٿيل نه آهي. بهرحال، مذڪوره انتظامي ڪائونسل هيٺين ريت هئي:

**صدر** : ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ايم.اي، پي. ايڇ. ڊي

نائب صدر: اي ايم چنا

**اعزازي سيڪريٽري:** ڊاڪٽر ايڊرين ڊيوٽارٽ ، ايم.اي.، پي ايڇ ڊي

**اعزازي جوائنٽ سيڪريٽري:** اي.بي. آڏواڻي، ايم.اي ، ايل.ايل.بي.





**لائبررين:** وي بي وياس، بي. اي.(1)

ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ اين.ايم. بليموريا سميت 7 ميمبر هئا. اعزازي آڊيٽر خانبهادر جمشيد جي.ايس.سيٺنا هو. ان کان علاوه سوسائٽي جا ٻه اعزازي ميمبر پي.آر.ڪاڊيل ۽ فادر ايڇ هيراس هئا. ان انتظامي ڪاميٽيءَ کان پوءِ هر سال جنرل باڊيءَ جي اليڪشن جي نتيجي ۾ اها جُڙندي ۽ تبديل ٿيندي رهندي هئي.(2)

**ميمبر ۽ عهديدار**

’سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ‘ جا ٽن قسمن جا ميمبر هوندا هئا. پهريون ’سرپرست‘هوندو هو جيڪو سال ۾ 500 روپيا ڏيندو هيو. اڪثر ڪري سنڌ جا گورنر انهيءَ سوسائٽيءَ جا ’سرپرست‘ رهيا. ٻيو ’تاحيات ميمبر‘، جيڪي سال ۾ 100 روپيا ڏيندا هئا . ٽيون ’عام ميمبر‘ هوندا هئا، جيڪي سال تي 6 رپيا ڏيندا هئا.(3) ’هسٽاريڪل سوسائٽيءَ‘ جي سيني عهديدارن توڙي ميمبرن جا نالا ڏيڻ ته مشڪل آهن، پر انهن منجهان ڪجهه نالا هن ريت آهن: سر مانٽيگو ويب،سيد ميران محمد شاهه، مير بنده علي خان، فقير جي ڪائوسجي، اي.ايل.پرائيس، ڪي پناهه، سهراب ڪيٽرڪ، ڊاڪٽر ڊٺارٽ، غلام رسول ڪيهر، حيدر بخش جتوئي، جي.ايم.سيد، حاتم علوي، بولچند راجپال، پيرومل آڏواڻي، آسانند مامتورا، لالچند جڳتياڻي، سوڀراج نرملداس، روچيرام سڌاڻي، ڊاڪٽر دائودپوٽو وغيره. مشهور ليکڪن کان سواءِ ڪراچيءَ، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور جي هاءِ اسڪولن جا هيڊ ماسٽر ۽ ڪاليجن جا

پرنسيپال انهيءَ سوسائٽيءَ جا ميمبر هوندا هئا. هن سوسائٽيءَ کي سنڌ سرڪار جو تعليم کاتو 300 روپيه ساليانِي امداد ڏيندو هيو، جيڪا آخر ۾ وڌائي 500 روپيه ڪئي وئي هئي. هن سوسائٽيءَ جو گڏيل هندستان جي لرنيڊ باڊيز ۽ يونيورسٽيز سان واهپو هوندو هيو.

**سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جون گڏجاڻيون**

سوسائٽيءَ جي مختلف سالن ۾ جوڙيل ڪائونسل جي ميمبرن کي ڏسي ائين چئي سگهجي ٿو ته ان زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ پڙهيا لکيا هندو، پارسي ۽ مسلمان پڻ ان جا ميمبر هئا. بهرحال ان وقت اتي رهندڙ يورپين يا ڏکڻ ايشيائي به انهيءَ سوسائٽيءَ جا سرگرم ميمبر هئا. سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جون ماهوار انتظامي گڏجاڻيون به ٿينديون هيون، پر سال ۾ هڪڙو ڀيرو جنرل باڊيءَ جي گڏجاڻي ٿيندي هئي، جنهن ۾ عهديدارن جي چونڊ ڪرڻ کان سواءِ گذريل سال جي ڪارڪردگي ۽ ايندڙ سال جي پروگرام جي رپورٽ منظور ڪئي ويندي هئي. هر ٽئين مهيني هڪ ادبي گڏجاڻي ٿيندي هئي جنهن ۾ محقق ميمبر پنهنجا تحقيقي مقالا پڙهندا هئا، جيڪي پوءِ سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ ڇپيا ويندا هيا. اهڙيون گڏجاڻيون ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ منعقد ٿينديون هيون.

**ليڪچر پروگرام**

’سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ‘ جو اصل ڪم ماهوار ليڪچر ڪرائڻ هوندو هو. هر مهيني ڪنهن هڪ يا ٻن ميمبرن





کان پيپر پڙهايا ويندا هئا، جيڪي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ منعقد ٿيندا هئا. انهن گڏجاڻين ۾ عام پبلڪ کي اچڻ جي اجازت هوندي هئي. پيپر پڙهڻ کان پوءِ سوال ۽ جواب ۽ بحث به ٿيندا هئا. ان کان پوءِ اهي ليڪچر ، ’سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ‘ جي جرنل ۾ شايع ٿيندا هئا.(4)

**دي جرنل آف دي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي**

هن سوسائٽيءَ جو شاندار ۽ لازوال ڪم ’دي جرنل آف دي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي‘ (The Journal of the Sind Historical Society) جاري ڪرڻ آهي. هن انگريزي جرنل جو پهريون پرچو مئي 1934ع ۾ ڇپجي آيو. پهرئين شماري جو ايڊيٽر اي.بي .آڏواڻي صاحب هو. ٻيو پرچو آڪٽوبر 1934ع ۾ ڇپيو، ته آڏواڻيءَ سان گڏ اين. ايم. بليموريا جو نالو به ايڊيٽر طور شامل ڪيو ويو. آخري پرچو جلد ائون، نمبر 3، جنوري 1948ع ۾ شايع ٿيو هي شمارو ’ڊاڪٽر ايڇ. ايم.گربخشاڻي يادگار نمبر‘ ڪري ڪڍيو ويو.(5)

**حوالا:**


1. The Journal of Sind Historical Society, May, 1934
2. Website of Gul Hayat Institute : drpathan.com/index.php/about-us/gul-hayat-institute
3. Dr. Mubarik Ali. "Writing the History of Sindh", Daily Dawn dated 23rd November 2014

4. مختيار احمد ملاح: ”ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ حصو“، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 212

5. انسائيڪلوپيڊيا- سنڌيانا (جلد پنجون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع، ص 218



## سنڌ نيچرل هسٽري سوسائٽي

سنڌ جي حيوانات ۽ نباتات تي، سڀ کان اول انگريز عملدارن سوچيو. ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ مطابق: ”31 مئي 1927ع تي سر مانٽيگو جي صدارت هيٺ فريئر هال، ڪراچيءَ ۾ فطرتي نظارن جي شوقينن جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ ’سنڌ نيچرل هسٽري سوسائٽي‘ ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انهيءَ ڏينهن تي 38 ماڻهو هن جماعت جا ميمبر ٿيا. ان سوسائٽيءَ اڳتي هلي سنڌ جي قدرتي وسيلن جي تاريخ بابت ڄاڻ تي ٻڌل معلومات کي جرنل جي شڪل ۾ پڌرو ڪيو. انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ’سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ‘ جو بنياد وڌو ويو هو.(1) جڏهن ته سرڪاري ڊائريڪٽري مطابق: ’سنڌ نيچرل هسٽري سوسائٽيءَ‘ جو قيام 31 مئي 1927ع تي ان خيال کان عمل آندو ويو، ته سنڌ جي فطرتي تاريخ جي مطالعي کي فروغ سان گڏ، ان جي مڙني رخن ۾ خالص سائنسي ۽ عملي طرح سان ٻوٽن ۽ جانورن جي تعارف ۽ ڄاڻ کي گڏ ڪري سگهجي. مسٽر ايف. ڊبليو هڊسن، سنڌ جو ڪمشنر سوسائٽيءَ جو پهريون صدر هو.(2)

### سوسائٽيءَ جي انتظامي ڪاميٽي

'سنڌ نيچرل هسٽري سوسائٽيءَ' کي عملي طور قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ 10 آگسٽ1927ع تي جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ، ڊي.جي. سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا.

1. صدر: مسٽر ڊبليو. ايف هڊسن، سنڌ جو ڪمشنر
2. نائب صدر: روپچند بيلارام، ايڊيشنل جوڊيشل ڪمشنر
3. نائب صدر: هيريسن (لائڊ بيراج جو چيف انجنيئر)
4. اعزازي سيڪريٽري: اي.اي. فلاٿن
5. اعزازي سيڪريٽري: مسٽر سي. چيٽرجي.(3)

هيءَ سوسائٽي، سالن جا سال هلي، ۽ ان جا عهديدار تبديل ٿيندا رهيا.

**سنڌ نيچرل هسٽري سوسائٽيءَ جون گڏجاڻيون**

سوسائٽيءَ جي مختلف سالن ۾ جوڙيل ڪائونسل جي ميمبرن ۽ جرنل ۾ شايع ٿيل مواد مان معلوم ٿئي ٿو ته ان جا ميمبر گهڻو ڪري انگريز عملدار، ان زماني ۾ ڪراچي ۾ رهندڙ پڙهيا لکيا هندو، پارسي ۽ چند مسلمان پڻ ان جا ميمبر هئا. سوسائٽي جون ماهوار انتظامي گڏجاڻيون ٿينديون هيون، پر سال ۾ هڪڙو ڀيرو جنرل باڊي جي گڏجاڻي ٿيندي هئي جنهن ۾ عهديدارن جي چونڊ ڪرڻ کان سواءِ گذريل سال جي ڪارڪردگي ۽ ايندڙ سال جي پروگرام جي ايجنڊا منظور ڪئي ويندي هئي. هر ٽئين مهيني هڪ گڏجاڻي ٿيندي هئي. اهڙيون





گڏجاڻيون ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ منعقد ٿينديون هيون.(4)

هن سوسائٽيءَ ٽماهي رسالو "دي جرنل آف دي سنڌ نيچرل هسٽري سوسائٽي" جي نالي سان جاري ڪيو، جيڪو اڪثر ڪري ڪراچي 'ڊيلي گزيٽ پريس' مان شايع ڪيو ويندو هو، ايم.ايچ . پنهور مطابق: " سوسائٽيءَ 1933ع کان هڪ جرنل شايع ڪرڻ شروع ڪيو، پر ان جا صرف ٻه واليوم 1933ع ۽ 1934ع شايع ٿي سگهيا. انهن مان هر هڪ جا چار نمبر ۽ 50 صفحن تي پکڙيل هئا.(5) 'دي جرنل آف دي سنڌ نيچرل هسٽري سوسائٽيءَ' جي جرنل جو پهريون جلد اين .ايم بليموريا جو ايڊٽ ڪيل هو، جيڪو نيچرل هسٽري سوسائٽيءَ جو خزانچي ۽ جنرل سيڪريٽري ٻه هو ۽ ڪيس ساڳيا عهدا سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ ۾ ٻه مليل هئا. جڏهن ته ٻيو جلد، سي. چيٽرجي، اعزازي سيڪريٽريءَ جو ايڊٽ ڪيل هو.

**حوالا:**

1. Website of Gul Hayat Institute : drpathan. com/ index. php/about-us/gul-hayat-institute
2. Directory of Educational, Scientific, Literary and Cultural Organizations in India, Manager of Publications, 1948,p.199
3. مختيار احمد ملاح: "ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ حصو"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 203

4. ساڳيو حوالو، ص 202
5. M. H. Panhawar: "Source Material on Sind", Institute of Sindhology, Jamshoro, 1977, p.321



## ڊي.جي. ڪاليج اندين مجلس

ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ نہ صرف سنڌ جا استاد ۽ شاگرد هوندا هئا، پر پوري هندستان مان مختلف مذهبن ۽ خطن جا شهري بہ استاد، پروفيسر ۽ شاگرد هوندا هئا. انهن جون ٻوليون، ريتون، رسمون ۽ عقيده پڻ الڳ هوندا هئا. پر ڪاليج ۾ پرسڪون ماحول ۽ ادبي ۽ ثقافتي ڪردار خوب نڀائڻ جي واسطي، هنن سيپٽمبر 1919ع ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي استادن 'اندين مجلس' نالي جماعت، ڪاليج اندر قائم ڪئي. جنهن جو پهريون سيڪريٽري آر.ايڇ اجواڻي هو.(1) هن قسم جي جماعت، هندستان جي مختلف رهواسين آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ بہ قائم ڪئي هئي، ڊي.جي. ڪاليج جي استادن، ان طرز تي هڪ مجلس هتي پڻ قائم ڪئي. هن مجلس جا عهديدار سنڌي توڙي غير سنڌي پروفيسر گڏيل سڏيل هوندا هئا. هڪٻئي سان ثقافتي ۽ سماجي شين ڏي وٺ جو بهترين پليٽ فارم هوندو هو.

هن جماعت جون هنگامہ خيز گڏجاڻيون ٿينديون هيون ۽ هڪٻئي جون رسمون ۽ ثقافتي شيون ونڊيون وينديون هيون. ڪاليج جا پروفيسر، هڪٻئي سان چانهہ جون پارٽيون رکندا هئا. ڪاليج جي ٽيچنگ اسٽاف پاران کاڌي پيتي جون محفلون

مچايون وينديون هيون ۽ پاڻ ۾ رانديون ڪرڻ، ٿيئٽر، فوٽو گرافي ۽ آرٽ وغيره جي شين جو نماءُ ڪيو ويندو هو.(2)

حقيقت ۾ هن قسم جون محفلون، پوريءَ سنڌ ۾ شايد گهٽ ٿينديون هجن، جتي مختلف زبانن ۽ ڌرمن جا ماڻهو ويهي پاڻ ۾ علم ۽ ادب جون ڪچهريون ڪن، آرٽ ۽ تصويرن جو ڏيکاءُ ڪن. هڪٻئي سان پنهنجا ثقافتي ڪاڌا گڏجي کائين. پنهنجي پنهنجي سياسي ۽ مذهبي عقيدي کي پٺتي رکي، هم آهنگيءَ سان رهن. ڊي.جي. ڪاليج جي هيءَ تنظيم، سنڌ جي تاريخ ۾ صوفي قدرن ۽ مذهبي رواداريءَ جو بهترين مثال آهي.

**حوالا:**


1. "Sindh Gazttee Karachi" dt: 29.7.1920 p.5
2. Prof. L.H. Ajwani: "The Golden Jubilee of the Dayaram Jethmal Sind College, Karachi (1887-1937)", The Educational Printing Press, Karachi, 1939, p.137




## بزم مشاعره ڊي.جي. سنڌ ڪاليج، ڪراچي

انگريزن جي دؤر ۾ مشاعرن جو تمام گهڻو رواج هوندو هو. ان سلسلي ۾ مختلف شهرن، ادارن ۽ جماعتن ۾ 'بزم' قائم ڪيل هئا، جيڪي مختلف 'طرحن' تي مشاعرا ڪرائيندا هئا. بزم مشاعره جي وڌندڙ ڇهڇٽي سنڌ جي ڪاليجن کي به متاثر ڪري ڇڏيو ۽ ڪاليجن ۾ به مشاعرن جون بزمون قائم ٿيڻ لڳيون. 1925ع ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ به بزمِ مشاعره قائم ڪئي وئي. جنهن جو مقصد هو شاگردن ۾ شاعريءَ جو چاهه پيدا ڪرڻ ۽ ڪين شاعريءَ جي فن کان واقف ڪرڻ. ڊي.جي سنڌ ڪاليج جي مشاعرن ۾ ڪاليج جي شاگردن سان گڏ ڪراچي شهر جا سمورا اديب ۽ شاعر دلچسپي وٺندا هئا.(1)

مشاعري جي طرحن تي سنڌ جا شاعر به پنهنجا غزل ڏياري موڪليندا هئا، جيڪي مشاعري ۾ پڙهيا ويندا هئا. بزم مشاعره ڊي- جي سنڌ ڪاليج جون ڪي طرحون هي هيون.

1. ڪهڙي ڪهڙي تنهنجي هيئان اي فلڪ فرياد آ.

(ڊسمبر 1925ع)

(1) **ڊاڪٽر اياز حسين قادري: "سنڌي غزل جي اوسر"، جلد پهريون- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، سال 1982ع، ص 306.**

هن مشاعري ۾ ڪراچيءَ کان علاوه، ٻين شهرن جي شاعرن شرڪت ڪئي، جن ۾ حاجي محمود ”خادم“، ميان غلام سرور ”فقير“ ۽ ڪشچند ”بيوس“ موجود هئا.

2. دل گهريو زاهد ٿيان، پر مون کان مستوري نه ٿي.

(جنوري 1926ع)

هن مشاعري ۾ ڪراچيءَ کان علاوه، ٻين شهرن جي شاعرن پڻ شرڪت ڪئي.

3. صلح جو هي وقت آ، يا موقعو تڪرار جو.

(مارچ 1935ع)

هنن مشاعرن جي وڌيڪ معلومات ملي نه سگهي آهي. ڇو ته ڪٿي به رڪارڊ محفوظ نه رهيو آهي.



## سنڌي ساهت سڀا، ڪراچي

ڊي.جي. ڪاليج ۾ صرف ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جو ادبي تنظيمون نه هيون، پر هي ڪاليج شهر جي ٻين اديبن جي تنظيمن جو به محور هو. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري، سنڌي ٻوليءَ جي مرڪزي لائبريري ٺاهڻ ۽ ٻين ادبي مقصدن لاءِ 15 ڊسمبر 1929ع تي وديارٿي سماگ جي هڪ گڏجاڻي ۾ ’سنڌي ساهت سڀا‘ قائم ڪئي ويئي. آسانند مامتورا ان جو باني هو. ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار آسانند مامتوراءِ بنيادي طور تي هڪ استاد هو. ’سنڌ سڀا‘ جي قيام جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکي ٿو ته. ”ڪراچي وديارٿي سماگ جي چيئرمين آسانند جي مامتورا؛ سنڌي ادب سان دلچسپي رکندڙ صاحبن جي ڪانفرنس ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائي؛ جنهن ۾ پرنسيپل ايس.سي. شهاڻي، جي.اين گوڪلي، اين.اي. غلام علي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، مسٽر چيتمل پرسرام، پروفيسر اين . اي ڦيرواڻي، مسٽر جي.ايم.سيد ۽ ٻين شرڪت ڪئي.’سنڌ وديارٿي سماگ‘ جي صدر پرنسيپل جي.اين گوڪلي ڪانفرنس جو افتتاح ڪيو. ڪجهه بحث مباحثي کان پوءِ ايسوسيئشن ٺاهي وئي، جنهن جو نالو ’سنڌي ساهت سڀا‘ رکيو ويو.(1)سنڌي ساهت سڀا جا پهريان عهديدار ۽ ميمبر هن ريت مقرر ٿيا:

پرنسيپل ايس-سي شهاڻي __________ پريزيڊنٽ

ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي __________ وائيس پريزيڊنٽ

علامه دائود پوٽو __________ وائيس پريزيڊنٽ

لعل چند امر ڏنو مل __________ جوائنٽ سيڪريٽري

مسٽر عبدالخالق __________ جوائنٽ سيڪريٽري

آسانند مامتورا __________ خزانچي

**ميمبر:**

مٿين عهديدارن کان سواءِ اين.اي غلام علي، محمد صديق ميمڻ، چيتمل پرسرام، جي.ايم.سيد، نادر بيگ مرزا، امداد علي قاضي، پيرومل مهرچند، روچيرام سڏاڻي، پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي، ٽي-ايم آڏواڻي ۽ منگهارام ملڪاڻي ميمبر منتخب ٿيا.(2)

1933ع ۾ ’سنڌي ساهت سڀا‘ جي اهميت کي ان وقت وڌيڪ مڃتا ملي، جڏهن 15 اپريل 1933ع تي شڪارپور ۾ ’سنڌي ساهت سميلن‘ منعقد ڪئي وئي هئي، جيڪا ”سنڌو“ رسالي جي ايڊيٽر مسٽر بولچند وسومل راجپال جي ڪوشش جو نتيجو هئي. هن آڪٽوبر 1932ع جي شماري ۾ ’سنڌي ساهت سميلن جي ضرورت‘ جي عنوان سان ايڊيٽر نوٽ لکيو. جنهن کي سڄي سنڌ ساراهيو . ڪراچيءَ ۾ ان معاملي تي ڊي.جي. ڪاليج جي ’سنڌي ساهت سڀا‘ ۾ ان تي تمام گهڻو بحث ٿيو ۽ فيصلو ڪيو ويو ته ، ان ۾ حصو ورتو ويندو. چيتمل پرسرام، رسالي جي ايڊيٽر مسٽر راجپال کي خط لکيو، جيڪو رسالي جي حوالي طور آيو. جنهن ۾ هن لکيو هو ته ’سنڌي ساهتيه





سميلن‘ جي عظيم ضرورت آهي ۽ انهيءَ ڪم کي راس ڪرڻ لاءِ ’سنڌو‘ هن وقت قدم کڻي سا پڻ خوشيءَ جي ڳالهه آهي. قوم جي عمارت جو مکيه ٿنڀو آهي علم ادب. ٻيون ٻوليون ان ڏس ۾ گهڻو واڌارو ڪري رهيون آهن، رڳو سنڌي ٻولي پٺتي رهجي ويئي آهي. منهنجي راءِ آهي ته اوهين اهو سميلن بيشڪ شڪارپور ۾ سڏايو ۽ آواز ڪريو ته مڙيئي ساهتيه جا شائق اچي گڏ ٿين، ويچار ڪن ۽ رٿون رٿين. سنڌ کي هڪ باقانون ’سنڌي ساهت سڀا‘ (Academy of Sindhi Literature) جي ضرورت آهي. پروفيسر گربخشاڻي، مسٽر لعلچند جڳتياڻي، مسٽر دائود پوٽي ۽ ٻين جي محنت سان مٿين سڀا ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيل آهي ۽ ڪجهه ڪم پئي ڪيو آهيس. منهنجي راءِ آهي ته اوهين انهن مڙني بانيڪارن کي هاڪاريو ته هو سميلن ۾ انهيءَ سڀا جو پڪو پايو اچي وجهن.....هندو ۽ مسلمان مڙيئي سنڌيءَ جا عاشق ڪٺا ٿي هن ڪم کي لڳي وڃن ته گهڻي ڪلهين ڇپر ڪچي پوندو. منهنجي توهان سان هن ڪم ۾ سورهن ئي آنا همدردي آهي.“(3)

ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي پروفيسر، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هن سميلن ۾ شرڪت نه ڪئي هئي، تنهن هوندي به ايندڙ مدي لاءِ کيس صدر چونڊيو ويو هو. جڏهن ته خزانچي پروفيسر ڦيرواڻيءَ کي چونڊيو ويو. ان کانسواءِ سنڌ جي جن 100 اديبن تي مشتمل ڪاروباري ڪاميٽي جوڙي وئي هئي، ان ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي استادن، شاگردن ۽ سنڌي ساهت سڀا جي ميمبرن جي اڪثريت هئي.

’سنڌي ساهت سڀا‘ جو ڀيو جنم تڏهن ٿيو، جڏهن 1940ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي مروج سنڌي اعرابن ڏيڻ جو طريقي کي 35 سالن جي استعمال کان پوءِ رد ڪري، هڪ دفعو ٻيهر جهونو عربي نمونو اختيار ڪيو. ڊاڪٽر دائودپوٽي جي مخالفت ۾، ڄيٺمل پرسرام جي صدارت هيٺ ’سنڌي ساهت سڀا‘ قائم ڪئي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر جيٽلي لکيو آهي ته، ”ڊاڪٽر دائودپوٽي سنڌي لفظن جي هجيئن ۾ جيڪا ڦيرقار ڪئي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عبارت کي جنهن طرح عربي فارسي رنگ ڏيڻ شروع ڪيو، ان جي ڄيٺمل پرسرام ۽ سندس ساٿين سخت مخالفت ڪئي. ڄيٺمل 9 ڊسمبر 1940ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ’سنڌي ساهت سڀا‘ برپا ڪئي. پاڻ انهيءَ جو پريزيڊنٽ بڻيو ۽ موتيرام لڇيرام ٻتاڻي ان سڀا جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. انهيءَ سڀا طرفان هنن وقت به وقت چونپڙيون شايع ڪري، سنڌي عوام کي سجاڳي پيدا ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو.(4) هن سڀا ۾ ڄيٺمل پرسرام کان علاوه، پروفيسر ڪي. ايچ ناگراڻي، ڌرمديو جيٽلي، ديوان ڏيارام وسٽمل، منوهر داس ڪوڙومل ۽ ڪي ٻيا شامل هئا. اڳتي هلي، منوهر داس ڪوڙومل ’سنڌ ساهت سڀا‘ جو آنرري سيڪريٽري بڻيو. ’سنڌي ساهت سڀا‘ پنهنجي مخالفانه پروپيگنڊا لاءِ انگريزيءَ ۽ سنڌي ۾ ست چوپڙيون (Pamphlet) ڇپائي عام ماڻهن ۾ تقسيم ڪيون، جن جي لکندڙن ۾ ڄيٺمل پرسرام، ديوان ڏيارام وسٽمل ۽ منوهر داس ڪوڙومل (سنڌي)، ۽ پروفيسر ڪي. ايچ





ناگراڻي ۽ ڌرمديو جيٽلي، ديوان لوڪناٿ جيٽلي (انگريزي) شامل هئا.

سنڌ ساهت سڀا ناتال ۾ 28 ، 29 ۽ 30 مارچ 1941ع تي ڪراچيءَ ۾ هڪ ساهت سملين ڪوٺايو. سميلن جو روح روان ڄيٺمل پرسرام هو. هن ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن وڏي پيماني تي حصو ورتو. سنڌي ٻوليءَ، ساهت ۽ سڀيتا جي واڌاري لاءِ، سميلن پاران 26 ڄڻن جو مرڪزي بورڊ قائم ڪيو ويو، جنهن تي عملي ڏس ۾ ڪوشش وٺڻ جو ڪم رکيو ويو. مرڪزي بورڊ جا ميمبر هئا: 1. ڪوي ڪشنچند ”بيوس“، 2. ڄيٺمل پرسرام، 3 ڀاڳچند چترسنگهه، 4. آسانند مامتورا، 5. رام موٽواڻي، 6. ٻولچند راجپال، 7. پروفيسر بي.ايچ. ناگراڻي، 8. پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي، 9. هربخش هگوراڻي، 10. ديو سياڻي، 11. چندو لال جئسنگهاڻي، 12 ڏيارام ميرچنداڻي، 13 پروفيسر شامداس واسواڻي، 14. پروفيسر هاسانند ٻنيجا، 15. پروفيسر لوڪومل ڪيسواڻي، 16. موتيرام ايس. راموواڻي، 17 پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، 18. ڪشنچند جيٽلي، 19. تاراچند گاجرا، 20. هريسندر روپچند، 21. پروفيسر هاسانند جادوگر، 22. گورڌن وزيراڻي، 23. پروفيسر رام پنجواڻي، 24. ميلارام واسواڻي، 25. لوڪامل چيلارام ۽ 26 جهامنداس ڀاٽيا.(5)

هن سميلن ۾ ڪيترائي ٺهراءَ بحال ڪيا ويا. جن مان ڪي هي آهن: هيءُ سميلن بمبئي يونيورسٽيءَ تي زور ٿو آڻي، ته جيئن بمبئي پرڳڻي جون ڀيون ٻوليون بي.اي. (آنرس) ۽

ايم.اي. لاءِ رکيون ويون آهن. تيئن سنڌي به انهن امتحانن لاءِ رکي وجي.

(1) هيءُ سميلن، سنڌي ساهت، اتهاس ۽ سڀيتا جي ڪتاب گڏ ڪرڻ واسطي، ساري سنڌ لاءِ هڪ مرڪزي پستڪاليه (لائبريري) جي ضرورت محسوس ٿو ڪري ۽ ڪراچي ميونسپالٽيءَ کي عرض ٿو ڪري، ته وڪٽوريا ميوزيم ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتابن ۽ سنڌ تي ٻين ٻولين ۾ لکيل ڪتابن جو هڪ مڪمل پستڪاليه برپا ڪري. سميلن جو برپا ڪيل مرڪزي بورڊ اهڙيءَ ڪوشش ۾ ميونسپالٽيءَ سان هر طرح پنهنجو سهڪار ڪندو.

(2) هن سميلن جو رايو آهي، ته سنڌي ساهت جي واڌاري ، ’سنڌي ساهت منڊل‘ برپا ڪيو وڃي، جنهن دوَران سنڌ ۾ امر مُهر پستڪاليه جاري ڪرڻ جي هرڪا ڪوشش ڪئي وڃي. جيئن سنڌي ڪتابن ڇپائيندڙ جو مجموعو ٿاهي، ڪتابن جي پڌرائي ڪرڻ جي تجويز تيار ڪري، ڪارائتن مضمونن ۽ ڪتابن ڇپائڻ لاءِ انعام ڏنو وڃي.

(3) هيءُ سميلن، انهيءَ جو آهي ته سنڌي آئيوٽا ۾، ڪن حالتن ۾، هڪ آواز ڪان وڌيڪ حرف يا آواز ٻيون نشانيون آهن، جو نه صرف شبد وديا علم آواز جي قاعدن جي برخلاف آهن، پر سڪنڊرن لاءِ مونجهاري ۽ دقت جو وڏو ڪارڻ آهن. انهيءَ ڪري، هيءُ سميلن سنڌ سرڪار کي استدعا ٿو ڪري، ته انهيءَ مونجهاري ۽ دقت کي دوُر ڪرڻ لاءِ ۽ آئيوٽا کي وگياني اصولن تي بيهارڻ لاءِ، هڪ





سنڌي ودوانن ۽ علم آواز جي ڄاڻن جي ڪاميٽي مقرر ڪري.

(4) هيءُ سميلن سنڌ سرڪار کي استدعا ٿو ڪري، ته سرڪار، سنڌ جي تعليم کاتي کي هدايت ڪري، ته ڪوبه ڪتاب، اسڪولن ۾ درسي ڪتاب، لائبريري ڪتاب يا انعامي ڪتاب نه ٺهرايو وڃي، جيستائين اها خاطري نه ڪئي وڃي ته ڪتاب ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانهي، جنهن مان سنڌ جي جدا جدا جاتين جي وچ ۾ نفاق ۽ ناسازي پيدا ٿيڻ جو امڪان هجي ۽ جي ڪو اهڙو نفاق ڪندڙ ڪتاب منظور ڪيل هجي، ته ڌيان ڇڪائڻ تي يڪدم منسوخ ڪيو وڃي.(6)

سنڌي ساهت سڀا، ڪراچيءَ پاران ڪي مشاعره به ڪرايا ويا، ان سلسلي ۾ 28، 29 ۽ 30 مارچ 1941ع تي ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ڪشنچند ”بيوس“ جي صدارت ۾ مشاعرو ٿيو. مشاعري جي مصرع طرح هن ريت هئي:

”مورتي تنهنجي کي من مندر ۾ استاپن ڪندس.(7)

**حوالا:**

1. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ:”ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ حصو“، (پي.ايڇ . ڊي. مقالو) سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، ص. 459
2. ساڳيو حوالو، ص 448
3. ماهوار ”سنڌو“، شڪارپور: آڪٽوبر 1932ع، ص 323_ 325
4. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي: ”ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽون“، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه ودوت پرشد، دهلي، 1999ع، ص 184.

5. موتيرام سترامداس رامواڻي: ”چيتمل پرسرام ۽ سندس لکيتون“، شاردا پرڪاشن، بمبئي1991ع، ص 56
6. ساڳيو حوالو، ص 61
7. ڊاڪٽر اياز حسين قادري: ”سنڌي غزل جي اوسر“ (پاڱو پهريون)،انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، سال 1982ع، ص 364




## سنڌي ادبي سرڪل، ڪراچي

1936ع ۾ ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي شروعات ٿي، جنهن ۾ منشي پريم چند صدارتي خطبو ڏنو هو. سنڌي ادب پڻ ان تحريڪ جي اثر هيٺ رهيو. سجاد ظهير پنهنجي ڪتاب ”روشنائي“ ۾ لکيو آهي تہ، ”سنڌ مان ٻن ڄڻن: محمد امين کوسي ۽ قادر بخش نظاماڻيءَ ان ۾ شرڪت ڪئي هئي.“(1) هڪ تہ ملڪ اندر سياسي شعور چوٽ تي چڙهيل هو ۽ ملڪ کان ٻاهر ترقي پسند تحريڪن جو اثر سنڌ تائين پهچڻ لڳو. شيخ ”راز“ لکيو آهي تہ: ”ترقي پسند اديبن اردو ادب ۾ هڪ وڏو مقام پيدا ڪيو ۽ اردو شاعريءَ جي هيئت، اسلوب ۽ فڪر ۾ ڪيترائي جاذب ۽ خوشگوار تجربا ڪيا، جن گهڻو ڪري ملڪ جي نئين نسل کي انتهائي متاثر ڪيو. سال 1943ع ۾، سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل نوجوان طبقي ان جو اثر قبول ڪيو. مان ان زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪاليج ۾ پڙهندو هوس، ۽ اسان جي مختصر ادبي حلقي ۾ جديد ادب جو خاص مقام هو. اردو ادب جي جديد تخليقن ۽ تحريرن اسان تي ڪافي اثر ڇڏيو. نارائڻ شيام، ڏيارام منشاراماڻي، شيخ راز ۽ شيخ اياز جي جديد ادب سان گهڻي دلچسپي هئي ۽ اسان جي پوري سنگت جديد رجحانن جو بخوبيءَ مطالعو ڪيو هو. اسان جديد ادب جو ڪافي ذخيرو ڪٺو ڪيو ۽ اسان جو گهڻو

وقت بحث ان نئين ادب جي بحث مباحثي ۾ گذرندو هو. ساڳئي سال، اهل ذوق نوجوانن جي مدد سان ڪاليج ۾ 'سنڌي ادبي سرڪل' جو بنياد رکيو ويو. ان کان اڳ ڪاليج ۾ ڪا سنڌي ادبي جماعت ڪانه هئي، حالانڪ اردو ۽ گجراتي جماعتون ادبي سرگرمين ۾ پيش پيش هيون.(2)

ان کان اڳ مذڪوره ڪاليج ۾ سنڌي شاگردن جون ادبي گڏجاڻيون ته منعقد ٿينديون هيون، پر باضابط ادبي جماعت ڪونه هئي. انهيءَ سرڪل جي بنياد پوڻ کان پوءِ، سنڌي ادب ۾ جدت پسند تحريڪ جو آغاز ٿيو. هن سرڪل ۾ سامراج جي کلي عام مخالفت ڪئي وئي. ان ادبي محاذ ۾ ڪجهه شاگردياڻيون به شامل هيون، جن ۾ سندري ٺهلراماڻي ۽ روشن آرا مغل اهم آهن. سنڌي ادبي سرڪل جي قيام ۾ شيخ عبدالرزاق "راز"، شيخ اياز، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو هٿ هو. سنڌي ادبي سرڪل جا عهديدار هي هئا:

پروفيسر رام پنجواڻي__________ روح روان
ڊاڪٽر گربخشاڻي __________ صدر
شيخ عبدالرزاق "راز"__________سيڪريٽري

سنڌي ادبي سرڪل ۾ ڏينهن ڏينهن ميمبرن جو اضافو ٿيندو رهيو. ان سلسلي ۾ خاص طرح سوڀو گيانچنداڻي، شيخ اياز، ارجن شاد، شيخ عبدالرزاق "راز"، رام پنجواڻي، گوبند مالهي، نارائڻ شيام، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڊاڪٽر هرو مل سدا رنگاڻي



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

۽ منگهارام ملڪاڻي سرگرم حصو وٺندا هئا.هن سرڪل جا ميڙ جناح ڪورٽس ۽ ميٺارام هاسٽل تي ٿيندا هئا. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو لکي ٿو ته، 'سنڌي ادبي سرڪل' جو پهريون صدر ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي هو ۽ سيڪريٽري شيخ عبدالرزاق 'راز' کي مقرر ڪيو ويو. مگر پهرين ادبي محفل ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي مصروفيتن سبب پاڻ ان عهدي تان دستبردار ٿي، رام پنجواڻيءَ کي سرڪل جو صدر مقرر ڪيو هو. سرڪل پاران جيڪي به شاعريءَ جون محفلون منعقد ٿينديون هيون، انهن ۾ شاعرن جي پيش ڪيل ڪلام تي نقادن پاران نڪته چيني به ڪئي ويندي هئي. گويا ائين چئي سگهجي ٿو ته 'سنڌي ادبي سرڪل' سنڌي ٻوليءَ جي پهرين ادبي جماعت هئي، جنهن ۾ تنقيدي نشستون منعقد ٿيون. شاعريءَ جون محفلون سرڪل جو هڪ مشغلو ليکيو ويندو هو. ٻيو مشغلو افسانه نويسي ۽ مضمون نگاري هو. جنهن ۾ شاگردن جي معاونت پروفيسر رم پنجواڻي ڪندو هو. چوٿون مشغلو هو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو شعر. هن مشغلي ۽ مجلس کي 'شاهه ڪلاس' به چيو ويندو هو. جنهن ۾ مختلف عالمن کان لطيف جي شعر جي مختلف فني ۽ فڪري پهلوئن تي ليڪچر ڪرايا ويندا هئا. انهن ليڪچرن ۾ ڪاليج جي استادن کان علاوه، علامه آءِ آءِ قاضي، اي. ڪي بروهي ۽ لال سنگهه اجواڻي جا ليڪچر يادگار هئا.(3)

مشاعرن جي يادگيريءَ جي سلسلي ۾ شيخ اياز لکي ٿو ته. ”1945ع ۾ مان ۽ منهنجو دوست عبدالرزاق ’راز‘ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ قائم ڪيل سنڌي سرڪل ۾ ويندا هئاسين. جتي مون پنهنجو نظم ’او باغي! او راج دروهي! ڀارت ۾ بلوي جا باني!‘ پڙهيو هو. ته ٻڌندڙ حيران ٿي ويا هئا. اهو نظم پوءِ ’لهرون‘ جي نالي سان سرڪل جي ڪتاب ۾ ڇپيو هو. پروفيسر رام پنجواڻيءَ اُن کي ڪيئي ڀيرا پنهنجي منڌڙي آواز ۾ گهڙي تي ڳاتو هو. انهيءَ سرڪل ۾ منهنجي نارائڻ شيام سان واقفيت ٿي“.(4)

’سنڌي ادبي سرڪل‘، سامراج جي خلاف تحريڪ سان گڏوگڏ صحتمند ادب پيدا ڪرڻ جي پهرين ڪوشش ورتي. هيءَ پهرين ادبي تنظيم هئي، جنهن ۾ ڪاليج جو ڇوڪريون ٻه حصو وٺنديون هيون. ان سلسلي ۾ شيخ ”راز“ لکي ٿو ته: ”طالبات ٻه ان تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ اهي ’سرڪل‘ جون سرگرم ميمبر بڻجي ميدانِ عمل ۾ آيون. اسان جو زور پنهنجي ماحول ۽ ماضيءَ جي معاشي ۽ معاشرتي ڪمزورين طرف رهيو. ۽ ’سامراج سامراج‘ جي خلاف ادبي جدوجهد جي تحريڪ جو آغاز ٿيو. جو ان کان اڳ سنڌ ۾ ناپيد هو. اهڙن نظرين تي هر سياسي مڪتبه فڪر جي نوجوانن جو اتفاق هو. بداخلاقيءَ، فحاشيءَ ۽ عريانيءَ جهڙن موضوعن کان گهڻي قدر گريز ڪيو ويو. تنهنڪري اسان جي نئين ادب جي آغاز وقت اهڙن رجحانن جي داخلا گهڻو ڪري ممنوع رهي. جيئن ته هيءَ تحريڪ آمرانه. سرمائيدارانه ۽ جاگيردارانه نظام جي خلاف





هئي، ان ڪري هر طبقي انهيءَ جي همت افزائي ڪئي. اهو گويا سنڌي ادب جو پهريون متحده محاذ هو ۽ جديد صحتمند ادب پيدا ڪرڻ جي پهرين ڪوشش هئي.(5)

هن سرڪل، سنڌي ناٽڪ جي حوالي سان به نواڻ پيدا ڪئي. ان زماني ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي پرنسيپل هو ۽ غريب شاگردن جي فنڊ ۾ اضافي لاءِ ڪي پروگرام ۽ ناٽڪ اسٽيج ڪرائڻ پيو چاهي. سندس سوچ هئي ته هاڻي نيڪي ۽ بديءَ وارن ناٽڪن جو دؤر نه رهيو آهي، ان ڪري شاهه لطيف جي آکاڻين کي نئين انداز ۾ پيش ڪري سنڌيت جي پرچار ڪجي. ڊاڪٽر قاسم راڄپر لکي ٿو ته. ”شاهه جي شاعريءَ جي بنياد تي سنڌيءَ ۾ لوڪ ناٽڪ لکڻ جي پختي روايت سدا حيات پروفيسر رام پنجواڻيءَ وڌي. هن 1941ع ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي پرنسيپل ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي چوڻ تي ڪاليج جي غريب شاگردن جي مالي سهائتا لاءِ هڪ ناٽڪ ’مومل راڻو‘ لکي اسٽيج تي آندو. جنهن جون هدايتون ڪاليج جي استادن هيرانند ۽ منگهارام ملڪاڻيءَ ڏنيون. هن ناٽڪ ۾ ’مومل‘ جو ڪردار ڪاليج جي شاگردياڻيءَ مئنا واسواڻيءَ ادا ڪيو هو. جنهن شاهه جا بيت ۽ وايون سُريلي آواز ۾ ڳايون. ’راڻي‘ جو ڪردار ڪملا ڪرپلاڻي ءَ مرداڻي انداز ۾ ڪيو. رُڪَ آڏواڻي ’سومل‘ بڻي. رام پنجواڻيءَ شاهه جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ ٻيو ناٽڪ لوڪ داستان ’عمر مارئيءَ‘ تي ’پکي ۽ پدمڻي‘ جي نالي سان لکيو. جيڪو 1943ع ۾ ڪاليج جي شاگردياڻين پنجواڻي

صاحب جي 'سنڌي سرڪل' جي پليٽ فارم تان سنڌس ئي هدايتڪاريءَ ۾ ڪري ڏيکاريو. جنهن ۾ عمر جو ڪردار مئنا ۽ مارئيءَ جو ڪردار ڪملا ٽڏاڻيءَ ادا ڪيو هو. هن ناٽڪ ۾ رام پنجواڻيءَ ڀڳت جي روپ ۾ ڀٽائيءَ جي شاعري موهيندڙ انداز ۾ ڳائي هئي.(6)

اهي سلسلا هلندا رهيا ته ٽن سالن جي عرصي ۾ پبليڪشن جو سلسلو شروع ٿيو. جديد ادب تي مشتمل سرڪل جو پهريون ڪتاب 1945ع ۾ "لهرون" ڇپيو. ڪتاب جو مرتب شيخ عبدالرزاق 'راز' هو. هن ڪتاب ۾ شاعري، مضمون ۽ افسانا شامل ڪيا ويا هئا. جن ستن شاعرن جي شاعري ڏني وئي، انهن ۾ شيخ اياز، نارائڻ شيام، سڳن آهوجا، شيخ راز، سنتو درياڻي لعل، محمد نعيم صديقي ۽ سندري ٿهلراماڻي هئا. هر هڪ شعر جي مٿان شاعر بابت مرتب جو رايو ڏنل هو. جڏهن ته پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو مضمون "شعر ۾ انقلاب" ۽ پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جو "شاهه ۽ سامي" ۽ ممتاز جعفريءَ جو "احساس" جي عنوان سان ڏنل هئا. افسانن ۾ لڇمڻ راڄپال جو "او ساقي"، ڊي. ڪي. منشاراماڻيءَ جو "گهوٽ راجا" اهم آهن.

سنڌي ادبي سرڪل، صرف ڪاليج تائين محدود هئي. مگر ان جي سرگرمين جي اثر ڪري 1945ع ۾ گوبند مالهي ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ 'ترقي پسند منصفين جي انجمن' جو بنياد وڌو. بهرحال، 'سنڌي ادبي سرڪل' 1947ع تائين فعال رهي ـ



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

ان وقت ختم ٿي ويئي، جڏهن شيخ عبدالرزاق 'راز' ۽ شيخ اياز تعليم مڪمل ڪري ڪاليج ڇڏيو. ان کان پوءِ مٿان وري ورهاڱو ٿيو.

**حوالا:**


1. غلام رباني آگرو: "سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر"، سنڌي ادبي بورڊ، 2013ع
2. شيخ عبدالرزاق راز: "سنڌي ادب ۽ جدت پسند تحريڪ"، ماهوار "نئين زندگي"، ڪراچي، مارچ 1970ع، ص 33
3. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو: "سنڌي ادب ۾ ترقي پسند فڪر جي پهرين تنظيم: سنڌي ادبي سرڪل"، ماهوار "نئين زندگي"، حيدرآباد.
4. شيخ اياز : "ساهيوال جيل جي ڊائري"، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي: 2010ع: ص 427. 428
5. شيخ عبدالرزاق "راز": "سنڌي ادب ۽ جدت پسند تحريڪ" ماهوار "نئين زندگي"، ڪراچي، مارچ، 1970ع، ص 33

ڊاڪٽر قاسم راڄپر: "شاهه جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ لکيل سنڌي ناٽڪ"، ڇماهي "ڪلاڇي"، شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڊسمبر 2015ع

## ترقي پسند اديبن جي انجمن

سنڌي ادب ۾ ترقي پسند لاڙا ڊگهي عرصي کان موجود هئا. جنهن جي بنياد تي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جي استادن ۽ شاگردن گڏجي پهريائين 'سنڌي ادبي سرڪل' جو بنياد وڌو هو. ان دؤر ۾ ڊي.جي. ڪاليج جا استاد توڙي شاگرد، مغربي ادب ۽ هندستان جي مختلف ٻولين جي ترقي پسند ادب جو مطالعو ڪري چڪا هئا. ترقي پسند تحريڪ جي سلسلي ۾ سڀ کان پهرين جيڪب آباد ۾ 'پريم سڀا' نالي جماعت قائم ٿي، ان کان پوءِ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ 'سنڌي ادبي سرڪل' قائم ڪيو ويو. هي سرڪل ڪاليج اندر قائم ڪيو ويو هو. ڪاليج کان ٻاهر 1945ع ۾ گوبند مالهيءَ ۽ سوڀي گيانچنداڻي جي سرڪردگيءَ هيٺ 'انجمن ترقي پسند مصنفين' جو بنياد پيو. انجمن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن کي انجمن ۾ شامل ڪيو ويو. جيڪي انجمن جي گڏجاڻين ۾ ڪثرت سان حصو وٺندا هئا.

شيخ عبدالراز "راز"، هن انجمن جي قيام جي حوالي سان لکيو آهي تہ: "سال 1945ع ۾، گوبند مالهي ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي سرڪردگيءَ هيٺ، 'ترقي پسند مصنفين جي انجمن' جو بنياد رکيو ويو. گوبند مالهيءَ ان انجمن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ شاگردن جو سهارو ورتو. ڪيس اسان جي سنگت کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نظر ڪو نہ آيو. ان انجمن ۾





ڪاليجي شاگردن ۽ استادن جي اڪثريت رهي. ان ۾ چار پنج غير ڪاليجي بہ هئا، جن جي ادبي حيثيت پڻ مشڪوڪ هئي. گوبند مالهيءَ ۽ سوڀي ۾ خاطر خواهہ ادبي شعور هو. اسان جي ادبي گڏجاڻي هر جمعي تي مقرر ڪئي وئي ۽ اسان بلا ناغي ان نشست ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ بندر روڊ تي انجمن جي آفيس پهچي ويندا هئاسين. جيتوڻيڪ گوبند مالهي، سوڀو گيانچنداڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي وغيره جو مارڪسزم طرف لاڙو هو، تنهن هوندي بہ هنن ٻن سالن جي عرصي ۾ ڪڏهن بہ پنهنجن نظرين کي اسان تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي. شيخ اياز، نارائڻ شيام جو ڪانگريس ڏانهن لاڙو هو، ۽ مان (شيخ عبدالرزاق "راز" ) مسلم ليگي نظرئي جو حامي هوس. اهڙيءَ طرح، متضاد فڪر رکندڙ نوجوانن هٿ هٿ ۾ ڏيئي، جديد ادبي تحريڪ کي ڪامياب بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي.(1) جڏهن تہ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکي ٿو تہ "هيءَ انجمن ڪاليجي استادن ڊاڪٽر هرو مل سدارنگاڻي ۽ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، شاگردن جهڙوڪ نارائڻ شيام، شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق "راز" ۽ مارڪس وادي ليڊرن ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي، گوبند مالهي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ وغيره جهڙن ڏڙن تي مشتمل هڪ 'ٿمورتي انجمن' هئي، جنهن ورهاڱي تائين سنڌي ٻولي ۽ علم تي اثر وڌو. 1947ع ۾ هن انجمن طرفان 'پرهہ ڦٽي' نالي سان نئين ادب تي مشتمل هڪ ضخيم ڪتاب شايع ڪيو ويو."(2)

هن انجمن جي تحريڪ جو اثر گهڻو ڪري شاعريءَ ۽ ڪهاڻيءَ تي پيو. 'انجمن ترقي پسند مصنفين' جي ڪوشش سان سنڌي ادب تي اثر پيو. ۽ هيٺين رجحانن جنم ورتو.

1. شاعريءَ ۾ رومانيت ۽ شعريت کي فراريت تي ترجيح ڏني وئي.
2. سياسي ۽ انقلابي حرڪات کي پيش ڪيو ويو.
3. شاعريءَ ۾ ابهام کان وڌيڪ اشاريت تي زور ڏنو ويو.(3)

هنن رجحانن سبب جديد شاعريءَ کي اهميت ملي. شاعرن جي حيثيت ۾ تبديلي آئي. آزاد نظم، هائيڪو، گيت ۽ ڪن ٻين صنفن کي انجمن جي بانين متعارف ڪرايو. هن سلسلي ۾ سڀ کان پهريان قدم شيخ اياز ۽ شيخ عبدالرزاق "راز" ۽ نارائڻ شيام کنيو. تنهي صاحبن 'انجمن ترقي پسند مصنفين' جي اثر هيٺ ڪراچيءَ جي گڏجاڻين ۾ اهڙي قسم جا مختصر گيت، مختصر نظم ۽ آزاد نظم لکڻ شروع ڪيا. اياز جو پهريون نظم 'او باغي' هو، جنهن ۾ رومانيت بجاءِ آزادي، جوش ۽ نيڪ ولولو ڪار فرما هو. ساڳيءَ ريت نعيم صديقيءَ نظم 'پچڙ تارا' لکيو، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

بي راهه روي ۽ گمراهي، سمجهن ٿا
ان کي آگاهي
رک بہ نہ رهندي، هاءِ تباهي
بار الاهي آخر چاهي.
پنهنجي ئي پستيءَ جا اشارا





هو پچڙ تارا

هن انجمن 1947ع ۾ "پرهه ڦٽي" نالي جديد ادب تي مشتمل ضخيم ڪتاب ڇپايو. ورهاڱي کان پوءِ، هن انجمن جي گهڻن ميمبرن جي لڏڻ سبب، اها بند ٿي وئي.

**حوالا:**

1. شيخ عبدالرزاق راز: "سنڌي ادب ۽ جدت پسند تحريڪ" ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، مارچ، 1970ع، ص 34
2. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: "ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ حصو"، (پي.ايڇ . ڊي، مقالو) سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، ص. 459
3. شيخ عبدالرزاق "راز": "سنڌي ادب ۽ جدت پسند تحريڪ" ماهوار نئين زندگي ڪراچي، مارچ، 1970ع، ص 33، 34

# باغي منڊل

ترقي پسند ۽ سياسي ادب جي پسمنظر ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي ڪجھہ اڳوڻن شاگردن ۽ استادن جھڙوڪ موهن پنجابي، شيخ اياز، امرلعل پنجواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ٻين گڏجي 1947ع ۾ ”باغي منڊل“جي نالي سان هڪ ادبي ادارو قائم ڪيو، جنهن جي آفيس، ڪاليج جي پرسان فريئر روڊ ڪراچيءَ ۾ هئي. هن اداري پاران ڇپيل ڪتاب، شيخ اياز جي ڪهاڻين جو مجموعو ”سفيد وحشي“ جي نالي سان 1947ع ۾ شايع ڪيو ويو، جنهن جي ابتدا ۾ شيخ اياز جو هڪ حقيقت افروز مهاڳ ڏنل آهي. 1947ع ۾ ساڳئي اداري شيخ اياز جو ترتيب ڏنل ”اسان جي سنڌ“ شايع ڪيو، جنهن ۾ موهن پنجابي، شيخ اياز، امرلعل پنجواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ٻين جون ڪهاڻيون شامل هيون.(1) هن منڊل سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ادب کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪتاب ”اسان جي سنڌ“ ۾ شيخ اياز جيڪو فڪري مهاڳ لکيو آهي، ان کي پڙهي، سندس ان وقت جي ادبي، سماجي، اقتصادي ۽ قومي شعور کي داد ڏيڻو پوي ٿو.

’باغي منڊل‘ جي سھاري هيٺ ساڳئي سال ۾ ٻيو رسالو ”سوشلسٽ پاڪستان“ نڪتو هو، جنهن ۾ بهترين آکاڻي هئي جيوت نرياڻيءَ جي ”هٿ نہ لاءِ“ ۽ ان ۾ هڪ ڳوٺاڻي





مسلمان جا ڪراچيءَ جي شهر ۾ آزمودا نهايت مذاقي نوع ۾ بيان ڪيل هئا. ساڳئي منڊل جي ”سفيد وحشي“ (1947) مجموعي ۾ شيخ اياز جي حسن پرستيءَ واري آکاڻي ”رولو“ ڏنل هئي، جا هن نوجوان انقلابي لکندڙ جي سٺين ڪهاڻين مان هڪ هئي.(2)

**حوالا:**


1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد ڇهريون)،سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد،2009ع، ص 383
2. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“ (ڇاپو ٽيون)، روشني پبليڪيشن حيدرآباد ، 1993ع، ص 65

## ڪلا ڀاري

ڪراچيءَ ۾ آرٽس ڪائونسل وارو ڪم، سڀ کان اول ڊي.جي. ڪاليج کان مليو ٿو، جيڪو بعد ۾ 'سرٽاگتي منزل' ڏانهن منتقل ڪيو ويو. ان ڏس ۾ گل حسن ڪلمتي لکي ٿو ته، "ڪچهري روڊ تي ڏيارام گدومل شهاڻيءَ هڪ ڳاڙهي سرن جي عمارت ٺهرائي، جنهن کي 'سرٽاگتي منزل' جو نالو ڏنو: جنهن جو مطلب آهي سُر، سنگيت ۽ فن واري جاءِ. پٿر جي هيءَ ٽي ماڙ عمارت 1937ع ۾ ٺهي مڪمل ٿي ۽ اها ڪراچيءَ جي پهرئين عمارت آهي، جيڪا زلزلو پروف آهي. هن بلڊنگ جي هڪ وڏي هال ۾ قديم لائبريري اڄ به موجود آهي."[1] سرٽاگتي بلڊنگ ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ ۾ آرٽس ڪائونسل وانگر هو. عمارت ۾ 'ٽيگور آرٽس اسڪول' جا ڪلاس به هلندا هئا. رابندر ناٿ ٽيگور، جڏهن ڪراچي آيو هو، جمشيد مهتا ۽ ڊي.جي. ڪاليج جي استادن، شاگردن ۽ ڪراچيءَ جي معززن سندس ميزباني ڪئي هئي.

ان دؤر جي نوجوان شاعر، نرمل جيوتاڻيءَ پاران قائم ڪيل 'ڪلا ڀاري' 'ڊي.جي. ڪاليج' ۾ قائم ڪئي وئي هئي، جنهن جو مقصد فن کي اڳتي وڌائڻ هو. هن جاءِ ۾ پينٽنگ ۽ مجسما سازي به سيکاري ويندي هئي. ان کي بعد ۾ 1933ع

[1] گل حسن ڪلمتي:"ڪراچيءَ جون عمارتون"، نئون نياپو، ڪراچي، 2020ع، ص 139





۾ سرٽاگتي منزل ۾ قائم ڪيل 'ٽيگور آرٽس اسڪول' ڏانهن منتقل ڪيو ويو. نرمل جيوتاڻيءَ جي ٺاهيل 'ڪلاڀاري' پاران سرٽا گتي ۾ پينٽنگ ۽ مجسمه سازي سيکارڻ کان سواءِ آرٽسٽن، رنگ ۽ برش جي پوڄارين جو مرڪز هو. ٽيگور آرٽس اسڪول پاران ڊرامن ۽ اسٽيج جي فنڪارن کي سکيا ڏني ويندي هئي، جيڪي شهر ۾ اسٽيج ڊراما ڪندا هئا.

## ورهاڱي کان پوءِ ڊي.جي. ڪاليج ۾ علمي ۽ ادبي سرگرميون

ورهاڱي کان اڳ، سيني پاڙيسري ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي زبان جو ادب سيني کان شاهوڪار هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم عام ٿي چڪي هئي. ٽائيپ رائيٽر، ان وقت هندستان ۾ سنڌيءَ کان سواءِ ڪنهن بہ زبان ۾ نہ هو. گهڻي قدر پرنٽنگ پريسون تہ سنڌيءَ ڪي هيون. جڏهن تہ اردو سميت ڪيترين لکڻيون اڃا ليٿو ۾ شايع ٿينديون هيون. سڀ کان وڏيڪ ۽ اخبارون، رسالا سنڌي زبان ۾ نڪرندا هئا. سنڌي اسڪولن جو شهرن ۾ وڏو ڄار وڇايل هو. صوبي جي سرڪاري زبان سنڌي هئي. ان علمي ۽ ادبي ترقيءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ادارن جو وڏو ڪردار هوندو هو. اگر ڏسجي تہ ورهاڱي کان اڳ، ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ شاگردن ۽ استادن جي وڏي اڪثريت هندو سنڌين جي هئي. انهن جي هڪدم لڏڻ سان ڪاليج جي 60 سالہ ترقي ۽ ڪارڪردگيءَ تي تمام گهڻو اثر پيو. ٻئي طرف پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندستان مان آيل ماڻهن جي اڪثريت ڪي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان ڪا خاص دلچسپي نہ هئي ۽ جڻ اهي سنڌ جي ماحول ۽ ثقافت لاءِ اوپرا هئا. اهو دؤر سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ بدقسمتيءَ سان هڪ ڏکيو دؤر هو. 1947ع تائين ڊي.جي. سنڌ ڪاليج تعليمي سرگرمين سان گڏ، سنڌي ادب، ڊرامن ۽ غير



نصابي سرگرمين جو محور رهيو. سنڌ جا خاص طور هندو سنڌي اديب، شاگرد ۽ استاد ۽ ڪيترائي مسلمان استاد ۽ شاگرد انهن سرگرمين ۾ شامل هئا. هو سنڌي سماج جي خوبين ۽ مسئلن کان بہ واقف هئا، تہ انگريزي ٻوليءَ سميت پوري يورپ جي ادب جي ترقيءَ کان بہ واقف هئا. هو صرف لکندا ڪونہ هئا، سماجي ۽ سياسي خدمتن ۾ بہ اڳڀرا هئا.

ورهاڱي کان پوءِ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ سنڌي ادبي سرگرميون هميشہ لاءِ ختم ٿي ويون. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، هن ڪاليج ۾ هلندڙ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جلدي ختم ٿي وئي. سوسائٽي جرنل جو آخري پرچو (جلد اٺون، نمبر 3) جنوري 1948ع ۾ شايع ٿيو. هي شمارو ”ڊاڪٽر ايڇ.ايم.گربخشاڻي يادگار نمبر“ ڪري ڪڍيو ويو هو. هتي شروع ٿيندڙ ادبي جماعتن جي حوالي سان بدر ڌامراهي لکيو آهي تہ: ”’سنڌي ادبي سرڪل‘ ۽ ’انجمن ترقي پسند مصنفين‘ ورهاڱي تائين جاري رهي بند ٿي ويون. ’سنڌي ادبي سرڪل‘، شيخ ’راز‘ ۽ اياز جي تعليم مڪمل ڪرڻ ۽ ڪاليج ڇڏڻ سبب ختم ٿي وئي؛ ۽ ’انجمن ترقي پسند مصنفين‘ ورهاڱي ۾ لڏپلاڻ سبب بند ٿي وئي. ورهاڱي کان ٿورو اڳ ۾ گوبند مالهيءَ ’سنڌي ادبي سنگت‘ نالي هڪ جماعت قائم ڪئي، جنهن ورهاڱي کان پوءِ مستحڪم ۽ باقاعده ادبي جماعت جي صورت اختيار ڪئي.“(1)

ورهاڱي کان پوءِ جي ٿيل علمي ۽ ادبي سرگرمين جو احوال نہ ٿو ملي. پر هن ڪاليج ۾ خاص طور تي انگريزي، اردو ۽

سنڌي ٻولين جي علم ۽ ادب لاءِ ڪي جماعتون جُڙيون، جن گڏجاڻيون، فنڪشن، سيمينار، مشاعرا، ليڪچر وغيره ڪيا. پر هتي سنڌي ٻوليءَ جي جاءِ تي اردو ادب گهڻو پروان چڙهيو، ڇو ته ليڪچررن کان وٺندي پروفيسرن تائين جي وڏي اڪثريت اردو ڳالهائيندڙن جي هئي. حقيقت اها به آهي ته ورهاڱي کان پوءِ، ڪاليج ۾ منظم طور تي علمي ۽ ادبي سرگرميون ٿيون به ڪونهن. شروع وارن ڏينهن ۾ جڏهن ڊي.جي. ڪاليج جا اوائلي پروفيسر ۽ پرنسيپل هئا ۽ ڪين ورٺي ۾ مليل ادبي تنظيمون به هيون، ته انهن ڪوشش ڪري، ڪي قدر علمي ۽ ادبي سرگرميون جاري رکيون. 1975ع تائين، مينارام هاسٽل ۾ رهندڙ سنڌي شاگردَ ڪنهن نہ ڪنهن نموني ڪاليج جي اندر يا ٻاهر ادبي سرگرميون جاري رکندا آيا، پر انهن جو تعداد گهڻو نہ هو. ان کان پوءِ خاموشي ٿي ڏسجي. اگر ڏسجي ته 1984ع کان پوءِ ڪاليج ۾ ايندڙ پرنسيپل هڪ ٻن سالن جي عرصي تائين رهيا ئي ڪونهن (سواءِ ڊاڪٽر روي شنڪر جي). ان ڪري نہ صرف ڪاليج جي تعليمي معيار کي نقصان پهتو آهي، پر علمي ۽ ادبي سرگرميون بلڪل ٺپ ٿي ويون. البتہ، ڪجهہ استاد، ڪجهہ شاگرد ذاتي حيثيت ۾، ڪاليج جي اندر ۽ ٻاهر پنهجون علمي ۽ ادبي سرگرميون جاري رکندا آيا آهن. ان کان علاوه، ڪاليج طرفان ساليانو مخزن بہ جاري ٿيندو رهيو آهي، پر ان جي هر سال باقاعدگيءَ سان اشاعت نہ رهي آهي. هن وقت ڏهہ کان پندرهن پرچا ڪاليج جي لائبريريءَ ۾ موجود آهن. شروع جي ڏينهن ۾ ڪاليج جي فارغ التحصيل شاگردن پاران Old Boys' Association قائم ڪيل هئي، جنهن ڪيترائي فنڪشن ڪرايا ۽ شاگردن جي حوصلي افزائيءَ لاءِ انعام ۽ ايوارڊ بہ ڏنا. مختلف موقعن تي ڪاليج جي ترقيءَ لاءِ فنڊ جمع ڪري ڪاليج جي حوالي ڪيا. اڳتي هلي، 1987ع ڌاري The D.Jarian پڻ قائم ٿي. ڪاليج ۾، نون ۽ پراڻن استادن جي بہ هڪ جماعت رهي آهي، جيڪا هاڻي بہ هر سال گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو گڏجاڻي ڪندي آهي، ۽ ڊنر جو انتظام ڪندي آهي. بهرحال، ڪاليج جي ڪجهہ ادبي سرگرمين جو مختصر احوال ڏجي ٿو:



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

**ڊي.جي. ڪاليج مخزن**

ڪنهن بہ تعليمي اداري جي ميگزين يا مخزن جو شاگردن جي سکيا ۽ تخليقي سگهہ وڌائڻ ۾ وڏو ڪردار هوندو آهي. ان ميگزين مان ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن جي ثقافتي، سماجي، اخلاقي قدرن جي خبر پوندي آهي. ورهاڱي کان اڳ، ڪاليج مان هڪ ڇهہ ماهي علمي ۽ ادبي مخزن "ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مسليني" نڪرندي هئي. مخزن سنڌي، انگريزي ۽ گجراتي ٻولين ۾ شايع ٿيندي هئي، جنهن جا ايڊيٽر، ڪاليج جا استاد ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر، ڪاليج جا شاگرد يا شاگردياڻيون هونديون هيون. مخزن سال ۾ ٻہ دفعا فيبروري ۽ آڪٽوبر ۾ شايع ٿيندي هئي. هيءَ مخزن 1947ع تائين جاري رهي. ڊي.جي. ڪاليج جي مسلينيءَ کي ڏسي، شڪارپور ۽ حيدرآباد جي ڪاليجن، اين.جي.وي. اسڪول ڪراچي، ٺاروشاهہ هاءِ اسڪول، جيڪب آباد هاءِ اسڪول، نوشهرو فيروز هاءِ اسڪول، لاڙڪاڻو هاءِ اسڪول ۽

ڪي ٻيا اسڪول انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ مسليني جاري ڪندا هئا.

ورهاڱي کان پوءِ، هيءَ انتهائي معياري ۽ ادبي مخزن هميشه لاءِ بند ٿي وئي. ان جي جاءِ تي ساليانو ڊي.جي. ڪاليج ميگزين يا مخزن جي شروعات ٿي. صحيح نموني خبر پئجي نه سگهي آهي، ته پهرين ڪهڙي پرنسيپل هن مخزن جي شروعات ڪئي. اها به افسوس جي ڳالهه آهي ته هيءَ مخزن ساليانى به شايع نه ٿيندي رهي آهي. اسان جي تحقيق موجب، گذريل 75 سالن ۾ هن مخزن جا مشڪل سان ويهه پرچا شايع ٿيا هوندا.

ڊي.جي. ڪاليج مخزن ٽن ٻولين ۾ شايع ٿيندو آهي، جنهن ۾ گهڻو حصو انگريزي ۽ اردوءَ کي ملندو آهي ۽ ٿورو حصو سنڌيءَ جو هوندو آهي. ٽنهي حصن لاءِ استادن ۽ شاگردن تي مبني ايڊيٽوريل بورڊ جوڙيو ويندو آهي، جيڪو مخزن لاءِ پنهنجي پنهنجي حصن جو مواد گڏ ڪندو آهي ۽ انهن کي ايڊٽ ڪندو آهي. مخزن جو چيف ايڊيٽر ۽ سرپرست هميشه ڪاليج جو پرنسيپل هوندو آهي. مخزن ۾ گهڻو ڪري شروع وارن صفحن تي قائد اعظم محمد علي جناح جو ڪو پيغام، سنڌ جي گورنر، چيف منسٽر، تعليم جي وزير ۽ سيڪريٽريءَ جا پيغام ڏنل هوندا آهن، ۽ ڪاليج جو پرنسيپل پنهنجي طرفان ڪاليج جي ميگزين، اڪيڊمڪ ۽ نان اڪيڊمڪ سرگرمين جو احوال لکندو آهي. هن مخزن جا ليکڪ، ڪاليج جا استاد ۽ شاگرد هوندا آهن.(2)





**مخزن: سال 1958ع**

1947ع کان پوءِ جيڪي به مخزن شايع ٿيا آهن، انهن جي شروع واري دؤر ۾ سٺو مواد ته شايع ٿيو، پر اهو اديب پيدا ڪري نه سگهيو. ڇو ته هر سال مخزن نڪرندو نه هو، جڏهن ته هر سال شاگرد تبديل ٿي ويندا هئا ۽ ڪاليج جا استاد تمام گهٽ لکندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ، ڪاليج جو پهريون مخزن پروفيسر ايل. اي. ڊيسوزا شايع ڪيو. جيئن ته هُو انگريزن جي دؤر کان ڪاليج سان وابسته هو، ڪيس ڪاليج جي ادبي سرگرمين جي اهميت جي خبر هئي، ان ڪري هن آگسٽ 1958ع ۾ ڪاليج جو پهريون مخزن شايع ڪرايو. جنهن ۾ پروفيسر ايل. اي. ڊيسوزا پاڻ انتهائي تفصيل سان پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ ڪاليج جي تاريخ، ترقي ۽ مسئلن کي بيان ڪيو آهي. جڏهن ته انگريزي ۽ اردوءَ سيڪشن ۾ شاگردن ۽ استادن جا مضمون ڏنل آهن، پر مخزن ۾ سنڌي سيڪشن شامل ئي نه آهي.

**مخزن: سال -1961- 1960ع**

1958-1959ع کان پوءِ -1961 1960ع وارو شمارو، اسان جي رڪارڊ ۾ موجود آهي. هن شماري جو صدر ۽ چيف ايڊيٽر پرنسيپل ايل.اي. ڊيسوزا آهي. جڏهن ته انگلش سيڪشن جو ايڊيٽر سليم حافظ، اردوءَ جو محمد فضل مبين ۽ سنڌيءَ جو احسان احمد سيد آهي. 1961ع جو سال پروفيسر ايل.اي. ڊيسوزا جي رٽائرمينٽ ۽ جي.بي. سڌوا جي پرنسيپل ٿيڻ جو آهي. هن شماري جي ايڊيٽوريل ۾، پرنسيپل ايل. اي ڊيسوزا ڊي.جي.

ڪاليج جي بهترين تاريخ لکي آهي ۽ پاڪستان جي قيام کان پوءِ وارين حالتن جو بيان ڏنو آهي. هن خاص طرح سان، قيام کان پوءِ وارن مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي ۽ پنهنجي پرنسيپل شپ ۾ جيڪي ڪم ڪرايا، انهن جو تفصيل ڏنو آهي. هن ئي شماري ۾ ميگزين، جيم خاني، اسٽوڊنٽ يونين، آرٽ ۽ ڪرافٽ، سنڌي سرڪل، لٽرري ، سائنس ۽ وئلفيئر سوسائٽين جون الڳ الڳ رپورٽون ڏنل آهن. هن شماري ۾ گهڻي ۾ گهڻو مواد انگلش ۾ ڏنل آهي، جڏهن ته اردو ۽ سنڌي مواد بہ شامل آهي. سنڌي سيڪشن جو پيشڪار احسان احمد سيد آهي. هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هيٺيون مواد شايع ٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| 1 | مذهب ۽ اسين | غلام نبي مغل، فرسٽ ايئر سائنس |
| 2 | شاگرد- اميد جو آخري ترورو | محمد سليم شيخ، فرسٽ ايئر بائلاجي |
| 3 | سهڻا سخن | اشفاق احمد انصاري، انٽر بائلاجي |
| 4 | اوهان واعدو ڪيو ئي ڇو تا؟ | سنڌيڪار: حاتم حيدربخش جتوئي، انٽر سائنس بائلاجي |
| 5 | ستا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري! | نارائڻ جگيشا، فرسٽ ايئر سائنس (ڊي) |
| 6 | ڇا توهان کي خبر آهي؟ | غلام قادر فرسٽ ايئر ، بي ايس.سي |
| 7 | نوريءَ جو نياز | محمد حسين عقيلي، انٽر سائنس |
| 8 | معلومات | ممتاز احمد عقيلي، فرسٽ ايئر سائنس (اي) |
| 9 | ڪا بہ شيءِ ڪيئن ياد ڪجي؟ | شفقت جعفري، بي ايس.سي |
| 10 | سهائي رات | ممتاز احمد عقيلي، فرسٽ ايئر بائلاجي (اي) |
| 11 | واعدو | عبدالحليم ايڇ.شيخ، انٽر سائنس، بائلاجي (بي) |





**مخزن: سال 1962-1963ع**

1962-1963ع وارو ڪاليج مخزن اهم آهي، ڇو ته پرنسيپل جي.بي. سڌوا، پرنسيپل ڊيسوزا کان وڌيڪ سرگرم هوندو هو. سندس دوَر ۾، ڪاليج ۾ ڪيترين ئي سوسائٽيون قائم هيون. سندس سرپرستيءَ ۾ 1962-1963ع ۾ ڪاليج جو ميگزين شايع ٿيو، جنهن ۾ پاڻ ڪاليج جي، جن شاگردن پوزيشنيون ڪنيون يا مختلف راندين جا مقابلا کٽيا، انهن جي رپورٽ ڏني اٿائين. مخزن جا ليڪڪ، استادن کان وڌيڪ شاگرد آهن، جن جي انگريزيءَ ۾ بہ شاعري ڏنل آهي. هن مخزن کي پڙهي، انتهائي تعجب ٿئي ٿو، ته 1962ع کان اڳ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌيءَ جو شعبو ختم ڪيو ويو هو. ان سلسلي ۾ هن مخزن جي سنڌي شعبي جو انچارج شجاع انور لکي ٿو ته، ”هن سال کان اسان جي ڪاليج ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ

ٻه ڪلي آهي ۽ سمجهان ٿو ته اهو هڪ تعليم ڪاتي وارن انتهائي سهڻو قدم کنيو آهي. مان پنهنجي سنڌي ڀائرن طرفان مبارڪ باد پيش ڪندي هڪ وڌيڪ گذارش ڪندس، ته جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ کي 1956ع وارو درجو ڏيئي ۽ ساڳي نموني سان يونيورسٽين تائين ان جو حق بحال ڪن، ته اسان سڄي سنڌ جا سنڌي باشندا ڪين دعائون ڪندا رهنداسين".(3)

هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هيٺيون مواد شايع ٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| 1. | شاهه جي حب الوطني | انصاري اشفاق احمد (بي.ايس.سي، ٻيو سال) |
| 2. | مرحوم عثمان علي انصاري | عبداللطيف ڪوڪر، ليڪچرر سنڌي |
| 3. | سنڌي سڄڻ جي سنگت | شجراع انور (بي.ايس.سي، پهريون سال) |
| 4. | مفردن جي ترتيب | پيرزادو صاحب، ڊمانسٽريٽر، ڪيمسٽري |
| 5. | ڇا غريب ٿيڻ گناهه آهي؟ | جميله انصاري (بي.ايس.سي، پهريون سال) |
| 6. | روحي | زبيده ڪاظم (بي.ايس.سي، ٻيو سال) |
| 7. | آتش غم غزل | ڪمال احمد ڪمال، بي.ايس.سي |
| 8. | اهي نينهن جا نيارا | محمد يونس پٽي، |





| | | |
|---|---|---|
| | (ڪافي) | بي.ايس.سي |
| 9. | مولانا جلال الدين رومي | قادر بخش (انٽر سائنس) |
| 10. | گلفارم | شهاب الدين بلوچ (انٽر سائنس) |
| 11. | اسلامي تعليمات جي ضرورت | فخرالنساءِ (بي.ايس.سي، پهريون سال) |
| 12. | جيون مالها | ارجن داس (بي.ايس.سي) |

**مخزن: سال 1965ع-1964ع**

1962-1963ع کان پوءِ 1964-1965ع ۾ پرنسيپل جي. بي سڏوا جي ڪوشش سان هيو مخزن پڻ شايع ٿيو، جنهن جو چيف ايڊيٽر پرنسيپل صاحب پاڻ هو. ميگزين انچارج پروفيسر مسز سي. ڪي. ميڊورا، ميگزين سيڪريٽري حمزا محمود خان غوري ۽ ايڊيٽرن ۾ مس صاحبه مرزا، جعفر شريت ۽ سهيل احمد هئا. هن مخزن ۾ صرف هڪ پرنسيپل جو ئي ميسج شامل هو. هن مخزن جا ليکڪ به ڪاليج جا استاد ۽ شاگرد آهن، جن جو سٺو مواد شامل ٿيل آهي. هن مخزن ۾ ڪاليج جي جيم خانه، ميگزين، آرٽس ۽ ڪرافٽ جون مختصر رپورٽون ڏنل آهن. انگريزي ۽ اردو جي ڀيٽ ۾ سنڌي مواد انتهائي مختصر ڏنل آهي. سنڌي سيڪشن جو نگران عبداللطيف ڪوڪر ۽ مدير عبداللطيف عقيلي آهن. هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هيٺيون مواد شايع ٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| 1 | شاهه جي رسالي جي زبان | عبداللطيف عقيلي |

| | | |
|---|---|---|
| 2 | انسان جي بدن ۾ بنا نالي‌ءَ وارا غدود | سهراب ڪوريجو |
| 3 | غزل | اقبال احمد ٿانوري |
| 4 | عوامي ادب | جاويد سليم |
| 5 | جيوڙن جي ڪهاڻي | انصاري عبداللطيف هالائي |
| 6 | دنيا جو داستان | سيد واجد علي |
| 7 | غزل | قاضي رفيق احمد ابڙو |
| 8 | غزل | مس روشن آرا مغل |
| 9 | مغرب جو پيو رخ | عبدالله مهيسر |
| 10 | اُس ۽ چانو (ڪهاڻي) | محمد بخش سومرو |

مٿي ڏنل لسٽ ۾ جاويد سليم جو مضمون "عوامي ادب" لاجواب آهي، جنهن ۾ هن زباني ادب ۽ ڪتابي ادب ۾ فرق ۽ هڪجهڙايون ڏنيون آهن.

**مخزن: سال 1967ع- 1966ع**

1967ع- 1966ع ۾، پروفيسر افتخار احمد ۽ پروفيسر جي.بي. سڌوا جي چيف ايڊيٽريءَ ۾ ڪاليج جو مخزن جاري ٿيو، جيڪو اڳوڻي پرنسيپل جي.بي. سڌوا کي ارپڻ ٿيل هو. هن مخزن جو سيڪريٽري محمود ارشد ڪمال هو. سنڌي شعبي جو نگران عبداللطيف ڪوڪر ۽ نائب مديره ميڊم فهميده ميمڻ هئا. اردو سيڪشن جو انچارج محمود ارشد ڪمال هو ۽ انگريزيءَ جو پروفيسر مشهيدالدين صديقي هو. مخزن جا





مختلف ايڊيٽوريل بورڊ پڻ هئا. هن مخزن ۾ صرف پرنسيپل جو ئي هڪ پيغام شامل هو. اهڙيءَ طرح، هن مخزن جا ليکڪ ڪاليج جا استاد ۽ شاگرد هئا. هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هيٺيون مواد شايع ٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| 1. | بسم الله | امير بخش ميمڻ (بي.ايس.سي، پيو سال) |
| 2. | ادب جي بي ادبي | رسول بخش ميمڻ (بي.ايس.سي فائنل) |
| 3. | سنڌي وچڙيل ڪونج، (ادب لطيف) | غلام محمد ميمڻ (بي.ايس.سي فائنل) |
| 4. | اسان جي سونهاري سنڌ | نثار احمد آخوند، پيو سال علم رياضي |
| 5. | قديم سنڌ جي سيپتا ۽ شاهوڪاري | اظهار الحق (بي.ايس.سي، پهريون سال) |
| 6. | ڪيوي | شبير احمد ميمڻ (بي.ايس.سي فائنل) |
| 7. | گيت | محمد اقبال ميمڻ (بي.ايس.سي، پهريون سال) |
| 8. | فنا (نظم) | عبدالحسين مشتاق، بي.ايس.سي، فائنل |
| 9. | غزل | رفيق احمد جان (بي.ايس.سي، |

| | | |
|---|---|---|
| | | پهريون سال) |
| 10. | پاڇا ۽ پڙلاءَ، (ڪهاڻي) | فهميده ميمڻ (بي.ايس.سي، پهريون سال) |
| 11. | بنا ٽڪيٽ سفر، (ڪهاڻي) | ڪنيا لال ناگديو (بي.ايس.سي، فائنل) |
| 12. | بک بڇڙو ٽول، (ڪهاڻي) | عبدالعزيز بلوچ (بي.ايس.سي، پهريون سال) |
| 13. | هيءَ ڪراچي آهي | شبير احمد شيخ، فرسٽ ايئر سائنس |
| 14. | دنيا غريب ڪي چو ٿي ڏڪاري! | بشير احمد انڙ، ٻيو سال (علم رياضي) |

هن شماري ۾، فهميده ميمڻ (ڊاڪٽر فهميد حسين) جي ڪهاڻي "پاڇا ۽ پڙلاءُ"شايع ٿي هئي. پورو مخزن انتهائي معياري ۽ شاگردن جي انگريزي، اردو ۽ سنڌي مواد سان ڀرپور آهي. هن ئي شماري ۾ فهميده ميمڻ جو انگريزي مضمون "Blessed Be God" شامل آهي. هن شماري مان خبر پوي ٿي ته شاگردن سان گڏ ڪيترين ئي شاگردياڻين جو مواد به شايع ٿيل آهي.

**مخزن: سال 1972ع**

جيتوڻيڪ، مختلف سالن ۾ ٻيا به مخزن شايع ٿيا، پر اسان کي 1972ع جو شمارو حاصل ٿي سگهيو آهي. هيءُ مخزن مسٽر اي.ايچ زبيريءَ جي دؤر ۾ شايع ٿيو. ميگزين جي





انچارج مسز ميڊورا ۽ ميگزين سيڪريٽري محمد يونس خان هئا. ميگزين جي ارپنا، اڳوڻي پرنسيپل پروفيسر آءِ. اي. انصاريءَ کي ڪيل آهي. هن مخزن ۾ صرف پرنسيپل جو ئي هڪ پيغام شامل هو. انگريزي ۽ اردوءَ جو مواد نه صرف گهڻو آيل آهي، پر معياري به آهي. ان مواد جا ليکڪ استاد ۽ شاگرد آهن. هنن سائنس، راندين، مذهب ۽ تعليم جي باري ۾ وڌيڪ مضمون لکيا آهن. مختلف مخزنن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي شاگردن تمام گهٽ لکيو آهي. سنڌي شاگردن جون انگريزي يا اردو لکڻيون به نظر نه ٿيون اچن. جنهن جو مطلب آهي ته سنڌي شاگرد، هن ڪاليج ۾ ادبي دنيا کان گهڻو ڪتجي ويا هئا. سنڌي سيڪشن جو انچارج عبداللطيف ڪوکر ۽ ايڊيٽر ممتاز حسين قاضي هئا. مسٽر قاضي يارهين ڪلاس جو شاگرد هو. پر، هن 'پنهنجي پاران' لکيل ويچار ۾ اهم ڳالهه ڪئي آهي:

"اسان وٽ هن ڪاليج ۾ سنڌي لکندڙن جي گهڻي کوٽ آهي، جنهن ڪري اسان کي انتظاميه کان صفحات وڌيڪ وٺڻ ۾ دشوارين جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. جنهن ڪري مان اوهان کي گذارش ڪريان ٿو ته خدارا ڪجهه اڳيان وڌو. نه ته اهو پنهنجو ورثو وڃائي وهندا. اڄڪلهه نعري بازيءَ جو وقت ناهي، پر عملي ڪم ڪرڻ جو وقت آهي. هن وقت توهان کي بيروني استحصال کان آزادي ملي آهي، ان جي حفاظت ڪريو. نه ته هيءَ پياري زبان يتيم سڏجڻ ۾ ايندي.(4) هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هيٺيون مواد شايع ٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| 1. | حضرت ابوبڪر صديق رضہ | افتخار حسين ڪوسو، پارھون-سي |
| 2. | سچل سرمست | اعجاز علي شاھ، پارھون-سي |
| 3. | شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن دائودپوٽو | ممتاز حسين قاضي، يارھون-اي |
| 4. | ڏک سکن جي سونھن گھوريا سک ڏکن ري | نسيم ڪوثر ارباب، بي.ايس.سي |
| 5. | پيٽڻ بلا | پواني شنڪر شارڏا، پارھون-سي |
| 6. | منھنجو وطن (نظم) | منظور حسين منظور، يارھون-اي |
| 7. | ڪاليج جي زندگي | امتياز حسين شاھ، سال پيو |
| 8. | لطيفو | آفتاب احمد ڪتري، پھرين سال سائنس |
| 9. | موت | ممتاز حسين قاضي، يارھون-اي |
| 10. | ويڙا شال وڙن | پواني شنڪر شارڏا، پارھون-سي |
| 11. | زنده باد — مژده باد (افسانو) | افتخارالحق قريشي، بي.ايس.سي |
| 12. | بغير عنوان (افسانو) | مس اقبال شاھ، بي.ايس.سي |
| 13. | راڻيءَ جو موٽر مون | غل آغا، پھريون سال ، سائنس |





| | | |
|---|---|---|
| | ڪالھ گھرايو | |
| 14. | خدا (نظم) | منظور حسين منظور، يارھون-اي |

**مخزن: سال 1982ع- 1981ع**

1982-1981ع وارو مخزن پروفيسر اي.ايڇ. زبيريءَ جي دؤر ۾ نڪتو. مخزن جو انچارج پروفيسر شاھد حسين عشقي، ميگزين سيڪريٽري عامر نويد ملڪ ۽ ايڊيٽر جمشيد مصطفیٰ ھئا. ھن مخزن ۾ صرف پرنسيپل جو ئي ھڪ ميسج شامل ھو. سادي پني ۽ غير معياري مضمونن تي مشتمل ھي مخزن معمول کان ٿورن صفحن تي ڦھليل ھو. گھٽي ۾ گھٽا مضمون اردوءَ جا شامل ٿيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مجموعي طور تي، سيئي مضمون ڪاليج جي استادن کان وڌيڪ شاگردن جا لکيل آھن. ھن مخزن ۾ ڪاليج جي ڪجھ غير تدريسي سرگرمين، جھڙوڪ راندين جي ساليانی رپورٽ بہ ڏنل آھی. سنڌي سيڪشن جو نگران عبداللطيف ڪوکر ۽ ايڊيٽر آغا عرفان آھي. ھن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ھيٺيون مواد شايع ٿيل آھي:

| | | |
|---|---|---|
| 1 | ٻارنھن مھينا ٻارنھن ڪھاڻيون | خالد محمود ترڪ، فرسٽ ايئر-سي |
| 2 | خيالن جا گل | امتياز علي قريشي، پارھون-سي |
| 3 | يادون | امتياز علي قريشي، پارھون-سي |

| | | |
|---|---|---|
| 4 | معصوم جو سوال (ڪهاڻي) | آغا عرفان، پارهون-سي |
| 5 | سنڌڙي ۽ سنڌي ٻولي | عزيز احمد ٻهلول، پارهون-سي |
| 6 | منهنجا ديس (نظم) | امتياز علي قريشي، پارهون-سي |
| 7 | ڪلو نه سهي | عزيز احمد ٻهلول، پارهون-سي |
| 8 | هي ديس (نظم) | آغا عرفان، پارهون-سي |
| 9 | معلومات | آغا عرفان، پارهون- سي |

**مخزن: سال1987ع- 1986ع**

1982ع کان پوءِ هڪ يا ٻه مخزن شايع ٿيا. انهن مان هڪ1987ع- 1986ع ۾ پروفيسر ظهير احمد جي زماني ۾ شايع ٿيو. مخزن جو چيف ايڊيٽر ڊاڪٽر ايم.ايم ارشي، سيڪريٽري عرفان ستار آهن. ان شماري ۾ سنڌ جي وزير اعليٰ اختر علي جي قاضي ۽ ڪاليج جي پرنسيپل جا ميسيجز ڏنل آهن. درحقيقت، 1987ع ۾ ڪاليج جي هڪ سو ساله جشن جو سال هو. پر هن مخزن ۾ ان جو ڪو خاص ذڪر آيل نه آهي. البته اردو واري سيڪشن ۾ هڪ شاگرد عبدالرزاق عبدالغفار جي مضمون مان معلومات ملي ٿي ته: ”1987ع ۾ سو ساله جشن جي سلسلي ۾ ڪاليج جي اڳوڻن پرنسيپلن ڪوششون ورتيون، جنهن جو آغاز سرور زبيريءَ ڪيو. ڪانئس پوءِ اينڊڙ





پرنسيپلن جن ۾ پروفيسر عبيدالرحمان، پروفيسر نسيم شيخ، پروفيسر ضياءُ الدين ۽ پروفيسر انوارالحق هاشمي شامل هئا. جشن ڪرائڻ لاءِ پوري پوري دلچسپي ورتي، پر اتفاق سان سيئي پرنسيپل صاحبان هڪٻئي پٺيان بدلي يا رٽائر ٿيندا ويا ۽ جشن سو ساله پرنسيپل جناب ظهير احمد جي هٿن سان مڪمل ٿيو. بدقسمتيءَ سان ڪراچيءَ ۾ ڪجهه اهڙيون حالتون ٿي پيون، جن ۾ ڏک به هو ۽ شهر ۾ ڪرفيو به لڳل هو. ان ڪري انتظاميه فيصلو ڪيو ته جشن تاسيس جو آغاز جهنڊي جي سلاميءَ سان ڪيو وڃي.(5) هن مخزن ۾، ڪاليج جي ٽن اڳوڻن شاگردن ڊاڪٽر ديسا، ڊاڪٽر اي. ڪيو. خان ۽ ڊاڪٽر اديب الحسن جا سندن دؤر جي ڪاليج جي يادن بابت مختصر رايا ڏنل آهن. مخزن ۾ شامل مضمون، ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جا لکيل آهن. جيڪي ڪچا ۽ ڦڪا محسوس ٿين ٿا. جو ته مضمونن جي چونڊ، ايڊيٽنگ ۽ پروف ريڊنگ تي ڌيان ڏنل نظر نه ٿو اچي. سنڌي سيڪشن جو نگران پروفيسر عبداللطيف ڪوڪر ۽ ايڊيٽر فاروق حيدر آهن. هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هيٺيون مواد شايع ٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| 1 | ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب جي ترقيءَ جو جائزو | سبينه ڪوڪر، بي.ايس سي فائنل |
| 2 | ذڪرِ حبيب: سنڌ جي حوالي سان | محمد خان ٻرڙو، بي.ايس سي فائنل |
| 3 | شاهه سائينءَ جو سر | ميرل خان چتو، ڪلاس |

| | | |
|---|---|---|
| | ساموندي | ٻارهون اي |
| 4 | سچل سرمست | محمد رفيق ميمڻ، ڪلاس ٻارهون |
| 5 | غلام محمد شاهه "گدا" | ديدار حسين مگسي |
| 6 | شاهه جي عظمت | عطا الرحمان جروار، بي.ايس سي |
| 7 | ياد (نظم) | الطاف سرهيو، انٽر سائنس |
| 8 | ننڍ ۾ اوجاڳو (ڪهاڻي) | وزير علي چانڊيو، سيڪنڊ ايئر |
| 9 | آخري منزل | نواز علي ميمڻ، ڪلاس ٻارهون |
| 10 | پريت جو فلسفو | غفار پٽو، بي.ايس سي -II |
| 11 | قديم سنڌ جو مختصر جائزو | الطاف حسين ميمڻ، ڪلاس ٻارهون اي |

**مخزن: سال** 1987ع

ڪاليج طرفان 1987ع ۾ هڪ ٻيو به مخزن شايع ٿيو، جنهن ۾ مخزن انچارج پروفيسر شاهد حسين عشقي ۽ ڊاڪٽر ايم. منيرالدين ارشي هئا. انگريزي سيڪشن جو انچارج پروفيسر ايم.اي.ايس. قريشي، اردوءَ جو راجا شهزاد ۽ سنڌيءَ جو پروفيسر عبداللطيف کوکر هئا. هي مخزن پرنسيپل ظهير احمد





جي دؤر ۾ شايع ٿيو. مخزن ۾ ڪوبه پيغام ڏنل نه آهي، نه وري مهاڳ طور ڪجهه لکيل آهي. چند انگريزي ۽ اردو ۾ ڪي ٿورا سنڌي جا مضمون ڏنل آهن. هيءُ مخزن انتهائي سادو ۽ غير معياري مواد سان ڀريل آهي. هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هيٺيون مواد شايع ٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| 1. | سيرت النبي ۽ جديد دؤر | نور احمد پتافي، يارهون ڪلاس |
| 2. | ديوان ڏيارام چينمل | اڪبر سرڪي، ليڪچرر رياضي |
| 3. | سچل سارو سچ | حسين سليم شيخ، فرسٽ ايئر، انجنيئرنگ |
| 4. | شاهه بابت ڳالهيون | خالد حسين گدارو، ٻارهون ڪلاس |
| 5. | راڻا تو مان راج ٿيندا | عرفان احمد بلوچ، ٻارهون ڪلاس |
| 6. | سائنسي اهم ڪوجنائون | زبير يوسف پنهيرو، بي.ايس سي فائنل |
| 7. | شاهه جي زندگيءَ جا ڪجهه دلچسپ واقعا | زاهد احمد ميمڻ، ٻارهون ڪلاس |
| 8. | شاهه لطيف: جڳ مشهور ۽ مهابرڪ ڏاهن جي نظر | امام الدين چانڊيو، بي ايس سي |

| | | |
|---|---|---|
| | ۾ | |
| .9 | قول دنيا جي ڏاهن جا | فاروق احمد شيخ، ڪلاس يارهون |
| .10 | چا اوهان کي خبر آهي؟ | رفيع الدين اعوڻ، بي.ايس سي ، سال پهريون |
| .11 | حمد | زبير يوسف پنهور، بي.ايس سي فائنل |
| .12 | غزل | عاطف عباسي، فرسٽ ايئر، پري انجنيئرنگ |
| .13 | غزل | محمد خان ٻرڙو، بي.ايس سي فائنل |
| .14 | غزل | منير احمد شهاڻي، يارهون ڪلاس |

**مخزن: سال 2001-2002ع**

وچ ۾ ڪجهه ٻيا مخزن به شايع ٿيا، پر پرنسيپل ڊاڪٽر روي شنڪر جي ميسيج مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ مخزن ڏهن سالن جي وقفي کان پوءِ شايع ٿي رهيو آهي. ان حوالي سان سال 2000-2002ع وارو شمارو انتهائي منفرد ۽ معياري آهي. هي مخزن پروفيسر روي شنڪر جي دؤر ۾ شايع ٿيو. مخزن جو انچارج ڊاڪٽر نورالحق ۽ انگلش سيڪشن جو انچارج پروفيسر موسيٰ ڪاملاڻي آهن. مخزن جي شروع ۾ پروفيسر انيتا غلام





علي (وزير تعليم)، محمد شريف (سيڪريٽري تعليم)، ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز، ڊاڪٽر روي شنڪر (پرنسيپل)، پروفيسر ڊاڪٽر نورالحق (وائيس پرنسيپل)، پروفيسر موسيٰ ڪاملاڻي (انچارج انگلش سيڪشن) جا ميسيجز (پيغام) ڏنل آهن. مخزن ۾ ڪاليج ۾ ڪم ڪندڙ ٽيچنگ ۽ نان ٽيچنگ اسٽاف جي مڪمل لسٽ ڏني وئي آهي. ان کان علاوه، مخزن ۾ ڪاليج جي چئن سينيئر ۽ اهم پروفيسرن، جن ۾ پرنسيپل ڊاڪٽر روي شنڪر، پروفيسر افضل حسين، پروفيسر موسيٰ ڪاملاڻي، پروفيسر ارشد جمال ۽ پروفيسر چغتائي شامل آهن، جا انٽرويو شايع ڪيا ويا آهن، جن ۾ سندن تعليمي پس منظر کان ويندي ذاتي زندگيءَ جا دلچسپ واقعا ڏنل آهن. هن شماري ۾ پروفيسر ناگپال جا انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ مضمون پڻ ڏنل آهن. هن مخزن جي سڀ کان خاص ڳالهه، اها آهي، ته اردو سيڪشن "ڊاڪٽر عبدالقدير خان نمبر" طور شايع ٿيل آهي. هن شماري جي سنڌي سيڪشن جو انچارج علي راز شر ۽ ايڊيٽر شاهد علي سومرو هئا. هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هيٺيون مواد شايع ٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| .1 | شاهه ۽ لسانيت | علي راز شر، چيئرمين سنڌي شعبو |
| .2 | ڪجهه غور طلب گفتا | پروفيسر ناگپال، انگريزي شعبو |
| .3 | شاهه: سنڌي ٻوليءَ جو | مسز سڪينه ميمڻ، |

| | | |
|---|---|---|
| | معمار | اسسٽنٽ پروفيسر سنڌي شعبو |
| .4 | سنڌ جي تعليمي ماحول کي سڌارڻ جي ضرورت | شاهد حسين سومرو |
| .5 | صوفي مت ڇا آهي؟ | غفور ميمڻ |
| .6 | اکر پڙهه الف جو | ياسمين عبداللطيف چانديو، بي.ايس سي II |
| .7 | سياسي پارن جو مجرم بنجڻ | شاهد حسين سومرو، بي.ايس سي I |
| .8 | وطن جي محبت | نازيه شيخ |
| .9 | ماحولي گدلاڻ، هڪ وڏو مسئلو | شازيه شاهه، بي.ايس سي II |
| .10 | سچ، سونهن ۽ سورن جو شاعر | امتياز علي ٻرڙو، سيڪنڊ ايئر پري انجنيئرنگ |
| .11 | ايڪيهين صديءَ جا مسئلا ۽ حاصل ٿيندڙ ترقيون | انيل ڪمار، ڪلاس ٻارهون ، بي |
| .12 | ڪوڙين ڪن سلام | ياسمين عبداللطيف چانديو، بي.ايس سي II |

**مخزن: سال 2008ع**

2008ع ۾ پرنسيپل پروفيسر حڪيم الله بيگ چغتائيءَ جي دؤر ۾ ڪاليج مخزن شايع ٿي آيو، جنهن ۾ ميگزين ڪميٽيءَ جي ميمبرن ۾ پرنسيپل حڪيم چغتائي،





پروفيسر رضوان حيدر (وائيس پرنسيپل)، پروفيسر وسيم عادل، پروفيسر نذير احمد شيخ (شعبہ انگلش)، پروفيسر عتيق احمد، پروفيسر افتخار محمد اعظمي، پروفيسر سڪينہ ميمڻ ۽ پروفيسر محمد اقبال شامل آهن. مخزن جي اشاعت بهترين پيپر تي ٿيل آهي. ڪاليج جي سيني ٽيچنگ اسٽاف جا فوٽو ڏنل آهن. جڏهن تہ ميسيجز ۾ ڊاڪٽر عشرت العباد (گورنر سنڌ)، نثار احمد کهڙو (اسپيڪر سنڌ اسيمبلي)، پير مظهر الحق (تعليم کاتي جو وزير)، پروفيسر ڊاڪٽر رفيع احمد صديقي (ڊائريڪٽر ڪاليجز) ۽ پروفيسر حڪيم الله بيگ چغتائي (پرنسيپل) دي.جي. ڪاليج شامل آهن. مخزن ۾ هڪ بهترين مضمون پروفيسر افتخار محمد اعظمي جو "دي.جي. سنڌ گورنمينٽ سائنس ڪاليج تاريخ ڪي آئيني ۾" ڏنل آهي، جنهن ۾ ڪاليج جي تاريخ ۽ پرنسيپل جي باري ۾ مختصر معلومات ڏنل آهي. سنڌي شعبي جي انچارج پروفيسر سڪينہ ميمڻ آهي. هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هيٺيون مواد شايع ٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| .1 | دي.جي. ڪاليج جي تاريخ | پروفيسر سڪينہ ميمڻ |
| .2 | سرجي تان سور، سامائي تہ سک ويا! | پروفيسر ناگپال |
| .3 | محنت جي عظمت | ارسلان ميمڻ |
| .4 | خطاب بہ دي.جي. سنڌ ڪاليج | نبي بخش بلوچ |
| .5 | اسان جو محبوب پرنسپل | پروفيسر شمس الدين |

| | | |
|---|---|---|
| | ڊاڪٽر روي شنڪر هراڻي | ابڙو |
| 6. | شاهه جا بيت | رويت ڪمار XII |
| 7. | شاهه لطيف ڀٽائي | سسئي ميمڻ |
| 8. | سچل سرمست | خوشحال XII |
| 9. | ڀهراڙيءَ جي عورت | پروفيسر سڪينه ميمڻ |
| 10. | حيات طيبه | آصف BSc |
| 11. | سنڌي ٻوليءَ تي عربي جو اثر | پروفيسر سڪينه ميمڻ |
| 12. | سر مارئي | لياقت علي XII |
| 13. | سرهاڻ | صوبيه ارم BSc |
| 14. | ڌرتيءَ جو پيغام (نظم) | مصعب ضرار XII |

**مخزن: سال 2010ع**

2010ع واري مخزن جي اشاعت شاندار ۽ فوٽن جي رزلٽ به بي مثل آهي. هي شمارو پروفيسر سيد رضوان حيدر جي دؤر ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن جا مضمون ۽ مواد شامل آهي. ميگزين ڪميٽيءَ ۾ پروفيسر سيد رضوان حيدر، پروفيسر وسيم عادل، پروفيسر نذير احمد شيخ (شعبه انگلش)، پروفيسر عتيق احمد، پروفيسر افتخار محمد اعظمي، جي.رامداس ۽ پروفيسر محمد اقبال شامل آهن. سنڌي سيڪشن ۾ انتهائي غير معياري ۽ زوريءَ لڪرايل يا شامل ڪيل مواد آهي. جڏهن ته اردو ۽ انگلش جو مواد ڪافي حد تائين بهتر آهي. مخزن جي شروع ۾ ڊاڪٽر عشرت العباد (گورنر سنڌ)، پير مظهر الحق (تعليم کاتي جو وزير) ۽ پروفيسر





سيد رضوان حيدر (پرنسيپل) ڊي.جي. ڪاليج جا ميسيجز ڏنل آهن. مخزن ۾ پروفيسر چغتائيءَ جي الوداعي پارٽيءَ جي به رپورٽ شامل آهي. هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هيٺيون مواد شايع ٿيل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| 1 | پنهنجي پاران | پروفيسر جي. رامداس |
| 2 | مون ۾ تون موجود | پروفيسر ناگپال |
| 3 | علم هڪ انمول موڙي | راحيل احمد ، پري ميڊيڪل XII |
| 4 | سنڌ جي مختصر تاريخ | نادر علي سومرو، پري ميڊيڪل XII |
| 5 | گوڙ جي گدلاڻ | سري ڪانت، BSc |
| 6 | هالا: سنڌ جو هڪ تاريخي ۽ ثقافتي شهر | نائف رفيق انصاري، انٽرني ليڪچرر، فزڪس |
| 7 | حضرت علي عليه السلام جا قول | پروفيسر طاهره مقبول موسوي، انگريزي شعبو |
| 8 | هنر- عقل جو خزانو | اياز لطيف BSc-II |
| 9 | انسان جي جسم جي دلچسپ چاڻ | فهد حاتم، BSc-I |
| 10 | جانورن جون ڪجهه حيرت انگيز حقيقتون | فهد حاتم، BSc-I |
| 11 | شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا بيت | چونڊ پروفيسر خدا بخش مگريو |

## ادبي جماعتون ۽ سوسائٽيون

ورهاڱي کان اڳ، ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ڪيترين ئي علمي ۽ ادبي جماعتون قائم هيون. لڏ پلاڻ جي ڪري، انهن جماعتن جو خاتمو ٿي ويو. پر 1948ع کان، ڪي قدر سرگرميون شروع ٿيون ۽ ڪجهه جماعتن کي ٻيهر فعال ڪيو ويو ۽ وقت سان گڏ ڪي نيون جماعتون قائم ڪيون ويون، جن ۾ 'لٽرري سوسائٽي'، 'ڊبيٽنگ سوسائٽي' ۽ 'ڊرئميٽڪ سوسائٽي'، 'سوشل سوسائٽي'، 'آرٽ اينڊ ڪرافٽ سوسائٽي'، 'ويلفيئر سوسائٽي' اهم آهن. ڪاليج ۾ 1970ع کان جماعت اسلامي ۽ 1980ع کان ايم.ڪيو.ايم. جو به تمام گهڻو اثر و رسوخ رهيو آهي. انهن سياسي جماعتن به هتي سياسي جلسا ۽ ڪي ادبي سرگرميون ڪيون آهن. ڪاليج ۾ اڄ به شاگردن جا مقابلا ۽ تقريبون ٿينديون رهن ٿيون، جن ۾ شاگردن کي انعام ۽ ايوارڊ ڏنا ويندا آهن. ورهاڱي کان پوءِ هتي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي حوالي سان ڪا به قابل ذڪر تنظيم، اشاعت، يا ڪو فنڪشن نظر نه ٿو اچي. سنڌي ادب، هن ڪاليج مان پنهنجي ادبي حيثيت وڃائي چڪو آهي. بهرحال، هتي انگريزي ۽ اردو ادب جي تمام گهڻي ترقي ٿي آهي ۽ تعليمي حوالي سان پڻ ڪيترين ئي جماعتون قائم ٿينديون رهيون آهن. هتي انهن جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

### ڪاليج لٽرري سوسائٽي





ورهاڱي کان پوءِ، پروفيسر ايل. اي ڊيسوزا پهريون پرنسيپل هو، جنهن ڪاليج جو مخزن جاري ڪيو. 1959ع ۾ ڪاليج ۾ استادن ۽ شاگردن تي مبني 'ڊي.جي. ڪاليج لٽرري سوسائٽيءَ' جو بنياد رکيائين. هن سوسائٽيءَ، خاص طور تي، انگريزي زبان ۾ مقابلا، ليڪچر ۽ ادبي نشستون ڪرايون. هن سوسائٽيءَ کي پرنسيپل ايل. اي ڊيسوزا پاڻ ڏسندو هو. اڳتي هلي، پروفيسر جي.بي. سڏوا هن سوسائٽيءَ کي تمام گهڻو سرگرم ڪيو. چو ته پروفيسر سڏوا جي دؤر ۾ هر سال جي حساب سان ڪاليج مخزن شايع ٿيندا هئا. انهن ۾ ڪاليج لٽرري سوسائٽيءَ جي سرگرمين جي مڪمل رپورٽ موجود آهي. هيءَ سوسائٽي سنڌي، انگريزي ۽ اردوءَ ۾ پروگرام رچائيندي هئي.

### ڊبيٽنگ سوسائٽي

ڪاليج ۾ ڊبيٽنگ سوسائٽي، ورهاڱي کان اڳ ئي هلندڙ هئي. 1949ع کان ان کي هڪ دفعو ٻيهر فعال ڪيو ويو. هيءَ سوسائٽي ٻارن کي تيار ڪري، نه صرف ڪراچيءَ ۾ ڊبيٽنگ مقابلا ڪرائيندي هئي، پر ملڪي سطح تي ٻارن کي تيار ڪيو ويندو هو. هن سوسائٽيءَ جو صدر پروفيسر جي.بي. سڏوا هوندو هو ۽ پروفيسر عبيدالرحمان انچارج هوندو هو. ان کان علاوه، پروفيسر زيڊ. اي رضويءَ جو به اهم ڪردار هوندو هو.(6) اڳتي هلي، ٻين پرنسيپلن به ان کي تمام گهڻو سرگرم رکيو ۽ هر سال ملڪي سطح تي مقابلا ڪرايا ويندا هئا. هيءَ سوسائٽي

1970ع واري ڏهاڪي تائين بهترين ڪم ڪندي رهي. ان کان پوءِ هن سوسائٽيءَ کي بي اثر ڪيو ويو.

**ڊرئميٽڪ سوسائٽي**

ورهاڱي کان اڳ ئي، ڪاليج ۾ ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ جو قيام ٿيل هو. پر ان کي پرنسيپل ايل.اي. ڊيسوزا ڀيهر فعال ڪيو. 1958ع ۾ ڪاليج پاران 'ڊرئميٽڪس سووينيئر' پڻ شايع ڪيو ويو. جنهن جو صدر پرنسيپل ايل. اي ڊيسوزا ۽ نائب صدر ايس. شوڪت حسن هئا. هيءَ سوسائٽي 1949ع کان 1970ع تائين سرگرم رهي ۽ ان طرفان ڪيترائي اردو ڊراما اسٽيج ٿيندا رهيا. جن ۾ "بابا ڪالي شاهه"، "فلسفي پروفيسر"، "مالش تيل ماليش"، "چوٽي ميان"، "ڪمرا نمبر چار"، "مسافر" وغيره اهم آهن.(7)

**ڊي.جي. سنڌ ڪاليج سنڌي سوشل سرڪل**

ورهاڱي کان پوءِ هن ڪاليج ۾ سنڌي شاگردن ۽ استادن جو تعداد انتهائي مختصر رهيو. جيڪي شاگرد ايندا ۽ ويندا هئا، پر انهن جي ڪابه ادبي تنظيم ڪانه هئي. ان کان علاوه، جيڪي شاگرد پڙهندا هئا، ته انهن مان گهڻن کي ادبي دلچسپي به ڪانه هوندي هئي. اهو ئي سبب آهي جو، ڪاليج مخزن ۾ سنڌي شاگردن جون لکڻيون تمام گهٽ آهن.

"سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪن ۾ هن ڪاليج ۾ پڙهندڙ سنڌي شاگردن، ادبي لکڻين جي چٽاپيٽيءَ، تقريري مقابلن ۽





سماجي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج سنڌي سوشل ورڪ' نالي هڪ تنظيم قائم ڪئي. 68- 1967ع ڌاري هن تنظيم جا عهديدار پريم جگيشيا، عبدالحسين سرائي، اقبال ميمڻ، فهميده ميمڻ ۽ ٻيا هئا.(8) ڊي.جي. ڪاليج ۾ سنڌي شاگردن جو هي سوشل سرڪل، پروفيسر ايل. اي. ڊيسوزا، 62- 1961ع ۾ قائم ڪرايو هو. ڪيس ڪاليج ۾ سنڌي شاگردن جي سرگرمين جي خبر هئي، جيڪا ورهاڱي کان پوءِ جهڙوڪ ختم ٿي چڪي هئي. ان ڪري هن سنڌي شاگردن کي گڏ ڪري سوشل سرڪل قائم ڪئي. 62- 1961ع ۾ هن سرڪل جو صدر مسٽر احمد شاهه ۽ سيڪريٽري جنرل شفقت حسين جعفري هو.

سرڪل جو سيڪريٽري جنرل، شفقت حسين جعفري لکي ٿو ته، "شروع ۾ اسان کي فنڊن جي گهٽتائي هئي. پر پوءِ اسان هڪ فلم شو ڪرايو، جيڪو تمام گهڻو ڪامياب ٿيو. هن سال، اسان جي سرڪل پنجن ڇهن سالن کان پوءِ، هڪ منفرد مقابلو ڪرائڻ ۾ ڪامياب وئي آهي. ان سلسلي ۾ اسان جناب ذوالفقار علي ڀٽي، وزير براءِ تيل ۽ قدرتي وسيلا جا شڪرگذار آهيون، جنهن ڊبيٽ لاءِ 1000 روپين چندو ۽ ٽرافي ڏني. ٿوري وقت جي باوجود، ڪيترن ئي ڪاليجن ان ڊبيٽ ۾ حصو ورتو. ٽرافي سنڌ يونيورسٽي کٽي ورتي. اسان جي پرنسيپل هر قسم جو تعاون ڪيو. اسان اي.آر. سمون صاحب، ايڪس آفيشيو جا

بہ شڪرگذار آهيون، جنهن تعاون سان گڏ ڪيتريون ئي صلاحون بہ ڏنيون.(9)

ڊي.جي. سنڌ ڪاليج سنڌي سوشل ورڪ، سنڌي شاگردن جي مالي سهائتا ڪان سواءِ پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ مدد ڪندي هئي. هن تنظيم جون مختصر ادبي سرگرميون بہ هيون، پر هيءَ تنظيم گهڻو وقت هلي نہ سگهي.

**بزم ادب، ڊي.جي. ڪاليج**

اردو ادب جي شاعرن، استادن ۽ شاگردن جي تعاون سان 1960ع واري ڏهاڪي ڪان ڪاليج ۾ 'بزم ادب' قائم ڪئي وئي، جنهن ڪاليج ۾ ڪيترائي فنڪشن ۽ مشاعرا ڪرايا. هن بزم ۾، ڪاليج جي استادن ڪان سواءِ، ڪراچيءَ جي مشهور شاعرن کي پڻ گهرايو ويندو هو. 1967ع واري رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ، "بزمِ ادب، هن سال تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. هن سال، هن انجمن لڳ ڀڳ 21 تقريبون منعقد ڪيون، جيڪو ڪاليج جو هڪ تاريخي رڪارڊ آهي. ڪاليج جي شاگردن بہ ان ۾ جوش ۽ خروش سان حصو ورتو. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سائنس جا شاگرد، ادب جي اهميت ڪان بي خبر نہ آهن. هن بزم جي تقريبن ۾ مختلف شخصيتون پڻ گهرايون ويون، جن ۾ اي.ڊي. اظهر، تابش دهلوي ۽ پروفيسر حسن عابد قابل ذڪر آهن."(10)

ڪاليج جي مختلف مخزنن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هر سال ڪيترائي مشاعره ۽ ٻيون ادبي سرگرميون





ٿينديون رهيون آهن. اهو ئي سبب آهي، تہ ڊي.جي. ڪاليج اردو جا نالي وارا اديب، صحافي ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن. ان ڪان علاوه، ڊي.جي. ڪاليج جي ڪجهہ پروفيسرن ۽ ليڪچررن ڪاليج ۾ رهي، تدريسي سرگرمين سان گڏ پي ايچ.ڊي ڪئي تہ ريسرچ پيپر بہ لکيا آهن. ورهاڱي ڪان پوءِ، ڊي.جي. ڪاليج سنڌي اديب شايد ئي ڪي ٿورا پيدا ڪيا هجن. 1947ع ڪان 2000ع وارن سالن ۾، هتي تمام گهٽ سنڌي شاگرد داخل ٿيا آهن. ان ڪان علاوه، جيڪي داخل ٿيا آهن، انهن مان گهڻن جو تعلق وڏن ماڻهن سان هو، جيڪي ڳوٺ ڇڏي ڪراچيءَ ۾ رهڻ جي قوت رکندا هئا. ٻيو تہ اڳ جي ڀيٽ ۾ هيءُ سائنس ڪاليج رهيو، ان ڪري سائنس جي ٻارن توڙي استادن، ادب ڏي گهٽ توجهہ ڏنو. ٻئي طرف، اردوءَ ۾ ٻارن جو هڪ وڏو تعداد هو. انهن مان هر سال ڪي اهڙا شاگرد هوندا هئا، جيڪي ادب سان چاهہ رکندا هئا. ٻئي طرف، ڪاليج ۾ اهڙا استاد ۽ ادبي جماعتون پڻ موجود هيون، جيڪي ٻارن جي ادبي نشو نما ڪنديون هيون.

**حوالا:**

1. ڊاڪٽر بدر ڏامراهو :"سنڌي ادبي جماعتون ۽ اشاعتي ادارا" (اڻ ڇپيل)
2. مختيار احمد ملاح: "ڊي .جي سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار" (مقالو) ٽماهي "مهراڻ"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 4 /2019ع

3.شجراع انور: ”عرض حال“، ڊي.جي. ڪاليج مخزن، 1962-1963ع، ص 1
4.ممتاز حسين قاضي:” پنهنجي پچار“، ڊي.جي. ڪاليج مخزن، 1972ع، ص 1
5.عبدالرزاق عبدالغفار: ”جشن صد سالہ“، ڊي.جي. ڪاليج مخزن، 1987ع، ص 70
6. Debating Society's Report 1962-63,D.J. Science College Annual Magzine, 1962-63, p.69
7. Dramatics Souvenir, D.J. Science College Annual Magzine, 1958
8.انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، (جلد پنجون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، ، ص
9. D.J. Scince College, Annual Magzine, 1961, p. 123
10. D.J. Scince College, Annual Magzine, 1967, p. 103



## ڊي.جي. ڪاليج جا عالم، اديب، استاد ۽ شاگرد

ڊي.جي. سنڌ ڪاليج گڏيل هندستان جو واحد تعليمي ادارو هو، جنهن سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو. نثر، نظم، ناٽڪ، تحقيق، تنقيد، ترجمي سميت سنڌي ادب جي ڪابہ اهڙي شاخ ناهي، جنهن جي واڌاري لاءِ ڊي .جي. سنڌ ڪاليج ڪردار ادا نہ ڪيو هجي. هتي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي ڪجهہ اهم استادن ۽ شاگردن جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو احوال ڏجي ٿو، جن ڪاليج ۾ رهڻ دؤران سنڌي ادب جي خدمت ڪئي.

**مسٽر ايس.سي. شهاڻي (1848ع- 1931ع)**

صاحب سنگهہ چندا سنگهہ شهاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو صرف سنو منتظم نہ هو، پر هڪ بهترين اديب بہ هو. ڊي.جي. ڪاليج جي اڏيندڙن مان هڪ بہ هو. سندس پيتا چندا سنگهہ ڪانسنگهہ حيدرآباد جي اوائلي آنرري مئجسٽريٽن مان هو. پنهنجي اوطاق جي ڪٽ تي ويهي مقدما هلائيندو هو. صاحب سنگهہ ، بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج مان 1891ع ۾ انگريزي ادب ۾ ايم.اي. پاس ڪئي. هو سنڌ جي تاريخ جو پيو سنڌي هو، جنهن 1891ع ۾ ايم.اي. جو امتحان پاس ڪيو ۽

پھريون سنڌي هو. جيڪو 1896ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هو. 1917 کان 1927ع تائين ڪاليج جو پرنسيپل رهيو. سنڌ جي تعليم جي ترقيءَ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي. ادبي دنيا ۾ ناول نگار هو ۽ ٿامس هارڊيءَ کان متاثر هو. سندس ڪتابَ ”بلو ڪوڪر“ (ناول 1930ع) ۽ ”تارن جو اڀياس“ (ناول 1930ع) اهم آهن. ڊي.جي. ڪاليج جي مسليني بہ سندس دؤر ۾ عروج تي پھتل هئي، جنھن ۾ پاڻ بہ انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ مضمون لکندو هو. هن کي پکين جي تمام گھڻي ڄاڻ هوندي هئي. ان سلسلي ۾ سندس مضمون ”چنڊول“ ۽ ”وهيو“ تمام گھڻا معلوماتي آهن. سنڌي ادب ۾ سائنس فڪشن جو پھريون ناول صاحب سنگھہ چندا سنگھہ شھاڻيءَ جي ”تارن جو اڀياس“ کي چئي سگھون ٿا. ناول جو مکيہ ڪردار آتو ميرچنداڻي ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ قائم آبزرويٽريءَ ۾ ويھي تارن، گرھن ۽ وايومنڊل جو اڀياس ڪري ٿو تہ جيئن درست انگ اکر زراعت لاءِ ڪتب آڻجن، ٻوڏن ۽ موسمياتي تبديلين جو اڳواٽ بندوبست ڪري سگھجي.(1)

شاگردن جي سکيا لاءِ الڳ ليڪچر پروگرام رکندو هو ۽ پاڻ بہ ليڪچر ڏيندو هو. اڪثر ڪري، ڪاليج جي لان (lawn) تي شاگردن سان ڪچھري ڪندو هو ۽ کين ليڪچر ڏيندو هو، جتي ٻيا استاد بہ شامل هوندا هئا. ڊي.جي. ڪاليج جي مسليني بہ سندس دؤر ۾ عروج تي پھتل هئي. جنھن ۾ پاڻ بہ انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ مضمون لکندو هو. بمبئي يونيورسٽيءَ ۾



دي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

ميٽرڪ جي امتحان لاءِ ’سنڌيءَ‘ جو ممتحن هو. سندس ئي ڪوشش سان 1924ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ بي.اي. جي سطح تائين ’سنڌيءَ‘ کي نصاب ۾ آندو ويو. پاڻ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ’سينيٽ‘ جو ميمبر ۽ ’سنڌي بورڊ آف اسٽڊيز‘ جو چيئرمن تي رهيو. 1927ع ۾ 60 ورهين جي عمر ۾ ڪاليج مان رٽائر ڪيائين. آخر ۾ پير ۾ گئنگرين ٿيس ۽ ڪراچي ڪلفٽن واري بنگلي ۾ ديھانت ڪري ويو.

**ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي** (1884ع-1947ع)

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. 1905ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي 1907ع ۾ ولسن ڪاليج بمبئي مان ايم.اي. پاس ڪيائين. 1928ع ۾ انگلينڊ مان پي ايڇ.ڊي جي ڊگري وٺي آيو. ڊي.جي. ڪاليج ۾ فارسي ۽ انگريزيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. ان ئي ڪاليج ۾ 1927ع ۾ وائيس پرنسيپل، 1940ع ۾ ڪاليج جي آرٽس فئڪلٽي جو ڊين ۽ 1943ع کان 1944ع تائين ڪاليج جي پرنسيپل طور خدمتون سرانجام ڏنائين. هو محقق، مترجم، ناول نگار ۽ شاهہ جو شارح هو“.(2) ڊاڪٽر بدر اڄڻ لکيو آهي تہ، ”ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي جيڪڏهن ’جديد سنڌي تنقيد‘ جي پايي وجھندڙن مان هڪ چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. هن لاڪيٽي لطيف جي سوانح، فن ۽ فڪر تي جيڪو تنقيدي ڪم ڪيو ان کي ڪڏهن بہ نظر انداز ڪري نٿو سگھجي. هيئن بہ چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو، تہ ’لطيفيات‘ جي موضوع تي سنڌيءَ ۾ علمي

تنقيد جو پهريون ڪتاب ڊاڪٽر گربخشاڻي لکيو. اهو ڪتاب ’مقدمہ لطيفي‘ هو، جيڪو دراصل ”شاهہ جي رسالي“ جو مقدمو هو.(3)

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ ”شاهہ جي رسالي“ کي نئين سر ترتيب ڏنو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سان دلي لڳاءُ هو. هن شاهہ جي شاعريءَ کي جديد نموني سهيڙڻ ۽ شرح لکڻ جو ڪم شروع ڪيو. پهرين جلد ۾ ڪل پنج سر ڏنل آهن : سُر ڪلياڻ، سُر يمن ڪلياڻ، سُر کنڀات، سُر سريراڳ ۽ سُر سامونڊي . ٻئي جلد ۾ سُر سهڻي، سُر سسئي آبري، سُر معذوري، سُر ديسي، سُر ڪوهياري ۽ سُر حسيني. هن جلد ۾ ڪل ڇهہ سُر ڏنل آهن. ٽئين جلد ۾ سُر ليلان چنيسر، سُر مومل راڻو، سُر مارئي، سُر ڪاموڏ، سُر گهاتو، سُر سورٺ ۽ سُر ڪيڏارو. ڪل ست سر ڏنل آهن. سندس ترتيب ڏنل ٽنهي جلدن ۾ ڪل 18 سر ٿين ٿا. باقي چوٿين جلد ۾ جهڙوڪر 12 سر ٿي سگهيا ٿي. سندس تاريخي ۽ تحقيقي ڪم، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي کي مقدمي، معنيٰ ۽ شرح سان ڇئن جلدن ۾ لکڻ جو آهي، جن مان ٽي جلد پاڻ پنهنجن هٿن سان ڇپائي، پڌرا ڪري سگهيو. هُن شاهہ جي ڪلام جا ان وقت تائين ڇپيل ۽ ٻيا قلمي نسخا هٿ ڪري باقاعده ڀيٽ ڪئي ۽ ڪيترائي بيت پنهنجي رسالي مان خارج ڪري ڇڏيا. جنهن جي ڪري مٿس وڏي تنقيد پڻ ٿي، بيتن جي شرح ۽





سمجهاڻين لاءِ باقاعده لسانيات جي سکيا ورتائين. ڪتاب جي تياريءَ جي سلسلي ۾ قرآن، حديث ۽ تصوف بابت مختلف ڪتابن جو مطالعو ڪيائين. شاهہ صاحب ڇاڪاڻ تہ وچولي ۽ لاڙ جو لهجو ڪتب آندو هو، ان ڪري ان کي ئي قائم رکي ان لحاظ ڪان سندس ٻوليءَ جو اڀياس ڪيائين. مقدمي ۾ موجود بابن ۾ شاهہ جي حياتيءَ جو احوال، شاهہ جو مذهب، ويدانت ۽ تصوف، شعر ۽ شاعري، مضمون ۽ عبارت، شاهہ جي سنڌي ۽ ان جون نحوي بناوتون تمام تفصيل سان ڏنائين. سندس چوٿين جلد جي اشاعت سان ”شاهہ جي رسالي“ جو مڪمل ۽ هڪ بهترين اڀياس حاصل ٿي سگهي ها ۽ رسالي جي مالڪيءَ جي حوالي سان بہ اُٿيل افواهہ هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃن ها“.(4)

سندس ڪتاب ”مقدمہ لطيفي“ بہ شاهہ جي فن ۽ حياتي تي شاهڪار ڪتاب آهي. هي ڪتاب دراصل رسالي تي مقدمو آهي. هي مقدمو ڪتابي صورت ۾ پڻ 1936ع ۾ ڇپيو هو. هڪ ناول ”نورجهان“(1915) جي نالي سان بہ لکيو. هڪ ٻيو ڪتاب ”لنواريءَ جا لعل“ (سوانح/ تاريخ 1934) بہ شايع ٿيل آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪيترن ئي ڪتابن جا مقدما پڻ لکيا، جن ۾ ليلارام ڦيرواڻيءَ جو ڪتاب ”هڪڙي رات“، رام پنجواڻيءَ جي ناٽڪ ”مومل راڻو“، ڪشنچند ”بيوس“ جي شعري مجموعي ”شيرين شعر“، ڄيٺن ماڙيوالا جي تاريخي مضمونن جو ڪتاب ”تاريخي مضمون“ ۽ عبدالرزاق عبدالسلام جي ڪتاب ” گئٽي: هڪ جرمن شاعر ۽ ڊراما نويس“ قابل ذڪر آهن. پاڻ

ڪجهه اخبارن ۾ آرٽيڪل به لکيا هئائين.

ڊاڪٽر گربخشاڻي انگريزي ادب جو استاد هو. صوفي ازم سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هو. هن انگريزي شاعريءَ ۾ صوفي ازم کي تلاش ڪرڻ لاءِ پي ايچ.ڊي ڪئي. هيءَ ٿيسز شايع ٿيل آهي، جا هن 1928ع ۾ لنڊن مان Ph.D ڪرڻ دؤران لکي هئي. ان جو عنوان: "Mysticism in the Early Nineteenth Century Poetry of England" هو. سندس پي.ايچ.ڊي. جي ٿيسز پهريون دفعو 1984ع ۾ هندستان مان شايع ٿي، جنهن کي 2018ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد پاران پهريون دفعو سنڌ ۾ ڇپايو ويو. ان ڪتاب جي مهورت ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي نياڻي گل هوتچند چگاڻي سنڌ آئي هئي.

سنڌي ٻوليءَ کي بي.اي. جي امتحان ۾ شامل ڪرائڻ جو سهرو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڏانهن وڃي ٿو. هن صاحب 24 نومبر 1921ع تي هڪ رپورٽ "A Brief Survey of Published Sindhi Literature" (ڇپيل سنڌي ادب جو مختصر جائزو) بمبئي يونيورسٽيءَ ڏانهن ڏياري موڪلي ته سنڌي ٻوليءَ کي بي .اي. جي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي. بمبئي يونيورسٽيءَ سندس رپورٽ جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي B.A جي امتحان ۾ شامل ڪيو. پاڻ ميٽرڪ ۽ انٽر جي شاگردن لاءِ پڻ ڪيترائي ڪتاب فارسيءَ مان انگريزيءَ ۾ لکيا، جن مان ڪي هي آهن:

1. Al-Badaye of Saadi Odes (Published in 1913)





2. Taiyyibat (1-75) (Union Steam Press, Karachi. 1918)
3. The Shah Nama, (Union Steam Press, Karachi, 1912).
4. Diwan i Hafiz, (Gay Arthur) 1913
5. Anwar-I-Suhaili
6. Masnavi Rumi
7. Yusuf and Zulaikha: A Poem by Jami
8. Rubayyat -i -Umar Khaiyam

پاڻ ڪيترين ئي ادبي تنظيمن جو ميمبر ۽ سربراهه رهيو، جنهن ۾ 'سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي' اهم آهي، جنهن جو پاڻ بنياد وجهندڙ ۽ پهريون صدر هو. ڪاليج ۾ جيڪي به ترقي پسند ادبي تحريڪون شروع ٿيون، انهن سڀني انجمنن جو صدر ڊاڪٽر گربخشاڻي هو. هو نوجوان اديبن کي همٿائيندو هو ۽ سندن پروگرامن ۾ پاڻ حصو وٺندو هو. ڪاليج جو هر دل عزيز پرنسيپل ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي 11 فيبروري 1947ع تي ديهانت ڪري ويو. سندس خدمتن جي عيوض 1947ع وارو ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ جو پرچو، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي نالي سان منسوب ڪيو ويو ، جنهن ۾ سندس باري ۾ سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪي مضمون پڻ شايع ڪيا ويا.

### ٽانورداس ليلارام واسواڻي (1879ع- 1966ع)

ساڌو ٽانورداس ليلارام واسواڻي، المعروف ٽي.ايل. واسواڻي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ اديب ، عالم، فلسفي ۽ ديش ڀڳت هو. اعلي تعليم يافته هئڻ جي ناتي مختلف ڪاليجن جو

پرنسيپل رهيو. 1900ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي جي امتحان ۾ پهريون نمبر کنيائين ۽ کيس 'ايلس اسڪالرشپ' ملي. 1901ع ۾ ڪاليج مان نڪرندڙ مخزن 'ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني' شروع ٿي، جنهن جو باني ساڌو ٽانورداس واسواڻي هو جڏهن پاڻ ڪاليج ۾ نوجوان شاگرد هوندو هو. هن 1903ع ۾ ايم.اي. جو امتحان پاس ڪيو. شروع ۾ ڪلڪتي جي ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو، پر 1908ع ۾ ڪراچيءَ جي ڊي.جي. ڪاليج ۾ پروفيسر آف فلاسافي مقرر ٿيو. هن دؤر ۾ شاگردن جي لاءِ جيڪي به ليڪچر ۽ غير نصابي سرگرميون ٿيون، پاڻ ان ۾ پيش پيش هوندو هو. ٽيهن سالن جي عمر ۾ حڪومتِ هند جي طرفان نمائندو بڻجي برلن (جرمني) ۾ ڪوٺايل دنيا جي مذهبن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪيائين .

ڪجهه وقت لاهور جي ديال سنگهه ڪاليج جو پرنسيپل ٿي ڪم ڪيائين ۽ وري ڪوچ بهار جي وڪٽوريا ڪاليج جو پرنسيپل ٿي رهيو. آخر ۾ مهاراجا پٽيالا کيس مهيندرا ڪاليج جي پرنسيپل ٿيڻ لاءِ ڪوٺ ڏني، پر هن ان وقت نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏئي، اچي سنڌ ۾ رهائش اختيار ڪئي. ان وقت مهاتما گانڌيءَ جي ستياگرهه تحريڪ شروع ٿي هئي، جنهن جي حمايت ۾ هن ڪيترا ڪتاب لکيا.(5) 'نيو ٽائيمس' نالي اخبار جاري ڪيائين. حيدرآباد ۾ 'شڪتي هاءِ اسڪول'، 'ميران هاءِ اسڪول' ۽ 'سکي ستسنگ سنستائون' برپا





ڪيائين. جن سنڌ جي سماجڪ دائري ۾ خاصو اثر پيدا ڪيو. سنڌ مان لڏڻ بعد، پوني ۾ 'ميران مشن' جو بنياد وڌائين.

ساڌو ٽانورداس ليلارام علم، فڪر ۽ فلسفي جو سچو مثال هو. سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. انگريزيءَ ۾ شاعري به ڪيائين. اسلامي تاريخ تي ڪافي معلومات رکندو هو. ان ڏس ۾ به ڪتاب لکيائين.(6) انگريزيءَ ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن:

| | |
|---|---|
| Quest (Poetry) | Apostles of Tomorrow |
| The Gospel of Freedom | Three Prophets |
| Apostles of Freedom | Jesus |
| Builders of Tomorrow | Arjuna O Arjuna |
| Creative Revolution | The Fights From Krishna's Lamp |
| Message of Birds | The Kingdam of Krishna |
| Desert of Voice | Paper Boats |
| Birth Right | Sri Chaitanya |
| India's Adventure | Ye That Are Young |
| India Arisen | The Beloved |
| My Motherland Series | Song of the Spirit |
| India Adventure | Pictures From Mystics |

| | |
|---|---|
| India in Chains | The way of Service |
| My Motherland | Kabir Singer of Holy Spirit |
| Quest (Poetry) | Three Mystics |
| Secret of Asia | Tukaram Poet and Prophet |
| My Master | The Life Beautiful |
| Meditation | Lead Kindly Light |
| The Hidden Self | Sons of Light |
| The Wisdom Of The Rishis | Little Talks |
| Talks on Education | Fair Men of Destainy |
| The Flame Of Love | Oye That are Young |
| Saint Mira | Awake Young India |
| Pilgrims of Knowledge | Song of the Spirit |
| The Dedicated Life | Gita Meditation |
| The Call of Impression | The Bhagavad Gita |
| The Flute-Player | Friends of God |
| Little Lamps | The Ancient One |
| Guru Gobind Singh | Fragments From A Pilgrams Note |





| | |
|---|---|
| The Path of Action | Sri Rama: The Beloved of Aryavarce |
| The Infinite is Witten You | Hafiz The Prime of Persian Lyric Poets |
| Sir Clsitanya : The Great Master | Pabindranath Jagore and Other Talks |

ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جو 16 جنوري 1966ع تي ديهانت ٿيو. مرڻ وقت وصيت ڪيائين، تہ سندس هاڻيون، سنڌ ۾، سنڌو نديءَ ۾ پرواهہ ڪيون وڃن. 13 اپريل 1966ع تي اها رسم حيدرآباد ۾ ادا ڪئي ويئي ۽ گڏوءَ وٽ سندس خاڪ سنڌوءَ کي سونپي ويئي.

**عبد المجيد دريشاڻي**

پروفيسر عبدالمجيد ولد حبيب الله دريشاڻيءَ جو تعلق شڪارپور سان هو. سندس جنم 1880ع ۾ ٿيو. هو اوائلي سنڌي مسلمانن مان هڪ هو، جنهن ايم. اي جي ڊگري حاصل ڪئي. هن ڊي.جي. ڪاليج مان ايم.اي. جي ڊگري 1901ع ۾ حاصل ڪئي. ”جهونا ڳڙه جي محبت مدرسي ۾ هيڊ ماستر طور ڪم ڪيائين. 1903ع ۾ شڪارپور هاءِ اسڪول ۽ 1905ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ رهيو. ساڳئي سال 1905ع ۾ ڊي.جي ڪاليج ۾ فارسيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. 1907ع ۾ استعيفا ڏئي ڇڏيائين. 1910ع کان 1912ع تائين

’الحق‘ اخبار جو ايڊيٽر رهيو. پهريون دفعو 1915ع کان 1916ع تائين ۽ ٻيو دفعو 1919ع کان 1923ع تائين ’ناز پائلٽ هاءِ اسڪول خيرپور‘ جو هيڊ ماستر رهيو. ’ناز پائلٽ هاءِ اسڪول‘ خيرپور ۾ قائم ٿيڻ کان پوءِ، ان جو پهريون هيڊ ماستر عبدالمجيد دريشاڻي مقرر ٿيو. هزهائينس مير علي نواز خان ٽالپر اسٽيٽ خيرپور جو حڪمران هو، جنهن هاءِ اسڪول لاءِ 40 ايڪڙ زرعي زمين حوالي ڪئي، جيڪا اڄ تائين آباديءَ هيٺ آهي ۽ انهيءَ زمين جي پيدائش اسڪول تي خرچ ڪئي ويجي ٿي.1923ع ۾ غريبن شاگردن لاءِ 50 — 60 ڪمرن تي هاءِ اسڪول لاءِ ڪرنل شاهه هاسٽل جوڙايائين ۽ غريب ٻهراڙيءَ جي شاگردن کي کاڌي خوراڪ ۽ رهائش جو مفت انتظام ڪرايائين، جنهن مان هزارين شاگرد رياست خيرپور جا فيضياب ٿي وڏن وڏن عهدن تي وڃي پهتا“.(7)

سندس باري ۾ لطف الله بدوي لکيو آهي ته. ”هو پنهنجي دؤر جي خاموش عالمن مان هو. جيئن ته منهنجي واقفيت دريشاڻي مغفور سان هئي. ان ڪري ڪين ان خاموش ۽ ساده زندگي جي عالم وٽ وٺي ويس. مرحوم عبدالمجيد صاحب سنڌ جي فارسي شاعريءَ تي ڪيترو وقت گفتگو ڪندو رهيو. سندس يادداشت ۽ عميق فڪرڪان خصوصاً مولانا دين محمد وفائي گهڻو متاثر ٿيو. مرحوم شاعر به هو ۽ ’مجنون‘ تخلص هوس. مون وٽ سندس به غزل هئا. جي دستبرد زماني کان بچي نه سگهيا. عسرت جي زندگيءَ ۾





نهايت، صابر ۽ شاڪر انسان هو، جو سندس عظمت جو دليل هو. انگريزي ايڏي ته فصيح لکندو هو، جو سندس همعصر دوست سر غلام حسين، خانبهادر الله بخش ۽ ٻيا سندس تحرير جا قائل هوندا هئا.“(8)

”حافظ“ ۽ ”سعديءَ“ جي فارسي ڪتابن جا انگريزيءَ ۾ ترجما ڪيائين، جيڪي 1901ع ڌاري شايع ٿيا. اهي ڪتاب، ڪاليج جي ڪورس تي رکيل هئا.

**ايم.آر. مرزا (1888ع- 1925ع)**

مرزا محمد رضا شيرازيءَ جو جنم شيراز (ايران) ۾ ٿيو. 1902ع ۾ ڪراچيءَ آيو ۽ سنڌ مدرسي ۾ فارسيءَ جو استاد مقرر ٿيو. ان بعد بمبئيءَ هليو ويو، جتان، بي.اي. جي ڊگري ورتائين. اتي رهي هن ’بهائي تحريڪ‘ ۾ حصو ورتو. 1912ع ۾ هندستان ۾ بهائي عقيدي جي تبليغ شروع ڪيائين. 1922ع ۾ فلسطين زيارتن تي روانو ٿيو، جتان پوءِ يورپ ۽ آمريڪا گهمندو اچي، ڪراچيءَ واپس پهتو ۽ ڊي.جي. ڪاليج ۾ فارسيءَ جو اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو. سنڌ ۾ هو ’بهائي تحريڪ‘ جو باني هو ۽ ڪراچي ۾ ’بهائي اسپرچوئل اسيمبلي آف ڪراچي‘ جو صدر هو.(9)

ڊي.جي. ڪاليج ۾، هو فارسيءَ جو بهترين پروفيسر سمجهيو ويندو هو. هن ڪاليج جي شاگردن لاءِ فارسي ڪتابن

جا انگريزي ڪتاب مدد طور جوڙيا، ۽ بهائي عقيدي تي ٻه ڪتاب لکيا، جن ۾ هي اهم آهن:

- Sa'di's Taiyyibat Odes, Steam Press, Karachi 1919
- Ikhlaq-i-Mohsni, 1918
- Dehestani's Faraj-ba'da 'sh-shedda, 1918
- 21 Days in Aka's Light

مسٽر شيرازي ڪيترائي سال ڪاليج ۾ تدريسي خدمتون ڏنيون. 10 اپريل 1925ع تي هڪ پڪنڪ دؤران قليلي واهه ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو.

**تلومل آڏواڻي (1889ع- 1967ع)**

تِلومل مينگھراج آڏواڻيءَ حيدرآباد ۾ جنم ورتو. 1904ع ۾ ميٽرڪ جي امتحان ۾ پوري سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو. 1909ع ۾ ايم. اي ڪري 'دڪشڻا فيلو' بڻيو. پهرين لاهور جي ڊي.اي.وي ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. پوءِ سرينگر جي ايس.پي. ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر ٿيو. 1914ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ انگريزيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿي آيو ۽ 1917ع کان پروفيسر ٿي رهيو. 1915ع کان 1918ع تائين، ڪاليج جي مسلينيءَ جو انچارج رهيو. 1918ع کان ڪاليج جيم خاني جو به انچارج رهيو. يونيورسٽيءَ آف بمبئيءَ جو 'بورڊ آف انگلش اسٽڊيز' جو ميمبر پڻ رهيو.





انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيائين ۽ ايڊٽ ڪيائين. هو ڊي.جي. ڪاليج جو ڪيترائي دفعا انچارج پرنسيپل به رهيو.

ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ويو ۽ جئه هند ڪاليج ۽ بسنت سنگھه انسٽيٽيوٽ آف سائنس جو بنياد وڌائين. جون 1952ع ڌاري، جئه هند ڪاليج ۾ تدريسي عمل جو آغاز ٿيو ته هي ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ٿيو. ڪيس 1957ع ڌاري بمبئي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي اهم عهدي تي فائز ڪيو ويو. بمبئي يونيورسٽي مان سندس مدي پوري ٿيڻ بعد يونيورسٽي آف جمون اينڊ ڪشمير جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو. ان کان سواءِ هي تعليمي وزارت جي ٻين مختلف عهدن تي پڻ فائز رهيو.(10)

**لالسنگھه اجواڻي (1899ع- 1976ع)**

سنڌي ٻوليءَ جو نامور عالم ۽ تعليمدان لالسنگھه هزاري سنگھه اجواڻيءَ جو جنم 'لقمان' خيرپور ميرس ۾ ٿيو. 1915ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو. 1919ع ۾ هو پهريون سنڌي هو، جنهن بي.اي. انگريزي ادب ۾ ڪئي ۽ پهريون نمبر آيو. جنهن تي ڪيس 'ايلس اسڪالرشپ' ملي. 1921ع ۾ ايم.اي. انگريزي ادب ۾ ڪيائين. ڪاليج ۾ ڪيس سنڌ اسڪالرشپ، سر مئڪسوئل ميلول پرائيز، ايدلجي ڊنشا ميڊل ۽ ايدلجي پرائيز پڻ مليا. 1919ع ۾ گجرات ڪاليج ۾ پروفيسر آف انگلش جو اسسٽنٽ ٿي رهيو. 1920ع ۾

ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ انگلش جو اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو ۽ 1927ع ۾ پروفيسر طور ترقي حاصل ڪيائين.(11)

1916ع کان 1919ع تائين، ڊي.جي. ڪاليج مسلينيءَ جو ايڊيٽر رهيو. 1920ع کان 1927ع تائين ڪاليج ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ جو انچارج هو ۽ 1922ع کان 1927ع تائين ڪاليج لائبريريءَ جو انچارج پڻ رهيو.

هو انگريزيءَ ۾ شاعري به ڪندو هو. ادب ۽ تاريخ تي به وڏي دسترس حاصل هئس. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن ۾ ڪاليج جي مسلينيءَ جي انگريزي مضمونن کي Collection جي عنوان سان ترتيب ڏنائين. سندس "History of Sindhi Literature" هڪ بهترين ڪتاب آهي، جنهن جو پهريون ڇاپو ساهتيه اڪادمي دهليءَ پاران 1970ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ ۽ سنڌي، سنڌي ٻولي ۽ ان جو بڻ بنياد، صوفي ازم ۽ سنڌي طرز زندگي، شاهه عبداللطيف، سچل سرمست، انگريزن کان اڳ جي دؤر جا ليکڪ، سامي، انگريزي دؤر جو سنڌي نثر ۽ ڊراما وغيره شامل آهن.

اسان کي خبر آهي ته ڊي.جي. ڪاليج 1887ع ۾ برپا ٿيو هو ۽ انهيءَ جي گولڊن جوبلي 17 جنوري کان 23 جنوري 1937ع دوران ڪاليج ۾ ملهائي وئي هئي. ان موقعي تي پڙهيل مقالا، تقريرون، فوٽو ۽ ڪجھ ڪاليج مِسلينيءَ جي مختلف پرچن ۾ شايع ٿيل مواد کي ٻيهر گڏ ڪري پروفيسر





لالسنگھ هزاري سنگھ اجوائڻيءَ 1939ع ۾ ڪتابي صورت ڏني، جنهن جو نالو هو:

D.J. Sind College Golden Jubilee Book"- The Golden Jubilee Book Of The Dayaram Jethmal Sind College, Karachi (1887 - 1937)

1942ع ۾ سندس ڪتاب Immortal India شايع ٿيو، جنهن ۾ هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جي پسمنظر ۾ لکيو ويو آهي. 1944ع ۾ پروفيسر لالسنگھ هزاري سنگھ اجوائڻيءَ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسلينيءَ ۾ 40 سالن دؤران آيل چونڊ مضمونن کي سهيڙي "ويچار" (1944ع) جي نالي سان شايع ڪرايو. هن مجموعي ۾ مختلف ليکڪن جا مضمون شامل آهن، جيڪي مخزن جي مختلف پرچن ۾ شايع ٿيل هئا. پروفيسر اجوائڻيءَ جي پسند شاندار هئي. هن چونڊي معياري مضمون شامل ڪيا.1947ع ۾ پروفيسر لال سنگھ اجوائڻيءَ "ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مِسليني" جي مختلف پرچن ۾ شايع ٿيل شاعريءَ جي چونڊ ڪري، ان کي ترتيب ڏئي "نئون دؤر" شايع ڪرايو. ان کان علاوه "امنگ" (1954ع)، "اڇل" (1972ع) ۽ Carlyle's Sartor Resartus به شايع ٿيل آهن. سنڌ ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏيڻ بعد، ڀارت ۾ نئشنل ڪاليج باندرا (بمبئي) مان پرنسپل تي رٽائر ٿيو. هن 'مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ' تي ڪيترن سالن تائين سنڌي زبان جي نمائندگي ڪئي ۽ 'سنڌي صلاحڪار بورڊ' جو ميمبر رهيو.

**ڊاڪٽر ايڊرين ڊيوئارٽ (1896ع- 1967ع)**

ڊاڪٽر ايڊرين ڊيوئارٽ اينگلو انڊين هو. هُو پنهنجي دؤر جو ناميارو مؤرخ ۽ تعليمدان هو. ڊي.جي. ڪاليج ڪراچي سان به وابسته هو، جتي سنڌس گهر واري به پروفيسر هئي.”ڊاڪٽر ڊيوئارٽ، ’سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ‘ جو باني ميمبر ۽ عهديدار هو. ڪيترائي سال ڊي.جي. ڪاليج ۾ رهيو ۽ مختلف ڪاليج جي ذميوارين سان منسلڪ هو. 1948ع ۾ ڪيس گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد جو پرنسيپل مقرر ڪيو ويو. حيدرآباد ۾ هن جو گهر علمي ۽ ادبي سرگرمين جو محور هوندو هو. هن پنهنجي زماني ۾ ڪاليج اندر ’ڊرامن، ڊبيٽنگ ۽ لٽرري سوسائيٽن‘ جي سرگرمين کي فروغ ڏنو.

هن سنڌ ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون، سنڌ ۾ گهميو ڦريو ۽ سنڌ بابت ڪيترائي ڪتاب به لکيائين. ڊاڪٽر ڊيوئارٽ کي سنڌ حڪومت 1943ع ۽ 1945ع ۾ انڊيا جي ملٽري ٽريننگ سينٽرن لاءِ موڪليل وفدن جو سيڪريٽري ۽ ميمبر ڪري موڪليو هو. ان ڪانسواءِ سنڌ حڪومت ڪيس سنڌ بابت تاريخي دستاويزن هٿ ڪرڻ لاءِ راجڪوٽ (انڊيا) به موڪليو هو .ڊاڪٽر ڊيوئارٽ، انڊين هسٽاريڪل رڪارڊس ڪميشن تي سنڌ حڪومت پاران ميمبر به ٿي رهيو.(12)

ڊاڪٽر ڊيوئارٽ1931ع ۾ پئرس جو سفر ڪيو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر 1938ع ۾ پئرس ويو. هو لڳاتار ڪيترن ئي سالن تائين ”ٽائيمز آف انڊيا“ ۽ ”السٽريٽيڊ ويڪلي“ ۾ ڪيترا





تاريخي ليک لکندو رهيو. ڊاڪٽر ڊيوئارٽ پاڪستان هسٽاريڪل رڪارڊس ڪميشن جو به ميمبر رهيو آهي. هن سنڌ جي تاريخ تي ڇهه جلد لکيا هئا، پر افسوس جو اهي اشاعت هيٺ اچي نه سگهيا .ڊاڪٽر پروفيسر ايڊرين جا سنڌ جي سياست، ثقافت ۽ تصوف بابت ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن، جن مان هيٺيان اهم آهن:

1. The Beggar Saint of Sehwan and other sketch of Sindh
2. A History of British Relations with Sindh (1613-1848)
3. The Crafts and Textiles of Sind and Baluchistan.

**پروفيسر ڊي.آر. مينڪڊ (1902ع- 1970ع)**

پروفيسر ڊولاري رانگلداس مينڪڊ جو جنم ڪڇ ۾ ٿيو. هو بنيادي طور گجراتي هو. سوراشٽر مان تعليم حاصل ڪري ڪراچيءَ آيو، جتي پارت سرسوتي مندر ۾ اسسٽنٽ ٽيچر طور ڪم ڪرڻ لڳو. ۽ 1923 ڪان 1924ع تائين ان اسڪول جو پرنسيپل رهيو. 1924ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي. ڪيائين ۽ 1927ع ۾ ساڳئي ڪاليج ۾ سنسڪرت ۽ گجراتيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو.(13) اڳتي هلي، 1933ع ۾ گجراتي ٻوليءَ جو اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو ۽ ڪراچيءَ ۾ ’آل گجرات لٽرري ڪانفرنس‘ (انڊين هسٽاريڪل ڪواٽرلي، ڪلڪتو) جو ميمبر هو. ان ڪان سواءِ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي ايڊيٽوريل بورڊ تي ڪم ڪندو هو. هن جو خاص ڪم ايڊيٽنگ ۽ پروف ريڊنگ هو. ان ڪان علاوه ڪتابن ۽

پيپرن تي تجزيا پڻ لکندو هو. 1964ع ۾ کيس ساهتيه اڪيڊمي طرفان گجراتي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ايوارڊ ڏنو ويو. ان کان پوءِ کيس سوراشٽرا يونيورسٽيءَ جو پهريون وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو.

**چيتن ماڙيوالا (1916ع- 1984ع)**

پروفيسر چيتن ماڙيوالا، ڪراچيءَ ۾ ڄائو. تاريخ جي شعبي ۾ ايم. اي ڪرڻ کان پوءِ هُو دي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ تاريخ جو ليڪچرر مقرر ٿيو ۽ 1947ع تائين اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. جنهن جو بعد ۾ انچارج پرنسيپل به رهيو. چيتن ماڙيوالا، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ ۾ مختلف عهدن تي رهيو ۽ سيني عهدن تي سندس خدمتون بيمثال هيون. سندس آرٽيڪل، سنڌ جي تاريخ جي مختلف پهلوئن کي بهترين نموني پيش ڪن ٿا، جن مان معلوم ٿئي ٿو ته سندس ڄاڻ، مطالعو ۽ ادبي تحقيق جو فن انتهائي شاندار ۽ سائنسي هو.(14)

ڪاليج جي ڪيترن ئي عهدن تي ڪم ڪيائين، جن ۾ ڪاليج مسليني، لائبريريءَ جو انچارج، ڊبيٽگ سوسائٽيءَ جو انچارج وغيره ٿي رهيو. چيتن ماڙيوالا پهريون ڪتاب 1942ع ۾ اڪبراعظم جي چار سؤ سالگرهه جي موقعي تي "همايون جو خواب عرف اڪبر جو جنم" لکيو. جنهن تي ان زماني ۾ 'سنڌي ادب لاءِ صلاحڪار بورڊ' طرفان کيس 200





روپيا انعام ڏنو ويو.(15) سندس ٻيو ڪتاب "تاريخي مضمون" 1946ع ۾ ڇپيو. ان کان سواءِ سندس ٽيون انگريزي ڪتاب "The Essay on the British Policy Towards Sindh up to First Afghan War 1834." 1947ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ هيٺيان اهم مضمون شامل آهن:

1) The English Factory in Sindh (1799-1800)
(2) Seton, Smith and Saddler Mission to Sindh (1801-1820)
(3) Commercial Navigation of Indus (1821-1832)
(4) Sindh in the First Afghan War, 1839

ورهاڱي کان پوءِ لڏي بمبئيءَ وڃي رهيو. جتي بمبئيءَ جي ڪيترن ئي ڪاليجن ۾ تاريخ جي استاد طور خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

**ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو (1896ع- 1958ع)**

سنڌ جي عظيم تعليمدان ۽ اسڪالر ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي، تلٽيءَ تعلقي سيوهڻ ۾ جنم ورتو. هن ميٽرڪ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان شاندار اعزاز سان پاس ڪيو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ پهريون نمبر انعام کٽيائين. 20 جون 1917ع تي دي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتائين، جتان 1921ع ۾ بي. اي (فارسي) فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. جنهن ڪري کيس 'ڊڪشا فيلوشپ' (ماهوار 60 روپيا) ملي. 1923ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان ايم.اي. فارسي ۽ عربيءَ ۾ فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪري پهريون نمبر حاصل ڪيائين، جنهن

تي ڪيس چانسلر ميڊل حاصل ٿيو. شمس العماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو پهريون مسلمان سنڌي هو، جنهن 1924ع ڌاري ڪئمبرج يونيورسٽي لنڊن جي ايمبونيل ڪاليج ۾ داخلا ورتي، تي سال اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. هن ”عربي شاعريءَ جو فارسي شاعريءَ تي اثر“ عنوان هيٺ انگريزيءَ ۾ مقالو لکي، سال 1927ع ۾ پي.ايچ.ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. ڊاڪٽريٽ وارو سندس مقالو انگريزيءَ ۾، هند توڙي سنڌ مان ڇپجي چڪو آهي. تازو ايران مان به ڊاڪٽر دائودپوٽي جو مقالو فارسيءَ (ترجمو) ۾ شايع ٿيو آهي.(16)

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو 1924ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ سنڌي ۽ فارسيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو. ڊاڪٽر گربخشاڻي، دائودپوٽي صاحب جو استاد هو. هُن ”شاهه جي رسالي“ جي ترتيب ۾ به ڪافي مدد ڪئي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ رسالي ۾ مدد ڪرڻ تي سندس شڪر گذاري به ڪئي آهي. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو ڪاليج ۾ هلندڙ ’سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ‘ جو به عهديدار رهيو. جڏهن 1948ع ۾ سوسائٽي ختم ٿي، ته هُن 1957ع ڌاري هر ممڪن ڪوشش ڪئي ته سوسائٽيءَ کي جاري رکجي. 1940ع ۾ شمس العلماءُ جو لقب مليس. 1950ع کان 1955ع تائين سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ۽ پوءِ چيئرمين رهيو.(17)

21 سيپٽمبر 1927ع تي سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ پرنسيپل جي چارج ورتائين، جتي 1927ع کان 1930ع تائين





خدمتون سرانجام ڏنائين. 1928ع ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽو بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان فيلوشپ لاءِ نامزد ٿيو. 1930ع کان 10 مارچ 1939ع تائين ڊاڪٽر صاحب اسماعيل ڪاليج انڌيري، بمبئيءَ ۾ عربيءَ جو پروفيسر رهيو. ڊاڪٽر دائودپوٽو، سنڌي ٻوليءَ جو تمام وڏو اسڪالر هو ۽ سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ ”طبيعات سعدي“ (انگريزي ترجمو 1923ع)، ”سرها گل“ (1932ع)، ”روائح بوستان“ (1932ع) ”سياست نامو املڪ بوستان“ (ترجمو 1932ع) ”منهاج العاشقين“ (1937ع)، ”عربي شاعريءَ جو فارسي شاعري تي اثر“ (انگريزيءَ ۾ 1937ع)، ”ابيات سنڌي“ (1939ع)، ”سنڌي نثر ۽ نظم جو انتخاب“ (1940ع) ”سنڌي نظم“ (انتخاب 1944ع)، ”سنڌي چونڊ نثر و نظم“ (تي ڀاڱا 1948ع)،”ڪلام گرهوڙي“ (1957ع)، ”شاهه ڪريم جو ڪلام“ (1937ع)، ”منهنجي مختصر ڪهاڻي“(1959ع)، ”تاريخي معصومي“ (فارسي: ترتيب)، ”مضمون ۽ مقالا“ ۽”سون برابر سڱڙا“ ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌي، عربي، فارسي ۽ انگريزي ڪتاب شامل آهن.

### ڪنول سنگهه پوهومل ملڪاڻي (ديهانت 1943ع)

ديوان ڪنول سنگهه پوهومل ملڪاڻي، ڊي.جي. ڪاليج جي انهن شاگردن مان هو، جن اسٽيج ناٽڪ کي جوش ڏنو. ڪنول سنگهه پوهومل ملڪاڻيءَ جو جنم حيدرآباد جي عاملن ۾ ٿيو. سندس وڏا، تمام گهڻا زميندار هئا. هن شروعاتي تعليم اين.ايچ.اڪيڊميءَ مان حاصل ڪري، 1980ع ۾ ڊي.جي.

ڪاليج ۾ داخل ٿيو. ڪاليج ڊرئمئٽڪ سوسائٽيءَ جي باني ميمبرن مان هڪ هو.(18)ڪيترن ئي ناٽڪن ۾ حصو ورتائين. هُو هن سوسائٽيءَ جو پهريون هدايتڪار (Stage Director) هو. شاگرديءَ جي زماني ۾ مسلينيءَ سميت مختلف رسالن ۾ مضمون پڻ لکيائين. 1914ع ۾ سنڌي روزانه اخبار ”سرسوتي“ جاري ڪيائين. 1916ع ۾ ”سنڌ واسي“ جو ايڊيٽر رهيو. جنهن تي بعد ۾ بدناموسيءَ جو ڪيس جڙيو. 1917ع ۾ سندس سهيڙيل ٻه ڊڪشنريون پڻ شايع ٿيون:

Premier Concise Sindhi_ English Dictionary

Premier Concise English_ Sindhi Dictionary

بعد ۾ ’جي.بي. آڏواڻي ڪو پيپر ڪمپني مرچنٽ‘ ۾ حصيدار بڻيو. سندس ڪيترائي مضمون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن.

**پيرومل مهر چند آڏواڻي (1876ع- 1950ع)**

ڪاڪي پيرومل جو شمار سنڌي ادب جي وڏن محققن ۽ نقادن ۾ ٿئي ٿو. سندس تحقيق جي قابليت (Research Ability) سندس همعصرن کان گهڻي هئي. هُو شروع کان ئي تحقيق جو قائل هو. ان ڪري هُن جيڪي ٻه ڪتاب لکيا آهن، اهي تحقيق جي اعلىٰ مرتبي تي بيٺل آهن. جيئن ته هو هنديءَ جو خاص ڄاڻو هو ۽ سنسڪرت مان به گهڻي ڀاڱي ڪم وٺي ٿي سگهيو، انڪري هن خاص ڪري سنڌي زبان جي اصل





نسل، تاريخ ۽ گرامر جهڙن موضوعن تي نهايت اهم ڪم ڪيو. هن سنڌي ٻولي، ان جي گرامر ۽ ادبيات بابت تحقيقي ۽ تنقيدي مقالا لکي پاڻ مڃايو.(19)

پيرومل پهريائين ايڪسائيز کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي، جتي 28 سال نوڪري ڪيائين. 1924ع تائين سنڌ ۾ سنڌي رڳو ميٽرڪ تائين پڙهي ويندي هئي، ساڳئي سال بي.اي. امتحان جي ڪورس ۾ سنڌي آزمائشي طور شروع ڪئي وئي هئي. سنڌيءَ ۾ تعليم جو سڄو دارومدار ڪراچيءَ واري ڪاليج ۾ هو.1924ع واري پهرين ٽرم ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽو، جيڪو ايم.اي. پاس ڪري آيو هو. سو هڪ سؤ روپين پگهار تي سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو. پر سُتت هو صاحب ڊاڪٽريٽ جي ڊگريءَ لاءِ انگلينڊ هليو ويو ۽ ان پوسٽ تي ڪم ڪرڻ لاءِ پيرومل کي آڇ ڪئي وئي. هن جي من جو لاڙو اڳئي علمي ادبي ميدان طرف هو. ليڪچرر واري نئين نوڪريءَ واري پگهار جيتوڻيڪ ان وقت ايڪسائيز کاتي ۾ ڪيس ملندڙ پگهار کان گهٽ هئي، پوءِ به هن اها آڇ قبول ڪئي. نومبر 1924ع کان ڪراچيءَ جي ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو. پاڻ لکي ٿو ته ”هڪ سؤ روپيا ماهوار پينشن وٺي ايڪسائيز کاتو ڇڏي آيس، جو هيءُ ڪم منهنجي دل وڻان هو. بي.اي. جي شاگردن ۾ سنڌيءَ لاءِ چاهه وڌايم. ته پوءِ ڪاليج جي سيني ڪلاسن ۾ سنڌي پيئي ۽ پنهنجي پورهئي کي سجايو سمجهيم.“(20) هن ڪاليج جي شاگردن کي سنڌي

ٻوليءَ جي مختصر ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ٻاويهن صفحن تي هڪ ڪتابڙو لکيو. هن ۾ سنسڪرت، پراڪرت، پالي ۽ سنڌي ٻولي جي نمونن، آئيوٽا، عربي ۽ فارسي اکرن، هندستاني، هندو سنڌي ۽ گرمکي اکرن، ٻولي، آواز، اکر، لفظ، عبارت، آڳاٽي تاريخ سنڌي نظم، سنڌي نثر وغيره شين تي روشني وڌي ويئي آهي.

هو بنيادي طور محقق هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جنهن ۾ ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، ”ڀهاڪن جي ڀيڙهه“، ”سنڌ جي قديم تاريخ“، ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“، ”سنڌ جو سيلاني“، ”غريب اللغات“، ”لطيفي سير“، ”وڏو سنڌي وياڪرڻ“ (1925ع) ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. ڊي.جي. ڪاليج مسلينيءَ ۾ به سندس ڪيترائي مضمون شايع ٿيل آهن.

**لالچند امر ڏنومل جڳتياڻي (1885ع- 1954ع)**

لالچند امر ڏنومل جڳتياڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هُن ادب جي هر صنف ۾ ڪتاب لکيا. پاڻ هڪ پختو، سليس ۽ سهڻي زبان لکندڙ ۽ ظرافت آميز عبارت جو صاحب هو. بنيادي طور تي استاد هو. ڪيترن ئي ادارن ۾ رهيو. هن ائڪيڊمي ۾ ماستري ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه وقت ديوان پريداس شوقيرام آڏواڻيءَ جي برپا ڪيل نو ودياليه ۾ به پڙهايو. ان بعد هو ڪراچيءَ هليو ويو ۽ 1910ع کان 1912ع تائين سنڌ مدرسي ۾ ماستري ڪيائين. هتي رهي، 1911ع ۾ هن هڪ ڪتاب ”محمد رسول الله ﷺ“ لکيو. مدرسي کان پوءِ، هُو تاراچند شهاڻيءَ جي برپا ڪيل اسڪول ۾ پاڙهڻ لڳو. ان



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

اسڪول ۾ ماستري ڪندي، هن ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخلا به ورتي. ان دؤر ۾ اهو انوکو مثال هو ته نوڪريءَ سان گڏ ڪو ئي تعليم به حاصل ڪري. ڪاليج ، جڏهن هو ڪلاس وٺندو هو ته ڪي سندس شاگرد هم ڪلاسي ٿي پيا هئا. ڪاليج جا ڪي پروفيسر به سندس شاگرد هئا. جڏهن ڪراچيءَ ۾ پرنسيپل جيڪسن هندستانين جي شان ۾ اڻ سهائيندڙ لفظ چيا هئا، ته ڪاليج ۾ هڙتال ڪئي ويئي. انهيءَ هڙتال جي اڳواڻن ۾ لالچند امرڏنو جڳتياڻي به شامل هو. اڳتي هلي ڊي.جي. ڪاليج ۾ آنرري پروفيسر به رهيو.(21)

سندس ڪي ناٽڪ، ڪاليج جي ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ طرفان اسٽيج به ٿيا. سندس ڪجهه مضمون، ڪاليج مسلينيءَ ۾ پڻ شايع ٿيا. لالچند امرڏنومل تمام وڏو ليکڪ هو، سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ ”ڪشنيءَ جو ڪشٽ“ (1923ع)، ”سدا گلاب“، ”سون ورنيون دليون“ (ناول، ترجمو)، ”ڦلن مٺ“ (مضمون)، ”مسافريءَ جو مزو“، ” چوٽ جو چنڊ“ (ناول)، ”شاهاڻو شاهه“ ۽ ناٽڪ شامل آهن.

**پروفيسر ايچ. ايل. چبلاڻي (1889ع-1934ع)**

پروفيسر حشمتراءِ ليکراج چبلاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم هيرانند اڪيڊميءَ مان حاصل ڪيائين. چبلاڻي واحد سنڌي هو، جنهن ميٽرڪ جي امتحان ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان پهرين پوزيشن ڪنئي هئي. پوءِ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهيو، جتي هو هڪ هونهار شاگرد هو. ڪاليج

جي علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺندو هو. 1911ع ۾ اقتصاديات جي مضمون ۾ ايم.اي. ۾ پهرين پوزيشن کڻڻ تي کيس 'تلنگ گولڊ ميڊل' حاصل ٿيو. مختلف ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ويهن سالن تائين پڙهائيندو رهيو. جنهن مان هڪ سال لاءِ ايلفنسٽن ڪاليج به شامل هو. ان کان پوءِ هڪ سال لاءِ 1923ع ۾ گدومل نيشنل ڪاليج، حيدرآباد جي پرنسيپل طور خدمتون ڏنائين. بعد ۾ کيس دهلي يونيورسٽيءَ ۾ اڪنامڪس جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو. جتي 1927ع تائين ڊين فيڪلٽي آف آرٽس به رهيو.(22)

جڏهن سنڌ جي پرڳڻي کي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ جو سوال اٿيو، ته هن انهيءَ رٿ جي سخت مخالفت ڪئي.ان دوران انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب "Seperation of Sind from Bombay Presidency" به ڇپائي پڌرو ڪيائين. جنهن ۾ سرڪار جي ڇپايل رپورٽن وغيره مان انگ اکر ڏئي اهو ثابت ڪيائين ته سنڌ بمبئيءَ کان ڌار ٿيندي ته سنڌ جي مالي حالت اهڙي نه آهي، جو سنڌ پنهنجو خرچ پاڻ پورو ڪري سگهي. ان ڪتاب ڇپجڻ سان سندس شهرت ۾ ڪافي اضافو ٿيو. جنهن بعد کيس لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس ۾ گهرايو ويو. پر هن جي دليلن کي اهميت نه ڏنائون.

پروفيسر ڇٻلاڻيءَ هندستان جي ڪرنسيءَ، بئنڪن ۽ هندستان جي اقتصادي مسئلن بابت ڪيترا ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکيا، جن ۾ "Currency and Indian Exchange" اهم آهي.



دي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

هندستان جي انتظام، ملڪي جوڙجڪ، "انگلنڊ جي تاريخ" (ٻن ڀاڱن ۾) سميت ٻين ڪيترن اهم موضوعن تي سندس ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن پنهنجي ڀاءُ منگهارام ڇٻلاڻيءَ سان گڏ ڪراچيءَ ۾ ماڊل هاءِ اسڪول به قائم ڪيو هو. جيڪو هاڻي سندس نالي پٺيان سڏجي ٿو.(23)

**ڊاڪٽر ايس. پي. ڇٻلاڻي**

ڊاڪٽر ايس.پي.ڇٻلاڻيءَ جو پورو نالو ست سرڻ ولد پرمانند ڇٻلاڻي هو. هن جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. مشهور ماهر اقتصاديات پروفيسر ايڇ. ايل. ڇٻلاڻي، هن جو سڳو چاچو هو. ايس. پي. ڇٻلاڻيءَ شروعاتي تعليم هيرانند اڪيڊمي، حيدرآباد مان حاصل ڪئي ۽ بعد ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ پڙهيو. اقتصاديات جي مضمون ۾ ايم .اي ڪيائين ۽ ڊي.جي. ڪاليج ۾ اقتصاديات جو ليڪچرر مقرر ٿيو. هن کي ڪاليج جي سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. اڳتي هلي، 'سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ' جي مالي مدد سان بمبئي يونيورسٽيءَ مان سنڌ جي معاشي حالتن تي پي.ايڇ.ڊي ڪري آيو. جيڪا بعد ۾ ڪتابي صورت ۾ هن عنوان سان شايع ٿي:

"Economic conditions in Sind, 1592 to 1843"

بمبئيءَ مان واپس هلي، ڊي.جي. ڪاليج ۾ پروفيسر طور ترقي ماڻيائين. پروفيسر ايس.پي ڇٻلاڻيءَ، مڪليءَ جي پٽرائين چوکنڊي قبرستانن جي باري ۾ تحقيق ڪئي آهي. پر سندس پسند جو موضوع اڪنامڪس

هو. ان ڏس ۾ هن سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب ۽ آرٽيڪل لکيا، جن مان ڪي هي آهن:

1. Essays and Reflections on his Life and Times, Edi, Delhi, S. Chand [1961]
2. Report on Economic and Commercial Conditions in West Germany for the year 1956, Ministry of Commerce and Industry.
3. Export Finance-Ecgc's Contribution
4. Everyman's Guide to impact control including the policy for Registered Exporters
5. The Rehabilitation of Refugees in the Federal Republic of Germany

### آسودومل گِدواڻي (1890ع-1935ع)

آسودومل گدواڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. 1909ع ۾ بي.اي. ۽ 1911ع ۾ ايم. اي ڪراچيءَ جي ڊي.جي. ڪاليج مان ڪيائين. ڪاليج ۾ ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ کي وڌائڻ ۽ هلائڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. ڊي.جي. ڪاليج جي مسلينيءَ جو به مستقل ليکڪ هو. آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪري، ’انڊين ايجوڪيشنل سروس‘ ۾ شامل ٿيو. بيڪانير جي مهاراجا جو پرائيوٽ سيڪريٽري پڻ رهيو. پوءِ دهليءَ جي رامجس ڪاليج جو پرنسيپل بڻيو. بعد ۾ 1920ع ۾ سرڪاري نوڪري ڇڏي وڃي گانڌيءَ سان شامل ٿيو. به پيرا جيل به ويو.(24)





بعد ۾ ڪراچي اچي، ڪراچي ميونسپل پرائمري اسڪول بورڊ جو ائڊمنسٽريٽر مقرر ٿيو. سنڌ ۾ يونيورسٽي قائم ڪرڻ واري تحريڪ ۾ سندس ڪردار تمام اهم آهي. ان ڏس ۾ هن ڪيترا سارا ليک ۽ مضمون لکيا. سندس شمار انهن ليکڪن ۾ به ٿئي ٿو، جن سنڌي نثر ۾ ڪهاڻيءَ کي نئون رنگ ڏنو. هن ڪاليداس جي ناٽڪن تي ٻڌل ڪتابن ”رگهو ونش“، ”ڪمار سمڀو اگنمتر“ جا سنڌي ۾ ترجما ڪيا ۽ ڪيترا ڪتاب شايع ڪيا.

### نرمل داس گربخشاڻي (1889ع- 1966ع)

پروفيسر نرمل داس ڏرم داس گربخشاڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو ڊاڪٽر ايچ.ايم گربخشاڻيءَ جو سڳو سوٽ هو. هو هڪ اديب ۽ تعليمدان هو. 1905ع ۾ ميٽرڪ ڪيائين. ڊي.جي. ڪاليج ڪراچي مان بي.اي. ۽ فلاسافيءَ جي شعبي ۾ ايم.اي. ڪيائين. سپ کان اول رام جس ڪاليج دهليءَ ۾ وائيس پرنسيپل رهيو. 1929ع ۾ نيشنل ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ٿيو. بعد ۾ هو ’چيلا سنگهه سيتلداس ڪاليج‘ شڪارپور جو به پرنسيپل رهيو. راءِ بهادر پريداس جي وفات کان پوءِ، نو وديالہ اسڪول جو انتظام پروفيسر نرملداس ڏرمداس گربخشاڻيءَ سنڀاليو. سندس گهر به ان اسڪول منجهه هو. هن اسڪول مان 1923ع ۾ ”وديا“ نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو. هن رسالي ۾ اڪثر سنڌي ليکڪن جون ڪهاڻيون، مضمون، شاعري ۽ تعليمي خبرون شايع ٿينديون هيون.(25)

هن پاڻ ڪجهه سوانحي ڪتاب لکيا، جن ۾ ”راجا رام موهن راءِ جو جيون چرتر“ (1930 ع)، ”ساڌو نولراءِ جو جيون چرتر“ (1932 ع)، ”مهارشي ديوندرناٿ جو جيون چرتر“ (1938 ع) ۽ ”آمريڪا جا مها پرش“ اهم آهن. جڏهن ته سندس ٻين ڪتابن ۽ رسالن ۾ مضمون به شايع ٿيل آهن.

**هرومل سدارنگاڻي (1913ع- 1992ع)**

ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي ”خادم“ ابتدا ۾، ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ فارسي زبان جو استاد رهيو. ان عرصي ۾ هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان سنڌ جي فارسي گو شاعرن جي عنوان تي تحقيق ڪري ڊاڪٽريٽ (Ph.D) جي ڊگري ورتي. تحقيقي ڪم جي نگراني ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪئي. ڊاڪٽريٽ وارو سندس مقالو ”Persian Poets of Sindh“ سنڌي ادبي بورڊ 1956ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ، ڊاڪٽر سدارنگاڻي دهليءَ هليو ويو. دهليءَ ۾ هن آل انڊيا ريڊيو جي فارسي حصي ۾ ملازمت ڪئي. بعد ۾ ايران جي آچ تي تهران ويو، جتي هن هڪ ٻي پي.ايڇ.ڊي جي ڊگري ورتي. سندس ٿيسز جو عنوان هو ”پارسي گويان هند و سند.(26) سندس اها ٿيسز به شايع ٿيل آهي. هو سنڌي ٻوليءَ جو ڪهنه مشق شاعر هو. سندس شاعري جا 5 ڪتاب ڇپيل آهن: ”رنگين رباعيون“ (1959 ع)، ”روح ڏنو ريلو“ (1964 ع)، ”پرهه جی باک“ (1972 ع)، ”خوشبوءَ جو سفر“، ”ڇيڄ“ (1977 ع). ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻی ڪيترا تحقيقی ۽ تنقيدي مضمون به لکيا، جن جو هڪ مجموعو ”ڪک ۽ ڪانا“ عنوان سان 1966ع





۾ ڇپيو. هن ”بابرنامو“ (1964 ع)، ”گرو گوبند سنگهه“ (1967 ع)، ”ولٽئول“ ۽ ”امراءُ جان ادا“ ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. هرومل سدارنگاڻي ”Indian Poetry Today“ جي سنڌي پاڱي جو ايڊيٽر رهيو.

**جوهر طوطيرام منسڪاڻي (1899ع- 1966ع)**

جوهر طوطيرام، جيڪو بعد ۾ سوامي گووند آنند جي نالي سان مشهور ٿيو، تنهن جو تعلق حيدرآباد شهر سان هو. هن ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان 1908ع ۾ بي.اي. ۽ 1910ع ۾ ايم.اي. جا امتحان پاس ڪيا. شاگرديءَ جي زماني ۾، هن ڪاليج ۾ شاگرد سياست متعارف ڪرائي ۽ پرنسيپل جيڪسن جي خلاف احتجاج ۽ جلوس ڪڍيائين. جنهن جي نتيجي ۾ پرنسيپل جيڪسن کي استعيفا ڏيڻي پئجي وئي. 1910ع ۾ ايم.اي. ڪري، فرگوسن ڪاليج پونا ۾ انگريزي ۽ تاريخ جو پروفيسر مقرر ٿيو. 1912ع ۾ پاٽنا جي بي.اين. ڪاليج ۾ پروفيسر ۽ 1913ع ۾ مظفرپور جي بي.بي. ڪاليج ۾ ايڪنامڪس ۽ پاليٽڪس جو سينيئر پروفيسر مقرر ٿيو.(27)

1914ع ۾، پروفيسر منسڪاڻي، يورپ ۽ آمريڪا جي سير تي نڪتو. واپسيءَ ۾ هند سرڪار ڪيس گرفتار ڪري ورتو ۽ پنجن سالن جي سزا ڏني. آزاديءَ کان پوءِ، هن حيدرآباد ۾ سنياس ورتو ۽ سوامي گووند آنند جي نالي سان مشهور ٿيو. ملڪي سياست ۾ ڪانگريس جي پليٽ فارم تان حصو ورتائين. ڪيترائي دفعا جيل ويو. ”سنڌ ڪيسري“ ۽ ”وائيس آف

انڊيا“ اخبارن جو ايڊيٽر رهيو. ويدانتڪ فلاسافيءَ تي ڪيترائي ڪتاب لکيائين.

**آچاريہ ڪرپلاڻي (1888ع- 1982ع)**

آچاريہ ڪرپلاڻي ءَ جو اصل نالو جيوترام ڀڳوانداس ڪرپلاڻي هو. سنڌس جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم حيدرآباد ۾ ورتائين ۽ ڪاليجي تعليم ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان ورتائين. 1909ع ۾ ڪاليج مان بي.اي. ڪري، ايم. اي. ولسن ڪاليج مان ڪيائين. هي انهن شاگردن مان هو، جن ڊي.جي. ڪاليج ۾ سياست کي آندو. جڏهن ڪراچيءَ ۾ پرنسيپل جيڪسن جي هندستانين جي شان ۾ چيل اڻ سهائيندڙ لفظن ڪري، ڪاليج ۾ هڙتال ڪئي ويئي تہ انهيءَ هڙتال جا اڳواڻ لالچند امرڏنو جڳتياڻي، جيوترام ڪرپلاڻي ، جوهر منسڪاڻي ۽ جهمٽمل جڳتياڻي هئا. ان هڙتال ۾ جيوترام کي هڪ سال لاءِ رسٽيڪيٽ ڪيو ويو، پر ڊاڪٽر جيڪسن کي نوڪريءَ تان استعيفا ڏيڻي پئجي وئي.

1912ع ۾ ايم.اي. پاس ڪري، ڪلڪتي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو ۽ بهار صوبي جي مظفر پور ڪاليج ۾ پڙهائڻ لڳو. جيئن تہ ڪرپلاڻي سنڌي هو، تنهنڪري بهاري شاگرد ڪانئس شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام نهايت دلچسپيءَ سان ٻڌندا هئا. 1917ع ۾ جڏهن موهنداس گانڌيءَ ستيا گره هلچل شروع ڪئي، تہ ان جو ساٿ ڏنائين. مهاتما گانڌي مظفرپور ۾ وٽس اچي ترسندو هو. انهيءَ ڏوهہ ۾ ڪيس





نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيائون. 1922ع کان 1937ع تائين هو ’گجرات وديا پيٺ‘ جو پرنسيپل رهيو. 1934ع ۾ ’آل انڊيا ڪانگريس‘ جو سيڪريٽري جنرل ٿيو ۽ 1946ع تائين اهو عهدو وٽس رهيو. آڪٽوبر 1946 ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو صدر منتخب ٿيو. انگريزن خلاف سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ ڪري ڪيترا ڀيرا جيل ويو. ورهاڱي بعد ڀارت جي قانون ساز اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 1951ع ۾ پنهنجي ڌار سياسي پارٽي ’ڪانگريس نيشنل ڊيموڪريٽ فرنٽ‘ قائم ڪيائين. 1952ع کان 1957ع تائين لوڪ سڀا جو بہ ميمبر رهيو. ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو.(28)

**پرمانند ميوارام آڏواڻي (1865ع- 1938ع)**

پرمانند ميوارام جو جنم حيدرآباد ۾ عامل گهراڻي ۾ ٿيو. 1891ع ۾ عيسائي ٿيو ۽ سنڌس نالو ’فيلڪس‘ رکيو ويو. 1910ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.ايس.سي. ۽ 1911ع ۾ ساڳئي ڪاليج مان ايم.اي. ڪيائين. ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ڪيمسٽريءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. 1919ع ۾ ڪاليج ڇڏي، وڃي ’ڪراچيءَ جي اسڪول فار بلائينڊ‘ جو پرنسيپل ٿيو.

1896ع کان ”جوت“ اخبار جاري ڪيائين، جنهن جي ذريعي هن سنڌي زبان ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي. بحيثيت سنڌي اديب ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن ۾ ”گل ڦل“، ”ڪرسٽ جي پيروي“، ”هيري جي منڊي“، ”سندباد سيلاني“ ۽ ”سنڌي انگريزي لغت“ اهم آهن. هن ”جوت“ اخبار ڪانسواءِ هڪ

جرمن عالم تامس آءِ ڪيمپس جي انگريزيءَ ۾ لکيل هڪ ڪتاب جو (Follow the Christ) ”ڪرسٽ جي پيروي“ جي نالي سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اهو ڪتاب تمام گهڻو متضاد بڻيو. پرمانند ميوارام عيسائي تبليغ جا ٻه ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ ”مسيحي تعليم“ (1911ع)، ”سورن کان سرس“ (1913ع)، ”لارڊيس جي ناري“ (1913ع)، ”دلبهار“ (ٽي ڀاڱا، 1914ع)، ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.(29)

**رانجي گرداس سنگهه شهاڻي (1904ع- 1966ع)**

رانجي گرداس سنگهه شهاڻي، پرنسيپل صاحب سنگهه چنداسنگهه جو ويجهو عزيز هو. ڊي.جي. ڪاليج مان حاصل ڪري، اعليٰ تعليم لاءِ فرانس هليو ويو. واپس اچي انگريزي ٻوليءَ ۾ صحافت شروع ڪيائين. انگريزي ادب سان ڪيس عشق هو ۽ شيڪسپيئر جو شيدائي هو.(30) سندس هيٺيان ڪتاب اهم آهن:

Shakespeare through Eastern Eyes
Towards the Stars
Coming in Karuna
The India Way (1951)
The Amazing English (1948)
Whiteman in search of God
Indian Pilgrimage

**پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻي (1890ع- 1974ع)**





پروفيسر نارائڻ داس رتنمل ملڪاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو.ڊي.جي. ڪاليج مان تعليم حاصل ڪيائين. شاگرديءَ جي زماني ۾ هو ڪاليج جي سيني علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺندو هو. بنيادي طور معاشيات جو پروفيسر هو. 1914ع ۾ مظفر پور (بهار) جي ڪاليج ۾ ايڪنامڪس جو پروفيسر مقرر ٿيو. بعد ۾ بمبئي مها وديالہ ڪاليج جو وائيس پرنسيپل ٿيو. ان کان پوءِ احمد آباد مها وديالا جو وائيس پرنسيپل ٿيو، جتي ڇهه سال رهيو. 1927ع ۾ حيدرآباد نئشنل ڪاليج ۾ وائيس پرنسيپل ٿي آيو. 1928ع ۾ استعيفا ڏئي ڪانگريس جي پليٽ فارم تان سياست ۾ ٻه حصو ورتائين. گانڌيءَ سان تمام ويجهو رهيو.

ملڪاڻي صاحب سنڌي مضمون نگاريءَ جي ترقيءَ ۾ وڏو حصو ورتو. سندس مضمونن جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيل آهن. جن ۾ ”سنڌ جا هنر“ (ثقافتي مضمون/ ٻيو ڇاپو 1987ع)، ”جبلي جيوت“ (تحقيق 1933ع)، ”ڳوناڻي ڇهر“، (1929ع)، ”ماهتام سان ڳالهيون“ (سياست: 1935ع)، انار دانہ“ (مضمون: 1940ع) ۽ ”يوگ کين جوڳ“ (صوفي مضمون: 1944ع) ”ميراڻي سنڌ“ (تاريخ، ترجمو) ”گرنار ۽ جوناڳڙهہ“ (سفر نامو)، ”ترالي زندگي“ (آتم ڪهاڻي: 1962ع)، اناسڪتي يوگ“ (1929ع) وغيره شامل آهن. پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ هڪ روسي ناول جو ترجمو ”بک“ نالي سان ڪيو، جنهن ۾ ڏڪر جي پوٽ جي ڀيانڪ تصوير چٽيل هئي.(31)

پروفيسر نارائڻ داس ڀارن لاءِ ڪيترين ئي آڪاٽيون بہ لکيون ۽ 1926ع ۾ "ڀاراٽيون ڀوليون" نالي هڪ رسالو ڪڍيو. ان کان علاوه، سندس "ڀاراٽيون آڪاٽيون"1946ع ۾ ڇپيو. اهڙيءَ طرح، هن صاحب هندن جي ڌرمي ڪتاب "مهاڀارت" مان چونڊ ڪهاٽيون ڪڍي "مهاڀارت جون آڪاٽيون" (1940ع) ۾ شايع ڪرايو.

**پروفيسر ايچ.سي ملڪاڻي (ديهانت 1971ع)**

پروفيسر حشمتراءِ چوئٿرام ملڪاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. ڊي.جي. ڪاليج مان تعليم حاصل ڪري حيدرآباد جي نيشنل ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. جتي 1945ع ۾ ڪيس ڪامرس ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ڪيو ويو. اعليٰ تعليم لاءِ هو بمبئي هليو ويو، جتان ايڪنامڪس ۽ تاريخ جي شعبي ۾ ايم.اي. ڪري آيو. اڳتي هلي، کيس شڪارپور جي ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ڪيو ويو.(32) حيدرآباد توڙي شڪارپور ۾ رهڻ دؤران هو "سنڌو" رسالي ۽ ٻين رسالن ۾ باقاعده لکندو هو. سنڌو رسالي ۾ سندس اهم مضمونن ۾ " هندستان ۽ جپان جي وچ ۾ واپاري عهدنامو"، "هندستان جي آدمشماري"، ۽ "رشيا جو تعليمي نظام" آهن. هو ڊي.جي. ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ هلندڙ 'سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ' جو بہ ميمبر هو. آزاديءَ کان پوءِ هندستان لڏي ويو، جتي بمبئي ڪامرس ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ٿيو. سندس ڪتاب "A Socio-Economic Survey of Baroda City" (1954-55) وڏي اهميت رکي ٿو.





**محمد حنيف صديقي (1905ع_1976ع)**

سنڌي ٻوليءَ جي مشهور اديب محمد حنيف صديقيءَ جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. بنيادي طور تي قانوندان هو. 1921ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخل ٿيو ۽ پهريائين بي.اي، پوءِ ايل.ايل.بي. جو امتحان پاس ڪري وڪالت شروع ڪيائين. کيس سنڌ جي تاريخ تي تحقيق سان محبت هئي ۽ ڪيترائي قديم نسخا سندس لائبريريءَ ۾ موجود هئا. هن سياست ۾ حصو ورتو ۽ لاڙڪاڻي جو ميونسپل ڪارپوريٽر بہ رهيو.(33)1951ع کان 1955ع تائين سنڌ حڪومت ۾ سيڪريٽري ليگل ڊپارٽمينٽ رهيو. سنڌالاجي قائم ڪرڻ ۾ بہ سندس اهم ڪردار هو.

سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو مستقل ميمبر هو. انگريزيءَ مان سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي ڪتاب ترجمو ڪيائين، جن ۾ "سنڌ جي درٻار" (1964ع ۾ جيمس برنس جو ڪتاب A Narrative of a Visit to the Court of Sindh) جو ترجمو، رچرڊ برٽن جي ڪتاب "A Sketch of History of Cutch" جو ترجمو، "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" (1971ع ۾ رچرڊ برٽن جي Sindh and the Races that Inhabit the valley of the Indus) جو ترجمو، "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ۽ سفر" (1976ع ۾ هينري پاٽنجر جي Travels in Balochistan and Sindh) جو ترجمو، "يادگيريون" (1968ع ۾ سيٺ نائون مل جي ڪتاب Memories of Seth Nau mal) جو ترجمو شامل آهن. محمد حنيف صديقي،

‘سنڌ هستاريڪل سوسائٽيءَ’ جو بااعتماد ڪارڪن هو ۽ باقاعده گڏجاڻين ۾ حصو وٺندو هو، پر هن صرف ٻه پيپر سنڌ هستاريڪل سوسائٽيءَ لاءِ پڙهيا هئا:

1. Abdul Gafoor Shah, a Sindhi adventurer in the court of Mahomed Shah
2. A Chapter of Forgotten History

**پروفيسر منگهارام ملڪاڻي (1896ع- 1980ع)**

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. سنڌي ڊرامي جي ترقيءَ ۾ سندس تمام وڏو ڪردار آهي. پاڻ ميٽرڪ جي امتحان ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ چوٿون نمبر ۽ پنهنجي اسڪول ۾ پهريون نمبر آيو. ان ڪان پوءِ ڪاليجي تعليم ڪراچيءَ جي ‘ڊي.جي. سنڌ ڪاليج’ مان ورتائين. گريجوئيٽ ٿيڻ ڪان پوءِ ڇهه مهينا پوني واري زرعي ڪاليج مان زراعت جي عملي تعليم به ورتائين . هن شاگرديءَ جي زماني ۾ ڊي.جي. ڪاليج ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ کي ٻيهر جياريو. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪندڙ سيني ڊراما جي ڪلبن سان سندس تعاون هوندو هو. 1930ع ۾ سنڌي ننڍو ناٽڪ به نئين روپ ۾ سامهون آيو. جنهن کي ‘يڪ فصلو’ يا ‘ايڪانڪي’ طور سڃاتو ويو. سنڌي ننڍي ناٽڪ جو اهو روپ هنديءَ جي يڪبابي ۽ انگريزيءَ جي (One Act Play) جهڙو ٿي هو. فني توڙي عملي حوالي سان حقيقت جي گهڻو ويجهو هو. ان نئين انداز جو باني منگهارام ملڪاڻي هو. خانچند ۽ منگهارام، بزرگ اديبن





لالچند امرڏنومل، ڄيٺمل پرسرام ۽ هيرانند آڏواڻيءَ جي ساٿ ۽ سهڪار سان 1923ع ۾ ‘رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب’ حيدرآباد ۾ برپا ڪئي. جنهن جو مهورت رابندر ناٿ ٽئگور پاڻ پنهنجن هٿن سان ڪيو.(34)

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي زميندار گهراڻي سان تعلق رکندو هو. هن جو شوق هو ته هُو ڪاليج ۾ استاد مقرر ٿئي. پر، سندس ڪٽنب ان جي خلاف هو. نيٺ سندس من جي مراد پوري ٿي ۽ ‘ڊي.جي. سنڌ ڪاليج’ جي انتظاميه وارن کيس پنهنجي ڪاليج ۾ انگريزيءَ جي استاد ٿيڻ جي آڇ ڏني، ۽ هن وڃي اتي ملازمت جو آغاز ڪيو. ورهاڱي ٿيڻ وقت پاڻ اتي اسسٽنٽ پروفيسر هيو. 1947ع ڪان پوءِ جڏهن پارت لڏي ويو ته بمبئيءَ جي ‘جئه هند ڪاليج’ ۾ پهريون پروفيسر ۽ پوءِ انگريزي شعبي جو اڳواڻ ٿيو. جملي انٽيهه سالن جي ملازمت ڪرڻ ڪان پوءِ 1962ع ۾ رٽائر ڪيائين. منگهارام ملڪاڻي، ميٺارام هاسٽل جو ڪيترائي سال وارڊن رهيو.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ ڪيترائي ڊراما لکيا. سندس مشهور وڏا رچيل ناٽڪ چار هئا، جهڙوڪ: ”قسمت“، ”ايڪتا جو آلاپ“، ”ڪن جي خطا“ ۽ ”انارڪلي.“ هُو صرف ڪلب تائين محدود ڪونه هو، پر سوسائٽيءَ طرفان جيڪي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ ليڪچر پروگرام ٿيندا هئا، انهن ۾ به سندس ڪردار اڳرو هوندو هو. هن

ڊرامي بابت ڪيترائي ليڪچر ڏنا. ورڪشاپ ڪرايا ۽ شاگرد پيدا ڪيا.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ڊراما نويس کان علاوه اعليٰ درجي جو نقاد ۽ مترجم به هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جن ۾ "گم ٿيل صندوقڙي" (ناول، ترجمو-1924ع)، "قسمت" (الف ليليٰ ناٽڪ-ترجمو 1926ع)، "ايڪتا جو آلاپ" (وڏو قومي ناٽڪ-ترجمو 1929ع)، "ڪن جي خطا" (ناٽڪ 1930ع)، "انار ڪلي" (ناٽڪ-1930ع)، "پنج ننڍڙا ناٽڪ" (1937ع)، "پنگتي پردا" (ناٽڪ-1938ع)، "پريت جا گيت" (ترجمو-1940ع)، "گيتانجلي" (ترجمو-1942ع)، "ادبي اصول" (1950ع)، "جيون چهچٽا" (ناٽڪ-1962ع)، "پاپ ڪين پڇ؟ (ناٽڪ-1957ع)، "پڇمي ياترا" (آمريڪا جو سفرنامو-1963ع)، "ڪڙڪبيتا پيا تمڪن" (ناٽڪ-1967ع)، "سنڌي نثر جي تاريخ" (1968ع)، "جواني جا جذبا، پيري جون يادون" (نظماڻو نثر-1975ع)، "آخري پيٽ" (ناٽڪ-1975ع)، "سمنڊ جي گجڪار" (ناٽڪ: 1975ع)، "ساهتڪارن جون سمرتيون" (يادگيريون: 1979ع)، "ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو" (1980ع) ۽ "ڀارت ۾ سنڌي ساهت جي سمالوچنا"(1982ع) شامل آهن.(35)

**نانڪرام وسٽمل ٽڏاڻي (1890ع- 1956ع)**

نانڪرام وسٽمل ٽڏاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪيائين. 1909ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان بي.اي. ۽ 1911ع ۾ ايم.اي.



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪري، لاهور ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. پوءِ دهليءَ جي هندو ڪاليج ۾ پرنسيپل بڻيو. ڪجهه وقت دهلي يونيورسٽيءَ جو 'ريڪٽر' ٿيو. حيدرآباد سنڌ جي ڊي.جي. نئشنل ڪاليج جو پرنسيپل بڻيو. انهيءَ بعد وري هندو ڪاليج جو پرنسيپل بڻيو.(36)

هو بنيادي طور تي تاريخ جو پروفيسر هو ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن ۾ هي اهم آهن:

1. Krishna's Flute and Other Poems,1919
2. The Mystery of the Mahabharata,1931
3. The Bhagavadgita,1933
4. The secret of the sacred books of the Hindus,1953
5. The Garden of the East,1932
6. He walked alone,1948
7. ڀڳوت گيتا، (ڪويتا ۾)، 1962ع

**پروفيسر موٽومل گدواڻي (ديهانت 1925ع)**

موٽومل منگهارام گدواڻي نالي وارو تعليمدان ۽ اديب هو. سندن جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. گريجوئيشن ڊي.جي. ڪاليج مان ڪيائين. ڪاليج مسلينيءَ جو مستقل ليکڪ هو. 1913ع ۾ انگريزي ادب ۾ ايم.اي. ڪيائين ۽ ايلفنسٽن ڪاليج ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. 1925ع ۾ ڪيس نيشنل ڪاليج جو پرنسيپل مقرر ڪيو ويو. هن ڪاليج ۾ "ڦليلي" جي نالي سان ميگزين جاري ڪيو.اڳتي هلي، نوڪري ڇڏي سياست ۾ حصو ورتائين. اڪيچار ڪهاڻيون ۽ ناول به سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين.

جن ۾ وڪٽر هيوگو جي ناول (La-Miserable) کي ”دکي انسان“ (1922ع) ۽ لارڊ لٽن جي ناول کي ”زئنوني“ جي نالي سان ترجمو ڪيائين.(37) ان کان علاوه، راجپوت تاريخي ڪهاڻي ”ستيوتي“ ۽ ناٽڪ ”وسنت لڪشمي“ ۽ ”ڪرشن گوپي“ پڻ لکيا. شاهه لطيف تي پڻ هڪ انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيائين.

### مولچند تلسيداس گلراجاڻي

هي صاحب، 1921ع-1920ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخل ٿيو. انگريزيءَ ۾ شاعري ۽ آرٽيڪل لکندو هو. ڪاليج مسلينيءَ جو ايڊيٽر رهيو. 1924ع ۾ بي.اي. ڪري، برطانيه هليو ويو، جتان ايم.اي. ڪرڻ کان پوءِ بهار جي ايجوڪيشنل سروس ۾ انگلش جو پروفيسر مقرر ٿيو.(38)

### هاسانند راڌاڪرشن بنيجا (1891ع- 1971ع)

پروفيسر هاسانند راڌاڪرشن بنيجا جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. 1911ع ۾ ميٽرڪ لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين. ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ اسڪالر هو. گهڻا ئي انعام کٽيائين. ڊي.جي. ڪاليج ۾ فيلو پڻ رهيو.1911ع ۾ ايم.اي. ڪيائين. آڪسفورڊ مان گريجوئيٽ ٿيو. علي ڳڙهه يونيورسٽي ۽ بنارس هندو يونيورسٽيءَ ۾ تاريخ ۽ معاشيات جو پروفيسر مقرر ٿيو. بهار ۽ اوڙيسا ۾ ’انڊين ايجوڪيشنل سروس‘ ۾ کنيو ويو. پوءِ، حيدرآباد ڪاليج جو پرنسيپل ٿيو. 1924ع ۾ ’آل سنڌ اسٽوڊنٽ ڪانفرنس‘ جو صدر ٿيو. شڪارپور ۾ ڪاليج کولڻ





واري مهم ۾ سندس اهم ڪردار هو. انهيءَ وقت جي سنڌ جي ايڪنامڪس ۽ پوليٽڪل سوالن ۽ مسئلن تي ڪيترائي ڪارائتا ۽ ڪمائتا ليڪچر ڏنائين، سرڪاري رپورٽون تيار ڪيائين، اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون ۽ ڪتاب لکيائين.(39)سندس ڪتابن ۾ هي اهم آهن:

Tricameral Legislature in India

Development Finance in India

Constitutional Problems of India

### تاراچند ڏيئومل گاجرا

پروفيسر تاراچند ڏيئومل گاجرا جو تعلق شڪارپور سان هو. هن ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان 1908ع ۾ بي.اي. ۽ 1911ع ۾ ايم.اي. جو امتحان پاس ڪيو. 1911ع ۾ کيس شڪارپور جي هاءِ اسڪول ۾ نوڪري ملي، پر 1913ع ۾ گروڪل يونيورسٽي، هريدوار ۾ انگريزيءَ ۽ تاريخ جو پروفيسر مقرر ٿيو. 1915ع ۾ اها نوڪري ڇڏي وري اچي شڪارپور جي نئشنل اسڪول ۾ هيڊ ماستر بڻيو. 1924ع ۾ مارواڙي وديالہ اسڪول، ڪراچيءَ جو هيڊ ماستر ٿيو. روهڙي هاءِ اسڪول جو بہ هيڊ ماستر رهيو.(40)

ڪيترائي ڌرمي ۽ سماجي ڪم ڪيائين، خاص طور تي شراب واپرائڻ ۽ پراپڪاري ڪمن جي خلاف سندس وڏو هٿ هو. سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن مان ڪي مذهبي تعصب تي بہ ٻڌل هئا. سندس ڪتابن ۾ ” ڌرمن جو ڏڪيل آچار جو شترو شراب“، ”ڌرم جي پوڄا“، ”شڌي سناتن

ربت آهي"، "ويرن جي ويرتا"، "شيطاني پيالو"، "هندو سجاڳ ٿيو"، "هندو سچيت ٿيو"، "وشنو جي پوڄا"، "پراچين ڀارت"، "برهما ۽ سندس ڌيءَ"، "وواهه آدرش"، "آريہ ناري"، "ستيارٿ پرڪاش"، "رامايڻ" (ترجمو)، "سوامي ديانند جي جيون ڪهاڻي" ۽ ٻيا شامل آهن.

**پروفيسر مولچند جهنگلداس ٺڪر**

هن صاحب جو تعلق شڪارپور سان هو. 1921ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان بي.اي. آنرس فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيائين. ڪاليج ۾ فيلو بڻيو.1923ع ۾ ايم.اي. ڪري، سورت ايم.ٽي.بي. ڪاليج ۾ پارسيءَ جو ايڊيٽر بڻيو. هو هڪ بهترين ليکڪ به هو. ماهوار "سنڌو" رسالي ۾ ٻين ۾ سنڌ جي تاريخ تي مضمون لکندو هو. پروفيسر مولچند جهنگلداس ٺڪر جو 1938ع ۾ "صوفي دلپت رام جا سنڌي سلوڪ" نالي ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهي.

ماهوار "سنڌو" ۾ سندس ڪيترائي مضمون شايع ٿيا، جن ۾"هندي ڀاشا ۽ ان جو ساهتيہ" (مارچ 1932ع)، "سچي دوستي ۽ پريم" (مارچ 1932ع)، "اخلاقي نڪتا نياز ۽ نفرت" (اپريل 1932ع)، "عشق حقيقي ۽ مجازي" (جون 1932ع)، "ڪرشن ڀڳت رس خان" (جون 1932ع)، "رحيم جا هندي دوهرا" (جولاءِ 1934ع)، "هاڻوڪي تهذيب جو تماشو" (ڊسمبر 1933ع)،"سنڌي شاعرن جي حسن پرستي" (فيبروري 1937ع)، "هندي سنڌ سنت ڦلواڙي" (اپريل 1938ع)، "اسان جو پيارو هندستان" (اپريل





1941ع)، "ايمانداريءَ جي پرک" (جولاءِ 1941ع)، "عبادت" (نومبر 1941ع) ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. سندس شاعري به "سنڌو" رسالي ۾ شايع ٿيندي هئي.

**ڪشنچند ڪرپلاڻي**

ڪشنچند رامچند ڪرپلاڻيءَ جو تعلق حيدرآباد سان هو. 1925ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخل ٿيو ۽ 1928ع ۾ بي.اي ڪيائين. ڊي.جي. ڪاليج مسلينيءَ جو لکاري هو. برطانيہ وڃي انگريزي ادب جي تعليم حاصل ڪيائين. مختلف ادبي رسالن ۾ لکندو هو. وشو ڀارتي، شانتي نڪيتن ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. رابندر ناٿ ٽيگور جي هڪ پوٽيءَ سان سندس شادي ٿيل هئي.(41)

**راءِ بهادر پريمچند جهانگياڻي (1867ع- 1933ع)**

ديوان پريمچند آوتراءِ جهانگياڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. 1890ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي. جو امتحان پاس ڪري، اين.جي.وي. اسڪول ۾ ماسٽر مقرر ٿيو. بعد ۾ اسسٽنٽ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو. پوءِ اين.جي.وي. اسڪول جو هيڊ ماسٽر مقرر ٿيو. 1912ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد جو پرنسيپل بڻيو ۽ اتي ئي نوڪري پوري ڪيائين. هو هڪ وڏو تعليمدان هو. تعليم جي سلسلي ۾ "استعمالي تعليم" ڪتاب لکيائين. "اخبار تعليم" ۾ سندس ڪيترائي مضمون شايع ٿيل آهن.

**بولچند جهمٽمل واسواڻي (1891ع- 1975ع)**

پروفيسر بولچند جهمتمل واسواڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. جتان هن اين.ايچ. اڪيڊميءَ مان تعليم حاصل ڪئي. بعد ۾ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهيو. تعليم ۾ اڳتي هئڻ سبب ڪيترائي انعام ۽ اسڪالرشپون کٽيائين. شروع ۾ ڪجهه اسڪولن جو هيڊ ماستر رهيو. بعد ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ انگلش جو پروفيسر مقرر ٿيو.(42) پنهنجي حياتيءَ ۾ تمام گهڻو لکيائين. سنڌ حڪومت، ڪيس سنڌ يونيورسٽيءَ جي قيام جي سلسلي ۾ جڙڻ لاءِ قائم ٿيل ڪميشن رپورٽ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو هو. شروع ۾ اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن لاءِ مددي ڪتاب لکيائين. بعد ۾ ادب، سياست ۽ تاريخ جي موضوعن تي ڪتاب لکيائين. جن ۾ خاص طور تي هندستان ۽ برطانيہ تي شامل آهن. ان سلسلي ۾ سندس ڪي ڪتاب هي آهن:

Mark Twain in India

India Explained, 1942

Harem Nights,1946

Hindustani simplified,1945

India & America: A First Midget Guide to Cultural and Commercial Relations Between the Two Countries,1947

Beast of the East, and Other Stories of War-Time Burma, China, India & Ceylon

## پروفيسر غلام حسين جلباڻي (1914ع-1989ع)





پروفيسر غلام حسين جلباڻيءَ جو جنم نوشهري فيروز ضلعي جي جلباڻي ڳوٺ ۾ ٿيو. ايم. اي عربيءَ جي شعبي ۾ ڪراچيءَ مان 1939ع ۾ ڪيائين. ساڳئي سال ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ عربيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو ۽ اٺ سال ڪاليج ۾ تدريسي خدمتون ڏنائين. 1947ع ۾ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پروفيسر ٿيو. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي کان پوءِ ڊاڪٽر غلام حسين جلباڻيءَ عربي ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي. پروفيسر جلباڻي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ عربي شعبي جو سربراهه مقرر ٿيو. جلباڻي صاحب جي فڪر تي ابن خلدون ۽ شاهه ولي الله جو رنگ چڙهيل هو.(43) سنڌي، عربي ۽ انگريزيءَ ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ ”ڪاميابي“ (ابن طفيل، 1959ع)، ”ڇوٽڪارو“ (امام غزالي، 1959ع)، ”ڪيميائي سعادت“ (امام غزالي، 1960ع)، ”پکين جي پارليامينٽ“ (عطار، 1962ع)، ”خواب نامو“ (ابن سيرين، 1962ع)، ”سلامان ۽ ابسال“ (جامي، 1963ع)، ”تاويل الاحاديث“ (1964ع)، ”عقد الجيد“ ( 1966ع)، ”نهج الجديد“ (1972ع)، ”شاهه ولي الله جي تعليم“ (1961ع) ۽ ڪي ٻيا انگريزي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جن مان ڪي هي آهن:

1. Techings of Shah Waliullah
2. Abaqat, 1982
3. Sufism and the Islamic Tradition, 1980
4. The Sacred knowledge, 1982
5. Life of Shah Waliullah

6. Al Khair-al-Kathir
7. Tawil Ahadees

**عطا حسين شاهه موسوي (1898ع- 1966ع)**

عطا حسين شاهه موسوي بلند پايه اديب ۽ وڏو تعليمي ماهر هو. سندس جنم روهڙيءَ ۾ ٿيو. سن 1914ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ، سنڌ مدرسة السلام، ڪراچيءَ مان ميٽرڪ جو امتحان نهايت ئي امتيازي حيثيت ۾ پاس ڪيائين. سن 1921ع ۾ ڊي.جي.سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ مان بي.اي. جو امتحان پاس ڪيائين. ڊي.جي. ڪاليج ۾ تعليم دوران ڪاليج جي مسلينيءَ ۾ سندس مضمون شايع ٿيندا هئا. شاهه صاحب جو مضمون نگاريءَ ۾ وڏو ڪردار اهو آهي ته آزاديءَ کان پوءِ وارن اديبن ۾ هن ذاتي ۽ شخصي مضمونن واري رجحان کي زنده رکيو. سندس مضمونن جا به مجموعا ”ڪچ ڪوڏيون“ (1950ع) ۽ ”ڪشڪول“ شايع ٿيل آهن. سندس کي ٻيا ڪتاب، جن ۾ پير ميان صاحبڏني شاهه بلڙيءَ واري جي ڪافين جو ڪتاب قابل ذڪر آهن.(44)

سيد عطا حسين موسويءَ ابتدائي تعليم روهڙيءَ ۾ حاصل ڪئي. تعليم مان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، هُن تعليم کاتي کي اهميت ڏني ۽ ان ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. پاڻ هڪ قابل ۽ محنتي استاد جي حيثيت ۾ ترقي ڪندي، آخر سنڌ جي تعليم کاتي جي هڪ اعليٰ عهدي تي پهتو.

**سيد ميران محمد شاهه (1898ع- 1963ع)**





سيد ميران محمد شاهه ولد زين العابدين شاهه جو جنم ٽکڙ، ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. پاڻ ملڪ جي سياست ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيائين ۽ ملڪ جو وزير ۽ سفير به رهيو. 1921ع ۾ ميٽرڪ، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان ڪيائين. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مان بي. اي ۽ گورنمينٽ ڪاليج بمبئيءَ مان ايل. ايل.بي. ڪيائين. 1924ع کان حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪيائين. 1937ع ۾ آزاد سنڌ اسيمبليءَ جي پهرين چونڊ ۾ ميمبر چونڊيو ويو. شروع ۾ سر غلام حسين هدايت الله جي وزارت ۾ پارليامينٽري سيڪريٽري هو ۽ پوءِ ديوان پوڄراج سنگهه جي انتقال ڪري وڃڻ تي 1938ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو ۽ ڏهه سال انهيءَ عهدي تي فائز رهيو.

1931ع ۾ حيدرآباد ۾ قائم ڪيل ’سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ‘ جو منتظم ۽ صدر رهيو. هن سوسائٽيءَ ڪيترا مفيد سنڌي ڪتاب شايع ڪيا. بنيادي طور شاعر هو، پر آزاديءَ کان اڳ مختلف نوعيت جا ڪيترائي مضمون پڻ لکيائين. سندس سياسي نوعيت جا اڪثر مضمون ”الوحيد“ ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيندا هئا، جن ۾ ملڪي حالتن جو جائزو ورتل هوندو هو. شاهه جي ڪلام تي به ڪيترائي تنقيدي ۽ تحقيقي مضمون لکيائين، جن ۾ ”شاهه جو ات“ ۽ ”شاهه جا پکي“ وڏي اهميت رکن ٿا. شاهه صاحب ڪيترائي سير وَ سفر وارا مضمون به لکيا جن ۾ ”الحمرا جو سير“ ۽ ”گنجي ٽڪر جو سير“ اهم آهن. سماجي ۽ معاشي مسئلن تي ”بلبل ۽ باغائي“ ۽ ”پلن جو

شڪار" ادبي طور مشهور ٿيا. "دل جي طلب" سنڌي ادب جو شاهڪار مضمون آهي، جنهن ۾ وڏي رواني ۽ سلاست آهي. سندس مضمون "گنجي ٽڪر جو سير"، "دل جي طلب" ۽ "صبح چڙهي آيو مٿي" تمام اهم آهن. سندس مضمون بمبئي ۽ سنڌ جي يونيورسٽين جي نصاب ۾ شامل هوندا هئا. سندس ڪي مضمون ڊي.جي. ڪاليج جي مسلينيءَ ۾ شايع ٿيا هئا.(45)

**ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" (1900ع- 1982ع)**

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" جو جنم ڪراچيءَ ۾ ٿيو. نولراءِ هيرانند اڪيڊميءَ ۾ پڙهڻ کان پوءِ، نارائڻ جڳنناٿ هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان 1917ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان انٽرميڊيئيٽ ڪيائين. 1925ع ۾ گرانٽ ميڊيڪل ڪاليج بمبئيءَ مان ايم.بي.بي.ايس. ڪرڻ بعد پوسٽ گريجوئيشن ڪيائين. حيدرآباد ميڊيڪل اسڪول، ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد ۾ پروفيسر ٿي رهيو. آخر ۾ گدو اسپتال حيدرآباد جو انچارج به رهيو.

اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني کان شعر لکڻ شروع ڪيائين. پهريائين "غافل" تخلص هوس، پوءِ "خليل" اختيار ڪيائين. سندس ڪتابن ۾ "رهنمائي شاعري" (4 حصا)،"بيت الله شريف جي تاريخ "، "ادب ۽ تنقيد"، "بلبلِ سنڌ"، "عبرت ڪده"، (3 حصا، ڪهاڻيون)، "سنڌي مثنويون"، "سنڌي





رباعيون"، "سنڌ جو قديم ۽ جديد شعر"، "ڪليات خليل" "ديوان خليل"، "رباعيات خليل"، "گلزار خليل"، "انتخاب خليل"، "سچل سرمست" (اردو) ۽ ڪي ٻيا ڪتاب شامل آهن.

**الله بخش "سرشار" عقيلي (1907ع- 1970ع)**

الله بخش ولد حافظ حاجي محمد صديق عقيليءَ جي ولادت ٺٽي ۾ ٿي. ابتدائي تعليم ٺٽي مان حاصل ڪري، سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيو. جتان پوءِ ڊي.جي. ڪاليج مان 1927ع ۾ بي.اي. جو امتحان پاس ڪيائين. 1928ع ۾ روينيو کاتي ۾ نوڪري شروع ڪيائين. اعلىٰ عهدن تي هوندي به ادبي سرگرمين ۾ مصروف رهيو. اعلىٰ قسم جي شاعر هجڻ سان گڏوگڏ تنقيد ۽ تحقيق ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيائين. سندس ڪتابن ۾ "سنڌي ادب ۽ مهدوي تحريڪ" (تحقيق)، "بزمِ طالب المولىٰ" (معلومات)، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" (تنقيد ۽ تحقيق)، "سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ" (علم موسيقي)، "موسيقي"، "تصوف جي مختصر تاريخ" (فلسفو)، "قاضي قاضن" (شخصيات)، "سنڌي صورتخطيءَ جو بنياد" (لسانيات)، "سنڌ جا درويش" (شخصيات)، "علم هيئت يا ايسٽرانامي" (سائنس) ۽ "سنڌ جو ترانو" (شاعري) وغيره شامل آهن.

**آسانند مامتوراءِ (1903ع- 1993ع)**

ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار آسانند مامتوراءِ اولڊ ٽائون ڪراچيءَ ۾ جنم ورتو. ننڍپڻ کان ئي سندس لاڙو ادب ۽ فلسفي

طرف رهيو. ڊي.جي. ڪاليج جي زماني ۾ ڪيترا ليک ۽ ڪهاڻيون لکيائين. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري، سنڌي ٻوليءَ جي مرڪزي لائبريري ٺاهڻ ۽ ٻين ادبي مقصدن لاءِ 15 ڊسمبر 1929ع تي وديارٿي سماگم جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ 'سنڌي ساهت سڀا' قائم ڪئي ويئي. هن تنظيم جو صدر پرنسيپل شهاڻي ۽ وائيس پرنسيپل ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ خزانچي آسانند مامتوراءِ هئا. آسانند مامتوراءِ سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏنو. سندس ڪهاڻيون حقيقت تي ٻڌل نہ هيون، پر هن انهن ۾ پهريون ڀيرو نفسياتي ۽ جنسي مسئلن کي ڇهيو. 1932ع کان 1949ع تائين سندس لکيل 11 ڪهاڻيون "ڳنوارڻ" عنوان سان سنڌ ٽائيمس پبليڪيشن الهاس نگر (ڀارت) ڊسمبر 1978ع ۾ ڇپائي پڌريون ڪيون.(46) سندس ٻين ڪتابن ۾ "شاعر" (ناول، 1941ع)، "حليمان" (ناول، 1947ع)، "جيون پريم پاپ جون ڪهاڻيون" (1939ع)، "رهبر چوند نثر" (ترتيب)، "مهراڻ جا موتي" (تحقيق)، "فيلسوف" (فلسفو)، "علم بدن ۽ علم صحت" (طب) ۽ "هنج چڳن موتي" (مضمون 1985ع) شامل آهن.

**حيدربخش جتوئي (1901ع- 1970ع)**

باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئيءَ جو جنم ڏوڪري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. پاڻ هڪ انقلابي هاري اڳواڻ جي نالي سان مشهور آهي. سندس سنڌي ۽ انگريزي ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ ڪهاڻين جا ڪتاب "هاري ڪهاڻيون" (ترتيب 1950ع) ۽ "ڪمدار جا ڪارناما" (ترتيب 1950ع) آهن.



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

جڏهن تہ شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "تحفة سنڌ" (1930ع)، "آزاديءِ قوم" (1943ع) قابل ذڪر آهن. ان کان سواءِ هن قرآن مجيد جو موضوع وار انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو پڻ سندس شاهڪار ڪارنامو آهي.

1934ع ۾ هُو ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. جتي ڪاليج جي سيني تدريسي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺندو هو. حيدربخش جتوئي، آزاديءَ کان اڳ واري دؤر ۾ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. پر بعد ۾ شاعريءَ ۽ سياسي ادب سان وڌندڙ دلچسپيءَ جي ڪري ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏنائين. حيدربخش جتوئي هارين جي زندگيءَ بابت ڪافي اصلوڪيون ڪهاڻيون لکيون ۽ شاعري ڪئي.(47)

**جي. الانا (1906ع-1984ع)**

ناميارو شاعر، محقق، سياح، سياستدان، تاجر ۽ تحريڪ پاڪستان جو ممتاز رڪن غلام علي الانا (الهہ ڏنا) المعروف جي. الانا جو جنم ڪراچيءَ ۾ ٿيو. سينٽ پيٽرڪس هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ ڊي . جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۽ فرگوسن ڪاليج پوني، هندستان ۾ پڙهيو. ڊي.جي. ڪاليج واري زماني ۾ سياست ۽ ادب ڏانهن لاڙو رکندو هو. تحريڪ پاڪستان ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ شروع ڪيائين ۽ قائد اعظم جو ويجهو ساٿي رهيو.1968ع ۾ ڪراچي ڪارپوريشن جو ميئر مقرر ٿيو. جنهن کان پوءِ ڇهن سالن تائين اسلامي چيمبر آف ڪامرس جو صدر پڻ رهيو .

ڪيترن ئي بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪيائين.(48)

جي . الانا، پنهنجي دؤر جو بهترين شاعر بہ هو. سندس شاعريءَ جو اردو، بنگالي، گجراتي ۽ انگريزي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. سنڌيءَ ۾ سندس شاعريءَ جو مجموعو ”ڪي پڙاڏا ڪي سڏ“ شايع ٿيل آهي. سندس انگريزي شاعريءَ جا بہ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. سندس انگريزي شاعريءَ تي وحيد جتوئي پي ايڇ. ڊي ڪري چڪو آهي. سندس ”The Selection From Risalo“، 1980ع ۾ شايع ٿيو. جي. الانا صاحب جو هڪ ٻيو ڪتاب ”Four Classical Poets Of Sind“ سال 1983 ڌاري سنڌالاجي پاران شايع ٿيو. سندس ٻين انگريزي تصنيفن ۾ هيٺيان ڪتاب شامل آهن:

1. Our Freedom Fighters (1969)
3. Memories Of Prince Ali Khan
4. Quaid E Azam Jinnah
5. His Highness Aga Khan III ( 1973)
6. Presenting Pakistani Movement
7. Silent Voices Of Intuition (Poetry)
8. Love Tales From East
9. Some Of My Yesterdays
10. The Silent Hours (Poetry)
11. The Pakistan Movement

### روچيرام گنگارام سڏاڻي (1901ع- 1968ع)





روچيرام سڏاڻي جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو. اين. جي. وي هاءِ اسڪول ۾ استاد هو. ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي. ڪيائين. ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺندو هو. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن ۾ ناولن جا ڪتاب ”درگاوتي“، ”گوري“، ”آزاد خيال زالون“ ۽ ”عمر مارئي“ (قصو) شامل آهن. سندس سيني ناولن ۾ ”آزاد خيال زالون“ ڏاڍو مشهور ٿيو، جنهن ۾ هن نئين اپرندڙ سماج جي قدرن تي طنز ڪئي آهي. هي ناول وڌواهہ جي فائدي ۾ ۽ ڏيتي ليتيءَ جي خلاف هو. سڏاڻي صاحب جي عبارت سٺي ۽ پختي هئي.

### فتحچند مينگھراج آڏواڻي

فتحچند مينگھراج آڏواڻيءَ جو تعلق حيدرآباد سان هو. اسڪولي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪري، ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان بي.اي. جو امتحان پاس ڪيائين. بعد ۾ حيدرآباد ۾ ماستري ۽ ڌرمي ڪم شروع ڪيائين. ڪيترائي ڌرمي ۽ سوانحي ڪتاب لکيائين، جن ۾ ”آس ديوار“ (1913ع)، ”جيون چرتر سري ڪبير صاحب جن جا“ (1916ع)، ”گرو گوبند سنگھہ جا جيون چرتر“ (1920ع)، ”پتورتي ڌرم“ (1921ع)، ”گرو گرنٿ“ جو 22 جلدن ۾ ترجمو، جيڪو 1922ع کان 1946ع دوران پورو ڪيو هئائين، شامل آهن. سندس ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

### پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي (1912-1994ع)

نارائڻداس ولد ميوارام ڀمڀاڻي انگريزي ادب جو ڄاڻو ۽ ماهر هو. ايم.اي. انگريزيءَ ۾ ڪيل هئس. پاڻ ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هو. نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ جو تعلق ساهتي پرڳڻي جي شهر پڏعيدن سان هو. پروفيسر نارائڻداس بمبئي يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم.اي. ڪري ڊي.جي. ڪاليج ۾ پروفيسر بڻيو. 1947ع ۾ هجرت ڪري هندستان هليو ويو، جتي اجمير جي گورنمينٽ ڪاليج ۾ خدمتون جاري رکيائين.

ناولن کان سواءِ 1944ع کان 1945ع تائين سنڌ جي مشهور ليکڪن جا نثر ۽ نظم جي انتخاب تي مشتمل ٽي ڀاڱا "ادبي گلشن" نالي مرتب ڪيائين. 1945ع ڌاري پروفيسر ڀمڀاڻي "ادبي غنچو" شايع ڪيو، جنهن ۾ سندس ئي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جي ساٿي پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ليکن جو انتخاب بہ هو. تنهن کان سواءِ سندس تصنيف ۾ "شاهه جون سورميون" تصويرن سان شايع ٿيو. ان کان سواءِ ٻارن لاءِ آکاڻيون پڻ لکي ٻاراڻي ادب ۾ اضافو ڪيائين. 1932ع ۾ ديوان بولچند راڄپال مشهور ماهوار علمي مخزن "سنڌو" برپا ڪئي، تہ ان ۾ پروفيسر ڀمڀاڻي صاحب جو ادبي ليک "سنڌي ساهتيہ جا ٽيهہ سال 1916ع کان 1946ع" ڇپيو.

1942ع ۾ ڀمڀاڻيءَ جو ناول "مالهڻ" ڇپجي ظاهر ٿيو، جنهن جو پس منظر سنڌ جي 'سن' ۽ 'مانجهند' شهرن تي ٻڌل آهي. پر اهو جهوني زماني وارن موتن ۽ خودڪشين سان ٽمٽار





آهي. 1943ع ۾ مصنف جو هڪ ٻيو ناول "وڌوا" ڇپيو، جنهن جو پس منظر ڪراچي، حيدرآباد ۽ نواب شاهه جهڙن شهرن تي ٻڌل آهي. ڀمڀاڻيءَ ناول "وڌوا" ۾ هڪ بيوهہ عورت جي زندگيءَ کي چٽيو آهي. سندس ناول "پاڪ ۽ پاڪيزگي" ٿامس هارڊي جي Tess of D. Urervilles جو الٿو آهي، جيڪو 1945ع ۾ شايع ٿيو. 1935ع ۾ چوٿون ناول "غريبن جو ورثو" لکيائين، جو ديوان موتي رام راماڻيءَ 1946ع ۾ ٻيهريون ڀيرو سنڌي ادبي گهر ڪراچيءَ مان شايع ڪيو. سندس ٻين ناولن جي مقابلي ۾ ڀمڀاڻيءَ جو ناول "غريبن جو ورثو" وڌيڪ مقبول ٿيو. اهو ناول سنڌ ۾ ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ نصاب ۾ گهڻو وقت شامل رهيو.(49)

**محمد صديق ميمڻ (1891ع- 1958ع)**

محمد صديق ميمڻ ولد محمد يوسف ميمڻ حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس شمار سنڌ جي وڏن تعليمدانن ۽ محققن ۾ ٿئي ٿو. شروعاتي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪري، سنڌ مدرسي ڪراچيءَ مان ميٽرڪ ڪيائين. بعد ۾ گريجوئيشن تائين تعليم ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. جون 1936ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد جو پرنسيپل مقرر ٿيو. سندس وڏي ۾ وڏو ڪارنامو ٻيهريون دفعو سنڌي ادب جي تاريخ لکڻ آهي. هڪ استاد ۽ منتظم هئڻ جي ڪري شاگردن لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيائين. ڪيترائي درسي، اصلاحي، تاريخي، افساني ۽ شاعري جا ڪتاب لکيا اٿس، جن ۾ "سنڌ جي رنگين

تاريخ“ (1932)، ”انگي حساب“،”ڏيهي حساب“، ”جاميٽري“، ”گرامر“، ”مضمون نويسي“ (ٻہ جلد)، ”ڪامل رهنما“، ”تعليمي نفسيات“ ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

**پروفيسر رام پنجواڻي (1911ع- 1987ع)**

هند ۾ سنڌ جي نامياري اديب، شاعر، راڳي، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ناٽڪ نويس، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو پورو نالو رام پرتاب راءِ پنجواڻي هو. هن لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هن اسڪولي تعليم لاڙڪاڻي ۾ ورتي ۽ ڪاليجي تعليم لاءِ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو. ڪاليج مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد اتي ئي ليڪچرر مقرر ٿيو. هند توڙي سنڌ ۾ هن زندگيءَ جا ذري گهٽ 50 سال پروفيسريءَ ۾ گذاريا. نہ رڳو بي.اي. ۽ ايم.اي. جي شاگردن کي پڙهايائين، پر ڪيترن ئي اديبن ۽ شاگردن سندس رهنمائيءَ هيٺ پي. ايچ. ڊي. پڻ ڪئي.

رام پنجواڻي هڪ ئي وقت شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار ۽ نقاد رهيو. هن ادب جي مٿين صنفن ۾ لکي، پاڻ کي سنڌي ادب جي اعليٰ ليکڪ طور مڃايو. هو گهڻ رخي شخصيت هو ۽ سندس هر رخ مڪمل هو. ورهاڱي کان پهرين ۽ سنڌي ادبي سنگت جي قيام کان اڳ جڏهن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رهبريءَ ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ’سنڌي ادبي سرڪل‘ قائم ٿيو تہ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي ان جو صدر، رام پنجواڻيءَ کي نائب صدر





۽ شيخ عبدالرزاق ”راز“ کيس ان سرڪل جو جنرل سيڪريٽري بڻايو ويو. ورهاڱي کان پوءِ پروفيسر رام پنجواڻي بمبئيءَ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي. جتہ هند ڪاليج بمبئيءَ ۾ سندس خدمتون وسارڻ جهڙيون نہ آهن.

”هن ادب جي مختلف صنفن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن مان هيٺيان اهم آهن: ناول: ”قيدي“ (1943ع)، ”شرميلا“ (1944ع)، ”لطيفا“ (1945ع)، ”اسان جو گهر“ (1946ع)، ”چانديءَ جو چمڪو“ (1947ع)، ”زندگي يا موت“ (1952ع)، ”آهي نہ آهي“ (1955ع) ۽”شل ڌيئر نہ ڄمن“ (1957ع) شامل آهن. ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ ” انوکا آزمودا“، ”وچتر واقعا“، ”تنهنجا منهنجا تجربا“ (1976ع)، جڏهن تہ ناٽڪن جي ڪتابن ۾ ”نئون زمانو“، ”سماج سيوَڪ“، ”7 ناٽڪ“ (شاهہ جي ستن سورمين تي آڌارڪ) شامل آهن. اهڙيءَ طرح مضمونن جي ڪتابن ۾ ”سِپون“،” يادگيريون“،”ادبي گلشن“، ”سنڌ اياز کان رگ ويد تائين“ شامل آهن. هن سنڌي ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعريءَ تي مشتمل ڪيترا انتخاب (Anthologies) ڇپرايا، جن ۾: ”سنڌي شعر جو انتخاب 1947 ع تائين“، ”چونڊ ڪلام“،”سنڌ جي سوکڙي“، ”سک جي سوغات“، ”چونڪيءَ جا گيت“ شامل آهن. ڪيترائي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيائين.(50)

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (1917ع-2011ع)**

سنڌ جو نامور عالم، اديب، لسانيات، لوڪ ادب ۽ لطيفيات جو پارکو ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڳوٺ جعفرخان لغاري، تعلقي سنجھوري، ضلعي سانگھڙ ۾ پيدا ٿيو.سنڌ جي تاريخ، لوڪ ادب، ٻوليءَ، ڪلاسيڪي شاعري، موسيقيءَ ۽ لطيفيات جي موضوعن تي وڏي جاکوڙ ۽ تحقيق وسيلي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو املهه خزانو متعدد ڪتابن جي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪيائين. هن سنڌ مدرسي مان 1935ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پهرين نمبر سان پاس ڪيو. ان بعد ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ انٽر آرٽس ۾ داخلا ورتائون، ليڪن بعد ۾ بهاءُ الدين ڪاليج جهونا ڳڙهه ۾ داخلا ورتائون. انٽر ۾ به نمايان پوزيشن حاصل ڪرڻ کان پوءِ ساڳئي ڪاليج مان بي.اي. آنرس 1941ع ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائون ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ٽيون نمبر آيا. 1943ع ۾ علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽيءَ مان ايم. اي (عربي) فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪري، سڄي يونيورسٽيءَ ۾ اول پوزيشن حاصل ڪيائون.(51)

ڊي.جي. ڪاليج جي زماني ۾ پاڻ انتهائي سرگرم شاگرد هو. سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ ۽ ڪاليج جي ٻين تنظيمن ۾ پڻ حصو وٺندو هو. ڊي.جي. ڪاليج جي گولڊن جوبليءَ واري نمبر ۾ سندن هڪ ڊگهو نظم ڪاليج جي شان ۾ لکيل آهي:

اسان کي فخر و ناز تو تي سنڌ جا
ڪاليج،





هر سنڌ سنڌي فرد ۽ فرزند جا
ڪاليج،
هر علم جي خواهان عقلمند جا
ڪاليج،
آباد رهين شال درِ هند جا ڪاليج،
هر دل جي صدا آهه ته دلشاد رهين
شال!
آباد هجين شال ۽ آباد رهين شال!

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن مان ڪي هي آهن:

### لوڪ ادب

1. مداحون ۽ مناجاتون (1959ع)
2. مناقبا (1960ع)
3. معجزا (1960ع)
4. مولود (1961ع)
5. ٽيهه اکريون (ڀاڱو پهريون 1960ع)
6. ٽيهه اکريون (ڀاڱو ٻيو 1961ع)
7. هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا (1961ع)
8. جنگناما (1984ع)
9. واقعاتي بيت (1961ع)

10. مناظرا (1961ع)
11. سنڌي سينگار شاعري (1986ع)
12. پروليون، ڏٺون، معمائون ۽ ٻول (1965ع)
13. ڳجهارتون (1969ع)
14. ڏور (1970ع)
15. ڳيچ (جلد پهريون ۽ ٻيو گڏ 1963ع)
16. لوڪ گيت (1965ع)
17. بيت (1971ع)
18. نڙ جا بيت (سانوڻ فقير ۽ سندس ساٿياري)
19. قافيون (جلد پهريون 1985ع)
20. قافيون (جلد ٻيو 1987ع)
21. قافيون (جلد ٽيون 1990ع)
22. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون — 1 (بادشاهن ۽ راڻين، شهزادن ۽ شهزادين جون ڳالهيون 1987ع)
23. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون — 2 (بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڳالهيون 1977ع)
24. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون — 3 (پرين، ديون، جادوگرن، ڏائڻين ۽ نجومين جون ڳالهيون 1987ع)
25. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون — 4 (بادشاهن، شاهوڪارن، ڏاهن، ٺڳن ۽ ٻين جون ڳالهيون 1961ع)
26. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون — 5 (ٻاراڻيون آکاڻيون 1962ع)





27. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون — 6 (جانورن ۽ پکين جون آکاڻيون 1964ع)
28. سنڌي لوڪ ڪهاڻيون — 7 (ڳاهن سان ڳالهيون 1964ع)
29. مشهور سنڌي قصا: رزميه داستان — 1 دودو چنيسر (جلد پهريون 1976ع)
30. مشهور سنڌي قصا: رزميه داستان — 2 دودو چنيسر (جلد ٻيو 1977ع)
31. مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيه داستان — 1 (موکي متارا، مري ۽ مگ ٽر، اڍو ڪيهر ۽ هوٿل پري، ڦل وڏوئو ۽ پوري، لاکو ڦلاڻي 1964ع)
32. مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيه داستان — 2 (سهڻي ميهار ۽ نوري ڄام تماچي 1972ع)
33. مشهور سنڌي قصا ۽ عشقيه داستان — 3 (ليلان چنيسر 1971ع)
34. مشهور سنڌي قصا: عشقيه داستان — 4 (سسئي پنهون 1976ع)
35. مشهور سنڌي قصا: عشقيه داستان — 5 (مومل راڻو 1975ع)
36. مشهور سنڌي قصا ۽ عشقيه داستان — 6 (سورٺ راءِ ڏياچ ۽ هير رانجهو 1976ع)

37. مشهور سنڌي قصا ۽ عشقيه داستان — 7 (سنڌ جي حب الوطنيءَ جو داستان، عمر مارئي 1976ع)
38. مشهور سنڌي قصا ۽ عشقيه داستان — 8 (ڍول مارو 1969ع)
39. سنڌ جي سورهيائي ۽ هنرمنديءَ جو داستان (مورڙو ۽ مانگر مڇ، 1967ع)
40. مشهور سنڌي قصا (ٻاهريان قصا ۽ عشقيه داستان — 9، 1964ع)
41. رسمون، رواج ۽ سوڻ ساٺ (1978ع)
42. سنڌي هنر شاعري (1991ع)
43. ٻيلاين جا ٻول 1951ع
44. لاکو ڦلاڻي 1958ع
45. هرگنيو: (مؤلف: آخوند عبدالرحيم "وفا" عباسي: مقدمو ۽ ايڊيٽنگ: ڊاڪٽر بلوچ 1993ع)

## سنڌي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعري

1. قاضي قاضن جو رسالو (1999ع)
2. شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام (1968ع)
3. ميين شاهه عنايت جو ڪلام (1963ع)
4. خليفي نبي بخش جو رسالو (1966ع)
5. شاهه شريف ياڏائيءَ جو رسالو (1972ع)
6. راڳنامو: صوفي صادق فقير سومرو (1981ع)
7. رسالو غلام محمد خانزئيءَ جو (1975ع)





8. ڪليات حمل (1953ع)
9. ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري (1968ع)
10. ڪليات سانگي (1969ع)
11. سيف الملوڪ عرف سيفلنامو: مولوي لطف عليءَ جي سرائڪي شاعري (1960ع)
12. خليفي غلام نبي جو رسالو

## لغتون

1. جامع سنڌي لغات (جلد پهريون — 1960ع)
2. جامع سنڌي لغات (جلد ٻيو — 1981ع)
3. جامع سنڌي لغات (جلد ٽيون — 1984ع)
4. جامع سنڌي لغات (جلد چوٿون — 1985ع)
5. جامع سنڌي لغات (جلد پنجون — 1988ع)
6. جامع اردو لغات (ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان سان گڏ — 1989ع)
7. اردو سنڌي لغت (ايضاً) 1960ع (پهريون ڇاپو)، حيدرآباد، 1989ع (ٻيو ڇاپو)
8. هڪ جلدي سنڌي لغت: 1998ع
9. روشني: شاهه جي رسالي جي لغت

## سنڌ جي تاريخ

1. تاريخي معصومي (فارسي متن جو سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، تحقيق ۽ وضاحتي نوٽن سان مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)، 1953ع
2. فتحنامو (چچنامو): (فارسي متن جو سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، مقدمو ۽ حواشي: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1954ع)
3. تحفة الڪرام (فارسي متن جو سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، ايڊيٽنگ ۽ مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1957ع)
4. سومرن جو دؤر (دودي چنيسر جي ڳالهه ۽ ٻئي روايتي ذخيري جي روشنيءَ ۾) سيپٽمبر 1980ع

## سنڌي ٻولي، ادب ۽ موسيقيءَ جون تاريخون

1. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ (1962ع)
2. سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ (1978ع)
3. سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي (1992ع)
4. سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو (1993ع)

## متفرقه موضوع

1. سپ رنگ (1968ع)
2. سنڌ جي مڇي (مٺي جي مڇيءَ جو مطالعو 1993ع)



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

3. سنڌ جي مڇي (کاري جي مڇيءَ جو مطالعو 1995ع)
4. منهنجو ڳوٺ: جعفر خان لغاري (يادگيريون 1999ع)
5. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد پهريون — 2001ع)
6. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ٻيو — 2001ع)
7. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ٽيون — 2002ع)
8. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد چوٿون — 2003ع)
9. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد پنجون-2003ع)
10. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ڇهون-2005ع)
11. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ستون-2006ع)
12. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد اٺون-2008ع)
13. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد نائون-2010ع)
14. رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ڏهون-2011ع)
15. رهاڻ هيرن ڪاڻ (ڏهه جلد ٻن جلدن ۾)
16. جتڪي ٻولي (2003ع)
17. گڏهه (1946ع)

## لطيفات

(الف) شاهه جي رسالي تحقيقي ايڊيشن

1. شاهه جو رسالو (جلد پهريون — 1989ع)
2. شاهه جو رسالو (جلد ٻيو — 1992ع)
3. شاهه جو رسالو (جلد ٽيون — 1994ع)

4. شاهه جو رسالو (جلد چوٿون — 1997ع)
5. شاهه جو رسالو (جلد پنجون — 1997ع)
6. شاهه جو رسالو (جلد ڇهون — 1995ع)
7. شاهه جو رسالو (جلد ستون — 1998ع)
8. شاهه جو رسالو (شاهه جي ڪلام جو مڪمل متن: جلد اٺون ۽ نائون)

**سڳن آهوجا (1921ع- 1966ع)**

سڳن آهوجا جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. هو شاعر، ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار هو. بي.اي. جي ڊگريءَ جي سلسلي ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ 1937ع ۾ داخلا ورتائين ۽ 1941ع ۾ پاس ڪيائين. شاگرديءَ واري زماني کان ادب ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي جن نوجوانن ترقي پسند تحريڪ شروع ڪئي هئي، سڳن آهوجا به انهن مان اڳيرو هو. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون "سنڌو" ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿي چڪيون هيون. آزاديءَ کان پوءِ هندستان لڏي ويو ۽ اتي به ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيائين. سندس ڪتابن ۾ "بي آگ جلن تا پروانا" (ڪهاڻيون)، "پياري چيز" (ناول) ۽ "ارمان" (شاعري) شامل آهن.(52)

**ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي (1927ع- 1966ع)**

ليلارام نرسنگھداس ڦيرواڻيءَ جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. پاڻ مشهور ليکڪ پروفيسر شيوارام ڦيرواڻيءَ جو ڀاءُ هو. هو



دي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

هڪ ئي وقت سياستدان، فرض شناس ڊاڪٽر، صحافي، ناٽڪ نويس، ڪهاڻيڪار، مضمون نويس ۽ شاعر هو. 1936ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي. ۽ 1938ع ۾ ايم.اي. ڪيائين. ٿورو عرصو ڊي.جي. ڪاليج ۾ فيلو ٿي رهيو. ڪاليج جي رسالي "مسلينيءَ" جو ايڊيٽر پڻ رهيو. سندس هڪ ناٽڪ "هڪڙي رات عرف ليلا چنيسر" ڇپيل آهي، جو ڪراچيءَ مان ٻهرين جنوري 1934ع تي ڇپجي پڌرو ٿيو. ڪاليج ڇڏڻ کان پوءِ سياست ۾ حصو ورتائين ۽ جيل ياترا به ڪيائين. 1938ع ۾ شڪارپور ميونسپالٽيءَ لاءِ چونڊيو ويو. بعد ۾ ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽري شروع ڪيائين.

**شيخ اياز (1923ع- 1997ع)**

شيخ اياز جو اصل نالو مبارڪ علي شيخ هو. آزاديءَ کان پوءِ شيخ اياز سنڌي زبان جو سڀ کان وڏو شاعر ٿي اڀريو. شيخ اياز جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. سندس ڪهاڻين، جيون ڪهاڻين، ڊائري جي ورقن، سنڌي ۽ اردو شاعريءَ سميت 70 کن ڪتاب شايع ٿيل آهن. شيخ اياز جي فن ۽ فڪر ۾ پختگي آڻڻ ۾ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ جو وڏو هٿ هو. هتي ترقي پسند اديبن جي وچ ۾ رهي، هن پنهنجي شاعري ۽ ڪهاڻين کي ڌرتيءَ سان جوڙيو.

سال 1943ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي پڙهيل ڳڙهيل نوجوانن 'ترقي پسند ادب' کان متاثر ٿي 'سنڌي ادبي سرڪل' جو قيام آندو؛ جنهن ۾ شيخ عبدالرزاق "راز"، شيخ اياز، ڊاڪٽر

هوتچند مولچند گربخشاڻي ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو هٿ هو. سرڪل جي گڏجاڻين ۾ مشاعرا به ٿيندا هئا. ان سلسلي ۾ شيخ اياز لکي ٿو ته، ”1945ع ۾ مان ۽ منهنجو دوست عبدالرزاق ’راز‘ دي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ قائم ڪيل ’سنڌي سرڪل‘ ۾ ويندا هئاسين. جتي مون پنهنجو نظم ’او باغي، او راج دروهي، ڀارت ۾ بلوي جا باني‘ پڙهيو هو، ته ٻڌندڙ حيران ٿي ويا هئا.(53)

سال 1945ع ۾ ’ترقي پسند اديبن جي انجمن‘ جڙي ۽ ان ۾ شيخ اياز جو اڳرو ڪردار هو. موهن پنجابي، شيخ اياز، امرلعل پنجواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ٻين گڏجي 1947ع ۾ ’باغي منڊل‘ جي نالي سان هڪ ادبي ادارو قائم ڪيو. پروفيسر رام پنجواڻي لکي ٿو ته، ”اياز منهنجو ڪاليج جو دوست هو. سن 1941ع ۽ 1942ع جو زمانو هو. اياز ارڙهن سالن جو هو، مان سترهن سالن جو هوس. اياز عمر ۾ مون کان هڪ سال وڏو هو، پر پڙهڻ ۾ پٺتي هو. دي.جي. سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ ساڻس دوستيءَ جي شروعات ٿي. اسان جي هڪ سنگت هئي، جنهن ۾ هئا: سوڀو گيانچنداڻي، حشو ڪيولراماڻي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ مبارڪ اياز، رام امر لعل پنجواڻي ۽ ڪي ٻيا دوست. اسان جون دليون اُمنگن سان ڀريل هيون. هرهڪ وٽ اُتساهه ۽ پيار هو. هندستان کي غلاميءَ جي زنجيرن کان ڪيئن ڇڏائجي، آزادي ڪيئن حاصل ڪجي، غريبي ۽ جهالت ڪيئن دور ڪجن، ديش ڪيئن اڏجي ۽ انقلاب ڪيئن اچي، انهن لاءِ





ڪهڙا قدم کڻجن، ڪهڙا اُپاءَ وٺجن- اهڙن وشين تي گرما گرم بحث مباحثا ٿيندا هئا. ويچارن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي. اياز ايم. اين. راءِ ۽ ٽراٽسڪيءَ جا ڪتاب پڙهي ايندو هو، ته اسان وٽ گانڌيءَ، جواهر لال نهرو، ڪارل مارڪس ۽ ڪامريڊ ڊانگي جا ويچار هئا. اهڙيءَ ريت دوبدو لڙائي هوندي هئي. ساهت جي سطح تي گهڻي ڀاڱي سهمتي هوندي هئي. سنڌيءَ ۾ اصلي ڪهاڻيون لکڻ کپن، قوميت جي جذبي سان سرشار شعر لکجن: ان جو نتيجو نڪتو هو سنڌيءَ ۾ اصلي ڪهاڻين جو ڪتاب ’ريگستاني ڦول‘ جنهن ۾ اياز به هڪ ڪهاڻي لکي هئي ’سفيد وحشي‘.

سندس ڪهاڻين جو مجموعو ’سفيد وحشي‘ (1947ع) ۾ شايع ٿيو. شيخ اياز جي دؤر ۾ سنڌ اندر سياسي، سماجي، سوشلسٽ تحريڪون پنهنجي عروج تي هيون. هن جي ڪهاڻي ’سفيد وحشي‘ ۾ انگريز سامراج لاءِ سخت نفرت جو اظهار ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح 1947ع ۾ لکيل سندس ڪهاڻي ’ڀاڙيسري‘ ۾ ان دؤر ۾ پيدا ٿيل هندو مسلم تضاد ڏيکاريو ويو آهي. هو آخر ۾ هرحال ۾ اتحاد جي ڳالهه ڪري ٿو. هو چوي ٿو ته: ’بهار ۾ مسلمان ڀائر ته ماريا ويا، پر ان ۾ ڀيسؤ ماءُ جو ڪهڙو ڏوهه؟ ان کي ڇو ماريو ويو؟ بيشڪ هن صوفين جي سنڌڙيءَ ۾ فساد ڪڏهن به نه ٿيندا. ڪير اهڙو ظالم سنگدل ٿيندو، جو ڀاڙي جو ٻچاءُ نه ڪندو، بيواهن جو گلو ڪاٽيندو، سندس دل ۾ ساڳيو لفظ ڦٽڪيو: ’جيئي سنڌ‘، سندس من جو

مونجهارو لهي ويو ۽ سندس دماغ جڻ ڪلين شيو ٿي ويو."(54)

شيخ اياز جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن مان ڪي هي آهن:

| | |
|---|---|
| 1. سفيد وحشي (ڪهاڻيون) 1947ع | 2. اسان جي سنڌ (ڪهاڻيون) ترتيب: 1947ع |
| 3. پنهل کان پوءِ (ڪهاڻيون) 1954ع | 4. بوي گل نالهء دل (اردو شاعري ترتيب: آفاق صديقي) 1954ع |
| 5. اڪ جون ڦلڙيون ٻيج ٻني (شاعري) 1956ع | 6. جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي (خطن جو مجموعو) 1963ع |
| 7. بقول اياز (تقريرون) 1963ع | 8. شاهه جو رسالو (منظوم اردو ترجمو) 1963ع |
| 9. ڪلهي پاتم ڪينرو (شاعري) 1963ع | 10. ڪي جو ٻيجل ٻوليو(شاعري) 1970ع |
| 11. وڄون وسڻ آيون (شاعري) 1973ع | 12. ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري) 1975ع |
| 13. لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري) 1980ع | 14. پتڻ ٿو پور ڪري (شاعري) 1980ع |





| | |
|---|---|
| 15. ٽڪرا ٽٽل صليب جا (شاعري) 1984ع | 16. پن ڇڻ پڇاڙان (شاعري) 1985ع |
| 17. جهڳ مڙيوئي سپنو (آتم ڪٿا) 1985ع | 18. واٽون ڦلن ڇانئيون (شاعري) 1985ع |
| 19. چنڊ چنبيلي ول (شاعري) 1985ع | 20. رڻ تي رم جهم (شاعري) 1986ع |
| 21. ساهيوال جيل جي ڊائري (نثر) 1986ع | 22. ڀڳت سنگهه کي ڦاهي (اوپيرا) 1986ع |
| 23. خط، انٽرويو، تقريرون (جلد نمبر 1- نثر) 1986ع | 24. راج گهاٽ تي چنڊ (شاعري) 1987ع |
| 25. ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي (شاعري) 1988ع | 26. اڪن نيرا ڦليا (شاعري) 1988ع |
| 27. ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون (يادگيريون) 1989ع | 28. جهڙ نيٽان نہ لهي (شاعري) 1989ع |
| 29. اڀر چنڊ پس پرين (شاعري) 1990ع | 30. هينئڙو ڌاڙهون گل جيئن (شاعري) 1991ع |
| 31. خط، انٽرويو، تقريرون- جلد نمبر2- (نثر) 1991ع | 32. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن (شاعري) 1991ع |
| 33. ڪتين ڪرموڙيا جڏهن-2 (شاعري) 1992ع | 34. نندوليون (شاعري) 1992ع |

| | |
|---|---|
| 35. سر لوهيڙا ڳيپيا (شاعري) 1993ع | 36. سورج مکي سانجهه (شاعري) 1993ع |
| 37. ڇوليون ڀوليون سمنڊ جون (شاعري) 1993ع | 38. جر ڏيئا جهمڪن (شاعري) 1993ع |
| 39. هرڻ آکي ڪيڏانهن (شاعري) 1994ع | 40. ڪٿي نہ پڇيو ٽڪ مسافر — 1 (آتم ڪٿا) 1995ع |
| 41. تون ڇپر تون ڇانو (دعائون) 1995ع | 42. چنڊ ڳليون (شاعري) 1995ع |
| 43. گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾ (شاعري) 1996ع | 44. ڪٿي نہ پڇيو ٽڪ مسافر — 2 (آتم ڪٿا) 1996ع |
| 45. سانجهي سمنڊ سپون (شاعري) 1996ع | 46. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن — 3 (شاعري) 1996ع |
| 47. اٿي اور ا سان (دعائون) 1997ع | 48. ڪونجون ڪرڪن روهه تي (شاعري) 1997ع |
| 49. ڪاري رات ڪهنگ (شاعري) 1997ع | 50. جي تند برابر توريان (ڪهاڻيون ترتيب: ڊاڪٽر انور "فگار" هڪڙو) 1998ع |
| 51. ڪٿي نہ پڇيو ٽڪ مسافر — 3 (آتم ڪٿا) | 52. ڪٿي نہ پڇيو ٽڪ مسافر — 4 (آتم ڪٿا) |





| 1999ع | 2000ع |
|---|---|
| 53. ڪٿي نہ پڇيو ٽڪ مسافر — 5 (آتم ڪٿا) 2002ع | |

## شيخ عبدالرزاق ”راز“ (1919ع- 1983ع)

شيخ عبدالرزاق ”راز“ ولد منشي عبدالرئوف جو جنم سکر ۾ ٿيو. سنڌس شمار انهن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو، جن ترقي پسند تحريڪ جي شروعات ڪئي هئي. اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڇهہ سال ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ گذاريائين، جتي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ ’سنڌي ادبي سرڪل‘ قائم ڪيو ويو. جنهن جو سيڪريٽري ”راز“ کي چونڊيو ويو. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي ان ادبي سرڪل، سنڌ ۾ جديد ۽ ترقي پسند ادب جو بنياد رکيو. هن سرڪل ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي، پروفيسر ڊي. ڪي منشاراماڻي، شيخ اياز، نارائڻ شيام، سڳن آهوجا ۽ ارجن شاد وغيره حصو ورتو.(55) شيخ ”راز“ انهيءَ سرڪل جو مسلسل چار سال جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو.شيخ اياز کي ترقي پسند ادب ۾ وٺي اچڻ جو سهرو شيخ ”راز“ ڏانهن وڃي ٿو. ان تحريڪ هيٺ هن ڪهاڻيون، ناول ۽ شاعري ڪئي. البت اڳتي هلي ڪجهہ فردن سان اختلاف ڪري تحريڪ کان الڳ ٿي ويو. سنڌس ڪيترائي ڪتاب ڇپجي شايع ٿيل آهن.شيخ عبدالرزاق ”راز“ آزاديءَ کان اڳ ئي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون هيون ۽ آزاديءَ

ڪان پوءِ بہ ڪجھہ ڪھاڻيون لکيائين. سندس ھيٺيان ڪتاب شايع ٿيل آھن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | شرح يمن ڪلياڻ (شرح 1957ع) | 2. | شرح ڪلام گرھوڙي (1959ع) |
| 3. | شرح ديوان گل (1959ع) | 4. | تاريخ سلطنت دھلي (تاريخ 1961ع) |
| 5. | تنقيد ۽ تجزيو (1966ع) | 6. | سنڌي غزل جو تجزيو (1991ع) |
| 7. | سارنگ (شاعري 1954ع) | 8. | پيھي منجھہ پاتال (شاعري 1961ع) |
| 9. | غزل (شاعري 1972ع) | 10. | مارو ڪي ديس ۾ (لطيفي داستان: اردو شاعري) |
| 11. | ڏاڪ بنگلو (ڪھاڻيون 1954ع) | 12. | مسافر (ناول) |
| 13. | سانگي ڪي ساريام (يادگيريون) | 14. | سڄڻ سفر ھليا (شاعري: 1967ع) |
| 15. | ڏڙڪنين (اردو شاعري) | 16. | فاتح سنڌ (تاريخ: 1955ع) |
| 17. | نئون آدمي (1966ع) | 18. | Sukkur: Past and Present |

## سوڀو گيانچنداڻي (1920ع— 2014ع)





سنڌ جي ترقي پسند ڪھاڻيڪار، سياستدان، ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ جو جنم ڳوٺ ٻنڊي، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٽنور مل گيانچنداڻيءَ جي گھر ۾ ٿيو. سوڀو 1936ع دؤران تحقيق ۽ ادب ڏانھن مائل ٿيو ۽ پھريون دفعو سندس اسڪول مئگزين ۾ مضمون ٽئگور بابت شايع ٿيو. سوڀو صاحب ميٽرڪ اپريل 1937ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي. جون 1937ع ۾ دي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتائين. جتان 1939ع ۾ انٽر پاس ڪيائين. دي.جي. ڪاليج ۾ ھن ترقي پسند تحريڪن ۾ حصو ورتو ۽ ادب تخليق ڪيو. پوءِ ٽئگور جي ڪاليج 'شانتي نڪتين' ۾ داخلا ورتائين. سال 1941ع ۾ بي. اي پاس ڪيائين. پاڻ ٽئگور جو شاگرد ھو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آھن. سندس ڪھاڻين جو مجموعو "ڪڏھن بھار ايندو" پھريون دفعو 1993 ۾ شايع ٿيو، جنھن ۾ ڪل 10 ڪھاڻيون شامل آھن. سوڀي صاحب جي مشھور ڪھاڻي "آڪيري جو ٽنڻ" 1944ع ۾ "ريگستاني ڦول" نالي ڪتاب ۾ شايع ٿي ھئي. ھن ڪھاڻيءَ ۾ گھر ڪي آڪيرو سڏيو اٿائين ۽ آڪيري ڪي ڇڏڻ جو درد ھن ڪھاڻيءَ ۾ سمايل آھي.(56) سندس ٻين ڪتابن ۾ "ٽيپولن جو موت" (تاريخ)، "تاريخ جا وساريل ورق" (ڪالم 1992ع)، "تاريخ ڳالھائي ٿي" (ڪالم 1994ع)، "ڪي ماڻھو تاريخ ٽين ٽا"، "وڏي وٽ ھئام" (ڪالم 1997ع) "روشني ءَ جي پنڌ ۾" (آتم ڪھاڻي، 2013ع) وغيره شامل آھن.

## محمد ابراھيم جويو (1915ع- 2017ع)

سنڌي ٻوليءَ جو تعليمدان، دانشور، اديب ۽ مترجم ڳوٺ آباد ( لڳ تيرٿ لڪي، هاڻي لڪي شاهه صدر) تعلقي ڪوٽڙي، ضلعي ڄامشوري ۾ جنم ورتو. هن 1934ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام مان ميٽرڪ ۾ ٻي پوزيشن حاصل ڪئي. 1934ع ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا وٺي 1938ع ۾ بي.اي. پاس ڪيائين. ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخلا ۽ سائين جي . ايم سيد جي حوالي سان جويي صاحب لکيو آهي ته، "پاڻ مون سان ان ڳالهه تي ڏينهن جا پورا ٻه پهر ويهي ڳالهايائون ۽ همت ڏياريائون ۽ چيائون ته نوڪري ڪنهن به صورت ۾ نه ڪجي، پر ڪيئن به ڪري، پڙهڻ لاءِ ڪاليج ۾ داخلا وٺجي. پوءِ مون کي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جي پرنسيپل بٺاڻي صاحب ڏانهن چٺي لکي ڏنائون. جيتوڻيڪ داخلا جون تاريخون گذري چڪيون هيون، پر ان الله جي نيڪ بندي، درويش صفت پرنسيپل بٺاڻيءَ مون کي ڪاليج ۾ داخل ڪيو، ۽ اهڙيءَ زندگيءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ وڏيڪ هڪ پيرو مون کي سائين جي.ايم.سيد جي رهبري ۽ مدد نصيب ٿي.(57)

سال 1938ع ۾ ئي سنڌ مدرسي ۾ اسسٽنٽ ماستر طور مقرر ٿيا. وڌيڪ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ 1940ع ۾ سنڌ مدرسي طرفان ايس.ٽي ڪاليج بمبئيءَ مان بي.ٽي. پڙهڻ ويا. بي.ٽي. پاس ڪرڻ کان پوءِ 1947ع تائين درس و تدريس سان وابسته رهيا. ملازمت دوران ڪتاب "Save Sindh save the





continent" "سنڌ بچايو، کنڊ بچايو" لکڻ ڪري سنڌ مدرسي بورڊ جي صدر ۽ تڏهوڪي تعليم جي وزير پير الاهي بخش سندن ملازمت ختم ڪرڻ جو حڪمنامو جاري ڪيو. ان کان پوءِ مختلف نوڪريون ڪيائين. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ ڪي هن ريت آهن:

1. "مُٺ مُٺ موتين جي" (سياسي، ادبي ۽ سماجي مضمون 1952ع)
2. "ادب ۽ سياست عوام لاءِ" (مضمون)
3. "عورتازاد" (عورتن جي تحريڪ آزادي ):ترتيب ۽ ترجمو (1983ع)
4. "ادب ٻولي ۽ تعليم" (مضمون)
5. جي.جي.روسو جي "Emile or Education" جي تلخيص ترجمو "ايميلي عرف تعليم" (1949ع)
6. "سماجي اپياس- تاريخ" (1961ع) (ترجمو)
7. "تاريخ پاڪستان" (1962ع) (ترجمو)
8. پليو تارچ جي ڪتاب "Education" جو ترجمو "تعليم" (1972ع)
9. هاورڊ موئر جي "Savage Survivals" جو ترجمو "وحشي جيوت جا نشان" (1976ع)
10. اسٽيفن زويگ جي "The Right of Heresy" جو ترجمو "فڪر جي آزادي" (1977ع)

11. برٽالٽ بربخت جي "Life of Galileo" جو ترجمو "گليلو" (1977ع)
12. "شاهه - سچل- سامي" (تنقيد: 1978ع)
13. "ماڻهوءَ جو پاڇ" (ڪهاڻيون، مضمون ۽ شاعري 1980ع)
14. اينڊ بلائٽن جي "The Children's Life of Christ" جو ترجمو "ٻارن جو مسيح" (1980ع)
15. جارج پوليزر جي "An Elementary Course in Philosophy" جو "فلسفي جو ابتدائي ڪورس" (1984ع)
16. پائلو فراري جي "Pedagogy of the Oppressed" جو ترجمو "علم تدريس مظلومن لاءِ" (1984ع)
17. ڊاڪٽر جي. ايم. مهڪريءَ جي انگريزي لکڻين جو ترجمو "مهڪريءَ جا مضمون" (1978ع)
18. "ڳالهيون ڪتابن جون" (مهاڳ، مضمون ۽ ڪالم- ٽي جلد)
19. "سنڌ جو املهه هيرو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو" (سهيڙ 2006ع)
20. "اسان جي ٻولي ۽ اسان جي تعليم" (ترتيب 1985ع)
21. "هو جا ٽمڪي باهڙي" (ترجمو 1995ع)
22. "ادب ٻولي ۽ تعليم" (پاڳو پيو 1998ع)
23. "منهنجا بزرگ منهنجا ساٿي" (خاڪا 2019ع)

<u>English</u>





1. "Save Sindh, Save the Continent, From Fedual Lords. Capitalists and their Communalisms" (1946)
2. "The Sindhi People, A Nation in Chains" (1974). Translation of G.M Sayed's "سنڌو ديش، ڇو ۽ ڇا لاءِ"
3. Problems of language in West Pakistan.
4. "An Appeal to Teachers "
5. "What is Carriculium "
6. "National Unit "
7. "Sindhi Language". An Appeal for Juistice
8. Pakistan What becomes of it.
9. "Sorrows of Sindh."

## ڪيرت ٻاٻاڻي (1922ع- 2015ع)

هن جو پورو نالو ڪيرت چوئٿرام ٻاٻاڻي هو. سندس جنم ڀومي ڳوٺ موريو لاکو، تعلقي سڪرنڊ، ضلعي نواب شاهه ۾ آهي. هن اسڪولي تعليم ميٽرڪ تائين ولس اسڪول نواب شاهه، بيچلر ڊي.جي. ڪاليج ڪراچي ۽ قانون جي ڊگري شهاڻي لا ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. سنڌ اندر مزدوُر ۽ شاگرد جدوجهد سان گڏ انگريزن کان ملڪ جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڪانگريس جي اثر هيٺ حصو ورتائين. سنڌ ۾ ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي، حشو ڪيولراماڻي، جي.ايم.سيد، شيخ اياز، حيدر بخش جتوئي ۽ قاضي فيض محمد سان سندس تعلقات رهيا. هي بنيادي طرح ترقي پسند ۽ سنڌ دوست اديب ۽ دانشور هو. سنڌ ۾ رهڻ دوُران جديد ترقي پسند ادب ڪي اي.جي.اُتم، گوبند پنجابي ۽

گوبند مالهيءَ سان گڏجي همتايو. 'نئين دنيا' ڪتاب گهر ڪراچيءَ جو ان ڏس ۾ وڏو ڪردار هو. ڊي.جي. ڪاليج ۾ سندس ڪيترين ئي علمي ۽ ادبي سرگرميون رهيون. ٻين لفظن ۾ هو ڊي.جي. ڪاليج جي پيداوار آهي.(58) سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن مان ڪي هي آهن:

1. هوءَ (ڪهاڻيون) 1956ع
2. مالوا (مئڪسم گورڪيءَ جو ناول: ترجمو) 1958ع
3. ڪولي (ملڪ راج آنند جو ناول: ترجمو) 1960ع
4. جو درد دل ۾ سمائجي نہ سگهيو (ڪهاڻيون) 1966ع
5. سوريءَ سڏ ڪيو (ناٽڪ) 1972ع ع
6. ادب ۾ قدرن جو سوال (تنقيد) 1974ع
7. لينن: دنيا جي عظيم انقلابي شخصيت 1980ع
8. اوک ٻوک (تنقيد) 1981ع
9. جيڪي ڏٺو هو مون (روس جو سفرنامو) 1982ع
10. اڀول راڻي (لوڪ ڪهاڻيون) 1982ع
11. پيهي منجهہ پاتال (ادبي مضمون) 1985ع
12. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي (جائزو) 1986ع
13. امن جي افق ڏانهن (مضمون) 1987ع
14. نہ ليليٰ نہ مجنون (ڪهاڻيون) 1987ع
15. چونڊ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ترتيب) 1989ع
16. جيئي سنڌ سدا جيئي (ڪهاڻيون)





17. اوهان سڀ ننگا آهيو (ڪهاڻيون) 1993ع
18. ڪجهہ ٻڌايم ڪجهہ لڪايم (آتم ڪٿا: چار جلد) 1987ع
19. لکي ليا ڪاپائين (شاعري) 2000ع

**نرمل جيوتاڻي** (1921ع- 1944ع)

هُو پنهنجي شهر 'ترڙي محبت' کي "Hamlet of love" سڏيندو هو. هو پنهنجي دؤر جو بهترين شاعر ۽ ناول نگار هو. هڪ ناول "بينا"بہ لکيو هئائين. "بينا" ناول ۾ پيار جي شاديءَ جي موضوع کي چيٽيو ويو هو. شاعرانہ جذباتي زبان سبب هي هڪ بهترين ناول چئي سگهجي ٿو. سندس شاعريءَ جو مجموعو "زندگي" ۽ ٽئگور جي شاعريءَ جو ترجمو شايع ٿيل هئس.(59) سرٽاگتي بلڊنگ، ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ ۾ آرٽس ڪائونسل وانگر هو. عمارت ۾ ٽئگور آرٽس اسڪول ۽ نرمل جيوتاڻي پاران قائم ڪيل 'ڪلاڀاري' جيڪا 'ڊي.جي. ڪالج' ۾ قائم ڪئي وئي هئي، جنهن جو مقصد فن کي اڳتي وڌائڻ هو. آزاديءَ جي هلچل ۾ حصو وٺندي پوليس جي تشدد سبب ننڍيءَ عمر ۾ گذاري ويو.

**گوبند مالهي** (1921ع- 2001ع)

سنڌي ترقي پسند ادب جي بانيڪارن ۾ گوبند مالهيءَ جو نالو نمايان آهي. سندس جنم ٺاروشاهہ، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ٺارو شاهہ ۾ ئي

حاصل ڪيائين. ميٽرڪ 1939ع ۾ پاس ڪري ڪراچي ڊي.جي. ڪاليج ۾ پهتو. گوبند مالهي هڪ ئي وقت ناول، ڪهاڻي، ناٽڪ، ترجمي ۽ مضمون نويسي جي صنفن ۾ پاڻ موکيو.(60) سياست جي شروعات 1940ع کان، ڊي.جي. ڪاليج ۾ فيسن وڌائڻ جي خلاف  تحريڪ کان ڪيائين. سياسي سرگرمين جي دؤران 1942ع ۾ جيل ياترا به ڪيائين. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ پروفيسر گربخشاڻيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ اهڙن خيالن ۽ نظرين جي حامي شاگرد اديبن ۽ شاعرن هڪ جماعت جو بنياد وڌو، جنهن جو نالو 'سنڌي ادبي سرڪل' رکيو ويو. ان سرڪل جي سرگرمين ۾ گوبند مالهي حصو وٺندو هو. 1943ع ۾ 'نئين دنيا ڪتاب گهر' سان واسطو ٿيس ۽ انهيءَ جي طفيل ڪميونسٽ پارٽي ۾ شامل ٿيو. 'نئين دنيا ڪياب گهر' پاران برڪت علي آزاد، گوبند پنجابي ۽ ٻيا سنڌي ادب ۾ ترقي پسنديءَ جو جهنڊو کڻي اڳتي وڌيا.1947 ع ۾ 'نئين دنيا ڪتاب گهر' پاران 'نئين دنيا' جي نالي سان ماهوار رسالو شروع ٿيو، جنهن جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. 'نئين دنيا'ڪتاب گهر پاران، پهريون ترقي پسند ڪهاڻين جو مجموعو "ريگستاني ڦول" شايع ڪيو ويو، جنهن ۾ سوڀي گيانچنداڻي، گوبند پنجابي ۽ شيخ عبدالستار جون ڪهاڻيون شامل هيون. سنڌي ادبي سنگت قائم ڪرڻ ۾ سندس وڏو حصو هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جن ۾ ناول هي آهن:

| | |
|---|---|
| 1. للڪار (1954ع) | 2. عشق نه آهي راند |





| | |
|---|---|
| | (1955ع) |
| 3. ديسي سيڻ ڪجن (1956ع) | 4. چنچل نگاهون (1954ع) |
| 5. جي سوري ڀائين سيج | 6. جيون ساٿي (1953ع) |
| 7. شرم ٻوٽي (1956ع) | 8. لوڪ آهي ٻوڪ (1955ع) |
| 9. ساٿي (1946ع) | 10. ڦاسيءَ جي ڪوٺڙي (1946) |
| 11. چتر ليکا (1946ع) | 12. ماءُ (ترجمو 1952ع) |
| 13. آنسو (1952ع) | 14. زندگيءَ جي راهه تي (1953ع) |
| 15. من جو ميت (1954ع) | 16. پکيئڙا ولر کان وڇڙيا (1955ع) |
| 17. پهرين محبت | 18. ڏيهي پرڏيهي ٿيا |
| 19. پيار جي شڪست | 20. هڪ انسان سؤ طوفان |
| 21. پريتم ويو پرديس | 22. سمگلر |
| 23. سنڌوءَ جي ڪناري | 24. سونهن جا سوداگر |
| 25. پيار جي پياس | 26. تون، مان ۽ هوءَ |
| 27. مسوريءَ جي راڻي | 28. پاپي |
| 29. ڌرتي ماتا (ترجمو) | 30. نيتا (ترجمو) |

ڪهاڻين جي مجموعن ۾ پيار ۽ ٻيون يادگيريون (1984ع)، اها به آڪاڻي (1984ع)، ترويڻي شامل آهن ۽ آتم

ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ "ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون" (1978ع)، "سنڌڙي منهنجي جندڙي" (1988ع)، "تړواس ۽ آس" (1990ع)، "زندگي هڪ سفر" (1990ع)، "عجيب هي رشتا ناتا" (1991ع) "ادب ۽ اديب" (آتم ڪهاڻي، يادگيريون، پنج حصا 1987ع کان 1991ع) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

**خانچند درياڻي (1898ع- 1962ع)**

سنڌي ڊراما نويسيءَ جي عظيم ليکڪ، اداڪار، پهرين سنڌي فلم ڪمپنيءَ جو پايو وجهندڙ فلمساز، ڊراما نگار، خانچند شامداس درياڻيءَ حيدرآباد ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪري، ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان، بي.اي. جو امتحان پاس ڪيائين. ڪاليج جي ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ کي ورجائڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. ڪاليج مسلينيءَ ۾ ٻه سندس ڊراما شايع ٿيل آهن . هن جا سنسني خيز ناٽڪ ته تمام گهڻو مقبول ٿيا. خانچند درياڻي زرعي کاتي ۾ ملازم هو، جتان 43 سالن جي ڄمار ۾ استعيفا ڏئي، سنڌي سئنيما جي دنيا سان لاڳاپاجي ويو. سندس ڪوشش سان 1923ع ۾ حيدرآباد ۾ "رابندرناٿ لٽريري ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ" جو مهورت بنگال جي عظيم شاعر رابندرناٿ ٽئگور خود سنڌ ۾ اچي ڪيو هو.(61) خانچند درياڻيءَ جا 25 کن اصلوڪا ۽ ترجمو ڪيل ناٽڪ آهن، جن ۾ هن حقيقت نگاريءَ (Realism) جو رنگ ڀريو. هن پنهنجن ڪيترن ئي ڊرامن ۾ خود ٻه ڪردار طور ڪم ڪيو ۽ سندس ڊراما ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا ۽ انهن تي فلمون ٻه ٺهيون.





هن ڪلب جو پهريون بهترين ناٽڪ "ملڪ جا مدبر" جيڪو خانچند درياڻيءَ ابسن (Ibsen) جي مشهور ناٽڪ Pillars of Society تان ورتي، سنڌ مسلم زندگيءَ ۾ بيهاريو هو

**آغا تاج محمد خان (1904-1959ع)**

نامور تعليمدان، عالم ۽ اديب تاج محمد، تعلقي ۽ ضلعي سکر جي ڳوٺ 'باگڙجيءَ' ۾ ڄائو.1925ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪري ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتان 1925ع ۾ بي.اي جو امتحان پاس ڪيائين. تعليم کاتي ۾ انسپيڪٽر آف اسڪولس طور ٻه خدمتون ٻه ڏنائين. 1945ع ۾ ڪيس انگريز سرڪار 'خان صاحب' جو لقب ڏنو. 1948ع کان صوبائي اسڪائوٽ ڪمشنر رهيو. سنڌ يونيورسٽيءَ کي قائم ۽ سگهارو ڪندڙن ۾ آغا صاحب جو نالو هميشه ياد رهندو. آغا تاج محمد اديب، شاعر، ليکڪ، تعليمدان ۽ وڏو منتظم هو.(62) سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾"ٽئون سنڌي گرامر" (ٽي ڀاڱا، 1939ع)، "سوڪس" (1944ع) کان علاوه جاگرافي ۽ مضمونن جا ڪتاب شامل آهن. ادبي ڪتابن ۾ "چيدا سبق" 1947ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ ٻارن جي اخلاق جي حوالي سان مضمون ڏنل آهن. سندس ٻين ڪتابن ۾ "اخلاقي سبق" ۽ "نيڪ نصيحتون" (1950ع) پڻ شامل آهن. سندس سڀني ڪتابن ۾ ٻارن جي سکيا ۽ اخلاق تي زور ڏنل آهي.

**سيد غلام مصطفيٰ شاهه (1918ع- 1999ع)**

سيد غلام مصطفيٰ شاهه سنڌ جو ناميارو تعليمدان ۽ اسڪالر ٿي گذريو آهي. سندس تعلق سجاول، ٺٽي ضلعي سان هو. 1933ع ۾ سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيو. جتان 1937ع ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين. ساڳي سال ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخل ٿيو. جتان ٻن سالن ۾ انٽرميڊيئيٽ ڪري، مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه داخل ٿيو. هُو سنڌ جو نالي وارو علمي خدمتگار، اديب، رهنما ۽ دانشور هو. تعليم کاتي جو مرڪزي وزير به رهيو. سنڌ يونيورسٽي، ڄام شوري جي نامياري وائيس چانسلر طور به دفعا شاهه صاحب سنڌ جي تعليم جي مثالي خدمت ڪئي. سائين غلام مصطفيٰ شاهه هڪ ذميوار ۽ باشعور فرد جي حيثيت ۾ سنڌ ۾ سول سوسائٽيءَ جي قيام لاءِ حقيقي ۽ بنيادي ڪوششون ونڊڙن جي فهرست ۾ سدائين اڳڀرو نظر آيو.

"شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيغام کي عام ڪرڻ جي حوالي سان 1972ع ۾ نامور تعليمدان سيد غلام مصطفيٰ شاهه 'شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽيءَ' جو بنياد وڌو. هن اداري سنڌ جي سماجي، اقتصادي ۽ ادبي حالتن کي پيش نظر رکندي، وقت به وقت علمي ۽ ادبي ڪانفرنسون منعقد ڪرايون ۽ اهم ڪتاب/ ڪتابچا شايع ڪرڻ جو سلسلو 1975ع کان شروع ڪيو. هن اداري انگريزيءَ ۾ 'Sindh Quarterly' نالي سان هڪ رسالو 1982ع کان شروع ڪيو. جيڪو هڪ وڏي عرصي تائين جاري رهيو. هن اداري جو چيئرمين سيد غلام





مصطفيٰ شاهه ۽ سيڪريٽري نامور محقق ۽ اديب اياز قادري هو.(63)

سيد غلام مصطفيٰ شاهه سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ پڻ ڪيترائي ڪتاب لکيا. جن ۾ "سير و سفر" (سفرنامو، مرتب: احسان بدوي 1962ع)، "جاگرافي ضلعو لاڙڪاڻو" (1962ع) ،"عروج و زوال" ، "اميدن ڀريا بادل" (مضمون 1972ع)، "سنڌ جو مستقبل ۽ سنڌ جا تعليمي مسئلا" (مقالا 1970ع)،"سنڌي قائدو" (1972ع)، "جاگرافي ضلعو خيرپور" ،"استاد" (مقالو 1972ع)، "معاشرو ۽ تعليم" (مقالو 1974ع)، "شاهه لطيف جي ڪلام ۾ اسلامي قدر "،"تاريخ جا سبق" شامل آهن. جڏهن ته انگريزيءَ ۾ سندس هيٺيان ڪتاب شايع ٿيل آهن:

1. Towards Understanding the Muslims of Sindh (1943)
2. Legacy of Britain (1972)
3. British in the sub-Continent (1964)
4. A Principal's Papers (1960)
5. Water Requirement of Riverine Area of Sindh
6. Sindh Quarterly (Editor)
7. Political and Constitutional Survey of British Rule in India
8. Sindh then and Now
9. Bhutto — the Man and Martyr
10. Gen Zia — His Winged Death and aftermath
11. Jam -Man and his Politics

**جمال ابڑو (1924ع- 2004ع)**

جمال ابڙي ميهڙ شهر جي پرسان ڳوٺ سانگي، ديهه منگواڻي ۾ علي خان ابڙي جي گهر ۾ جنم ورتو. علي خان ابڙو پنهنجي وقت جو هڪ ناميارو تعليمدان، اديب ۽ ليکڪ ٿي گذريو آهي. جمال ابڙي سيڪنڊري تعليم ميونسپل هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۽ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪئي. جڏهن ته هن ڪاليج جي تعليم بهاءُ الدين ڪاليج جهونا ڳڙهه ۽ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. هن اين.اي.ڊي. (NED) انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتي، پر پوءِ انجنيئرنگ ڇڏي 'لا (Law) ' ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين. 1952ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري سول جج مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪندي مختلف عهدن تي ڪم ڪيائين.

شاگرديءَ جي زماني کان نوڪريءَ تائين، مختلف اديبن سان سندس دوستي رهي، جنهن ۾ شيخ اياز قابل ذڪر آهي. جمال ابڙي جو شمار سنڌيءَ جي نالي وارن ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "پشو پاشا" تمام گهڻو مشهور آهي. سندس آتم ڪٿا جا پنج جلد:" ڏسي ڏوهه اکين سين"،"اونهي ڳالهه اسرار جي"،" ٿوهر ۾ ڳاڙها گل"،"ايندو نه وري هي وڻجارو" ۽"مَر پيا مينهن وسن" شايع ٿيل آهن.

**بولچند وسو مل راجپال (1902ع- 1971ع)**

بولچند وسومل راجپال، 'ميان جي ڳوٺ' ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم به ميان جي ڳوٺ جي





پرائمري اسڪول مان ورتائين. اهڙيءَ طرح بولچند قدم وڌائيندي ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان سائنس ۾ گرئجوئيشن ڪري بي.ايس.سي جي ڊگري ورتي. ڊي.جي. ڪاليج ۾ رهي سياسي ۽ ادبي تحريڪن ۾ حصو ورتائين. 1931ع جي پڇاڙيءَ ڌاري شڪارپور ۾ 'سنڌو ساهت منڊل' قائم ٿيو. بولچند وسومل راجپال ان جو روح روان هو. جنوري 1932ع ۾ "سنڌوءَ" جو پهريون پرچو پڌرو ٿيو. اڳتي هلي رسالو شڪارپور مان نڪرڻ شروع ٿيو. سيپٽمبر 1939ع کان ماڌو داس شوالو مل ساڌس ايڊيٽرشپ ۾ شامل ٿيو.جنوري 1942ع کان ناميارو شاعر هري دلگير هن رسالي جي 'نظم' جي پاڳي جو سنڀاليندڙ ٿيو. بولچند، شڪارپور ۾'پهرين سنڌي ساهت سميلن' سڏائڻ جو سڏ ڏنو. پنهنجي انهيءَ خواب کي ساڀياوان بنائڻ لاءِ هُو سنڌ جي سڀني اديبن، شاعرن ۽ دانشورن سان رابطو قائم ڪندو رهيو ۽ ڪين سهڪار لاءِ گذارش ڪندو رهيو. سندس ڪوششن آخر رنگ لاتو ۽ 'پهرئين سنڌي ساهت سميلن' جي تاريخ مقرر ڪئي ويئي. هن سميلن ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن، ڪراچيءَ مان اچي وڏي پيماني تي شموليت ڪئي هئي.(64)

هن منڊل طرفان جاري ٿيندڙ "سنڌو" رسالي سنڌي زبان ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي. هي رسالو، جدت پسند اديبن جون ڪهاڻيون، ڊراما، مضمون، شاعري ۽ ٻيو مواد شايع ڪندو هو، جيڪو ان وقت جي حوالي سان انتهائي معياري ۽ لاجواب

هو. هن رسالي جي ادبي ڪردار تي پي.ايڇ. ڊي ٿي سگهي ٿي ۽ رسالي مان چونڊ ڪهاڻين، مضمونن، شاعري ۽ تنقيد جا ڪتاب ترتيب ڏئي سگهجن ٿا.

**منوهر داس ڪوڙومل (1897ع- 1984ع)**

منوهر داس نالي واري عالم ۽ اديب ڪوڙي مل ڪلناڻيءَ جو فرزند هو. سندس جنم شهر پريا، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. هو پاڻ به تمام وڏو عالم، اديب ۽ تعليمدان هو. ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي پاس ڪيائين. سڄي عمر لکڻ ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ گذاريائين. سندس ڪتابن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جن ۾ ”من جا مڻيا“ (1927ع)، ”اخلاقي ڪهاڻيون“ (1940ع) ۽ ”ملهائتا موتي“، ”پريم پرساد“ (1918ع)، ”اوير جون آکاڻيون“ (ترجمو)، ”سروجني“ (ترجمو)، ”سير جو سواد“، ”هند جو سير“، ”هاٽوڪي وديا جو انڌير“، ”صحت ۽ صفائيءَ جو اصول“، ”گانڌيءَ جا ويچار“، ”تاري نروڳ جيون“، ”هندو قوم ڪي چتاءُ“، ”ساهت جو سينگار“ ۽ ٻيا شامل آهن. ڊي.جي. ڪاليج ۾ تعليم دوران، سندس ڪيترائي انگريزي ۽ سنڌي مضمون ڪاليج مسلينيءَ ۾ شايع ٿيا. منوهرداس ڪوڙومل، علمي ۽ ادبي بحثن جو شوقين هوندو هو ۽ خاص طور تي رسالن ۾ لکي، اهڙن بحثن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو هو.

**هري دلگير درياڻي (1916ع- 2004ع)**

سنڌ ۽ هند جي پهرين صف جو ناميارو جديد شاعر، هري دلگير درياڻي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. سندس والد گرڌنو مل درياڻي،



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

فرسٽ ڪلاس ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو. گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان 1934ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين. بي.ايس سي ڪراچيءَ جي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مان ۽ بي. اِي (سول)، اين.اي.ڊي. مان 1941ع ۾، بمبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. 1942ع ۾ سرڪاري ملازمت ۾ داخل ٿيو. پهرين اوورسيئر ٿيو، پوءِ سب انجنيئر ۽ آخر ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر رهيو. ڪاليج جي زماني ۾، شيخ اياز، شيخ راز، سوڀي، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سان گڏ ترقي پسند ادبي تحريڪن ۾ رهيو. هري دلگير جو پهريون طبعزاد شعري مجموعو ”ڪوڏ“ 1941ع ۾ ڇپيو. سندس ٻيو شعري ڪتاب ”هرشچندر جيون ڪوتا“ 1942ع ۾ ڇپيو. هري دلگير 1946ع ۾ ٻارن جي رسالن ”گل ڦل“ ۽ ”گلستان“ جي شاعريءَ جي پاڱي جو ايڊيٽر پڻ رهيو.(65) سندس شاعريءَ جا ٻيا به ڪيترائي مجوعا شايع ٿيل آهن، جن مان ڪي هي آهن: ”موج ڪئي مهراڻ“ (1966ع)، ”پل پل جو پڙلاءُ“ (نظم) (1977ع)، ”امر گيت“ (گيتا، ڪوتا ۾) (1981ع)، ”رولو آواز“ (غزل) (1984ع)، ”گيت گلابي“ (ٻال گيت 1987ع)، ”جهنگلي گل“ (نثري نظم) (1988ع)، ”لهرن لک لباس“ (1993ع)، ”اڪيلو چنڊ“ (1998ع)، ”صبح جو سهاڳ“ (2001ع)، ”جيءَ جيءَ ڙي جيءَ“ (2001ع).

**نارايڻ شيام (1922ع- 1989ع)**

نارايڻ شيام ولد گوڪلداس ناگواڻي، ڳوٺ ڪاهي قاسم، نوشهري فيروز ضلعي ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ۽ پوءِ وڌيڪ تعليم بي.اي. 1942ع ۾ ڊي.جي. سنڌ سائنس ڪاليج، ڪراچي مان حاصل ڪيائين.

ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ’سنڌي ادبي سرڪل‘ جي بنياد وجهندڙن ۽ سرگرم ڪارڪنن مان هڪ هو. پهرين 46-1945ع ۾ نوشهري فيروز ۾ پرشن ٽيچر طور مقرر ٿيو ۽ ورهاڱي کان پوءِ دهلي پوسٽ ۽ ٽيليگراف کاتي جي آڊٽ آفيس ۾ ڪلارڪ طور ڀرتي ٿيو ۽ 1980ع ۾ هيڊ ڪلارڪ جي عهدي تان رٽائرڊ ڪيائين.“(66) نارائڻ جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو 1953ع ۾ هري دلگير جي شاعريءَ سان گڏ ”ماڪ ڦڙا“ جي نالي سان ڇپيو. ان کان پوءِ سندس شاعريءَ جا ٻيا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيل آهن. جن ۾: ”پنکڙيون“ (1955ع)، ”رنگ رتي لهر“ (1957ع)، ”روشن ڇانورو“ (1962ع، ”ماڪ پنا رابيل“ (1964ع)، ”واريءَ ڀريو پلاند“ (1968ع)، ”آڇيندي لڇ مران“ (1972ع)، ”مهڪي ويل صبح جي“ (1983ع)، ”نه سو رنگ، نه سا سرهاڻ“ (1987ع)، ”بوند لهرون ۽ سمنڊ“ (1978ع) ۽ ”ذات ۽ حيات“ (1988ع) وغيره اهم آهن.

**محمد اسماعيل عرساڻي (1906-1986ع)**

محمد اسماعيل عرساڻي ولد محمد هاشم ميمڻ جو جنم هالا نوان ۾ ٿيو. هن بحيثيت ڊرامانويس، ڪهاڻيڪار، شاعر، محقق، مضمون نگار ۽ ماهر تعليم طور پاڻ کي مڃرايو. 1929ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخل ٿيو ۽ 1931ع ۾ بي.اي. جو امتحان پاس ڪيائين. ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران مينارام هاسٽل ۾ رهندو هو. سندس آتم ڪٿا ” سڪر سي ٿي ڏينهن“ ۾ ٻه باب ڊي.جي. ڪاليج جي يادگيرين تي لکيل آهن.





1935ع ۾ ايڊيوڪيشنل سپروائيزر جي حيثيت ۾ ملازمت جو آغاز ڪيائين. ڪيس 6 فيبروري 1948ع تي پروموشن ڏئي ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر آف اسڪولس، ٿرپارڪر مقرر ڪيو ويو. ان بعد لاڙڪاڻي، حيدرآباد، ٺٽي، سڪرنڊ ۾ مختلف عهدن تي رهي، 16 سيپٽمبر 1966ع تي ڊپٽي ڊائريڪٽر آف اسڪولس حيدرآباد ريجن جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.

عرساڻي صاحب ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن مان سندس لکيل ڊرامي ”بدنصيب ٿري“ کي وڏي شهرت ملي، ان کان سواءِ ”سڪر سي ٿي ڏينهن“، (آتم ڪٿا، 1985ع)، ”سير ريگستان“ ، ”نقش عمل“ (1951)، ”خيال خاطر“ (1951ع)، ”سنڌي سڀاجهڙا“ (1953ع)، ”چار مقالا“ (تنقيد 1970ع) ۽ ”ٿياريون وٿون“ (1980ع) سندس بهترين تصنيفون آهن.

**پوڄراج هوتچند ناگراڻي (1906ع- 1988ع)**

پوڄراج هوتچند ناگراڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. 1926ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي. جو امتحان پاس ڪري، شڪارپور جي سرڪاري هاءِ اسڪول جو ماستر لڳو. بعد ۾ شڪارپور جي سي ائنڊ ايس ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. هي ديوان ڪوڙيمل چندن مل کلناڻيءَ کان پوءِ ٻيو اهم عالم هو، جنهن”ساميءَ جا سلوڪ“ ٽن ڀاڱن (1955ع) ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا هئا. جنهن ۾ هُن ساميءَ جي جيون ۽ سلوڪن تي تفصيلي مواد لکيو. ان کان سواءِ بي. ايچ ناگراڻيءَ جو هڪ ڪتاب ”برهمچريه“ به ڇپيل آهي، جيڪو پرنسيپل ڏرمداس سان گڏ تصنيف ڪيائين.

**تيرٿ گوبند سياڻي (1906ع- 1990ع)**

تيرٿ گوبند سياڻي مترجم ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو. ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪري، ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو. جتان بي.اي. جو امتحان پاس ڪيائين. تيرٿ سياڻي صحافت سان گڏ سياست ۾ به حصو ورتو. هنن ٻنهي ڀائرن تيرٿ ۽ ديو سياڻيءَ گڏجي ڪراچي شهر ۾ 1941ع ۾ ماهوار "آشا" رسالو جاري ڪيو ۽ 'آشا ساهت منڊل' به قائم ڪيائون. هن منڊل 1947ع تائين پنهنجو اشاعتي پروگرام جاري رکيو. 'آشا ساهت منڊل' جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ تمام گهڻو ڪردار آهي.(67) سنڌ ۾ 'آشا ساهت منڊل' جو بنياد ديو سياڻي ۽ سندس تيرٿ سياڻيءَ وڌو.

**ديو گوبند سياڻي(1911ع- 2000ع)**

ديو گوبند سياڻي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم لاڙڪاڻي مان وٺڻ بعد 1933ع ۾ ڪراچيءَ جي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مان بي. اي ڪيائين. جنهن بعد انشورنس جو ڌنڌو شروع ڪيائين. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ديو سياڻيءَ جي پنهنجي ڪتابن جو وچور هن ريت آهي: "منهنجي نورني" (ناٽڪ: 1933ع)، "بدلو" (ناول: ترجمو: 1941ع)، "چوڙين وارو" (ترتيب ڏنل ڪهاڻيون 1942ع)، "اڌڪار" (ناول: ترجمو: 1942ع)، "اڌورو پريم ۽ ٻيون آڪاڻيون" (ترتيب: 1942ع)، "سدا سهاڳڻ" (ناول: ترجمو: 1942ع)، "مڪتي" (ناول: ترجمو: 1943ع)، "چنگاري" (ناول: ترجمو:





1943ع)، "واپسي" (ناول: ترجمو: 1944ع)، "قسمت" (ناول: ترجمو: 1945ع)، "ڏڪار" (ناول: ترجمو: 1945ع)، "مولانا ابوالڪلام آزاد" (سوانح) ۽ "انقلابي" وغيره اهم آهن".(68)

**روشن آرا مغل (1924ع- 1955ع)**

روشن آرا مغل، شڪارپور شهر جي هڪ روشن خيال ڪٽنب ۾ پيدا ٿي. مشهور ليکڪ بادام ناتوان سندس ڀيڻ هئي. هن 1941ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. جنهن بعد شڪارپور ۾ اچي ڪاليج ۾ داخل ٿي ۽ سائنس جو مضمون ڪنيائين. سائنس جي پهرئين سال جي ساليانی امتحان ۾ ناپاس ٿي .ان ڪان پوءِ ڪراچيءَ ۾ اچي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿي. 1943ع ۾ فرسٽ ايئر (سائنس) جو امتحان پاس ڪري انٽر سائنس ۾ آئي.1947ع ۾ بي.ايس .سي پاس ڪري، بمبئي يونيورسٽيءَ جي سائنس گرئجوئيٽ بڻي. روشن آرا، ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي شاگرديءَ دوران سنڌي عورتن لاءِ 'ساٿي' نالي رسالو ڪڍندي هئي، جنهن ۾ سندس مٺڙ گيت ۽ حقيقت افروز مضمون ڇپبا هئا. هوءَ ڪاليج جي هر شغل ۾ حصو وٺندي هئي. بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي.ايس. سي. جي سند وٺڻ ڪان پوءِ، روشن آرا ڪراچي يونيورسٽيءَ مان 1952ع ۾ ايم.اي (سنڌي) ڪئي. 1948ع ڪان ڪراچيءَ ۾ گرلس اسڪولن جي اسسٽنٽ انسپيڪٽريس مقرر ٿي. آڪٽوبر1952ع ۾ پاڪستان سرڪار جي خرچ تي زرعي، تعليمي ۽ سماجي طريقن ۾ سکيا لاءِ آمريڪا وئي ۽ انهيءَ ڏس ۾ آمريڪا جي

عالمن سان لهه وچڙ ۾ اچي چڱو آزمودو پرايائين. ٻارن جي نفسيات (Child Psychology) جو اڀياس ڪري ڊپلوما حاصل ڪيائين. ڪيس آمريڪا سان گڏ جپان، هانگ ڪانگ، برما ۽ اوڀر پاڪستان (موجوده بنگلاديش)، سريلنڪا ڏسڻ جا به موقعا مليا.(69)

روشن آرا مغل هڪ سچي سنڌ دوست عورت هئي، سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ هن کي بي پناهه محبت هئي. ايل.ايل. بي ڪرڻ جي دوران سنڌ مسلم لا ڪاليج ۾ 'لطيف سوسائٽي' برپا ڪيائين، جنهن جي هوءَ پهرين سيڪريٽري هئي. وفات کان چند مهينا اڳ هن ڪاليج ۾ 'يوم لطيف' منعقد ڪرايو، جو ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ شايد ٿيو هجي. سندس وفات کان پوءِ، سندس ساٿين ماهوار رسالي "شاگرد" جو هڪ خاص پرچو 'روشن نمبر' ڪڍيو.

**مسز سي.بي. ميڊورا (12 فيبروري 1919ع)**

مسز ڪور بائي ميڊورا هڪ پارسي خاتون هئي، سندس جنم ڪراچيءَ ۾ ٿيو . هن ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان بي.ايس سي (آنرز) جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ ايم.ايس سي بمبئي يونيورسٽيءَ مان مائڪرو بائلاجيءَ ۾ حاصل ڪئي. هوءَ ڪاليج جي پرنسيپل جي. بي سنڌوا جي سڳي ڀيڻ هئي. ورهاڱي کان پوءِ هوءَ ڪراچيءَ ۾ رهي پئي ۽ 8 نومبر 1949ع تي ڪيس ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ليڪچرر مقرر ڪيو ويو. ڪاليج جي ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ ۽ ميگزين سوسائٽيءَ جي شروع





کان انچارج رهي. پاڻ به انگريزيءَ ۾ شاعري ڪندي هئي. 1958ع کان 1978ع تائين جيڪي به مخزن نڪتا، انهن جي انچارج رهي. سندس باري ۾ وڌيڪ معلومات نه ٿي ملي.

**ڊاڪٽر تنوير عباسي (1934ع-1999ع)**

سنڌ جي ناليواري عالم ، شاعر، محقق ، مترجم ، لطيفيات جي ماهر ۽ سچل شناس ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو اصل نالو نور نبي عباسي هو . هن ضلعي خيرپور جي هڪ ننڍڙي شهر سوڀي ديري ۾ گل حسن عباسيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. ميٽرڪ جو امتحان اين.جي.وي. هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. 1955ع ڌاري انٽر سائنس ڊي.جي. سنڌ گورنمينٽ ڪاليج ڪراچيءَ مان ۽ ايم.بي.بي.ايس. لياقت ميڊيڪل ڪاليج، ڄامشوري مان پاس ڪيائين. ڊاڪٽر تنوير عباسي شاگرديءَ واري زماني کان شاعري ڪندو هو. ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊي.جي. ڪاليج جي ادبي پيداوار آهي. ڊي.جي. ڪاليج واري زماني ۾ ادبي سنگت ملڻ ڪري، شاعري شروع ڪيائين. سندس مجموعن ۾ "رڳون ٿيون رباب" (1958ع)، "شعر" (1970ع)، "سج تريءَ هيٺان" (1977ع)، "هيءَ ڌرتي" (1985ع)، "ٻاراڻا ٻول" (شاعري، چونڊ ۽ ترتيب 1985ع)، شاهه لطيف جي شاعري (تحقيق و ترتيب) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

**عبداللطيف ڪوڪر**

عبداللطيف ڪوڪر جو جنم 1930ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿي آيو. نوڪريءَ جو گهڻو حصو ڊي.جي. ڪاليج

۾ رهيو ۽ ڪيس سمورا پروموشن بہ هتي ئي مليا. ڪاليج ۾ سنڌي شاگردن کي ادب ڏانهن مائل ڪرڻ ۾ سندس وڏو ڪردار هو. شروع کان ئي ڪاليج مخزن جي سنڌي سيڪشن جو انچارج رهيو . هُو هر سال اينڊڙ سنڌي شاگردن کي لکڻ لاءِ اتساهيندو رهندو هو. ان کان علاوه، راندين واري سيڪشن جو بہ انچارج هوندو هو. ”سندس ئي ڪوشش سان ڪاليج 40 دفعن مان 39 دفعا انٽر ڪاليجئيٽ جنرل چيمپيئن رهيو. سندس ئي ڪوشش سان ڪاليج جا ڪي شاگرد، اولمپڪ راندين ۽ ٽيسٽ ڪرڪيٽ تائين پهتا. 1990ع کان 1992ع تائين سنڌ اسپورٽس بورڊ جو ڊائريڪٽر رهيو. رٽائرمينٽ کان پوءِ 1993ع کان 1997ع تائين سنڌ اسپورٽس بورڊ جو ڪوآرڊينيٽر رهيو. ان کان پوءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر پڻ رهيو.“(70)

### ڊاڪٽر فهميده حسين (5 جولاءِ 1948ع)

نامور ليکڪا، اسڪالر ۽ محقق ڊاڪٽر فهميده حسين، ٽنڊي ڄام ضلعي حيدرآباد ۾ پنهنجي وقت جي مثالي استاد محمد يعقوب ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. 1968ع ڌاري، ڊي.جي. ڪاليج ۾ پڙهي. ان سلسلي ۾ پاڻ ئي لکيو اٿائين تہ، ”ڪاليج جي تعليم مون ڪراچيءَ ۾ ورتي. سنڌ جي پراڻي ڪاليج ڊي.جي. سائنس ڪاليج مان بي.ايس سي. ڪيم. پوءِ وري ايم.اي. انگريزيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيم. اتان ئي بي ايم.اي سنڌيءَ ۾ ڪيم. ٻنهي ۾ يونيورسٽيءَ مان ٻي پوزيشن ڪنيم.(71)ڊاڪٽر صاحبہ ”شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾





عورت جو روپ‘ عنوان هيٺ 1992ع ۾ پي.ايچ.ڊي ڪئي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. 1968ع واري زماني ۾ ’ڊي.جي. سنڌ ڪاليج سنڌي سوشل ورڪ‘ نالي هڪ تنظيم قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ هوءَ بہ ميمبر هئي. سندس پهرين ڪهاڻي ’پاڇا ۽ پڙلاءُ‘ 1968ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مئگزين ۾ شايع ٿي هئي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن مان ڪي هي آهن:

| | |
|---|---|
| 1. ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ (تنقيد 2002ع) | 2. شاهہ لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ (1993ع) |
| 3. شاهہ لطيف کي شاعري ۾ عورت ڪا روپ (1996ع) | 4. پير حسام الدين راشدي (سوانح: 1990ع) |
| 5. هوائن جي آڌار تي (سفرنامو، 1983ع) | 6. هڪ هوا ڪيئي (ڪهاڻيون 2003ع ) |
| 7. دنيا جون شاعر عورتون (ترجمو، 2006ع) | 8. آئيي سنڌهي سيکهين (اردو)2011ع |
| 9. اسان جو شاهہ لطيف (ٻارن لاءِ 5 جلد) | 10. شاهہ ۽ سنڌ (مرتب، جلد پهريون 1997ع<br>11. شاهہ ۽ سنڌ (مرتب، جلد ٻيو 1998ع |
| 12. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (زندگي، شاعري ۽ فلسفو: اردو) 2008ع | 13. اديون آءُ اڻ ڄاڻ (لطيفيات 2012ع) |

| | |
|---|---|
| 14. ڪلاسيڪل شاعرن جي لغت (چيف ايڊيٽر، 1989ع) | 15. سنڌ: حال ماضي مستقبل (مرتب 2006ع) |
| 16. تعليم ۾ ٻوليءَ جو جبر (زبيده مصطفيٰ جي ڪتاب جو ترجمو، 2017ع) | 17. آٺوان آدمي (سراج ميمڻ جي ڪهاڻين جو ترجمو 2017ع) |
| 18. برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو (جارج گريئرسن جي ڪتاب "Linguistic Survey of India" جي اٺين جلد جو ترجمو) 2000ع | 19. برصغير ڪي زبانون ڪا جائزه (اردو 2020ع) |
| 20. سسي نيزي پنڌ (ايلس فيض جي "Over My Shoulder" جو ترجمو، 2013ع) | 21. سنڌو لڪت ايڪويهين صديءَ ۾ (ترجمو، 2012ع) |
| 22. سنڌي ٻوليءَ جو لساني پهلو (مضمون 2012ع) | 23. سنڌيءَ جي سڪيا (ديوناگري) 2011ع |

**ڪي.ايس. ناگپال (15 اپريل 1951ع)**

پروفيسر ڪنيا لال ايس ناگپال جو جنم شهداد ڪوٽ ۾ ٿيو. پاڻ انگريزي ادب جي شاگرد ۽ استاد هجڻ سان گڏ وڏي ڄاڻ جو مالڪ پڻ آهي. ناگپال صاحب جو وڏو موضوع روحانيت ۽ صوفي ازم آهي. ناگپال صاحب سنڌي، اردو، انگريزي زبانن ۾ لکيو آهي. هو شاعر به آهي، "جيون تاڻُ تتيءَ جو" سندس شاعريءَ جو مجموعو آهي. روحاني ادب ۾





سندس ڪتاب شايع ٿيل آهي. پروفيسر ناگپال، 1996ع کان 2007ع تائين ڊي.جي. ڪاليج ۾ انگريزي شعبي جو پروفيسر رهيو. بعد ۾ لياري ڪاليج ۾ سندس مقرري بحيثيت پرنسيپل جي ٿي. هن ڊي.جي. ڪاليج ۾ رهڻ دوران مختلف جاين تي ليڪچر ڏنا ۽ تقريرون ڪيون. سندس ڪتاب A Hand Book of English شاگردن لاءِ ڏاڍو فائديمند ثابت ٿيو آهي. تحقيق ۽ تنقيد جي سلسلي ۾ امر جليل بابت "امر جليل فن اور شخصيت" (2009) لکيل اٿس. سندس ڪتاب "پنهنجو پاڻ سڃاڻ" (2013ع) ۽ "ڪهڙي منجهه حساب" شايع ٿيل آهن.

**راز شر (1 جنوري 1966ع)**

علي راز شر جو جنم تعلقي ناري ضلعي خيرپور جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ 'حاجي غلام شر' ۾ ٿيو. راز شر جي ادبي سڃاڻپ گهڻ رخي آهي. هو ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس، مضمون نگار، محقق، مترجم ۽ نقاد آهي. هن وقت پرنسيپل جي حيثيت ۾ ڪراچيءَ جي هڪ ڪاليج ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. راز شر ڪيترائي سال ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ ڪهاڻين جو مجموعو "ڳئلري مان ڪريل وجود" (2002ع)، "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري" (تنقيد، 1994ع)، "انساني تهذيب جي ارتقا" (ترجمو، 2003ع) ۽ "جنرل سنڌي" (تحقيق، 2003ع) شامل آهن. ان کان علاوه، مختلف

تي.وي چينلن تان سنڌس ڪيترائي ڊراما بہ ٽيليڪاسٽ ٿيل آهن.

**مختيار احمد ملاح (1 جون 1973ع)**

راقم الحروف مختيار احمد ولد امير بخش ملاح جو جنم ڳوٺ اگڙا، تعلقي گمبٽ، ضلعي خيرپور ۾ ٿيو. سنڌس باقاعدي علمي ۽ ادبي ڪمن جي شروعات آشا ڀواني ڪاليج ڪان شروع ٿي، جڏهن هن 2000ع ۾ ڪاليج جو مخزن ترتيب ۽ ايڊٽ ڪري شايع ڪرايو. پاڻ 2002ع ڪان 2005ع تائين، ڊي.جي. ڪاليج ۾ انگلش ليڪچرر رهيو. ان عرصي دؤران، سنڌس لکيل فرسٽ ايئر، سيڪنڊ ايئر ۽ گريجوئيش ليول جي انگريزيءَ جون گائيڊون شايع ٿيون ۽ سي.ايس. ايس ۽ پي. سي. ايس جي امتحانن لاءِ لکيل انگريزي نصابي ڪتاب شايع ٿيا. هن عرصي ۾ مختيار ملاح، سنڌي ادب جي تحقيق جي سلسلي تي ڌيان ڏنو ۽ هن وقت تائين سنڌي ادب جي مختلف شعبن تي سنڌس 40 ڪان مٿي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

**حوالا:**

1. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ناول جي مختصر تاريخ“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2012ع،ص 90



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

2. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“ ، نيو ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 339
3. ڊاڪٽر بدر اجن:”سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاري“، سنڌي ريڊرس فورم، 1999ع، ص 386
4. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“ ، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 339
5. جي. ايم. سيد: ”جنب گذاريم جن سين“،سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو،2004ع
6. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي،2066ع، ص 876
7. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ”سچڻ کي سلام“، سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم،حيدرآباد، 2005ع
8. لطف الله بدويءَ جو ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب ڏي لکيل هڪ خط تان ورتل، جيڪو ماهوار ”نئين زندگي“ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيو هو.
9. M. U. Abassi: "The Colourful Personalities of Sind", Published by the Abbassi Publications, Saddar, Karachi. 1944, p. 51
10. موتيرام ايس. راماڻي: ”سنڌ ۽ اسان جو ورثو“ (جلد ٻيو)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص. 194

11. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد ڇھون، ضميمو)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع، ص 501
12. مختيار احمد ملاح:"مغربي سنڌ شناس" ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، 2013ع، 398
13. مختيار احمد ملاح: "ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 227
14. ساڳيو حوالو، ص 224
15. انسائيڪلوپيڊيا- سنڌيانا (جلد چوٿون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع، ص 231
16. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 342
17. مختيار احمد ملاح: "ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 315
18. پيرومل مھرچند آڏواڻي: "سنڌ جي ھندن جي تاريخ" ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1996ع، ص 217
19. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو" ، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 340





20. پيرومل مھرچند آڏواڻي: "سنڌي ھندن جي تاريخ" ، روشنی پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1996ع، ص 197
21. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلی: "لالچند امر ڏنومل زندگی ۽ شخصيت"، ساھتيہ اڪيڊمي، نئين دھلي، 1985ع، ص 31، 31
22. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد چوٿون)،سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد،2012ع، ص 264
23. مختيار احمد ملاح: "ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 81
24. موتيرام ايس. راماڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو" (جلد ٻيو)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص 202
25. مختيار احمد ملاح: "ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 104
26. غلام محمد لاکو: "ڊاڪٽر ھرومل سدارنگاڻي"، رسالو "مھراڻ"، نمبر 1-2، سال 1999ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
27. موتيرام ايس راماڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو" (جلد ٻيو)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص. 196
28. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد پھريون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع، ص 33

29. مختيار احمد ملاح: "ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار"، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 69

30. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو" ، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 874

31. ساڳيو حوالو، ص 329

32. K.D. Shahni: " Who's Who in Sind", the Shahni publishing House, Karachi,1944, 136

33. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد چوٿون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع، ص 231

34. مختيار احمد ملاح: " سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ " ، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2012ع، ص 183

35. ساڳيو حوالو، ص 327

36. موتيرام ايس رامواڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو" (جلد پهريون)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص 202

37. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ناول جي مختصر تاريخ"، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، 2012ع، ص 98

38. موتيرام ايس رامواڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو" (جلد پهريون)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص 221







39. Who is Who and Why in Karachi, 1938, p. 25

40. موتيرام ايس. رامواڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو" (جلد پهريون)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص 206

41. ساڳيو حوالو، ص 86

42. K.D. Shahni: " Who's Who in Sind", The Shahni publishing House, Karachi,1944, 166

43. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو" ، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 545

44. ساڳيو حوالو، ص 520

45. ساڳيو حوالو، ص 330

46. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ"، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، 2015ع،ص 136

47. ساڳيو حوالو، ص 160

48. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو" ، نيو ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 873

49. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ناول جي مختصر تاريخ"، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، 2012ع،ص 106، 107

50. انسائيڪلوپيڊيا- سنڌيانا (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد،2011ع، ص 158

51. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“ ، نيو ڪانياواڙ بوڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 547
52. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، 2015ع، ص 153
53. شيخ اياز : ”ساهيوال جيل جي ڊائري“، ثقافت کاتو سنڌ: 2010ع، حڪومت سنڌ ڪراچي، ص. 427، 428
54. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، 2015ع، ص 166
55. ڊاڪٽر بدر ڌامراهو :”سنڌي ادبي جماعتون ۽ اشاعتي ادارا“ (اڻ ڇپيل)
56. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2015ع،ص 168
57. محمد ابراهيم جويو: ”سندم سات ڏٽي، سائين جي.ايم.سيد“، ٽماهي ”مهراڻ“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 3-2014/4ع
58. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، 2015ع،ص 540، 541





59. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ناول جي مختصر تاريخ“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، 2012ع،ص 126
60. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ“، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي، 2015ع،ص 161
61. مختيار احمد ملاح: ” سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ “ ، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2012ع، ص 168
62. ڊاڪٽر غلام علي الانا: ”سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1974ع، ص 23
63. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا ، (جلد اٺون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ، 2013ع، ص 325
64. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو: ”سنڌو- آڳاٽو مشهور ادبي رسالو“. (مقالو)، ٽماهي ”مهراڻ“ ڄام شورو، 1994ع
65. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“، نيو ڪانياواڙ بڪ اسٽور، ڪراچي، 2006ع، ص 388
66. ساڳيو حوالو، ص 379
67. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: ”ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب ۽ علم ۾ حصو“ (پي.ايڇ.ڊي ٿيسز قلمي، ص 474

68. مختيار احمد ملاح: ”ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار“، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 305

69. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد ڇهون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع، ص 315

70. Anwar Zuberi: "The professors who took Karachi Sports to great heights", Daily dawn, 21 May, 2020

71. ڊاڪٽر فهميده حسين سان ڳالهه ٻولهه، ”سرتيون“ رسالو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 6/ 2006ع






## ڊي.جي. ڪاليج جا استاد، عالم ۽ اديب



ڊاڪٽر ايچ.ايم. گربخشاڻي




ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي



عبدالمجيد دريشاڻي



پروفيسر ايم.ايم مرزا



پروفيسر لالسنگهه اجواڻي



ڊاڪٽر ڊيائرٽ

.سي.ڪي.ميدورا     عبداللطيف ڪوڪر





### ڊي.جي. ڪاليج جو سنڌي سماج تي اثر ۽ ڪي مشهور شاگرد

انگريزن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ جيڪو سياسي ۽ فڪري شعور وڌيو ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ترقي ٿي، ان ۾ ڊي.جي ڪاليج جو وڏو ڪردار رهيو آهي. انهيءَ زماني ۾ جيڪي بہ سياستدان ٿيا، انهن مان اڪثر ڊي.جي. ڪاليج ۾ پڙهيا هئا. ڊي.جي. ڪاليج جي برپا ٿيڻ سان هاير ايجوڪيشن (ثانوي تعليم) ۾ آساني پيدا ٿي. پوري سنڌ مان ٻار ڪراچيءَ اچي تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. اڳتي هلي، استادن ۽ شاگردن جي رهائش لاءِ ميٺارام هاسٽل جو پڻ بندوبست ڪيو ويو. سنڌ جو پهريون ڪاليج هئڻ ڪري سنڌ ۾ گهڻي ۾ گهڻا شاگرد هن ئي ڪاليج جي پيداوار آهن، جن اڳتي هلي وڏو نالو ڪمايو. انهن سڀني جا نالا لکڻ لاءِ هڪ الڳ ڪتاب گهرجي.

حقيقت ۾ سنڌ جي مسلمانن کي يا تہ هن ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم رکيو ويو يا هُنن ڪاليج جي اعليٰ تعليم مان پاڻ ئي فائدو نہ ورتو. اگر جيڪي پڙهيا، تہ اهي ميٽرڪ سنڌ مدرسي مان ڪري علي ڳڙهہ ۽ هندستان جي ٻين شهرن ڏانهن ويندا هئا. مسلمانن جو هڪڙو طبقو اهڙو بہ هو، جيڪو انگريزن جي تعليم کان نفرت ڪندو هو ۽ ڪين ڪافرن جو علم سڏيندو هو. جتي جديد تعليم جي روشني پهتي، اتي سنڌ جي وچولي طبقي پڻ ترقيءَ جون منزلون طي ڪيون.

**ڇوڪرين جي تعليم ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو ڪردار**

مشهور چوٽي آهي ته جنهن گهر ۾ ماءُ پڙهيل هوندي، اتي پورو ڪٽنب پڙهيل نڪرندو. اڻويهين صديءَ ۾ سنڌ ۾ تعليم پنهنجي قديم روايتن مان نڪري جديديت طرف وڌي رهي هئي. سنڌ جو معاشرو گهڻو ڪري ڳوٺاڻو هو ۽ زراعت تي ٻڌل هو. ان ماحول ۾ جتي ڇوڪرن جي تعليم ترقي ڪري نه سگهي هئي، اتي ڇوڪرين جي تعليم پڻ هڪ وڏو مسئلو هو. انگريزن کان اڳ، سنڌ ۾ ننڍيون ڇوڪريون گهرن ۾ ملياڻين کان سيپاري ۽ قرآن شريف جو سبق وٺنديون هيون. مسلمان عورتن ۾ پردي جي تمام گهڻي سختي هوندي هئي. جڏهن ته هندو ڇوڪريون پڻ گهرن ۾ گرمکيءَ ۾ محدود قسم جي تعليم حاصل ڪري سگهنديون هيون. 1853ع کان پوءِ سنڌ ۾ اسڪولن جو بنياد پوڻ شروع ٿي ويو، مگر ڇوڪرين جي تعليم جو مسئلو برقرار رهيو. البته ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ جيڪي مشنري ۽ خانگي اسڪول قائم ٿيا هئا، انهن ۾ يورپي ۽ اندو يورپي ڇوڪريون تعليم حاصل ڪنديون هيون.(1)

اڳتي هلي، سرڪاري سطح تي ۽ ذاتي ڪوشش سان ڇوڪرين جي تعليم جو سلسلو جاري ٿيو. پر اهو پرائمري تعليم تائين محدود هو. ان دؤر جي خاص طور تي هندو پڙهيل ڪٽنبن پنهنجي ڇوڪرين کي اڳتي آندو. هيرانند آڏواڻيءَ جي نگرانيءَ هيٺ 1891ع ۾ تلڪ چاڙهيءَ تي چرچ جي پرسان ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار وومين قائم ڪيو ويو. ان اسڪول جو باني ديوان نولراءِ شوقيرام هو.





جيئن جيئن تعليم جي روشني ڦهلجندي وئي، تيئن تيئن ڇوڪرين جي تعليم لاءِ ماحول پڻ سازگار ٿيندو ويو. 20 صديءَ ۾ ڇوڪرين جي تعليم لاءِ ڪافي اسڪول کلي چڪا هئا، پر ڪاليجي تعليم جي لحاظ کان ڇوڪرين جي تعليم بلڪل ڪانه هئي. 1887ع کان 1917ع تائين ڪابه سنڌي ڇوڪري ڪاليج تائين نه پهتي هئي. 1918ع کان 1922ع تائين، پنجن سالن واري دؤر تائين صرف هڪ هندو ڇوڪري ڪاليج تائين پهتي. مس هنت متلدا. ڪاليج جي پهرين عورت شاگرد هئي، جنهن 1892ع ۾ بي.اي. ۽ 1893ع ۾ ايم.اي. جا امتحان پاس ڪيا. ڪاليج جي فيلو هئي. ڪاليج ۾ پڙهائيندي هئي. موتيرام ايس.راموٽيءَ لکيو آهي ته ”ڪراچي ڪاليج ۾، پهرين سنڌي ليڊي اسٽوڊنٽ، جنهن ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئي، سا هئي، مس رکي صاحبسنگهه شهاڻي. هُوءَ پرنسيپل ايس. سي. شهاڻيءَ جي سپتري (ڌيءُ) هئي. هن 1920ع ۾ بي.اي. جو امتحان پاس ڪيو ۽ پهرين سنڌي ليڊي گريجوئيٽ ٻڻجڻ جو شرف حاصل ڪيو. ڪاليج ۾ هوءَ ’فيلو‘ پڻ هئي. شاديءَ کان پوءِ هوءَ گدواڻي (مسز) رکي سجهرام نالي سان ٿي.(2)

ٻي ڇوڪريءَ جنهن گريجوئيٽ ڪئي، سا هئي مس رڪمڻي هاسارام ڇبلاڻي. هن 1926ع ۾ بي.اي. جو امتحان پاس ڪيو. 1927ع ۾ مس جمنا صاحبسنگهه شهاڻي ڊگري حاصل ڪئي. 1928ع ۾ پرنسيپل ايس.سي. شهاڻيءَ جي

هيءَ نياڻيءَ ايل.ايل.بي جو امتحان پاس ڪري پهرين ليڊي ايڊوڪيٽ (وڪيل) بڻي.1927ع ۾ مس سرسوتي چوهڙمل ۽ مس سرسوتي شهاڻيءَ گريجويشن ڪئي. 1928ع ۾ مس پاروتي اچلسنگهه آڏواڻي بي.اي. جو امتحان پاس ڪيو.

ان دؤران، سنڌ جي هندو ڪميونٽيءَ ۾ ڇوڪرين جي تعليم جي اهميت بابت ڪافي سجاڳي اچي چڪي هئي. ان وقت جن جن ڇوڪرين تعليم حاصل ڪئي، انهن نه صرف معاشري ۾ تبديلي آندي، پر سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ انهن جو وڏيون خدمتون آهن. ڊاڪٽر قاسم راڄپر لکي ٿو ته ”پرنسيپال ايس. سي. شهاڻي مکيه ماڻهو هو. جنهن هڪ تعليمي ماهر جي حيثيت ۾ سنڌ ۾ ڇوڪرين جي تعليم جي کوٽ کي محسوس ڪيو. 1921ع تائين سنڌ ۾ فقط 7 ڇوڪريون اعليٰ تعليم حاصل ڪري چڪيون هيون. 1922ع ۾ اهو تعداد 12 تي پهتو. پرنسيپال شهاڻيءَ جي همٿائڻ سبب سندس رٽائرمينٽ (1927ع) وقت ڪاليج ۾ ڇوڪرين جو تعداد 39 تي پهچي ويو. شهاڻي صاحب پنهنجي نياڻين، پوٽين ۽ ڏوهٽين کي به ڪاليج ۾ داخل ڪرائي مثال قائم ڪيو. هن ذاتي ڪوششون وني جيٺي سپاهيملاڻيءَ کي ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخل ڪرايو، جنهن اڳتي هلي سنڌ جي سياست ۾ بهرو ورتو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي پهرين عورت ڊپٽي اسپيڪر ٿي. ورهاڱي کان پوءِ هوءَ هندستان ۾ به اعليٰ پائي جي سياستدان ليکي وئي“.(3)



دي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

جنوري 1929ع ۾ مس ٺاڪري وليرام لڪاڻي بي.اي. پاس ڪري گريجوئيٽ بڻي. هوءَ ڪندنمل گرلس هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر بڻي. 1930ع ۾ ايم.اي. پاس ڪري ٽريننگ ڪاليج فار وومين ۾ آئي. 1934ع ۾ ايڊنبرگ مان ’ڊپلوما ان ايجوڪيشن‘، حاصل ڪري، ٽريننگ ڪاليج فار وومين جي سپرنٽينڊنٽ بڻي. هن ٻارن جي تعليم ۽ ادب ۾ به ڪافي حصو ورتو.

مس ديوي آنندرام شهاڻيءَ جو جنم 6 اپريل 1912ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم انڊين گرلس هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. 1929ع ۾ ميٽرڪ، 1935ع ۾ بي.اي. ۽ 1938ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ايم.اي مان ڪيائين. بعد ۾ 1940ع ۾ بمبئيءَ مان بي.ٽي. به ڪيائين ۽ ڪراچيءَ جي ’ڪنيا مهاوديالا اسڪول‘ جي هيڊ ماسترياڻي مقرر ٿي. هڪ ڪامياب هيڊ ماسترياڻي طور سڄي سنڌ ۾ مشهور هئي“.

مس سرلا بائي جڳومل نرسين برهمو ڪميونٽيءَ سان تعلق رکندڙ تعليمدان ۽ اديبه هئي. هوءَ ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿي ۽ ڊي.جي ڪاليج مان تعليم حاصل ڪيائين. سندس ايم.اي. جو مونوگراف ’حيدرآباد جي عاملن‘ تي لکيل هو. هن سکر ۾ پارسي اسڪول جي هيڊ مسٽريس طور ڪم ڪيو.(4) هوءَ 1960ع واري ڏهاڪي ۾ نيو دهليءَ ۾ منسٽري آف

سائينٽيفڪ ريسرچ ۽ ڪلچرل افيئرس ۾ تعليم جي صلاحڪار هئي. ورهاڱي کان اڳ، هوءَ ڪراچيءَ ۾ ماما پارسي اسڪول جي پرنسيپل بہ رهي چڪي هئي ۽ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي ميمبر هئي. سندس هيٺيان بہ آرٽيڪل جرنل ۾ شايع ٿيا:

1. Historical Development of Education in Sind.
2. Historical and Racial background of Amils of Hyderabad (Sind).

سندس ڀيڻ مس لاچي جگومل نرسين پڻ ڊي.جي. ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي. 1927ع ۾ حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج فار وومين جي ليڊي سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿي. ساڳي دؤر ۾ مس دولي لالواڻيءَ بي.اي. جو امتحان پاس ڪيو. مس سرلا نرسين 1933ع ۾ ايم.اي ڪري سکر جي پريميشوري گرلس هاءِ اسڪول جي هيڊ ماسترياڻي بڻي .

ميڊم آر.ڪي. ڪرسٽي ڏيءُ ڪيشو لڇمڻ، جنهن جي پي.ايڇ.ڊي بابت "ڊيلي گزيٽ" ۾ خبر شايع ٿي. سنڌ جي پهرين عورت هئي، جنهن سائنس جي سبجيڪٽ ۾ پي.ايڇ.ڊي ڪئي. هوءَ ڊي.جي. ڪاليج مان تعليم حاصل ڪري، لنڊن مان سال 1934ع ۾ پي.ايڇ. ڊي ڪري آئي ۽ لاهور جي چوڪرين واري ڪاليج ۾ پروفيسر طور خدمتون ڏيڻي لڳي.(5)
سندس ٿيسز جو موضوع هو: Action of Bacteria on the Corrosion of anctals





اهڙيءَ طرح، مختلف سالن ۾ ڪيترين چوڪرين، هن ڪاليج مان بي.اي ۽ ايم.اي جون ڊگريون حاصل ڪيون. هنن سنڌي ادب ۾ بهترين شعر ۽ ڪهاڻيون لکيون.

1936ع ۾ پهرين مسلمان چوڪري اختر سلطانہ ڏي هدايت داخل ٿي، جيڪا بعد ۾ ڪراچيءَ جي تاريخ تي لکيل اردو ڪتاب "عروس البلاد ڪراچي" جي ليکڪ سيد عارف شاهہ گيلانيءَ جي گهرواري ٿي. جنهن 1940ع ۾ بي. اي آنرز ۾ پوريءَ سنڌ مان پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. انهيءَ چوڪريءَ کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ بمبئيءَ مان سنڌ جي چوڪرين ۾ پهرئين ايم.اي. (M.A) پاس ڪندڙ چوڪري اها هئي.(6)

مسلمان عورتن ۾ روشن آرا مغل جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو. هوءَ ڊي.جي. ڪاليج جي شاگرداڻي هئي. گيت جي حوالي سان "روشن آرا مغل" سيني کان ممتاز آهي. سندس تعلق شڪارپور سان هو. هن ڊي.جي. ڪاليج مان بي.ايس.سي. جي ڊگري حاصل ڪئي هئي. ڊي.جي. ڪاليج ۾ جيڪي بہ شاگرداڻيون پڙهيون، انهن سيني ۾ ادبي طور سرگرم رهي. سندس مشهور گيت هيٺيون آهي:

رت آئي.
مکڙي ڇا کان شرمائي؟
ڪرڻا آيا
هرجا ڇايا
چمي چمي گل چشمن ڇايا.

ڏسندي هيءَ ڇو گھبرائي؟
مکڙي ڇاڪان شرمائي؟
رت آئي.
پونئرن ڳايو
پل ۾ بانو
ڪنول ڪنول ۾ نازڪ ناتو
هيءُ ڇو تنهن تي مرجهائي؟

**تعليم جي کيتر ۾ نالو ڪمائيندڙ شخصيتون**

هن ڪاليج کان اڳ، مقامي ماڻهن کي ننڍيون نوڪريون ڏنيون وينديون هيون. مثال طور جاگير ۽ فوجداري ڪاتن ۾ منشي مقرر ٿيندا هئا، جيڪي ترقي ڪري مختيارڪاريءَ تي رٽائرڊ ٿيندا هئا. تعليم ڪاتي ۾ استاد ڀرتي ڪيا ويندا هئا، جيڪي هيڊ ماستر يا وري اسسٽنٽ اسڪول انسپيڪٽر جي عهدي تي نوڪري پوري ڪندا هئا. وڏيون نوڪريون فقط انگريزن کي يا هندستان جي ٻين رياستن مان گھرايل عملدارن کي ڏنيون وينديون هيون. تعليم جي ڦهلاءَ سان مقامي ماڻهن کي پهريون ننڍيون نوڪريون ملنديون هيون، پوءِ آهستي آهستي ڪاموراشاهيءَ ۾ به موقعو ملڻ لڳو. هن ڪاليج جي معرفت، انجنيئرنگ، آرٽس، ڪامرس، لا، ايگريڪلچر ۽ سائنس جا شعبا قائم ٿيا. جن سان سياسي ۽ فڪري شعور وڌيو ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ترقي ٿي. هن ڪاليج تاريخ جا وڏا مفڪر، عالم، اديب، سياستدان، سائنسدان، ڊاڪٽر، وڪيل،





آءِ.سي. ايس. آفيسر، واپاري ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل ٻيا ماڻهو پيدا ڪيا. سنڌ ۾ شاگرد سياست جو پايو به ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ پيو. ورهاڱي کان ڪجھ سال اڳ وران سالن ۾ ته ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي شاگرد سياست جي ناماچاري سڄي هندستان تائين پکڙيل هئي. شاگرد سياست سان گڏ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جو ٻيو ڪارنامو ڪراچيءَ ۾ پورهيت سياست لاءِ بنيادي جدوجهد ڪرڻ آهي. ڪراچيءَ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن جي حقن لاءِ گھڻي ڀاڱي جدوجهد ميٺارام هاسٽل ۽ ان جي ڀرپاسي ۾ رهندڙ شاگردن ڪئي. پورهيت اڳواڻن جي گھڻائي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج، اين.اي.ڊي. ۽ شهاڻي لاڪاليج جي شاگردن جي هئي.

هن ڪاليج جو شاگرد صاحب سنگھ چندا سنگھ، پهريون سنڌي هو، جيڪو هن ئي ڪاليج جو پرنسيپل بڻيو. هن ڪاليج جو ٻيو شاگرد بولچند ڏيارام، جنهن کي سرڪار ’راءِ بهادر‘ جو لقب به ڏنو هو. سو ڏيارام ڄيٺمل جو پٽ هئو. هو ’اين.ايڇ.اڪيڊمي‘ جو پرنسيپل ۽ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو صدر به ٿي رهيو. عبدالمجيد دريشاڻي، پهريون سنڌي مسلمان هو. جيڪو هتان ايم.اي جو امتحان پاس ڪري جهونا ڳڙهه جي محبت مدرسي جو پرنسيپل بڻيو. نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هن بنيادي تعليم پهريائين حيدرآباد ۽ پوءِ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. هو نولراءِ هيرانند اڪيڊمي، حيدرآباد ۾ انگريزيءَ جو

استاد هو. سندس شمار انگريز دؤر جي نالي وارن اديبن ۽ مترجمن ۾ ٿئي ٿو. پروفيسر هيرا لال سريچند ڀاروائيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو . 1926ع ۾ ڊي.جي ڪاليج ڪراچيءَ مان بي.اي. انگريزي ادب ۾ امتيازي نمبرن ۾ پاس ڪري اسڪالرشپ حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن ۾ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان انگريزي ادب ۾ ايم.اي. ڪري واپس وريو ۽ ڊي.جي. نيشنل ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. هڪ دفعو ٻيهر لنڊن روانو ٿيو ۽ بار ائٽ لا جو امتحان پاس ڪري آيو ۽ وڪالت شروع ڪيائين. پر 1938ع ۾ کيس ڪاليج جو پرنسيپال مقرر ڪيو ويو. پروفيسر ايچ. آر بائيجا پٽنا ۾، پروفيسر آر.سي. موٽوائيءَ بمبئيءَ ۾، پروفيسر ايم.اين تولاڻي بينڪر ۾، پروفيسر ٽي. ايچ. آڏواڻي امرتسر ۾، پروفيسر ايم.ايس شهاڻي دهليءَ ۾، پرنسيپل پي. پي شهاڻي جوڌپور ۾، پروفيسر آر.ايل عالمچنداڻي ڏرواڙ ۾، پروفيسر ايم. جي ٺاڪر سورت ۾، پروفيسر اين.ڪي. ڀوجواڻيءَ امرتسر ۾، پروفيسر ڪي.آر ڪرپلاڻي شانتي نڪيتن ۾، پرفيسر اي. سي گيلاڻي ڏرواڙ ۾ ۽ پروفيسر وي.ڊي ٺانوي بمبئيءَ ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون.

علمي ڪيتر جو ڦهلاءُ ڪندڙ ڪوهنور، انڊلٽي گوناگون انوکي شخصيت خوشيرام ڪندناڻيءَ ڪراچيءَ جي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ فرسٽ ايئر تائين پنهنجي تعليم حاصل ڪئي ۽ ان کان پوءِ ممبئي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ باقي تعليم حاصل





ڪئي. هيءَ صاحب سنڌ جي پهرين شخصيت آهي، جن کي ايم.ايس.سي. فزڪس جي ڊگري ملي. حيدرآباد جي ڏيا رام گدو مل ڪاليج ۾ ليڪچرر شپ جو عهدو نصيب ٿيو ۽ پنهنجي قابليت سبب ٿوري ئي وقت ۾ هن کي پرنسيپل جو عهدو مليو.

**انڊين سول سروس ۾ شموليت ڪندڙ شخصيتون**

سنڌ جي تاريخ جو پهريون آءِ سي. ايس تاراچند تلسيداس سوڌا هو. هو ڊي.جي ڪاليج ۾ ليڪچرر هو. هن آءِسي. ايس جو امتحان پاس ڪيو، پر نوڪري وٺي نه سگهيو. ان سلسلي ۾ موتيرام ايس.راموائيءَ لکيو آهي ته، "تاراچند تلسيداس سوڌا 1894ع ۾ بي.ايس.سي. جو امتحان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. هي روشن دما غ هو. بمبئي يونيورسٽيءَ مان گلڪراسيٽ اسڪالر ڪٿيائين. ڪراچي ڪاليج مان وائسراءِ ميډل ۽ ايڊلجي ڊنشا پرائيز حاصل ڪيائين. تاراچند تلسيداس سوڌا، ڪراچي ڪاليج جو پهريون وديارٿي هو، جو انگلينڊ ۾ آءِسي.ايس. امتحان لاءِ ويو. امتحان پاس ڪيائين، پر کيس آءِسي.ايس ۾ ڪنيو نه ويو. انهيءَ سبب، سخت نااميد ۽ نراس ٿي پيو. کيس 'ڪالونيل سروس' ۾ ٿي ڪنيائون، جا هن قبول نه ڪئي ۽ استعيفا ڏيئي ڇڏيائين."(7)

**هيرانند خوشيرام ڪرپلاڻي (1889ع- 1953ع)**

ڪرپلاڻي خاندان جي ٽن ڀائرن آءِسي.ايس جو امتحان پاس ڪري، رڪارڊ قائم ڪيو. هُو ٽئي ڄڻا ڊي.جي. ڪاليج ۾

پڙهيا هئا. هنن بابت، پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ لکيو آهي ته،
”ديوان ڪئڙ مل جي پوٽي ديوان خوشيرام سترامداس کي پنج پٽ ڏرمداس، هيرانند، حشمتراءِ ، سنتداس ۽ موتيرام آهن. انهن مان مسٽر هيرانند، مسٽر سنتداس ۽ مسٽر موتيرام ٽئي آءِ سي. ايس آهن . هڪڙي گهر مان ٽي پائر آءِ.سي.ايس. ٽيڻ اهڙو مثال سڄي هندستان مان مشڪل سان ملندو“.(8)

هنن پائرن ۾ هيرانند ولد خوشيرام ڪرپلاڻي ءَ شروعاتي تعليم اين. ايچ. اڪيڊميءَ مان ۽ وڌيڪ تعليم ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. مسٽر ڪرپلاڻي، 1907ع ۾ بي.اي. جو امتحان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيو ۽ ايم.اي 1908ع ۾ ۽ 1910ع ۾ آءِ.سي.ايس جو امتحان پاس ڪري 1912ع ۾ هندستان واپس آيو. 1926ع ۾ بمبئيءَ پريزيڊنسيءَ ۾ ڪليڪٽر مقرر ٿيو. ان کان پوءِ، مختلف کاتن جو سيڪريٽري پڻ رهيو. انتهائي قابل آفيسر هو. 1936ع ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ ڪيو ويو ته ڪيس سنڌ جو پهريون چيف سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

## سنتداس خوشيرام ڪرپلاڻي (1906ع- 1983ع)

شروعاتي تعليم حيدرآباد مان ۽ 1919ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي. جو امتحان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪري. آءِ.سي.ايس جي امتحان ۾ ويٺو ۽ آءِ.سي.ايس بنيو. نوڪريءَ کان پوءِ هن جي پهرين مقرري لائل پور ( فيصل آباد) ۾





سيٽلمينٽ آفيسر طور ٿي هئي. آزاديءَ کان پوءِ هند هليو ويو جتي مختلف ملڪن جو سفير ٿيو.(9) هن پنهنجي ۽ وڏي پاءُ جي بيروڪريسيءَ ۽ پنهنجي ڪٽنب جي حوالي سان آتم ڪهاڻي ”Fifty years with the British“ جي نالي سان جيڪو ڪتاب لکيو، اهو 1993ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ هن برطانوي حڪومت ۾ بحيثيت ڪاموري جي پنهنجي تجربن ۽ ملڪي حڪمت عملين جا تجربا ونديا آهن.

## موتيرام خوشيرام ڪرپلاڻي

موتيرام خوشيرام ڪرپلاڻي، هيرانند ڪرپلاڻيءَ جو پيو ننڍو پاءُ هو، سندس تعلق حيدرآباد جي عامل گهراڻي سان هو، جتي 15 آگسٽ 1901ع تي پيدا ٿيو. 1925ع ۾ شروعاتي تعليم اين. ايچ. اڪيڊمي مان ۽ وڌيڪ تعليم ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان تعليم حاصل ڪيائين .بمبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي هئائين.25 آڪٽوبر 1926ع تي آءِ.سي.ايس. جو امتحان پاس ڪري هندستان واپس آيو.

## نيڻومل پوهومل ٿڌاڻي

نيڻومل پوهومل ٿڌاڻيءَ آءِ.سي.ايس. جو امتحان پاس ڪري آءِ.سي.ايس. آفيسر مقرر ٿيو. نيڻومل پوهومل ٿڌاڻيءَ 1911ع ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مان بي.اي. جو امتحان پاس ڪيو ۽ ڪاليج ۾ تعليمي سرگرمين کان علاوه غير نصابي

سرگرمين ۽ لکڻ پڙهڻ جي ڪمن ۾ اڳيرو هوندو هو. سنڌ ۾ ڪيترن ئي فلاحي ڪمن کي به وقت ڏيندو هو.(10)

## ايڇ. بي. شوداساڻي

"هاسومل بهرمل شوداساڻي، 1911ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي. جي امتحان ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ نمبر آيو . شوداساڻيءَ ڪئمبرج يونيورسٽيءَ مان ايم.اي. جو امتحان پاس ڪيو هو . هو صاحب بمبئي ميونسپل ڪارپوريشن جو آفيسر پڻ ٿي رهيو. هن 1920ع ۾ 'عدم تعاون واري تحريڪ' ۽ 'خلافت تحريڪ ' ۾ جڏهن گانڌيءَ اعلان ڪيو ته سرڪاري عهدن تان استعيفائون ڏيو. ته شوداساڻي، سورت ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽري جي عهدي تان استعيفا ڏئي آيو".(11) هن ڪاموراشاهيءَ کي الوداع ڪري، ملڪي سياست ۾ حصو ورتو. سندس آءِ.سي.ايس. واري ڪامورڪي نوڪري ڇڏڻ وارو عمل ان دؤر ۾ هڪ انوکو مثال هو.

## حشتمراءِ خوبچند چئناڻي (1904ع- 1965ع)

حشتمراءِ خوبچند چئناڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هن شروعاتي تعليم حيدرآباد مان ۽ پوءِ ڊي.جي. ڪاليج مان حاصل ڪئي. 1925ع ۾ هن ڪئمبرج جي مئگڊائين ڪاليج مان نيچرل سائنس ۾ ڊگري حاصل ڪئي. 1927ع ۾ آءِ.سي.ايس. جو امتحان پاس ڪري هو ڏيهه واپس آيو . شروعات ۾ سندس مقرريون شولار پور، تاسڪ ، ڊوليا، پونا ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر طور ٿيون. 1962ع ۾ چئناڻيءَ کي مهاشاسترا



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

اسٽيٽ جو قائم مقام گورنر به مقرر ڪيو ويو هو. رٽائرمينٽ کان اڳ، هو بمبئي هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس رهيو.(12)

## ڪيولرام لالچند پنجابي

ڪيولرام لالچند پنجابيءَ جو تعلق شڪارپور ضلعي سان هو. شروعاتي تعليم سينٽ پيٽرڪ اسڪول ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. 1916ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان بي.اي. جو امتحان پاس ڪيائين.(13) 1929ع ۾ آءِ.سي.ايس. آفيسر ٿيڻ کان پوءِ بمبئي پريزيڊينسيءَ ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽين جو رجسٽرار ٿيو. آزاديءَ کان پوءِ، سندس خاندان هندستان لڏي ويو ۽ سرڪاري خدمتون جاري رکيائين. هو آفيسر هئڻ سان گڏوگڏ ليکڪ به هو.

## هيرانند روپچند شيوداساڻي (1904ع-1949ع)

هيرانند ولد روپچند شيوداساڻيءَ جو جنم ڪراچيءَ ۾ ٿيو. سندس والد روپچند بيلارام شيوداساڻي ان وقت سنڌ جو ايڊيشنل جوڊيشل ڪمشنر هو. هيرانند شيوداساڻيءَ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان 1925ع ۾ بي.اي. جو امتحان پاس ڪيو ۽ پوءِ 1928ع ۾ آءِ.سي.ايس. آفيسر بڻيو. ورهاڱي وقت هو رليف ۽ ريهيبليٽيشن کاتي جو چيف ڪمشنر هو.

## يو .ايم. ميرچنداڻي (1896ع- 1978ع)

اڌارام مٽيرام ميرچنداڻي آءِ.سي.ايس جو جنم حيدرآباد ۾ عامل گهراڻي ۾ ٿيو. اڌارام مٽيرام پنهنجي تعليم سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول، ڪراچي، ڊي.جي. ڪاليج ڪراچي ، لنڊن

ڪاليج آف اڪنامڪس ۽ ٽرينٽي ڪاليج آڪسفورڊ ، انگلينڊ مان حاصل ڪئي. 14 ڊسمبر 1921ع آءِسي.ايس آفيسر مقرر ٿيو. هن ڪيترن ئي سماجي سرگرمين ۾ حصو ورتو. جهڙوڪ سکر ۾ گراهم دائي ٽريننگ اسڪول، ليڊيز پارڪ جي تعمير ۾ ۽ حيدرآباد ۾ ناري شالا جي تعمير شامل آهي.سکر شهر ۾ ، ديوان اُڌارام جو يادگار طور لڳايل 'گهنٽا گهر' اڄ به موجود آهي.(14)

**اي.جي . اين قاضي (1919ع- 2016ع)**

آفتاب غلام نبي قاضي، ٻيو مسلمان سنڌي هو، جنهن آءِسي.ايس جو امتحان پاس ڪيو . سنڌ جو اعليٰ سول سروس جو ڪامورو پاٽ شريف ۾ ڄائو. شروعاتي تعليم مدرسہ اسڪول نوشهري فيروز مان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ اين.جي.وي. اسڪول مان ميٽرڪ ڪيائين ۽ سيني مسلمان شاگردن ۾ سنڌس پهرين پوزيشن هئي. ان کان پوءِ ڊي.جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان امتيازي حيثيت سان بي.ايس.سي. جي ڊگري حاصل ڪيائين. جنوري 1943ع ۾ انڊين سول سروس (آءِسي.ايس) جي مقابلي ۾ شريڪ ٿيو ۽ اعزاز سان ڪامياب ٿيو. ڪيس بهار اڙيسا سول سروس ۾ چونڊيو ويو.(15) پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هو مختلف عهدن تي رهيو. 1969ع ۾ سيڪريٽري خزانہ مقرر ٿيو ۽ 1979ع ۾ ڪيس اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جو گورنر مقرر ڪيو ويو.(16)

**هيرانند ٽيڪچند ساڌواڻي (1917ع- 2013ع)**





هيرانند ٽيڪچند ساڌواڻي، ڊي.جي. ڪاليج مان تعليم ورتي، 1945ع ۾ آءِسي. ايس جو امتحان پاس ڪيو ۽ اهم سرڪاري عهدن تي رهي ڪم ڪيائين. سندس ڪيترائي ڪتاب، جهڙوڪ: (The Golden Rose Way)، نوري گرنٿ (انگريزي ترجمو)، نوري (200 گيت) ڇپيل آهن. هڪ دفعي ڊي.جي. ڪاليج ۾ ليڪچر دؤران چيو هئائين تہ، ”اوهان مان سيني کي گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ سان چاهہ رکو ۽ ڪاليج مان نڪرڻ کان پوءِ پنهنجي مادري ٻوليءَ جو مايو وڌايو ۽ مرزا قليچ بيگ جي پيروي ڪريو، جنهن پنهنجي سرڪاري نوڪريءَ جي وچ ۾ ٿي سؤ کان بہ وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن، جن مان ڪي تہ هميشہ ياد رهندا ايندا.

**وشنو لکيمل گدواڻي**

وشنو لکيمل گدواڻيءَ جو جنم 4 فيبروري 1914ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. اين.جي.وي. هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ ڪيائين. 1931ع ۾ ڪاليج جي فرسٽ ييئر سرٽيفڪيٽ امتحان ۾ فرسٽ ڪلاس آيو. 1932ع ۾ انٽر آرٽس فرسٽ ڪلاس ۾ آيو. 1934ع ۾ گريجوئيشن ۽ 1936ع ۾ ماسٽر جي ڊگري ورتائين. 1937ع ۾ آءِسي.ايس جو امتحان پاس ڪيائين ۽ هندستان جي مختلف شهرن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. علم ۽ ادب سان بہ لڳاءَ هيس. سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ شاعري بہ ڪيائين.(17)

**ڪي ٻيون شخصيتون**

ٻين شخصيتن ۾ خوشيرام جو جنم 24 مارچ 1926ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو هو. ڪراچيءَ جي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مان بي.ايس.سي پاس ڪري ڪراچي ايئرو ڪلب ۾ شموليت ڪيائين. گڏوگڏ ڪپهه جي ڌنڌي جي سکيا به ورتائين.

هڪ ٻي شخصيت، جنهن اپريل 1943ع ۾ انڊين ايئر فورس ۾ قابل فلائنگ آفيسر جو درجو حاصل ڪيو هو، ۽ جنهن پنهنجي هوابازيءَ جي شروعات ڪراچي ايئرو ڪلب کان ڪئي هئي، انهيءَ شخصيت جو نالو گهنشام چيتانند ٿهلراماڻي آهي، جيڪو ڪراچيءَ جو رهندڙ هو. ٿهلراماڻي جڏهن 1937ع کان 1939ع تائين ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو، ته انهيءَ وچ ۾ پڙهائيءَ دؤران هِن 1937ع ۾ ڪراچي ايئرو ڪلب ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي ۽ هوابازيءَ جو لائسنس حاصل ڪيو هو.(18)

## سياست جي دنيا ۾ نالو ڪمائيندڙ شخصيتون

سياست ۽ وڪالت جي دنيا جون بيشمار شخصيتون هتان تعليم حاصل ڪري، تعليم جي فراغت کان پوءِ سياست ۾ شامل ٿيون، جن پنهنجي لاءِ ۽ ملڪ لاءِ نالو ڪمايو. انهن ۾ گوبندرام پي. مکي، هيمداس واڌواڻي، دلامل دولترام، ٿهلرام بصرمل اسواڻي، ڪشن واڌومل گوڪلاڻي، هيرانند ڪرمچند، رام پوحراج موٽواڻي، پيرزادو عبدالستار، مير بنده علي ٽالپر، قاضي فضل الله، جئرامداس دولترام، غلام علي چاگلا به قابل ذڪر



ڊي.جي.ڪاليج ڪراچيءَ جون تعليمي ۽ ادبي سرگرميون

آهن. بيشمار پارسي بزنس ڪميونٽيءَ جا فرد هن ڪاليج جا فارغ التحصيل آهن. انهن مان صرف چند هتي ڏجن ٿا:

## سر غلام حسين هدايت الله (1878ع- 1948ع)

سنڌ جي نامياري سياستدان ۽ پهرئين گورنر سر غلام حسين هدايت الله، شڪارپور شهر ۾ جنم ورتو. ميٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسي مان پاس ڪري، پوءِ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مان گريجوئيشن جو امتحان پاس ڪيائين .ان کان پوءِ هن ڪراچي لا ڪاليج مان قانون جي ڊگري ورتي. پهريان وڪالت ۾، پوءِ سياست ۾ پير رکيائين.1921ع ڌاري بمبئي حڪومت ۾ لوڪل سيلف گورنمينٽ کاتي جو وزير مقرر ٿيو .بمبئي سرڪار طرفان 1930ع واري گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ڪيس موڪليو ويو، جتي هن سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جي فائدي ۾ پُرزور تقرير ڪئي.(19) 1936ع ۾ سنڌ جي صوبائي حيثيت بحال ٿيڻ کان پوءِ 24 اپريل 1937ع کان 23 مارچ 1938ع تائين وزير اعليٰ بڻيو. 1947ع ۾ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ سر غلام حسين هدايت الله سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ٿيو.

## پوچ سنگهه پهلاجاڻي (ديهانت 16 فيبروري 1938ع)

پوچ سنگهه پهلاجاڻي سکر ۾ وڪيل هو. هن جي تعليم ڊي.جي.سنڌ ڪاليج مان ٿي هئي. هو بمبئي ڪائونسل جو ميمبر به رهيو. سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ بعد، هو سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ پوءِ اسپيڪر چونڊيو ويو.

انگريزن کان نندي ڪنڊ جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ به زور شور سان حصو ورتو هئائين. اُن کان اڳ 1911ع کان 1914ع تائين سکر ميونسپالٽيءَ جو صدر رهيو. ان کان پوءِ پنهنجيءَ قابليت آهر 1924ع کان 1928ع تائين ٻيهر به ميونسپالٽي سکر جو صدر چونڊيو ويو. نهايت ايماندار ۽ جان نثار ورڪر هو.(20)

**محمد هاشم گزدر (1893ع-1968ع)**

مشهور سياسي اڳواڻ محمد هاشم گزدر جو جنم ڪراچيءَ ۾ ٿيو. ميٽرڪ سنڌ مدرسي مان ڪري، ڊي.جي ڪاليج مان 1911ع ۾ انٽرميڊيئيٽ ڪري، پوني جي انجنيئرنگ ڪاليج مان 1916ع ۾ ڊگري حاصل ڪيائين. سنڌ جي بمبئي کان جدائيءَ بعد گهڻا سياسي عهدا ماڻيائين: ڪراچيءَ جو ميئر، سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر، سنڌ جو وزير، مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ آئين ساز مجلس جو نائب صدر وغيره رهيو.

**ڄيٺي سپاهيملاڻي (1906ع- 1978ع)**

سنڌ جي نامور سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ڪُماري ڄيٺي سپاهيملاڻيءَ، حيدرآباد (سنڌ) جي سپاهيملاڻي خاندان ۾ تلسيداس سپاهيملاڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو، جيڪو ملٽري سروس ۾ ليفٽيننٽ هو. هن ابتدائي تعليم حيدرآباد سنڌ ۾ حاصل ڪئي. 1920ع ۾ جڏهن سندس خاندان ڪراچيءَ لڏي ويو، ته اندين هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان ميٽرڪ پاس ڪري،





ڊي.جي. سائنس ڪاليج مان بي. اي ڪيائين. ڄيٺي سپاهيملاڻيءَ اسڪول توڙي ڪاليج جي شاگرد تحريڪ ۾ نمايان حصو ورتو. ابتدا کان وٺي ڪانگريس جي حامي رهي. مختلف سياسي تحريڪن ۾ حصو ورتائين ۽ جيل به ڪاٽيائين. سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاد ٿيڻ کان پوءِ سنڌ اسيمبليءَ جي جنرل تڪ جي چونڊن ۾، عورتن طرفان ڪانگريس جي ٽڪيٽ تي اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آئي، جتي ڪيس ڪجهه وقت بعد 1938ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر چونڊيو ويو. اهڙيءَ ريت هوءَ سنڌ اسيمبليءَ جي پهرين عورت ڊپٽي اسپيڪر بڻي ۽ اُن عهدي تي 6 سيپٽمبر 1946ع تائين رهي. ڄيٺي سپاهيملاڻي، 1948ع تي ڪراچيءَ جي وگوڙن کان پوءِ بمبئيءَ لڏي وئي، جتي 1952ع کان 1962ع تائين پهريائين بمبئي ليجسليٽِو ڪائونسل ۽ پوءِ مهاراشٽرا ڪائونسل جي ڊپٽي چيئرپرسن رهي.(21)

**محمد ايوب کهڙو (1901ع- 1980ع)**

سنڌ جو سياستدان محمد ايوب کهڙو لاڙڪاڻي جي ڳوٺ 'عاقل' ۾ ڄائو. ميٽرڪ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ مان ڪيائين، جنهن کان پوءِ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. والد جي وفات کان پوءِ سياست ۾ حصو ورتائين. 1923ع ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو رڪن مقرر ٿيو. 1936ع ۾ سنڌ، بمبئي پرڳڻي کان آزاد ٿي، ته محمد ايوب کهڙو1937ع جي چونڊن کان پوءِ سنڌ ۾ ٺهندڙ وزارتن ۾

شامل رهيو. قيام پاڪستان کان پوءِ غلام حسين هدايت الله سنڌ جو پهريون گورنر ۽ محمد ايوب کهڙو پهريون وزيراعليٰ ٿيو. ٻنهي ۾ اختلافن پيدا ٿيڻ کان پوءِ گورنر کيس برطرف ڪري ڇڏيو ۽ پروڊا ائڪٽ هيٺ کيس سياست مان بيدخل ڪيو ويو. ڪجهه عرصي کان پوءِ وري سنڌ جو وزيراعليٰ رهيو. 1970ع کان پوءِ سياست کان ڪناره ڪش ٿي ويو.(22) محمد ايوب کهڙي جو ڪتاب "Sufferings of Sindh" سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم دستاويز آهي. محترمه حميده کهڙو، محمد ايوب کهڙي جي سياسي زندگيءَ تي انگريزيءَ ۾ ٻن جلدن تي مشتمل ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو "ايوب کهڙي جي سياسي زندگي" جي نالي سان ڇپجي چڪو آهي.

**درگداس بي .آڏواڻي (1880ع- 1967ع)**

ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي اڳوڻي ميئر، سياسي، سماجي ۽ واپاري اڳواڻ درگداس ولد پوچراج مل آڏواڻيءَ جو تعلق حيدرآباد سان هو. مشهور اديب ديوان ڪيولرام آڏواڻي، سندس ڏاڏو هو. ڊي.جي. ڪاليج مان انٽر ڪري، ڪاليج جي انجنيئرنگ ونگ ۾ داخل ٿيو. 1901ع ۾ PWD کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. پر پوءِ نوڪري ڇڏي، آرڪيٽيڪٽ بڻيو ۽ ڪانگريس جي پليٽ فارم تان سياست ۾ حصو ورتائين. 1924ع کان 1926ع تائين ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. هي 4 مئي 1937ع تي ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو بنا مقابلي ميئر بہ چونڊيو ۽ 4 مئي 1938ع تائين ان جو صدر





رهيو. ورهاڱي بعد ديوان درگداس 1948ع ڌاري هندستان وڃي اُتي رهائش اختيار ڪئي ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.(23)

**خانبهادر جمشيد نسروانجي مهتا (1886ع- 1952ع)**

خانبهادر جمشيد مهتا ڪراچيءَ جي پارسي خاندان جو فرزند هو. سندس والد ڪراچيءَ جو تمام وڏو واپاري هو. شروعاتي تعليم پارسي اسڪول مان حاصل ڪري، 1900ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخل ٿيو. جمشيد نسروانجي شاهوڪار هجڻ باوجود سادي حياتي گذاري. سڄي زندگي شادي نہ ڪيائين. سندس سياسي زندگيءَ جي شروعات، سال 1913ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جي اٺاويهين اجلاس سان ٿي ۽ ڪافي شهرت حاصل ڪيائين. ٿياسافسٽ اڳي ئي هو، ان ڪري ڊاڪٽر ايني بيسنٽ سان ملاقات ٿيڻ بعد 1919ع ۾ جڏهن ڊاڪٽر ايني بيسنٽ 'هوم رول ليگ' ناهي، تڏهن هي ان ۾ داخل ٿيو ۽ 1917ع جي آخر ۾ ڪراچي شهر جي 'هوم رول ليگ' جو صدر بہ چونڊجي ويو. 1922ع کان 1933ع تائين ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو چيئرمين رهيو. سنڌي ٻولي، ادب ۽ سنڌ جي جوڙجڪ ۽ سياست ۾ سندس تمام وڏو ڪردار آهي. سندس ڪوشش سان ٿياسافيڪل هال ۽ لائبريري قائم ٿي. 'هوم رول' طرفان 1928ع ۾ ماهوار "ستاره" رسالو جاري ٿيو، جنهن جو چيئرمين پاڻ هو.(24)

**هوشنگ نادر شاهه ايدلجي ڊنشا (1884-1904ع)**

هي پارسي برادريءَ جي ڊنشا پاڙي مان. هڪ شاهوڪار واپاري خاندان مان هو. ثانوي تعليم نارائڻ جگنناٿ (اين. جي. وي) هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ ورتائين، ۽ 1905ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان گريجوئيشن جي ڊگري حاصل ڪيائين. 1908ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊيو. جنهن تي 1936ع تائين هلندو آيو. هن ۽ سندس ڀائرن، پيءُ جي يادگار قائم رکڻ لاءِ، ڪراچيءَ ۾ انجنيئرنگ ڪاليج کولڻ ۾ وڏو عطيو ڏنو. جنهن ڪري ان تي نادر شاهه ايدلجي ڊنشا (اين. اي. ڊي) انجنيئرنگ ڪاليج نالو رکيو ويو. اهو ڪاليج 1922ع ۾ قائم ٿيو. اهڙيءَ طرح ميونسپالٽيءَ کي عطيو ڏنئي، لارينس روڊ تي نادر شاهه ايدلجي اسپتال کولارايائون. ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ به گهڻو عطيو ڏنائون. ڪراچيءَ جي اڪثر خيراتي ڪمن ۾ هنن ڪشاده دليءَ سان چندو پئي ڏنو. نه رڳو تعليم، صحت ۽ سماجي خدمتن جي ادارن ۾ سندن سخاوت ڪم ايندي رهي، بلڪ ڪيترين سياسي جماعتن کي به هنن جي مدد پهچندي رهي آهي.(25)

### ڊوسا ڀائي فرامجي ڪارڪا ( 1911ع- 1974ع)

ڊوسا ڀائي فرامجي ڪارڪا جو جنم بمبئيءَ ۾ ٿيو، پر پوءِ سندس فيملي ڪراچي لڏي آئي. هن پنهنجي تعليم هن ڪاليج مان حاصل ڪئي. 1929ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج مان بي.اي جو امتحان پاس ڪري، آڪسفورڊ مان قانون جي ڊگري حاصل ڪيائين. هو پهريون هندستاني هو، جنهن کي آڪسفورڊ





يونيورسٽيءَ ۾ يونين جو صدر چونڊيو ويو هو. هن صحافت ۽ ادب ۾ نالو ڪمايو. سندس ڪتاب ”The Pulse of Oxford ۽ Oh ! You English“ مشهور ٿيا.(26)

### هيرانند کيولرام واسواڻي

هيرانند کيولرام واسواڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. نولراءِ هيرانند اڪيڊمي حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪري، ڪراچيءَ جي ڊي.جي. ڪاليج ۾ داخل ٿيو. پنهنجي دؤر جو انتهائي ڪامياب ۽ هوشيار شاگرد هو. ڪيترائي انعام ۽ اسڪالرشپون حاصل ڪيائين. ڪاليج جي لٽرري ۽ ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. هو ڊي.جي. ڪاليج جي مسلينيءَ جو ايڊيٽر رهيو ۽ بعد ۾ رابندرناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب جو سيڪرٽري رهيو. شهاڻي لا ڪاليج مان قانون جي ڊگري وٺي، ڪامياب وڪيل بڻيو. مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ملڪي حالتن تي مضمون ۽ آرٽيڪل لکندو هو.(27)

### پرمانند ريواچند ڪلناڻي

پرمانند ريواچند ڪلناڻيءَ جو شمار، ڪراچيءَ جي انتهائي ڪامياب وڪيلن ۾ ٿيندو هو. بنيادي طور پريا، ضلعي نوشهري فيروز سان واسطو رکندڙ هو. ميٽرڪ، اين.جي.وي. اسڪول ڪراچي، ايم.اي تائين ڊي.جي. ڪاليج ڪراچي، ايل.ا.يل.بي شهاڻي لا ڪاليج ۽ ايل.ايل.ايم بمبئي يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. ڊي.جي. ڪاليج جو برجستو شاگرد رهيو. ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ ڪان ويندي ڪاليج مسلينيءَ ۾ سندس هاڪ هوندي

هئي. ڪيترين ئي ٻولين تي عبور رکندو هو. اخبارن ۽ رسالن جو مستقل ليکڪ هو.(28)

**اي. ڪي. بروهي (1915ع- 1987ع)**

مشهور قانون دان، آئيني ماهر ۽ دانشور الهه بخش ڪريم بخش بروهي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. 1937ع ۾ ڊي.جي. سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان بي. اي ڪيائين. ان ڪان پوءِ بمبئي يونيورسٽيءَ مان ايم. اي (فلسفو) ۽ ايل ايل. بيءَ جون سندون ورتائين. 1941ع ۾ وڪالت شروع ڪيائين. 1950ع ۾ سنڌ جو ائڊووڪيٽ جنرل مقرر ٿيو. 1953ع ۾ محمد علي بوگره جي ڪابينا ۾ وزير قانون مقرر ٿيو. پاڻ جنرل ضياءُ الحق جي قائم ڪيل مجلس شوريٰ جو ميمبر هو. 1978ع ۽ 1979ع ۾ قانون ۽ مذهبي معاملن جي وزارت بہ هن وٽ هئي. وفات کان اڳ بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جو ريڪٽر رهيو. جتان پوءِ استعيفيٰ ڏنائين.(29) هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن مان هيٺيان بہ انگريزي ڪتاب قابل ذڪر آهن:

(i) An Adventure in Self-expression.

(ii) The Testament of Faith.

**دادا جشن واسواڻي (1918ع-2018ع)**

ناليواري شخص ۽ روحاني پيشوا دادا جشن واسواڻيءَ، شري پهلاج راءِ واسواڻيءَ جي گهر حيدرآباد ۾ جنم ورتو. مشهور عالم ۽ اديب ساڌو واسواڻي، سندس چاچو هو. هن 13





سالن جي عمر ۾ ميٽرڪ پاس ڪئي. ان بعد ڪراچيءَ جي 'ڊي.جي. سائنس ڪاليج' مان B.Sc فزڪس سترهن سالن جي ڄمار ۾ پاس ڪئي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ آيو. ساڳئي ڪاليج ۾ فيلوشپ مليس. هن سائنس جي شعبي ۾ ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا. سندس هڪ مقالي کي نوبل انعام يافتہ ڊاڪٽر سي.وي رامن چڪاس بعد بيحد پسند ڪيو هو. ايل.ايل.بي بعد 1939ع ۾ M.Sc ڪئي. جشن واسواڻيءَ جا انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيترا تحقيقي مقالا لکيل ۽ ڪتاب ڇپيل آهن، جن ۾ ڪي هي آهن: "پشپا انجلي" (1964ع)، "لاهوتي لنگهي ويا" (1966ع)، "ڳوڙهن جي مالها" (ٽي ڀاڱا)، "سانت جي پردي ۾" (1969ع)، "قتيل دل جا قول" (1975ع)، "نوري ۽ انجليءَ جا گيت"، "سنت سماگم"، "مکڙيون"، "منهنجي شرڻ آءُ"، "سهاڳڻ شانتي" (1985ع)، "اڄ جو ويچار"، "الله جا عاشق" (2003ع)، "ها مان سنڌي اهيان"، "The Story of Simple man"، "Peace or Perish" (2007)، "I am a Sindhi" (2008) ۽ ٻيا شامل آهن.(30)

**ورهاڱي کان پوءِ جون مشهور شخصيتون**

ورهاڱي کان پوءِ بہ هي ڪاليج تعليم ۾ اڳتي رهيو آهي . هن ڪاليج عظيم سائنسدان، سياستدان، ماهر تعليم، اديب، ڊاڪٽر، انجنيئر، واپاري، سفير، رانديگر، فوجي جرنيل، اداڪار، سياستڪار، وڪيل، ڪامورا، تعليمدان، مطلب تہ هر شعبي ۾ ڪامياب انسان ۽ ڄاڻ ڀريا ماهر پيدا ڪيا آهن. انهن

پنهنجي حيثيت نہ صرف پاڪستان ۾، پر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مڃرائي آهي. اهڙن شخصيتن جي هڪ طويل فهرست آهي. انهن مان ڪجهہ شخصيتن پنهنجي آتما ڪٿائن، انٽرويوز، تقريرن، ذاتي ڪچهرين وغيره ۾ ڪاليج جي عروج جون ڪهاڻيون بيان ڪيون آهن. هنن ڪاليج جي پروفيسرن ۽ پرنسيپلن جون عظمتون بيان ڪيون آهن. اسان هتي صرف اهڙن چند شخصيتن جي نالن جي نشاندهي ڪنداسين، جيڪي هتان فارغ التحصيل ٿيا:

**ڊاڪٽر عبدالقدير خان (1936ع- 2021ع)**

عالمي شهرت رکندڙ پاڪستاني سائنسدان ڊاڪٽر عبدالقدير خان (اي.ڪيو. خان) پهرين اپريل 1936ع تي ڀوپال (گڏيل هندستان) ۾ پيدا ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ 1952ع ۾ سندس خاندان سنڌ لڏي آيو ۽ ڪراچي ۾ اچي آباد ٿيو. ان وقت هن جي عمر سورهن سال هئي. سندس شهرت کان هر ڪوئي واقف آهي. هن پنهنجي زندگيءَ جا چار سال هن ڪاليج ۾ گذاريا. کيس ڪاليج سان تمام گهڻي محبت هئي ۽ هو ڪاليج ايندو رهندو هو ۽ ڪاليج جي فلاح لاءِ ڪم ڪندو رهندو هو. پنهنجي ڪاليج جي يادن لاءِ لکيو اٿائين تہ، " 34 سال اڳ، جڏهن مان ٻار هئس تہ مان فرسٽ ايئر ۾ داخلا وٺڻ لاءِ ڊي.جي. ڪاليج آيس. جڏهن مان پوئتي نهاريان ٿو تہ، اهو هڪ بهترين دؤر هو.مون کي ڪجهہ بہ خبر نہ هئي. ڪنهن مون کي چيو تہ: 'مان پرنسيپل شيخ صاحب وٽ پيش ٿيان.' ڇا تہ





شخص هو. هن سان گڏ پروفيسر زبيري ۽ پروفيسر انصاري بہ هئا. هنن منهنجي مارڪس شيٽ ڏٺي ۽ ڪجهہ سوال پڇيا. پوءِ مون کي ٻڌايائون تہ تنهنجي داخلا ٿي وئي. اها منهنجي حصي ۾ تمام وڏي ذميواري هئي، ڇو تہ منهنجي ڪٽنب ۾ اڳ ڪنهن بہ سائنس ۽ مئٿيميٽڪس ڪانہ پڙهي هئي. اهي چار سال (1953ع کان 1957 تائين)، مان ڊي.جي. سنڌ گورنمينٽ ڪاليج ۾ گذاريا. اهي منهنجي حياتيءَ جا بهترين سال آهن. ڊي.جي. ڪاليج جو شاگرد هجڻ هڪ اعزاز هو. اسان جا استاد جهڙوڪ مرحوم پروفيسر شيخ، مرحوم پروفيسر ڊيسوزا، پروفيسر زبيري، مرحوم پروفيسر غوري، مرحوم پروفيسر انصاري، مرحوم پروفيسر ڪاملي، مرحوم پروفيسر سڏوا ۽ مرحوم پروفيسر قاضي تمام مهربان هوندا هئا".(31)

**ڊاڪٽر اديب رضوي ( 11 سيپٽمبر 1938ع)**

محترم ڊاڪٽر سيد اديب الحسن رضويءَ جو جنم گڏيل هندستان جي ڳوٺ ڪالنپور ۾ ٿيو. سندس فيملي لڏي اچي خيرپور ميرس جي لقمان ۾ آباد ٿي، ۽ پوءِ اتان ڪراچيءَ هليا آيا. سندس شمار دنيا جي مشهور گڙدن جي بيمارين جي ماهرن ڊاڪٽرن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ هن وقت ڊائريڪٽر سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن آهن. ڊاڪٽر اديب رضوي پڻ هن ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي آهي. هو لکي ٿو تہ، "جڏهن مان 1952ع ۾ ڪاليج ۾ داخل ٿيس تہ شايد ان وقت ڪراچيءَ جو سائنس جي ميدان ۾ بهترين ۾ بهترين ڪاليج هو ۽ اهو

هن وقت بہ بهترين آهي. 50 واري ڏهاڪي ۾، پاڪستان نئون قائم ٿيل ملڪ هو ۽ ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو هو. اهڙين حالتن ۾ تعليم تي تمام گهٽ خرچ ڪيو ويندو هو ۽ تمام ٿورا ڪاليج شاگردن کي سائنس جي تعليم ڏيندا هئا. ان ڪري ڊي.جي. ۾ داخلا ٿيڻ وڏي فخر جي ڳالهہ هوندي هئي. ڊيجيرين، نصابي توڙي غير نصابي سرگرمين ۾ سڀني کان اڳتي هوندا هئا. اهو ڊي.جي ڪاليج ئي هو، جيڪو ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۽ اين.اي. ڊي. يونيورسٽيءَ کي شاگرد پيدا ڪري ڏيندو هو. ڪابہ اهڙي هڪ بہ اعزاز جي ڳالهہ اهڙي نہ هئي، جيڪا ڪاليج مان نہ ملندي هجي. اسان جي دؤر ۾ ڊي.جي. ڪاليج ۾ ايم.ايس.سي ۽ چوڪرن ۽ چوڪرين جي شريڪ تعليمي نظام هو".(32)

**ضياء الرحمان (1936ع-1981ع)**

بنگلاديشي، آرمي چيف ۽ صدر ضياء الرحمان، 1953ع ۾ هن ڪاليج مان تعليم حاصل ڪري، پاڪستان ملٽري اڪيڊمي، ڪاڪول ۾ ڪيڊٽ ڀرتي ٿيو.(33) 1977ع کان 1981ع تائين بنگلاديش جو صدر رهيو.

**ايئرمارشل محمد عظيم دائودپوٽو (1933ع- 2017ع)**

شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جو وڏو فرزند، ڪراچيءَ ۾ ڄائو. شروعاتي تعليم سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج مان پري انجنيئرنگ ۾ انٽرميڊيئيٽ پاس ڪيائين. 1950ع ۾





پاڪستان ايئرفورس ۾ شامل ٿيو. ٽيئن سالن جي تربيت لاءِ رايل آسٽريلين ايئر فورس ۾ موڪليو ويو، جتان فلائنگ انسٽرڪٽر ۽ فائرليڊر جا سرٽيفڪيٽ ورتائين. کيس 1965ع ۾ پاڪ- ڀارت جنگ ۾ "ستاره جرات" جو اعزاز مليو. 1981ع ۾ ايئر وائيس مارشل بڻايو ويو ۽ سول ڊفينس جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. 31 جنوري 1986ع تي پي. آءِ اي جو چيئرمئن مقرر ٿيو. تنهن کان پوءِ رٽائر ٿيو. 18آڪٽوبر 1999ع تي سنڌ صوبي جو گورنر مقرر ڪيو ويو.

**ارد شير ڪاؤسجي (1926ع- 2012ع)**

سينيئر صحافي، تجزيہ نگار ارد شير ڪاؤسجي ڊي.جي، سائنس ڪاليج ۾ گريجوئيشن ڪئي، تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ارد شير ڪاؤسجي پنهنجو ذاتي ڪاروبار مرچنٽ شپنگ شروع ڪرڻ سان گڏ صحافت ڪيريئر جي شروعات ڪئي.

**پيرزاده قاسم (8 فيبروري 1943ع)**

ناميارو اديب ۽ تعليمدان ڊاڪٽر پيرزاده قاسم رضا جو جنم دهليءَ ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ سندس فيملي ڪراچيءَ ۾ مقيم ٿي. هن ڪاليج جي تعليم ڊي.جي. ڪاليج مان حاصل ڪئي. ان دؤر ۾ هو ڪاليج جي سمورين ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺندو هو. هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي.ايس .سي (آنرز) ۽ ايم .ايس.سي ڪرڻ بعد انگلينڊ مان پي. ايچ. ڊي ڪئي. بعد ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. ڪراچي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بہ رهيو آهي.

وفاقي اردويونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بہ رهي چڪو آهي. هو اردوءَ جو سٺو شاعر آهي.

## مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ڪي ٻيون شخصيتون

نيوڪليئر سائنسدان ڊاڪٽر بدر الاسلام، ناسا جو خلائي سائنسدان شيخ لياقت حسين، ذوالفقار علي ڀٽي جو ڀاءُ امداد علي ڀٽو، نيويءَ جو آفيسر ريٽر ايڊمرل تنوير احمد، ايڊمرل شاهد ڪريم الله، بقائي ميڊيڪل يونيورسٽي جو چانسلر ڊاڪٽر ايف. يوبقائي، مشهور آرٿوپيڊڪ سرجن ۽ سابق صوبائي وزير براءِ رانديون ڊاڪٽر محمد علي شاهہ سابق گورنر سنڌ محمود اي. هارون، معروف سياستدان معراج خالد، سابق وزير اعليٰ سنڌ مظفر حسين شاهہ سابق اسپيڪر قومي اسيمبلي الاهي بخش سومرو، سابق وفاقي وزير عبدالحفيظ پيرزادو، معروف سياستدان تاج حيدر، خاتون سياستدان اشرف عباسي، سابق وزير اطلاعات نثار ميمڻ، سابق وزير جاويد سلطان جاپان والا، ڊاڪٽر صغير احمد، مشهور بينڪر سلطان علي الانا، پاڪستاني آمريڪن انجنيئر اشرف حبيب الله، بي. بي سي جو مشهور صحافي رحيم الله يوسفزئي ۽ مشهور آرڪيٽيڪٽ عارف حسن قابل ذڪر آهن.(34)

جڏهن تہ فنون لطيفہ سان تعلق رکندڙ شخصيتن ۾ انور مقصود، موسيقار سهيل رانا، اداڪار منور سعيد، ادڪار رضوان واسطي، ڪمپيوٽر ۽ اسٽرڪچر جو CEO اشرف حبيب الله، ٽي. وي اينڪر پرسن ۽ صحافي شاهد مسعود، قومي هاڪيءَ جا





رانديگر ڪامران اشرف ۽ شاهد علي خان، سيد مراد علي شاهہ (هاڻوڪو سنڌ جو وڏو وزير)، اڳوڻو وزير ۽ اسپيڪر نثار احمد کهڙو، سابق پرنسيپل ايس.ايم. سائنس ڪاليج حشمت الله لوڌي، سنڌ مدرسہ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مجيب صحرائي، ممتاز ماهر تعليم انيتا غلام علي، معروف ڊاڪٽر صالح ميمڻ، مشهور ٽي. وي ۽ فلمي اداڪار فهد مصطفيٰ ٽنيو ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

**حوالا:**


1. مختيار احمد ملاح: "اُڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي"، سنڌ آرڪائيوز، ڪراچي 2019ع، ص 274
2. موتيرام ايس. رامواڻي: "سنڌ ۽ اسان جو ورثو" (جلد ٻيو)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص. 227
3. ڊاڪٽر محمد قاسم راڄپر: سنڌ ۾ تعليم ۽ ادب جي واڌاري ۾ ڊي.جي. ڪاليج جو ڪردار"، (مقالو) ڇماهي "ڪارونجهر" جنرل وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، 2015ع
4. "Notheren India: Who is Who", The Mehta Publicty Corporation, Lahore, 1942, p. 43
5. Prof. L.H. Ajwani: "The Golden Jubilee of the Dayaram Jethmal Sind College, Karachi (1887-1937), The Educational Printing Press, Karachi, 1939, p.151

6. گل حسن ڪلمتي:”ڪراچيءَ جون عمارتون“، نئون نياپو، ڪراچي، 2020ع، ص 157

7. موتيرام ايس راموائڻي: ”تارا نکٽ ڪتيون“، (جلد ٻيو)شاردا پرڪاشن، بمبئي، 1992ع، ص 64.

8. پيرومل مهرچند آڏواڻي: ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2006ع، ص 397.

9. Santdas Khushiram Kirpalani: "Fifty Years with The British", Orient Longman Limited, 1993, p.45.

10. مختيار احمد ملاح: ”انڊين سول سروس جو امتحان پاس ڪندڙ سنڌي آفيسر“، (مقالو)، ٽماهي ”مهراڻ“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1/ 2020ع

11. موتيرام ايس راموائڻي: ”سنڌ ۽ اسان جو ورثو“ (جلد 2)، شاردا پرڪاشن، بمبئي، 1994ع، ص 186.

12. مورومل چيتنداس ”بيوطن“: ”سنڌ جي تصوير“، برهم ڪتري رتن، 2004ع، ص 307.

13. Ajwani L.H: "The Golden Jubilee Book of D.J Sind college Karachi", The Educational Printing Press Karachi, 1939. P 127.







14. مختيار احمد ملاح: ”انڊين سول سروس جو امتحان پاس ڪندڙ سنڌي آفيسر“، ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1/ 2020ع

15. M.U. Abbassi :"The Colorful Personalities of Sind", the Abassi publications , Karachi. 1944, p. 112

16. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد پهريون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع، ص 74

17. مختيار احمد ملاح: ”انڊين سول سروس جو امتحان پاس ڪندڙ سنڌي آفيسر“، (مقالو) ٽماهي ”مهراڻ“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1/ 2020ع

18. گل حسن ڪلمتي:”ڪراچيءَ جون عمارتون“، نئون نياپو، ڪراچي، 2020ع، ص 109

19. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا،(جلد ستون)،سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ، 2013ع، ص 239

20. مورومل چيتنداس ”بيوطن“: ”سنڌ جي تصوير“ ،برهم ڪتري رتن، 2004ع، ص 307

21. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد چوٿون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع، ص 61

22. ڊاڪٽر حميد ڪهڙو: ”محمد ايوب ڪهڙو“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2006ع، ص 122

23.انسائيڪلوپيڊيا- سنڌيانا (جلد پنجون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع، ص 108

24.مختيار احمد ملاح: ”ادبي سوسائٽين جو سنڌي علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار“، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2020ع، ص 449

25.انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد پنجون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع، ص 218

26.Ajwani L.H, The Golden Jubilee Book of D.J Sind college Karachi, The Educational Printing Press Karachi, 1939. P.

27.موتيرام ايس. رامواڻي: ”سنڌ ۽ اسان جو ورثو“ (جلد ٻيو)، شاردا پرڪاشن بمبئي، 1994ع، ص 220

28.M. U. Abassi: "The Colourful Personalities of Sind", Published by the Abbassi Publications, Saddar, Karachi. 1944, p.107

29.انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد پهريون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع، ص 356

30.انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2011ع، ص 480

31.The D.J. Sind Government Science College, College Magazine, August 1987, p. 3

32.Same, p. 4







33.Online Wikipedia Encyclopedia

34.علي حسن ساجد: ”ڊي.جي. سائنس ڪاليج“، ڊيلي ”جنگ“ ميگزين، 10 جنوري 2022ع، ص 13



2002ع ۾ ڊي.جي. ڪاليج جي تڏهوڪي پرنسيپل ڊاڪٽر روي شنڪر سان